مولانا ثناء اللہ ثنائی
جیئ شاعری جو
تنقیدی جائزو

سندي ايم
پي ايڇ - ڊي جي ڊگري جي لاءِ لکيل تحقيقي مقالو

۱۹۸۹ع

مقالہ نگار
بشیر احمد شاد

نگران
ڈاکٹر ڈرمحمد پٹاڑ

سنڌو يونيورسٽي جامشورو

ميان آفتاب جي شاعري جو تنقيدي جائزو

سنڌي ۾

پي ايڇ - ڊي جي ڊگري لاءِ لکيل تحقيقي مقالو

۱۹۸۹ء

مقاله نگار

بشير احمد شاد

نگران

ڊاڪٽر محمد پٺاڻ

سنڌ يونيورسٽي جام شورو

بسم الله الرحمن الرحيم

CERTIFICATE

Certified that Mr. Bashir Ahmed s/o Dur Muhammad Pathan *has carried out research on the Topic*

"مولانا ثناءُ الله ثنائي جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو"

under my surpervision and That his work is original and distinct and his Thesis is worthy of presentation to the University of Sind for award of the degree of Doctor of Philosophy.

15/6/69

Dr. Dur Muhammad Pathan
Deputy Director
Institute of Sindhology
University of Sindh
Jamshoro



مولانا ثناء الله ثنائي مرحوم

فهرست

صفحو

پيش لفظ ـــــــــــــــــــــــــــــ الف کان ج

مقدمو ـــــــــــــــــــــــــــــ الف کان ک

پاڳو پهريون تعارف ۱ - ۲

مولانا ثناء الله ثنائي جي سوانح حيات

باب پهريون خانداني پس منظر

(الف) حسب نسب ۽ شجرو ۳ - ۴

(ب) خاندان جون مڪيہ شخصيتون ۵ - ۷

(۱) ميان صدرالدين عرف سدن سوائي ۵

(۲) ميان ولي محمد عباسي کوهارو ۶

(۳) مولوي الله بخش کوهارو ۶ - ۷

(۴) حافظ رب ڈنو کوهارو ۷

باب ٻيو زندگي جو پهريون دور ۸ - ۲۲

(الف) ولادت ۽ نينڊ پڻ ۸ - ۹

(ب) تعليم ۽ تربيت

(i) ديني تعليم ۽ استاد ۱۰ - ۱۱

(ii) طبي تعليم ۽ استاد ۱۱ - ۱۳

(iii) روحاني تعليم ۽ استاد ۱۴ - ۱۸

(ت) هم مڪتب

(۱) مولانا دين محمد وفائي ۱۸ - ۱۹

(ii) مولانا محمد قاسم مشوري ۲۰ — ۲۱
(iii) مولانا تاج محمد آريجائي ۲۱ — ۲۲
(iv) مولانا محمد بن احمد ڪوڪر ۲۲

باب ٽيون زندگيءَ جو بيو دور ۲۳ — ۲۷

(الف) ذريعه معاش ۲۳ — ۲۴
(ب) شاديون ۲۵ — ۲۶
(ٽ) اولاد ۲۶ — ۲۷

باب چوٿون شخصيت جو اجمالي خاڪو ۲۸ — ۷۵

(الف) طبيعت ۽ مزاج ۲۸ — ۳۲
(ب) شخصيت ۽ لباس ۳۲ — ۳۳
(ٿ) مذهبي عقيدا ۳۳ — ۴۸
(ج) سير ۽ سفر ۴۹ — ۵۲
(د) دوست ۽ سائٽي
(۱) ميان علي محمد قادري ۵۳ — ۵۵
(۲) مولانا غلام رسول جتوئي ۵۶ — ۵۷
(۳) مولوي محمد عظيم شيدا ۵۸ — ۵۹
(۴) ميان غلام سرور فقير ۶۰ — ۶۱
(۵) نواز علي نياز جعفري ۶۱ — ۶۳

(۶) حاجي محمود خادم ۶۳ - ۶۵
(۷) فقيرڪريم ڏنو ملاح صدائي ۶۵ - ۶۶
(۸) عبدالڪريم گدائي ۶۶ - ۶۸
(۹) حاجي علي بخش جمالي ۶۸ - ۶۹
(۱۰) عبدالفتاح عبد عاقلي ۷۰ - ۷۱
(۱۱) مولوي عبدالله آشر ۷۲ - ۷۳
(۱۲) آخوند عبدالرئوف ۷۳

(۸) وفات

قطعه تاريخ ۷۴ - ۷۵
(۱) احمد خان آصف ۷۵
(۲) بشير احمد شاد ۷۵

پاڳو ٻيو

مولانا ثناء الله ثنائي بحيثيت شاعر

باب پهريون لوڪ شاعري تعارف ۷۶ - ۱۴۰
(الف) بيت ۷۶
(۱) لفظ جي چڪر جاڻ ۷۷

(ii) 'بيت' ۽ 'دوهو' يا 'دوهيڑو' ۷۷ - ۷۸
(iii) سنڌي بيت جي ابتدا ۽ ارتقا ۷۸ - ۹۴
(iv) مولانا ثنائيءَ جي بيتن جو تعارف ۹۵ - ۹۷

(ب) کافي

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۹۸ - ۱۰۵
(ii) کافي جي ابتدا ۽ ارتقا ۱۰۶ - ۱۲۰
(iii) مولانا ثنائيءَ جي کافين جو تعارف ۱۲۱ - ۱۲۶

(ت) مولود

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۱۲۷ - ۱۲۹
(ii) مولود جي ابتدا ۽ ارتقا ۱۳۰ - ۱۳۹
(iii) مولانا ثنائيءَ جي مولودن جو تعارف ۱۴۰

باب ٻيو عروضي ۽ لوڪ شاعريءَ جو گڏيل روپ

(الف) مدح

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۱۴۱ - ۱۴۲

(i) مدح جي ابتدا ۱۴۳
(ii) سنڌي مدح جي ابتدا ۽ ارتقا ۱۴۴-۱۵۰
(iii) مولانا ثنائيءَ جي مداحن جو تعارف ۱۵۱-۱۵۵

(ب) مناجات

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۱۵۶
(ii) مدح ۽ مناجات ۱۵۶-۱۵۷
(iii) سنڌي مناجات جي ابتدا ۽ ارتقا ۱۵۷-۱۶۴
(iii) مولانا ثنائيءَ جي مناجاتن جو تعارف ۱۶۵-۱۶۶

(ت) ٽيهه اکريون

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۱۶۷-۱۶۸
(ii) سنڌي ٽيهه اکري جي ابتدا ۽ ارتقا ۱۶۸-۱۷۸
(iii) مولانا ثنائيءَ جي ٽيهه اکرين جو تعارف ۱۷۹

باب ٽيون — عروضي شاعري

(الف) غزل

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۱۸۰-۱۸۳

(ii) فني لوازمات ۱۸۴ - ۱۸۵

(iii) غزل جي ابتدا ۱۸۵

(iv) سنڌي غزل جي ابتداءِ ارتقا ۱۸۶ - ۲۱۱

(v) مولانا ثنائيءَ جي غزل جو تعارف ۲۱۲ - ۲۱۶

(ب) مثنوي

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۲۱۷ - ۲۱۸

(ii) مثنوي جي ابتداءِ ارتقا ۲۱۸ - ۲۱۹

(iii) سنڌي مثنوي جي ابتداءِ ارتقا ۲۲۰ - ۲۲۷

(iv) مولانا ثنائيءَ جي مثنوين جو تعارف ۲۲۸ - ۲۳۳

(ت) خطبو

(i) لفظ جي چنڊ چاڙ ۲۳۴

(ii) خطبي جي ابتداءِ ارتقا ۲۳۴ - ۲۳۷

(iii) سنڌي خطبي جي ابتداءِ ارتقا ۲۳۷ - ۲۴۶

(iv) مولانا ثنائيءَ جي خطبن جو تعارف ۲۴۷

پاڪو ٽيون

مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جو تعين

باب پهريون — داخلي شاهدي — ۱۵۱ - ۲۴۸

شاعريءَ جو تنقيدي جائزو

(الف) مولانا ثنائي جي قلمي پورهئي جو تعارف — ۲۵۲

(ا) مطبوعه ڪتاب

(۱) اعتقاد نامو — ۲۵۲ - ۲۵۳

(۲) محمود غزنوي عرف سچو عشق — ۲۵۳ - ۲۵۴

(۳) شاهنامو شريف — ۲۵۵

(۴) مُلان ۽ موالي — ۲۵۶ - ۲۵۷

(۵) تهڪي ٽوپي — ۲۵۷ - ۲۵۸

(۶) ڪوٽيا — ۲۵۹

(۷) خطبات ثنائي — ۲۶۰

(۸) گلشن عرف ميلاد النبوي — ۲۶۱

(۹) ديوان نعتيه ثنائي — ۲۶۲

(۱۰) ناله مشتاق ثنائي — ۲۶۲ - ۲۶۳

(۱۱) شمع رسالت عرف انوار نبیؐ ۲۶۳
(۱۲) مجاز ثنائی ۲۶۴
(۱۳) قیامت نامہ ۲۶۴-۲۶۵
(۱۴) اشعار ثنائی ۲۶۵-۲۶۶
(۱۵) سچا موتی عرف تیم اکری ۲۶۷

(ii) قلمی بیاض / غیر مطبوعہ کتاب

(۱) رسالت نامو ۲۶۸
(۲) معراج نامو ۲۶۹
(۳) ھجرت نامو ۲۷۰
(۴) جنگ نامو ۲۷۱
(۵) شاھنامہ اسلام ۲۷۲
(۶) حلیما ۲۷۳
(۷) سرونو عرف صلح جو پیغام ۲۷۴
(۸) کریما کالرائی ۲۷۵
(۹) قصو دلفریب ۲۷۶
(۱۰) قصو گامڑ سچار ۲۷۷
(۱۱) سوال شکوہ جواب شکوہ ۲۷۷

(ب) فني پهلو

(i) بولي ۽ اسلوب بيان ۲۷۸ - ۲۷۹

(ii) فصاحت ۽ بلاغت ۲۷۹ - ۲۸۴

(iii) روائي ۽ سلاست ۲۸۵ - ۲۸۹

(iv) جدّت ۽ بلند خيالي ۲۹۰ - ۲۹۶

(v) پهاڪن جو استعمال ۲۹۷ - ۲۹۹

(vi) بين بولين ۾ لفظن جي آميزش ۳۰۰ - ۳۰۲

(vii) نج سنڌي لفظن جو استعمال ۳۰۳ - ۳۰۵

(viii) بولي ۽ جون خاميون ۳۰۶ - ۳۱۱

معنوي خاميون

محاورتي خاميون

اصطلاحي خاميون

(ix) صنعتن جو استعمال

صنعت تلميح ۳۱۲ - ۳۱۸

صنعت مبالغو ۳۱۹ - ۳۲۲

صنعت هزل کالجد ۳۲۳ - ۳۲۴

صنعت تفسير ۳۲۴

صنعت غير منقوط ۳۲۵

-O-	صنعت تشبیه	۳۲۶
-O-	صنعت واسع الشفتین	۳۲۷
-O-	صنعت تضمین	۳۲۸-۳۲۹
-O-	صنعت مراعات النظیر	۳۳۰-۳۳۱
-O-	صنعت ملمع	۳۳۲
-O-	صنعت توشیح	۳۳۳
-O-	صنعت ممتنع	۳۳۴
-O-	صنعت عکس	۳۳۵
-O-	صنعت مکرّر	۳۳۶
-O-	صنعت سوال وجواب	۳۳۷-۳۳۹
-O-	صنعت مجاز مرسل	۳۴۰
-O-	صنعت ذوقافیتین	۳۴۱-۳۴۲
-O-	صنعت سیاقة الاعداد	۳۴۳-۳۴۴
-O-	صنعت ارسال المثل	۳۴۵
-O-	صنعت مردّف	۳۴۶-۳۴۷
-O-	صنعت تشبیه مشروط	۳۴۸
-O-	صنعت کنایه	۳۴۹-۳۵۰
-O-	صنعت کلام جامع	۳۵۱-۳۵۲
-O-	صنعت ترجمه	۳۵۳-۳۵۴

(x) تشبیہ کا استعمال

تشبیہ مطلق ۳۵۵-۳۵۶

تشبیہ العکس ۳۵۷-۳۵۸

تشبیہ الاضمار ۳۵۹-۳۶۰

(xi) تجنیس کا استعمال

تجنیس تام ۳۶۱-۳۶۵

تجنیس حرفی ۳۶۶-۳۶۸

تجنیس زائد ۳۶۹

تجنیس ناقص ۳۷۰-۳۷۳

(xii) حسن مطلع ۳۷۴

(xiii) حسن مقطع ۳۷۵

(ث) فکری پہلو

(i) مذہبی شاعری ۳۷۶-۳۹۶

(ii) اصلاحی شاعری ۳۹۷-۴۰۸

(iii) عشقیہ شاعری ۴۰۹-۴۱۸

(iv) مزاحیہ شاعری ۴۱۹-۴۲۹

باب ٻيو داخلي ۽ خارجي شاهدي

شاعريءَ جو تقابلي تنقيدي جائزو

(الف) متقدمين کان ملیل فني ۽ فکري روايتن جو نياءُ

(i) شاه عبداللطيف ڀٽائي	۴۳۰ - ۴۳۲
(ii) خواجه محمد زمان	۴۳۲
(iii) بُلّهي شاه	۴۳۳
(iv) حمل فقير	۴۳۳ - ۴۳۴
(v) شاه محمد ديدڙ	۴۳۴
(vi) حسين فقير ديدڙ	۴۳۵
(vii) شيخ سعدي	۴۳۶
(viii) سچل سرمست	۴۳۷ - ۴۳۸
(ix) بيدل	۴۳۹
(x) شيخ عطار	۴۳۹ - ۴۴۰

(ب) معاصرين جي فن ۽ فڪر سان مماثلت

(i) مولانا عبدالغفور همايوني	۴۴۱
(ii) فقير علي محمد قادري	۴۴۱ - ۴۴۲
(iii) نواز علي نياز جعفري	۴۴۳

(۱۷) مخدوم طالب المولیٰ ۴۴۴ – ۴۴۵

(۷) سگھڑ سرپو ۴۴۶ – ۴۴۹

(ث) مولانا ثنائيءَ جو پنھنجي دور جي علمي ۽ ادبي حالتن ڏانھن اشارو

(۱) چوڏھين ۽ پندرھين صدي ۴۵۰ – ۴۵۱

(۱۱) ترڪي توپي ۽ بدنصيب ٽري ۴۵۲ – ۴۵۴

(iii) شاگرد، مداح ۽ معتقد

مولا بخش مولائي مگريو ۴۵۵

در محمد درل آريجو ۴۵۴

حبيب الله حبيب پٺاڻ ۴۵۶ – ۴۵۷

فقير ڪريم ڏنو ملاح صدائي ۴۵۷

(ث) مولانا ثنائيءَ لاءِ دور جي محققن، عالمن ۽ اديبن جي رايا

(۱) علامہ ڈاڪٽر داؤد پوٽو ۴۵۸

(۱۱) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۴۵۹

(iii) پير حسام الدين راشدي ۴۵۹

(۱۷) فقير ڪريم ڏنو ملاح صدائي ۴۶۰ – ۴۶۱

(۷) حاجي علي بخش جمالي ۴۶۱

(۷۱) آخوند عبدالرؤف ۴۶۲

(ج) علمي ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو

(ا) ادبي ڪانفرنسون ۴۶۳ - ۴۶۴

(ii) مشاعرا ۴۶۵ - ۴۶۷

باب ٽيون وقت ۽ حالتن جي ڪسوٽي

(الف) مولانا ثنائيءَ جي دور جي معاشي حالتن

جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ ۴۶۸ - ۴۷۸

(ب) مولانا ثنائيءَ جي دور جي معاشرتي حالتن

جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ ۴۷۹ - ۴۸۹

(ث) مولانا ثنائيءَ جي دور جي سياسي حالتن

جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ ۴۹۰ - ۴۹۵

پڇاڙي، نتيجا ۽ تجويزون ۴۹۶ - ۵۰۳

ضميما

) شاعريءَ ۾ مان انتخاب ۵۰۴ - ۵۷۴

ضلعي لاڙڪاڻي جا هم عصر ۵۷۵ - ۵۸۵

عالم ۽ اديب (مختصر احوال)

ثنائيءَ جي دور ۾ سندن جا ڪجھ مشهور شاعر ۵۸۶ - ۵۸۸

بيبلوگرافي ۵۸۹ - ۶۰۱

پيش لفظ

سنڌي ادب سان منهنجو ڪوٽن رشتو نه آهي.

مون ادب جي ميدان ۾ پهريون قدم ۱۹۵۸ع ۾ رکيو. جڏهن عمر جي لحاظ کان منهنجو شمار اسڪول جي جونيئر شاگردن ۾ ٿيڻ گهرجي ها. مٿرڪ ۾ پهتس ته شاعري ۽ واري رڳ به ڦڙڪي پئي. پوءِ مضمون ۽ شعر گڏ گڏ هلندا رهيا. مواد اخبارن ۽ رسالن ۾ چپجندو رهيو. ادبي تقريبات ۾ مسلسل شرڪت ڪندو رهيس ۽ ائين منهنجي همت افزائي ٿيندي رهي. ۱۹۶۸ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم-اي جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيم.

۱۹۷۴ع کان ۱۹۸۵ع تائين نثر جا پنج ڪتاب ۽ هڪ شعري مجموعو چپجي پڌرا ٿيا. پر اهو قلمي پورهيو پنهنجي علمي ادبي حيثيت کي اڃا گهرڪرڻ لاءِ ڪافي نه پاتيم. دل ۾ اهڙي خواهش شدت سان قائم رهي ته ڪو اهڙو تحقيقي ڪم ڪجي جنهن سان هڪ طرف ته اها قلمي جاکوڙ منهنجي ادبي حيثيت متعين ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار ٿئي، ته ٻي طرف منهنجو اهو پورهيو سنڌي ادب ۾ ڪا مناسب جاءِ ونڊي ويهي. اهڙي تحقيقي ڪم لاءِ منهنجو ذهني لاڙو ۽ نشر ڪاڻ وڏيڪ نظر ڏانهن رهيو.

قادر ڪار سان آهي، آخر ۱۹۸۶ع ۾ قدرت طرفان ان ديرينه خواهش کي تڪميل ٿي رسائڻ جا موقع ميسّر ٿيا. جڏهن عظيم درسگاه سنڌ يونيورسٽي طرفان منهنجي من گهريي موضوع ٿي محترم استاد ڊاڪٽر محمد پٺاڻ جي رهبري ڏيڻ ڏني - فل لاءِ تحقيقي مقالي لکڻ جي منظوري

۱. اول حصو

سپ کان اول تحقیق جي تقاضائن ۽ اصولن بابت پنهنجي مهربان استاد کان رهنمائي ماڻڻ بعد پوءِ جاڪوڙ شروع ڪيم. انهيءَ تاڪيد ڪئي جيڪي مون محترم مولائي ڪيترن ئي مهربانن جو ڀرپور تعاون حاصل رهيو. انهن مهربانن ۾ هڪڙا اهي برڪ عقق ۽ عالم هئا جن وقتاً فوقتاً تحقيق جي فن بابت منهنجي معلومات ۾ اضافو آندو ۽ مفيد مشورن سان نوازيو. انهن هٿن ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ايازحسين قادري ڊاڪٽر عبدالمجيد سيٽ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر نوازعلي شوق ۽ ڊاڪٽر فضل حق خورشيد جا نالا اڃان تائين آءٌ دل جي گهرائين سان انهن صاحبن جا شڪرگذار آهيان ٿو.

مولانا ثناءالله ثنائي جي لائق فرزند ميان عبادالله جنهن مون کي پنهنجي والد مرحوم جو پيءُ ڀاءُ ڪيو تنهن لاءِ مان سندس عمر ۾ احسانمند رهندس. ان ڏس ۾ فقير ڪريم ڏني ملاح صدائي به ڪيرون لهڻي جنهن پنهنجي مهربان استاد ۽ پياري دوست جو مواد منهنجي حوالي ڪيو.

مون سان پال پلائڻ وارن ۾ هڪڙا اهي دوست ۽ مهربان هئا، جن پنهنجي لئبريرين جا دروازا منهنجي لاءِ هر وقت کليل رکيا ۽ ائين پنهنجي محبت ۽ خلوص جو ثبوت ڏنو. سندن اهڙي تعاون کانسواءِ مان شايد هن تحقيقي عمر کي وقت اندر مڪمل ڪري نه سگهان ها. انهن مهربانن ۾ سرفهرست نالو منهنجي سائين ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جو آهي. ان کان علاوه محترم ڊاڪٽر عبدالجبار

محترم مهتاب احمد تونيو ، محترم ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ، محترم ڊاڪٽر رحمت الله ابڙو ، محترم ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ، محترم غلام مصطفيٰ مشتاق ، محترم ڊاڪٽر شاه نواز سوديو ، محترم محمد ادريس سومرو ، محترم غلام رسول سومرو ، محترم عبدالرزاق سومرو ۽ محترم مولا بخش پنهور جا ناڪا قابل ذڪر آهن. مون وٽ الفاظ ڪونه آهن جن سان انهن مهربانن جي شڪر ادائگي ڪري سگهان .

مان هتي انهن بزرگن جا توڙ احترام ۽ پنهنجو اخلاقي فرض سمجهان ٿو ، جن جي تحقيقي پويرهي دوران ملاقاتين ۾ مرحوم ثنائيءَ متعلق مفيد معلومات مهيا ڪئي . انهن بزرگن ۾ مولوي محمد عظيم شيدا (مرحوم) مولوي محمد ابراهيم ڪارتائي (مرحوم) ، حاجي علي بخش جمالي ، محترم حبيب الله پنهور ۽ محترم مولا بخش مولائي ڪمبريو جا ناڪا اچن ٿا .

اهڙيءَ طرح مان انهن مهربانن ۽ دوستن جو به بيحد توڙ شڪر آهيان ، جن ملاقات دوران پنهنجن وڏڙن ۾ بزرگن متعلق مفيد ۽ مستند معلومات ڏني . انهن مهربانن ۾ مولوي علي محمد مشوري ، مولانا جان محمد عباسي ، حافظ حڪيم رشيد احمد ڪورائي ، مولانا اميد بخش ڪوڪر ، محترم نظام الدين ناظم چانڊيو ، محترم غلام سرور جمالي ڪوڪر ، صوفي اسد الله آريجو ۽ محترم غلام رسول چاڪي جا ناڪا ذڪر لائق آهن .

هڪڙا دوست هن تحقيقي ڪم دوران سردي گرمي ۽ ڪن جهولن جي پرواهه ڪئي بغير منهنجي سفر جا ساٿي رهيا ، مونسان گڏ جهنگ لتاڙيا جن ۾ محترم پروفيسر عبدالرزاق سومرو ۽ محترم محمد يوسف لغاري

مانالا اچن تا، ان ڏس ۾ محترم نجي الله عباسي صاحب جي مهرباني ۽ وسارڻ جوڳي نه آهي. مان انهن مٽ ٻيٽ مهربانن جو تہ دل تورائتو آهيان

مان انهن سرڪاري لئبريرين جي منتظمين جا احسان گهاڻ ۽ پنهنجو فرض سمجهان ٿو جن مونسان ڪتابن جي فراهمي ۾ سهڪار ڪيو.

پنهنجي محسنن ۾ مان پنهنجي مٽي امٽ، بابا سائين ۽ ڪتب جي انهن فردن جي دعائن کي وساري نٿو سگهان جن جي طفيل مان نمي قلمي پورهيو مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان.

آخر ۾ آءٌ اڻ ميا احسان انهي ۽ مالڪ جامعيان ٿو جنهن مون کي مذڪوره مٽ ٻيٽ موقعا فراهم ڪري ڏنا ۽ سنهنجي قلم کي اها سگهه بخشي جو اڄ نمي قلمي جاکوڙ تحقيقي مقالي جي صورت ۾ پيش ڪندي ٻي انتها مسرت محسوس ڪريان ٿو.

بشير احمد شاد

مقدمو

بسم الله

مسافر کي منزل ، خوابن کي تعبير ۽ خواهشن
کي تڪميل تڏهن ملندي آهي ، جڏهن زندگيءَ جي ورهه وڪري واڻڻ تي کي
منزل جا سونهان ملي ويندا آهن. ان وقت مسافر کي منزل پنهنجي قدمن ۾ محسوس
ٿيندي آهي . مو سان به ائين ٿي ٿيو. پلا پاڪ پاڻيان پنهنجا جو مونکي ادب جي
هن پُرپيچ سفر ۾ اهڙو سونهون ملي ويو ، جنهن منهنجي رهنمائي ڪري نه رڳو
مڪان تي رسايو ، پر ٿڪاوٽ جو احساس ٿيڻ به نه ڏنو. اهڙيءَ ريت اڄ منهنجن
خوابن کي تعبير ملي ۽ خواهشن جي تڪميل ٿي . منهنجو اهو رهبر ۽ منزل جو
سونهون سائين ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ آهي.

منهنجي ، سائينءَ سان سيڃاڻ اڃ ڪلهه جي نه آهي .
۾ جڏهن کان گلستان ادب جي هن سدا گلاب پنهنجي سگنڌ ۽ سرهاڻ سان هنڊ
سنڊ کي واسڻ شروع ڪيو ، تڏهن کان واس ولندڙن ۾ منهنجو نالو به شامل هو.
سائين ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب هر دور ۾ منهنجي همت افزائي ڪئي آهي ، ۽
دل جي گهرائين سان مونکي آگهي وڏڻ لاءِ پئي همٿايو آهي.

اڄ کان تقريباً چار سال اڳ سائينءَ جو سلام پيرڻ ۽
ڪچهريءَ مان مستفيض ٿيڻ لاءِ ڪراچي ويس. ڊاڪٽر صاحب سان ملاقات ٿي .
علم ادب تي گفتگو دوران سائينءَ فرمايو: "شاد هينئر اوهانکي ڊاڪٽر بڻائڻو آهي.
جوته اوهان ۾ اهڙيون مڪمل صلاحيتون آهن". انهن لفظن ۾ پنهنجائپ ۽ محبت

جامڑ پريل ھئا، مون سائين جي اھڙي پرخلوص جذبي تي سندن ٿوراميا، ۽ بيحد خوشي ڪئي جو اظھار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي لفظن جي سچائي ۽ خلوص اھو رنگ لاتو جو جڏھن سائين جن انھي ملاقات کانپوءِ ترت ئي اچي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر طور پنھنجا فرائض سنڀاليا تہ مان سندن خدمت ۾ اچي حاضر ٿيس، مبارڪباد پيش ڪرڻ بعد پنھنجي خواھش جو اظھار ڪيمر تہ منھنجو من پسند موضوع شاعري آھي. تنھنڪري انھي مناسبت سان موضوع اختيار ڪرڻ چاھيان ٿو. ڊ راصل منھنجي خيالن جي خزاني ۾ ھڪ اھڙو املھ موتي پيل ھو، جنھن تي زماني جي لٽ چڙھندي ٿي ويئي. اھو موتي پنھنجي دور جو قادرالڪلام ۽ عوامي شاعر مولانا ثناء الله ثنائي ھو، جنھن کي اوڀر جي اشد ضرورت ھئي. مون پنھنجي مھربان سائين سان مولانا ثنائي مرحوم جي شاعري جي تنقيدي جائزي جي موضوع تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي ڳالھ چوري، پوءِ ٻنھي جي صلاح ٻيٽي..... ۽ آخر سنڌ يونيورسٽي پاران انھي موضوع تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي اجازت ملي.

تعارف

مون پنھنجي ھن قلمي پورھئي ذريعي مولانا ثناء الله ثنائي جي شخصيت، فن ۽ فڪر جو مڪمل عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. تاھم جيڪڏھن ٿورن لفظن مرحوم ثنائي جي شخصيت، فن ۽ فڪر جو تعارف ڪرايو وڃي تہ اھو ھن ريت ٿيندو.

مولانا ثناء الله ثنائي سنڌ جي مردم خيز ضلعي لاڑڪاڻي

جو منفرد قادر الکلام ۽ عوامي شاعر هو، هو پُر بهار شخصيت جو مالڪ هو. سندس شعر ۾ انڊلڪ وارا رنگ، درياءِ واري روانيءَ، گلن جهڙي سرهاڻ ۽ ماکيءَ جهڙو مٺاس موجود آهي. هن فی البديهه شاعر جي ڪلام ۾ فني توڙي فڪري لحاظ کان اهي سمورين خوبين نظر اچن ٿيون جيڪي ڪنهن شاعر جي شاعراڻي عظمت، مقام ۽ معيار جو تعين ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهجن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو مولانا ثناءِ پنهنجي دور جي چونڊ جي شاعرن ۾ ڪُر ڪينون ٻيل نظر اچي ٿو.

اغراض ومقاصد

تحقيق جي دنيا ۾ هر ڪو قلمي پورهيو ڪنهن نه ڪنهن مقصد جي تابع هوندو آهي. چوته انهيءَ مقصد جي تلاش نه فقط منزل جي تعين ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي، پر شاگرد کي پنهنجي تحقيقي پورهئي جي جائزي وٺڻ ۽ ڪن نتيجن تي پهچڻ جو سبب بڻبي آهي. مون پڙهي هيڏي ساري جاکوڙ ڪنهن ضخيم ڪتاب تيار ڪرڻ لاءِ شروع نه ڪئي هئي، بلڪ ان لاءِ مون آڳيان نهايت واضح مقصد موجود هئا. جن جي هٿي نشاندهي ڪرڻ انهيءَ ڪري ضروري ڄاڻجي ٿي ته جئن انهن کي پاڙڪن آڳيان پيش ڪري اهو عرض ڪري سگهان ته آءٌ انهن مقصدن کي ڪيتري قدر حاصل ڪري سگهيو آهيان. جئن ته اها گذارش ئي آڳتي هلي هن مقالي جي ڇپائيءَ جو حصو ٿيندي ان ڪري آءٌ هتي فقط اغراض ومقاصد جو اختصار پيش ڪريان ٿو:

(الف) هڪ باڪمال مگر ڪنهن حد تائين گمنام شاعر جي سوانح ۽ قلمي پورهئي کي منظر عام تي آڻڻ سگهجي.

(ب) منظر عام تي آڻڻ واري اها تحقيقي کوشش منظم نموني تحقيقي فن جي تابع هجي. جنهن کري هڪ طرف تحقيقي ترقي ۽ جو سبب بڻجي ته ٻئي طرف اها عام فهم ۽ ڪارج واري ٻڌجي سگهي.

(ت) هن تحقيقي کوشش ذريعي علم ادب جي مجموعي تاريخ ۾ هڪ مستند باب جو اضافو ٿئي.

(ث) جئن ته هن مقالي ذريعي هڪ شاعر جي سوانح ۽ خدمتن تي روشني وڌي آهي، ان کري سندي شاعري ۽ جي ابتدا ۽ ارتقا، ۽ ان جي مکيه صنفن جي مطالعي ۾ جائزي وٺڻ جي اهڙي ئريت کوشش ڪئي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ سندي تنقيدي ادب ۾ پڻ معياري اضافو ٿي سگهي.

(ج) مولانا ثنائي جي شخصيت ۽ خدمتن جو تفصيلي مطالعو کري انهن حالتن، سببن ۽ واقعن جي نشاندهي ڪري سگهجي، جن سبب هن هڪ پلي انسان ۽ بهترين شاعر جي حيثيت ۾ زندگي گذاري. جئن انهن نتيجن کي آڏو رکي اسان پنهنجي زندگي پڻ سڌلي ۽ ڪارج واري بڻائي سگهون.

(ح) اهو مطالعو اهڙي نوعيت ۽ حيثيت وارو ٻڌجي پوي جو ان کي مثال بڻائي آسان طريقي سان انساني گهڻ جي مطالعي ۾ مشاهدي کي وڌ جي سوچ پيدا ٿئي.

(خ) کنهن ادبي شخصيت ۽ سندس خدمتن تي تحقيقي اصولن مطابق اهڙي ئريت ڪم ڪجهي، جنهن کي نموني طور تسليم ڪيو وڃي ۽ آگهي ان نموني کي آڌار بڻائي باقي شخصيتن ۽ سندن خدمتن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ راهون هموار ٿي سگهن.

اڳ ۾ موجود مواد

موضوع جي منظوري ملڻ بعد استاد طرفان حڪم ٿيو ته مرحوم ثناءالله ثنائي جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي جيڪو مواد موجود آهي، سو هٿ ڪري ان جو تفصيلي مطالعو ڪريان. ان وقت تائين مرحوم ثنائي جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي فقط محترم عبدالستار سهتي جو ڪيل مونوگراف موجود هو، جيڪو پڻ مختصر ۽ نامڪمل معلومات تي مبني هو. ٻي طرف اهڙي ڪهڻ مشق ۽ قادر الڪلام شاعر جي شخصيت، سوانح ۽ ادبي خدمتن تي پنهنجي ادبي تاريخن ۾ ڪتابن ۾ اڃي ۾ لوڻ برابر به معلومات موجود نه هئي، جيڪڏهن ڪجهه موجود هيو ته اهي مرحوم ثنائي جا چند ڇاپي ڪتاب هئا. پر هو منهنجي ترَ جو شخص ۽ دور جو وڏو شاعر هو. ان ڪري سندس واکاڻ هر ڪنهن جي وات هئي، ۽ موڪلي انهيءَ خوشبوءِ جي بنياد تي پنهنجي تحقيقي ڪم جو خاڪو چٽو ڪيو ۽ انهيءَ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پئي.

تحقيقي طريقا

اسانجي ادب جو عظيم الشان محل پنجن ٿنڀن تي بيٺل آهي. اهي آهن تخليق، تحقيق، ترجمو، تنقيد ۽ تنظيم. راقم الحروف جو واسطو ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان تحقيق کان سوا ۽ باقي سموري ميدان سان رهيو، پر تحقيق جو ميدان منهنجي لاءِ نهايت اوپرو ۽ نئون هيو. ان ڪري ابتدا ۾ استاد محترم سان ويهي تحقيق ۽ ان جي طريقن متعلق معلومات حاصل ڪيم ۽ پوءِ انهيءَ معلومات جي آڌار تي پنهنجي هن مقالي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ معلومات خواه مواد جي ذريعن ۽ وسيلن جو تعين ڪري ڪم جو آغاز ڪيم. جن جو الڳ مختصر مگر جامع تفصيل هتي ڏيڻ بيجا نه ٿيندو.

(الف) کتب بيني

کنهن به ادبي شخصيت متعلق علمي تحقيق کرڻ وقت بنيادي گهرج ان گالهه جي آهي ته سڀ کان اول سندس ڇاپي ڪتابن جو ذخيرو جمع ڪجي. جيئن انهن ڪتابن ذريعي نه فقط ان ادبي شخصيت جي علمي مقام جو تعيّن ڪرڻ ۾ آساني رهي، بلڪ ان دور جي ادبي، معاشي، معاشرتي، سياسي ۽ مذهبي حالتن جي به خبر پئجي سگهي.

مون مولانا ثنائيءَ جي مطبوعه ڪتابن حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي مختلف ذريعا استعمال ڪيا اهي هن ريت هئا.

سڀ کان اول آءٌ انهن پبلشرن سان رابطي ۾ آيس جن مولانا ثنائيءَ جا ڪتاب ڇاپائي پڌرا ڪيا هئا. جيتوڻيڪ انهن مان ڪي پبلشر هندو هئا جيڪي ورهاڱي کانپوءِ هندوستان هليا ويا هئا. تاهم لاڙڪاڻي، شڪارپور، سکر ۽ حيدرآباد جي ڪن پراڻن بوڪ اسٽالن تان ڪجهه ڪتاب ملي ويا. جنهن کانپوءِ باقي نايابَ ڇاپي ڪتابن جي حاصل ڪرڻ لاءِ آءٌ سرڪاري توڙي ذاتي لئبريرين سان رابطي ۾ آيس.

هاڻي منصوبي آڏو فقط ثنائيءَ جا ڪتاب هٿ ڪرڻ مقصود نه هو. چوته هڪ شخصيت تي لکڻ وقت فقط ان جي تحريرن تائين محدود نه رهبو، بلڪ موضوع سان لاڳاپيل ٻين ڪيترن ليکڪن جا ڪتاب گهرجن ٿا ايندا. جيڪي سنَدَ ۽ حوالن طور ڪم آڻڻا ۽ انهن جي آڏار تي مرحوم جي علمي ادبي دور جي هلڪ جو خاڪو چٽي سگهبو. تنهن ڪري لئبريرين مان ڪتابن جي

چند چاڻ ڪندي مون مرحوم ثنائي جي ڇاپي ڪتابن کان علاوه اهڙن ڪتابن کي به نظر ۾ رکي ڪيٽ الائيٽ شروع ڪيم.

اڌيءَ سلسلي ۾ جن سرڪاري لئبريرين مان استفادو حاصل ڪيم تن ۾ علامه آءِ - آءِ - قاضي سينٽرل لئبريري سنڌ يونيورسٽي ، ريسرچ لئبريري سنڌالاجي ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لئبريري لاڙڪاڻو، پاڪستان نيشنل سينٽر لئبريري لاڙڪاڻو ، سر شاهنواز ڀٽو لئبريري لاڙڪاڻو ، ڊويزنل لئبريري خيرپور ميرس ، معصوم شاهه لئبريري سکر ۽ نالا اچن ٿا.

اهڙي ئريت ذاتي لئبريرين ۾ منهنجي محسن ۽ استاد ڊاڪٽر محمد پٺاڻ صاحب پنهنجي دل جي دروازن وانگر پنهنجي لئبريريءَ جا دروازا به منهنجي مطالعي لاءِ هر وقت کليل رکيا . هن ڏس ۾ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي صاحب وڏا ڀال پلايا ۽ سندن نوازشن جي نگاهه ان حد تائين رهي ، جو هن صاحب مون ڏانهن پنهنجا پراڻا ۽ نايابه ڪتاب پاڻ وٽان توڙي ٻين کان هٿ ڪري ڏنا جو منهنجي مشڪل آسان ٿي ويئي . مرحوم الله بخش تونيو صاحب جي لائق فائق فرزند مهتاب احمد تونيو پنهنجي والد مرحوم جي لئبريري سمورو وقت مطالعي لاءِ منهنجي حوالي ڪري ڇڏي . ان سلسلي ۾ جن ٻين مهربانن جي ذاتي ڪتب خانن مان فائدو حاصل ڪيم، تن ۾ محترم ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ، محترم ڊاڪٽر رحمت الله ابڙو ، محترم ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ، محترم غلام مصطفيٰ مشتاق ، محترم محمد ادريس سومرو ، محترم غلام رسول سومرو محترم عبدالرزاق سومرو ۽ محترم مولا بخش ڀٽو جا نالا اچن ٿا. انهن صاحبن

پنهنجي ادب نوازي جو ثبوت ڏيندي قرب ڪري ڇڏيا.

دور ۱

مولانا ثنائي جو ڪلام فقط ڇاپي ڪتابن تائين محدود ڪونہ هو، بلڪ هن عوامي شاعر جو ڪيترو شعر قلمي مسودن ۾ محفوظ هو. تنهنڪري سندس انهيءَ نايابَ خزاني جي تلاش ۾ هر هنگ، شهر شهر ڊوڙ لاءِ تيار ٿيڻو پيو. جتي به ڏس ملیو اتي ويس. مون پنهنجن اڻهن دورن ۾ سڀ کان اول ان خزاني جي وارثن ڏانهن رخ ڪيو. اهي وارث مولانا ثناء الله ثنائيَ جا فرزند هئا. مان سائين ثنائيَ جي گوٺ پهتس، جتي سندس وڏي فرزند ميان عباد الله ۽ ٻين عزيزن سان ملاقات ٿي. مون کين پنهنجي تحقيقي ڪم جي اهميت ۽ افاديت کان آگاهه ڪيم. وڏي فرزند ۽ حقيقي وارث جي حيثيت ۾ ميان عباد موٽ ۾ هڪ عالم ۽ اديب جي لائق ۽ فائق فرزند جيان هر قسم جو تعاون ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ پوءِ هن مونسان هڪ مرحلي تي وڏو سهڪار ڪيو. مرحوم ثنائيَ جي حياتيَ ۽ ڪارنامن متعلق مفيد ۽ مستند معلومات ڏيڻ کان علاوه پنهنجي والد مرحوم جو وٽس جيڪو قلمي بياض موجود هو سو آڻي آڏيان ڪيو. ان کان علاوه ڪجهه اهڙا ڇاپي ڪتاب به اتان ملیا جيڪي آڌ ۾ ملي ڪونہ سگهيا هئا.

ميان عباد الله کوهاري کان جيڪو مواد ملیو سو سڀ ڪجهه نہ هو، تاهم گهڻو ڪجهه هو. چوندا آهن تہ طلب سچي هجي تہ الله مڙئي مشڪلون آسان ڪري ڇڏيندو آهي. ووڙ جاري رکيم. هڪ

ڏينهن لاڙڪانڻي جي پراڻي ڪتب فروش حاجي عنايت الله شيخ جي دڪان تي ويٺي ڪتاب ڏٺم. گفتگو دوران مرحوم ثنائيءَ جو ذڪر چيڙيم. حاجي عنايت الله مرحوم جي فرزند حاجي محمد سعيد هڪدم چئي ڏنو 'هيلي ثنائيءَ واه جو شاعر هو" اسانجي شاهي بازار واري دڪان تي گهٽو ايندو ويندو، ۽ ڏوميڙي دار مڙس هو" منهنجو تجسس وڌيو ۽ شيخ صاحب کان مولانا ثنائيءَ جي دوستن ۽ عقيدت مندن متعلق پڇيم. حاجي صاحب هڏاويلا ضلعي دادو جي خيرپور ناٿن شاهه تعلقي جو پيڃاڻو' ٻالپي ڳوٺ آهي، جتي مرحوم ثنائيءَ جو هڪ پيارو شاگرد ۽ دوست فقير ڪريم ڏنو ملاح سدائيءَ رهندو آهي. هيٺ ڏونڙو وٽي ويو آهي، پر وٽس نه فقط مرحوم ثنائيءَ جو مواد موجود آهي، بلڪ ڪيترو ئي ڪلام زباني ياد آهي، منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد ئي نه رهي. هي ڏيڍهن ڪلاڪ جي سفر جو قصد ڪري نڪتس ۽ اچي سدائيءَ جي ڳوٺ سهڙيس، ۷۵ سالن جو پيرمرد جنهن جي ڪمر ضعيف العمريءَ سبب جهڪي آئي هئي، ملياسين. حال احوال ٿيا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريءَ ۾ گفتگو جو موضوع فقط مرحوم ثنائيءَ رهيو. هوبهو رگ مرحوم ثنائيءَ جي گهرن دوستن، معتقدن، شاگردن ۽ پرستارن مان هو. گفتگو ٽيپ ڪيم. نئون قلمي بياض به هٿ آيم. ۽ فقير ڪريم ڏني سدائيءَ سان ملاقاتن جو سلسلو سندس مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيو.

مرحوم سدائيءَ وٽان موڪليل نه فقط مستند معلومات ملي، بلڪ مرحوم ثنائيءَ جي هٿن اکرن ۾ اڌرو نايابُ قلمي مواد مليو، جو سوچيان ٿو ته جيڪڏهن ان ماڻهوءَ سان ملاقات جو موقعو قدرت نه ڪيو ڏئي

هاتہ مان مرحوم ٹنائيءَ سان انصاف هرگز کوٽہ ڪري سگهان ها.

سوالنامو

جيتوڻيڪ مولانا ٽنائيءَ جو حاصل ڪيل چاپي ڪتابن ۽ قلمي مسودن جو ذخيرو سندس شاعراڻي حيثيت جي متعين ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، تاهم مرحوم ٽنائيءَ جي شخصيت، ڪردار، ڪارنامن، واقعن ۽ حالتن جو خاڪو تيار ڪرڻ لاءِ ۽ انهيءَ تجسس جي پيش نظر ته مبادا هن عظيم عوامي شاعر جي شخصيت جو ڪو حصو سنڌ جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهجي ويو هجي، هڪ تفصيلي سوالنامو تيار ڪرڻ مناسب جاتم. اهو سوالنامو ايترو مفصل ۽ جامع هو، جو ان مان مرحوم ٽنائيءَ جي شخصيت ۽ ادبي پورهئي جو بهترين خاڪو سامهون اچي ٿي سگهيو. استاد جي منظوريءَ کانپوءِ اهو سوالنامو سنڌ جي ڪيترن ئي سڀاڻي ۽ سپوريج اديبن ڏانهن موڪليو ويو. اهڙي سوالنامي موڪلڻ پٺيان هيٺيان عوامل ڪارفرما هئا.

- ڏهڪنهن محقق ۽ مهربان تائين بذات خود پهچڻ ممڪن نه هو.
- وقت بچائڻ جو خيال آڏو هو.
- اهو سوالنامو موڪلڻ وقت اهو به خيال پيش نظر هيو ته اهڙي طرح معلومات جي وڌيڪ ذريعن ۽ وسيلن جي ڄاڻ پوندي، ۽ جيڪا معلومات ساڳين سوالن جي جوابن طور مختلف محققن ۽ اديبن وٽان حاصل ٿيندي اها پڻ مستند مواد جي تصديق ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

انٽرويوز

ڇاپي ۽ قلمي ڪتابن کان علاوه سوالنامن جي جوابن ذريعي جيڪا معلومات ملي تنهن مان خاطر خواه فائدو حاصل ڪيو ويو. تاهم تشنگي اڃان قائم رهي، تنهنڪري مرحوم ٽنائيءَ جي ڪردار ۽ ڪارنامن بابت مزيد مستند معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ماڻهن سان ملڻ مناسب ڄاتم جن مرحوم ٽنائيءَ کي پاڻ ڏٺو ۽ ٻڌو.

انٽرويوز ولڻ مان اهلبمراد هئي ته مرحوم ٽنائيءَ جي دور جي علمي، ادبي ۽ مذهبي شخصيتن ۽ حالتن بابت معلومات حاصل ڪئي وڃي. انهن انٽرويوز ذريعي ڪن اهڙين شخصيتن سان پڻ ملاقات ٿي، جن تحقيق جي فن بابت مفيد معلومات مهيا ڪئي. انهن مهربانن مان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ايازحسين قادري، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو، ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ ڊاڪٽر فضل حق خورشيد جا نالا ذڪر لائق آهن.

انٽرويوز دوران مولانا ثناءالله ٽنائيءَ جي جن همعصر عالمن ۽ شاعرن سان ملاقات ٿي ۽ انهن مرحوم ٽنائيءَ تي ڏاڙي پنهنجي متعلق مفيد معلومات ڏني، انهن ۾ فقير ڪريم ڏنو ملاح صدائيءَ (مرحوم) مولوي محمد عظيم شيدا (مرحوم)، مولوي محمد ابراهيم خليل ڪاهڙائيءَ (مرحوم)، حاجي علي بخش جمالي، محترم حبيب الله حبيب پليجو، مولا بخش مولائيءَ مگريو جا نالا اچن ٿا.

اهڙي ريت ڪجهه اهڙن ماڻهن سان پڻ انٽرويوز ڪيا ويا جن کان سندن پنهنجن متعلق معلومات ورتي ويئي، جيڪي مرحوم ٽنائيءَ جا

هنعصر هئا- اهڙن پونيرن ۾ مولانا جان محمد عباسي ، مولوي علي محمد مشوري ، حافظ حڪيم رشيد احمد ڪورائي ، مولانا امير بخش ڪوڪر ، محترم نظام الدين ناظم چانڊيو ، محترم غلام سرور جمال ڪوڪر ، صوفي اسد الله آريجو ۽ غلام رسول چاڪي جا نالا قابل ذڪر آهن .

انهن سمورن وسيلن ذريعي جيڪا معلومات هٿ ڪئي وئي ، انهيءَ مان پورپور استفادو ڪيو ويو آهي ۽ مقالي ۾ مختلف باب ۾ ان جي نشاندهي پڻ ڪيل آهي .

رٿابندي

معلومات جي انهن ذريعن ۽ وسيلن مان جيڪا سامان جي جاکوڑ کانپوءِ ڇاڻ جي ڪاٽ ڇنڊجي وئي ، انهيءَ کي پڙهندڙن ۽ پارکن اڳيان انصاف سان پيش ڪرڻ لاءِ پڻ ڪنهن طريقي ۽ رٿابندي جي ضرورت هئي . انهيءَ تقاضا کي پورو ڪندي مون پنهنجي مقالي کي ٽن پاڻن ۾ تقسيم ڪيو ، پهرين پاڻي کي مرحوم ثناءالله ثنائي جي سوانح لاءِ وقف ڪري هن عوامي شاعر جو پورپور احوال ڏنو اٿم . ائين جهڙوڪ شاعر جو تعارف پيش ٿي ويو . ان کانپوءِ ضروري هيوته سندس شاعريءَ جو پڻ تعارف پيش ڪجي ، جيوته اسان جي عنوان جي سکي جو اهو هڪ ٻيو پاسو آهي . انهيءَ کري مرحوم ثنائي جي شاعري ۽ شاعراڻه صنف تي روشني وجهڻ لاءِ رٿابندي جي حوالي سان مقالي جو ٻيو پاڻ مخصوص ڪيو ويو آهي . پر جڏ ته منهنجي تحقيقي موضوع جو عنوان 'مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعري' جو تنقيدي جائزو آهي ، اناکري انهيءَ کي مقالي جو روح ٻڌائي

رٿا بندي جي حوالي سان ٽين پاڳي ۾ سمايو ويو آهي. هن پاڳي ۾ مختلف عنوانن
کي اڳيان رکي مرحوم ثنائي جي شاعراڻي ڏات ۽ حيثيت جو تعين ڪيو ويو آهي.

وضاحتون ۽ حد بنديون

هن مقالي جي اهار ٿا بندي انهيءَ وقت تائين
مڪمل نه ٿيندي جيستائين ڪن اهم گالهين جي اڳواڻ وضاحت نه ڪئي ويندي. انهيءَ
سلسلي ۾ ڪي گذارشون هيٺ پيش ڪجن ٿيون

(الف) جيڪڏهن موضوع ۽ مواد جي خيال کان مرحوم ثنائي هن مقالي ۾
مرڪزي ڪردار جي حيثيت رکي ٿو، انهيءَ ڪري سندس شخصيت، ڪردار ۽ سوانح
تي خاص توجه ڏنو ويو آهي ۽ فقط ضرورت مطابق مرحوم جي آباو اجداد خواه
پوئينهن جي معلومات ڏني ويئي آهي.

(ب) جيڪڏهن مرحوم ثناء الله ثنائي جو خاندان سنڌ جي ٻين خاندانن
جيان خاندااني تاريخ بابت صدري روايتن کي ته محفوظ ڪندو آيو آهي ۽ هن
خاندان بابت تاريخي ڪتابن ۾ اڃا ۾ لوڙ برابر به ذڪر موجود ڪونه آهي. ان ڪري
مرحوم ثنائي جي خاندااني احوال لاءِ سندس شاعري ۽ خاندااني روايتن کي بنياد
بڻايو ويو آهي.

(ٽ) جيڪڏهن مرحوم ثنائي جي ولادت ۱۸۹۵ء ۾ ٿي ۽ ۱۹۷۶ء ۾ هي جهان
ڇڏيائين. انهيءَ حساب سان هي مقالو ساڪي ٿي دور سان واسطو رکي ٿو. البته جڏهن
مرحوم جي شاعريءَ جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي تہ ان وقت تاريخ جي ڪيترين
صدين کي پڻ نظر ۾ رکي مختصر طور تي شاعراڻي صنف جي اوسر بيان ڪئي ويئي.

(ث) مولانا ثنائي نرندہ دل ۽ ياروبس انسان هو. کيس پنهنجي حياتيءَ ۾ کيترن ئي انسانن سان واهپو پيو هوندو. جڏهن هڪ سندس استاد، عزيز، همدرس دوست ۽ سائي اچي ويندا ۽ انهن جو تعداد ڏينهن خاصو رهيو. پر هن مقالي ۾ انهن سموريءَ رشتن ناتن جي نشاندهي کري نٿو لاءِ ڪن مکيه شخصيتن جو ذکر ڪيو ويو آهي

(ج) مقالي ۾ خاص طور تي علمي ۽ ادبي تاريخ جي ورقن ورائڻ وقت تاريخ جون ڪيتريون ئي نامور شخصيتون ذکر هيٺ آيون، جن جو تفصيلي ذکر مقالي جي موضوع ۽ دائري ۾ اچي نه پئي سگهيو. ان هوندي به سندس شخصيت، حيثيت ۽ خدمت بابت معلومات ڏيندڙ مکيه ذريعن ۽ وسيلن جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي ته جئن پڙهندڙ ۽ پاڙڪو ضرورت مطابق اهي ورق ورائي پنهنجي علم جي اڃ اجهائي سگهن.

(ح) مقالي ۾ کيترن ئي گولن، وسيلن ۽ شهرن جو ذکر اچي ٿو پر انهن بابت متن ۾ معلومات ڏيڻ سان هڪ طرف روانيءَ ۾ ٻي طرف تسلسل متاثر ٿيڻ جو انديشو هيو. انهيءَ کري انهن جي مختصر معلومات هيٺ حاشيي ۾ ڏني ويئي آهي.

(خ) مقالي جي ٻي پاڳي ۾ مولانا ثنائيءَ کي شاعر جي حيثيت ۾ متعارف کرايو ويو آهي. لوڪ شاعري، عروضي ۽ لوڪ شاعريءَ جي گڏيل روپ ۽ عروضي شاعريءَ جي مکيه نون صنفن بابت تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي، البته مولانا ثنائيءَ جي انهن شاعراڻي صنفن جو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي. هن پاڳي ۾

[illegible]

(د) [illegible] ضخامت تي نظر وجهڻ سان محسوس ٿيندو
ته ڪيترن ئي ڪتابن جا ڪتابي ڪاڻ مقابلي ۾ ننڍڙا آهن، جنهنجو مڪمل سبب اهو
آهي ته اسان جو ڪتابي مقابلي جو انعامي پروگرام موضوعن جي تقاضا آهي، هن پاڻي ۾
نه فقط مرحوم عطاءالله ڏاڻي جي شاعري جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي، بلڪ
مختلف حسوڙيون اڀيان ڪيون سندس شاعراڻي حيثيت متعين ڪئي ويئي آهي. ۽
پاڻي جي حوالات مقابلي جي بابت مواد ۽ متن تي اثر انداز نه ٿي آهي جو ته
جنهن ڪنڊ تي جيتري مواد ۽ معلومات جي ضرورت هئي، ان کي پاڻ ڪن آڳيان پيش
ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

(ذ) مولانا ثناءالله ثنائي سنڌي شاعري جي بيمثال خدمت ڪئي آهي
۽ سڄا سارا ڇويهه ڪتاب ڪيا اٿس. انهيءَ نسبت سان جيڪڏهن هن مقالي جي
ضميمي 'الف' يعني شاعري جي عنوان انتخاب تي نظر وجهو ته ضخامت جي لحاظ کان اهو
مواد ۲۷ صفحن تي مشتمل نظر ايندو. جيڪو مجموعي شاعري جي حوالي سان
مقداري مطابقت ته نٿو رکي پر ان کي مناسب ضرور چئي سگهجي ٿو، چو ته هن مقالي
۾ هر هنڌ تي مرحوم ثنائي جي شاعري جو حوالا ڏنا ويا آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن

انتخاب واري مواد ۾ احيان اضافو آندو وڃي ها ته مقالي طويل ٿي وڃڻ جو انديشو هو.

(۷) مولانا مرحوم جي حياتيءَ وارو دور منجهه صديءَ تي مشتمل آهي. انهي عرصي دوران اڻ گهڻا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا جن کي پڻ مقالي ۾ نظر انداز نه ڪيو ويو آهي. ليڪن اهي اديب جن جو تعلق مرحوم ٿناڻي جي آبائي ضلعي لاڙڪاڻي سان هيو تن جو مختصر تعارف ۽ سندن ڪلام جو نمونو پيش ڪيو ويو آهي. البته باقي همعصر شاعرن، عالمن ۽ اديبن جي نالن جو ڇوڙ آخر ۾ ضميمي ۳ ۾ ڏنو ويو آهي

مقالي جو اجمالي خاڪو

هن کان اڳ رٿابنديءَ جو ذڪر ڪندي اها گذارش ڪئي ويئي آهي ته تحقيقي مقالي کي ڪيئن ۽ ڪهڙن تن پاڻن ۾ ورهايو ويو آهي، پر پوءِ به هتي مناسب ڄاڻجي ٿو ته پنهنجي همٿ ۽ محبت جي ميڙي چونديءَ جو خاڪو پارکن جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي.

مقالي جو پهريون پاڻ مولانا ٿناڻي جي حياتيءَ جي احوال ۽ شخصيت جي اجمالي خاڪي تي مشتمل آهي. جنهن کي جملي ڇهن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين باب ۾ مرحوم ٿناڻي جي حسب نسب ۽ شجري توڙي خاندان جي ملڪيه شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻيو باب مولانا ٿناڻي جي زندگيءَ جي پهرين دور متعلق آهي. جنهن ۾ سندس ولادت ۽ ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت کان علاوه سندس هم مڪتب عالمن جي ڄاڻ ڏني ويئي آهي. ٽئين باب ۾ مولانا مرحوم جي

ذريعه معاش، شادين ۽ اولاد جوڏيل آهي. اهڙي طرح چوٿين باب ۾ مولانا ثناءَ الله ثنائيءَ جي طبيعت ۽ مزاج، شخصيت ۽ لباس، مذهبي عقيدن، سير ۽ سفر، دوست ۽ سائين متعلق آهي.

مقالي جو پنجو ۽ پڇاڙيءَ وارو باب ۾ رهايو ويو آهي، هن پڇاڙيءَ ۾ مولانا ثناءَ الله ثنائيءَ کي شاعر جي حيثيت ۾ متعارف کرايو ويو آهي. هن ڏهڻ مشق شاعر لڳ ڀڳ شاعريءَ جي سموريين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، پر رٽابندي جي حوالي سان انهن صنفن کي ڏيان ۾ رکندي الڳ الڳ باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پهرين باب ۾ لوڪ شاعريءَ کي جوڏڪ ڪيو ويو آهي ۽ ان جي مکيه صنفن جهڙوڪ 'بيت'، 'ڪافي'، 'مولود' کي مرڪزي حيثيت ڏني ويئي آهي. ٻي باب ۾ اهڙيون صنفون يڪجا ڪيون ويون آهن، جيڪي اسلامي عروضي ۽ لوڪ شاعريءَ جو گڏيل روپ پيش ڪن ٿيون جهڙوڪ 'مدح'، 'مناجات' ۽ 'نيم آهريون'. انهن صنفن جوڏڪ هن ٽي باب ۾ ڏنو ويو آهي. ٽين باب کي عروضي شاعريءَ جي صنفن لاءِ وقف ڪيو ويو آهي. ۽ انهيءَ حوالي سان 'غزل'، 'مثنوي' ۽ 'خطبي' جي صنفن تي خاص توجه ڏنو ويو آهي.

مقالي جو ڇهين ۽ پڇاڙيءَ جي مکيه نون صنفن تي روشني وڌي ويئي آهي. هن پڇاڙيءَ ۾ صنفن جي لغوي ۽ لفظي معنائن جي چند چاڙ ڪرڻ کانسواءِ انهن جي فني لوازمات، ابتدا ۽ ارتقا تي پڻ روشني وڌي ويئي آهي ۽ ان کان پوءِ مولانا ثناءَ الله ثنائيءَ جي شاعريءَ جو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي.

مقالي جو ستين ۽ پڇاڙيءَ آئين هن پڇاڙيءَ جي تسلسل جي ڪڙي

آهي جوته آگين پاڻ ۾ فاضل شاعر جي شخصيت جو تعارف پيش ڪيو ويو ۽ موضوع کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ هن پاڻي ۾ مولانا ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جو تعين ڪرڻو هو ، هي پاڻ جملي ٽن بابن تي مشتمل آهي.

باب پهرين مولانا ثناءالله ثنائي جي قلمي پورهئي جو تعارف ڪرايو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سندس پندرهن چاپي ڪتابن کان سواءِ يارهن قلمي مسودن جو تفصيل ڏنو ويو آهي. ان کانسواءِ سندس شاعريءَ جي فني ۽ فڪري پهلوئن جو تنقيدي جائزو ويو آهي ، داخلي شاهدين هٿ ڪري ثابت ڪيو ويو آهي ته هو پنهنجي دور جو هڪ باڪمال شاعر هو. انهيءَ سلسلي ۾ تنقيدي جائزو ويندي فني پهلو جي حوالي سان مولانا ثنائي جي شاعريءَ جي ٻولي، اسلوب ، بيان ، فصاحت ۽ بلاغت ، روانيءَ ۽ سلاست ، جدت ۽ بلند خيالي وغيره جو ڀرپور مطالعو ڪيو ويو آهي. انهن خوبين سان گڏ ڪائنس فن جي دنيا ۾ جيڪي غلطيون سرزد ٿيون آهن، انهن جي پڻ نشاندهي ڪئي ويئي آهي. ادبي نموني فڪري پهلوءَ جي حوالي سان نهايت مفصّل نموني ۾ مولانا ثنائيءَ جي مذهبي شاعري ، اخلاقي شاعري، عشقيه شاعري ۽ مزاحيه شاعريءَ جو مطالعو پيش ڪيو ويو آهي.

مقالي جي ٽين پاڻي جو ٻيو باب انهن خارجي شاهدين تي مشتمل آهي ، جن کي بنياد بڻائي مرحوم ثنائي جي شاعريءَ جو تقابلي تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي. هن باب ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي ، خواجه محمد زمان ، سچل سرمست ، بيدل فقير ، حمل فقير ، شاه محمد ديدڙ ، حسين فقير ديدڙ ، ٻليءَ شاه

۽ شيخ عطار جي شاعريءَ ۾ مثال ڏيئي اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته مولانا ثنائيءَ متقدمين کان ملهيل فني ۽ فڪري روايتن سان ڀرپور انصاف ڪيو آهي. اهڙي نموني معاصرين جي فن ۽ فڪر سان مماثلت ڏيکارڻ لاءِ سندس شاعريءَ جي مولانا عبد الغفور همايونيءَ، فقير علي محمد قادريءَ، نواز علي نياز، مخدوم طالب المولىٰ ۽ سگهڙ پرپوکان سواءِ ڪنهن جي شاعريءَ ۾ مثال ڏيئي هڪ جهڙائي ڏيکاري ويئي آهي. ۽ ائين ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، ته هو پنهنجي دور جي نامياري شاعرن جي صف ۾ هر وجه شامل ٿيڻ جي لائق هو.

هن ئي باب ۾ اهو ڏسڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته مولانا ثنائيءَ هڪ باشعور ۽ ڪهنه مشق شاعر جي حيثيت ۾ پنهنجي دور جي علمي ۽ ادبي ماحول تي ڪيئن ۽ ڪيترو ڪارگر اثر انداز ٿيو. انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪن شاگردن، مداحن ۽ معتقدن جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ اهڙن ادبي شهپارن جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي، جن تي سندس قلمي پورهئي جا چٽا عڪس نظر اچن ٿا.

اهڙي نموني هن باب ۾ مولانا ثناءالله ثنائيءَ لاءِ سندس ئي دور جي مشهور محقق، عالمن ۽ ادبين جهڙوڪ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر علامه داؤد پوٽو، پير حسام الدين شاه راشدي، فقير علي نبخش جمالي وغيره جي راين کي ڪسوٽي بڻائي سندس شاعراڻي حيثيت جو تعين ڪيو ويو آهي. مولانا مرحوم وس پگهي ڪيترن مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي. سندس اهڙين

کوشش کئي هر وجه کان علمي ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو ونڊ برابر چئي سگهجي ٿو. ان کري هن باب ۾ سندس اهڙين کوششن کي پڌ نمايان ڪيو ويو آهي ۽ ائين هن مقالي جي پاڳي ٽين جو هيو باب **پچاٽي** کي پهچي ٿو.

مقالي جي ٽين پاڳي جو ٽيون باب پڌ مرحوم ثناءالله ثنائي جي شاعري کي وڏيڪ پرکڻ واري سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جنهن ۾ اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته سندس شاعري ۾ موقتي حالتن جي ڪيتري جهلڪ نظر اچي ٿي. هن جي ڪلام مان انهي سان واسطو رکندڙ سماجي، معاشرتي ۽ سياسي حالتن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهڙي نموني هي مقالو پنهنجي پچاٽي کي پهچي ٿو. ۽ انهي پچاٽي ٿي کي نتيجا ڪيدي ڪجهه تجويزون پارکن آڏيان پيش ڪيون ويون آهن.

مقالي کي وس پاڳي مڪمل ۽ جامع بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جيتوڻيڪ مقالي ۾ هر موضوع ۽ گهربل جاءِ تي مولانا ثنائي جي ڪلام مان ڀرپور مثال پيش ڪيا ويا آهن. پر هن ڪهنه مشق ۽ باڪمال شاعر جي شاعري مان انتخاب ڏيڻ ضروري ڄاتو ويو. انهي لاءِ مقالي جو ضميمو ۱ وقف ڪيو ويو. ان کان علاوه مولانا ثنائي مني صدي کان به وڏيڪ پنهنجي همعصر ڪيترن ئي شاعرن، عالمن ۽ ادبن سان محبت ۽ دوستي، الفت ۽ عقيدت مندي جي رشتن سان جڪڙيل رهيو، انهن مان ڪن مکيه شخصيتن جو ڪچو ڏيڻ سان سندس دور جي يادتازي ٿي وڃي ٿي، انهي ضميمي ۲ ۾ سندس همعصر شاعرن ۽ عالمن جو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي.

هن هيڈي ساري تحقيقي جاکوڙ ۽ قلمي پورهئي کي مڪمل ڪرڻ ۾ ڪيترن ئي ڪتابن، رسالن ۽ بياضن جا ورق ورائڻا پيا. انهن جا تفصيل 'بيبلوگرافي' جي صورت ۾ ڏنا ويا آهن.

منهنجي کوجنا جي هڪ نمائٽي کوشش شايد هن موجوده صورت ۾ موضوع لاءِ صرف، آخر نه به هجي، پر ان کي پنهنجي محنت ۽ محبت جي ميڙ ي چونڊي سنڊ ۾ فخر محسوس ڪريان ٿو. تحقيق جا طالب علم کي هنا جا ناڏا محسوس ڪري سگهن ٿا تہ مواد ۽ معلومات جي اٽڪل، سهوليت جي اٽاڪ ۽ اٽڪل گهٽ دشوارين جو اٽڪ سلسلو قلمي پورهيت، سو به وري تحقيق جي ميدان جي پانڌيئڙن لاءِ رڪ ما ڇڏا ڇڏڻ ڪان گهٽ ڪونہ آهي. هڪ نئون محقق انتهائي خلوص ۽ محنت جو مظاهرو ڪري ٿو، ۽ موڻ پٽ انهن جي پيروي ڪرڻ جي کوشش ڪندي آهي. اميد اٿم تہ منهنجي هڪ نمائٽي کوشش پارکن کي پسند ايندي.

پاڻ کي پهريون

مولانا ثناء الله ثنائي جي سوانح حيات

باب پهریون

خاندانی پس منظر

(الف) حسب نسب ۽ شجرو

(ب) خاندان جون مکیہ شخصیتون

پاڳو پهريون

تعارف

موضوع ۽ مواد جي خيال کان مرحوم مولانا ثناءالله ثنائي هن مقالي ۾ مرڪزي ڪردار جي حيثيت رکي ٿو. تحقيق ۽ تدوين جي قلمي پورهئي جو اهوئي اهم مقصد آهي، ته سندس شخصيت ۽ خدمتن جو خاڪو چٽيو وڃي.

ڪنهن به شخصيت سان انهيءَ وقت تائين انصاف ڪري نٿو سگهجي، جيستائين سندس ڪهاڻيءَ جو آغاز خاندائي پس منظر کان شروع نٿو ڪيو وڃي. ڇوته تعليمي نفسيات جي ماهرن مطابق فرد جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ موروثيت اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، جنهن ٿي پوءِ ماحول سون ٿي سهاڳي جو ڪم ڪري ٿو.

سنڌ جي تاريخ انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪري ٿي ته علم دوستي، ادب پروري ۽ ثقافت نوازي ڪنهڙا ڳڻ انسان ڪي پنهنجي ورثي مان ئي ملن ٿا. اهوئي سبب آهي جو هتي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديب برادر اديب جا نالا ڳڻائي سگهبن ٿا.

خاندائي پس منظر بيان ڪرڻ سان جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ اهڙي قسم جي موروثي اثر جي نشاندهي ڪري سگهجي ٿي. پر هنن به شخصيت جي سوانح ان وقت تائين ادوري ۽ اڌوري رهجي وڃي ٿي، جيستائين سندس بالپڻي جي دور کي ڪولي نٿو ڏسجي. ڇوته شخصيت جي تعمير جو بنيادي ڪم ان ئي دور ۾ ٿئي ٿو.

جوپن ۾ جواني ڪجهي بهار ۾ ڪنهن به شخصيت جا سڀ سموريا رنگ پسي سگهبا آهن. هن ئي دور ۾ انسان ازدواجي زندگيءَ جو ويس پهريو. ۽ اها پوشاڪ دراصل سندس شخصيت جي انيڪ روپن کي ظاهر ۽ نمايان ڪري ڏيکاري ٿي.

شخصيت جي کاڻي ولادت، بالپڻي، جواني، ازدواجي زندگي ۽ وفات جي واقعن تائين محدود ڪونه ٿيندي آهي، پر اهڙا اڻ ڪيا ان وقت تائين اڌورا ۽ اڻپورا ئي پوندا آهن، جيستائين انهن ۾ ان شخصيت جي اندر واري انسان يعني سندس قول، فعل، نظرين، قدرن ۽ اصولن کي ڏيان ۾ نٿو رکجي. اهو باطن وري ان وقت تائين اڌورو رهجي ويندو آهي، جيستائين ان کي 'ظاهر' سان ملائي نٿو ڏسجي. 'باطن' کي 'ظاهر' سان ملائڻ مان مراد آهي ڪنهن به فرد جي ماحول، دوستن يارن، عزيزن ۽ اقارب جي ست کي ڏسي راءِ ڏيڻ ته جئين سندس سماجي حيثيت ۽ ناتي سان پڻ مطالعو ڪيو ويو.

هن مقالي جو آغاز مرحوم ثناء الله ثنائيءَ جي سوانح سان ڪيو ويو آهي. ۽ سندس سوانح کي مختلف زاوين خواه پهلوئن کان ڏسڻ لاءِ مٿي ذڪر ڪيل معيار کي آڏو رکيو ويو آهي.

باب پهريون


خانداني پس منظر

(الف) حسب نسب ۽ شجرو


ميان ثناءالله ثنائي عباسي جو حسب نسب خليفي هارون رشيد سان ملي ٿو. سندس خاندان جو وڏو ميان مير، بغداد مان لڏي اچي ملتان ۾ مقيم ٿيو. جتي هو ميان مير ملتاني جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. ميان ثناءالله ثنائي جو ستن پيڙهين تائين شجرو ملي ٿو، جيڪو هن ريت آهي.

ميان ثناءالله بن ميان الله بخش بن ميان محمد علي بن ميان صدرالدين بن ميان محمد حسن بن ميان ولي محمد بن ميان صدرالدين عرف ستدن سوائي بن ميان مير ملتاني (۱).

هيٺ ميان ثناءالله ثنائي جي شجري جو خاڪو سندس تاڏي ميان محمد علي کان ڏجي ٿو. جالاءِ ته ان کان آڳ جي معلومات ملي ڪانه ٿي سگهي.



شجرو



(۱) ميان عبادالله ولد ميان ثناءالله ثنائي سان ۳۰-آگسٽ ۱۹۸۸ع تي ڪيل انٽرويو.

مولانا ثنائي پنهنجي خاندان ۽ حسب نسب جو ذڪر هڪ هنڌ هن ريت ڪيو آهي :

اصل عرب جا ها وڏا ڪي وري
سي ملتان اندر رهيا ها قري
توڪل جا صاحب وڏا ها فقير
ٿيا غوث جي شهر ۾ جا ڳگير
ميان مير نالي تني مان هيو
سو ملتان اندر هو ساڪن ٿيو
سندس پٽ نالي صدرالدين هو
جو الفت الاهي ۾ بي چين هو
ڪرامت جو صاحب ۽ مشهور هو
عوامن خواص ۾ منظور هو
ڪرامت پسي ڪيترا ٿيا مريد
بنا زر جي ڪيئي ڪيائين خريد
سڏي خلق تن هنڌي پئي ميان صدو
ٿيو سڏي پوليءَ ۾ مذهبي سَدو
(۱) الخ .....

(۱) ثنائي ثناءالله : قلمي بياض ، ص۱

(ب) خاندان جون مکيہ شخصيتون

ميان صدرالدين عرف ستدن سوائي

ميان صدرالدين عرف ستدن سوائي ولد ميان ميرملتاني ، والد جي وفات کانپوءِ ملتان کي خيرباد چئي سندس پرلڏي آيو ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوکريءَ ۾ هڪ ڪوهه لڳ پنڌ هڪ گوٺ هڏي ويٺو. جيڪو 'ميان جو گوٺ' جي نالي سان مشهور ٿيو. ميان صدرالدين پنهنجي ڏور جو ولي الله ٿي گذريو آهي . سندس مريدن ۽ معتقدن جو ملڪ وسيع هو. ستدن سوائي جي ولادت ۽ ٻيءِ وفات جي تاريخن بابت خاندان جي روايتون يا ٻيا معلوماتي ذريعا اڻاموش آهن . فقط ٻه ڳالهيون مشهور آهن :

جون تاتہ بزرگ کي [illegible] ڏنڊيون سيرون ٻرن کي اگوڻ ڏيڻ ڪوڏان پاڻي پيئاريندو هو. پر ڪيس ڪوه سان پاڻيءَ جا ڏاڙا پيا ٻرن ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي. سو هڪ ڏينهن هنڊ مٿي الله کي عرض ڪيائين ته اي مالڪ! جيڪڏهن ڏن ڪوه کي ڇيرائي ڪنب جي صورت ڪرين ته جيءَ ٽنڍيا پاڻهاڻ ڪوه سان پاڻي ڪيڏ جيا تيئن ڪان ڇڏي ٻون. سندس دعا مستجاب ٿي ۽ ڪوهه ڇري ڪنب جي صورت اختيار ڪئي ، جو اڄان تائين موجود آهي . ۽ منجهس پاڻهن ٿي مهينا پاڻي رهندو آهي . ستدن سوائي جي تربت گوٺ اسحاق کوهارو ۾ آهي (۱) .

---

(۱) ميان عبادالله ولد ميان ثناءالله ثنائي سان ۳۰-آگسٽ ۱۹۸۸ع ٿي ڪيل انٽرويو

ميان ولي محمد

ميان ولي محمد ولد صدر الدين عرف ستدن سوائي هن خاندان جو خدا رسيده بزرگ هو. پنهنجي والد بزرگوار جي صحبت جو مٿس گهڻو رنگ چڙهيل هو. ميان ولي محمد جي روحاني منزل جي هاڪ هنڌين ماڻيين ڦهلي. ۽ ستدن سوائي کانپوءِ ماڻهو ميان ولي محمد جا معتقد ٿيا ۽ گوٺ جونالو 'ميان ولي محمد کوهاري جو گوٺ' پيئجي ويو. سندس ولادت توڙي وفات جي باري ۾ ڪجهه به معلوم نٿو ٿئي. ميان ولي محمد جي انتقال کانپوءِ سندس سوتاٽ مان ميان محمد اسحاق کوهاري ڇڪو نالو ڪڍيو. جنهن ڪري آڳتي هلي ان گوٺ جو نالو 'اسحاق کوهاري جو گوٺ' مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين انهيءَ نالي سان سڏيو وڃي ٿو (١).

مولوي الله بخش کوهارو

مولوي الله بخش ولد ميان محمد علي کوهارو ١٨٣٥ء ۾ گوٺ 'اسحاق کوهارو' ۾ جائو. ابتدائي ديني ڪتاب همايون [٢] جي بزرگ مولانا عبد الغفور همايوني [٣] وٽ پڙهيو ۽ دستار بندي رستم [٤] جي مدرسي مان ڪيائين. هوهڪ خدا وارو ۽ پڪو بزرگ هو. سچو ڏينهن ٻڌهنجي گوٺ

---

(١) ميان عباد الله ولد ميان ثناء الله عباسي سان ٣٠-آگسٽ ١٩٨٨ء تي ڪيل انٽرويو

[٢] همايون شڪارپور تعلقي جو هڪ وڏو علمي مرڪز رهيو آهي.

[٣] ڏسو پڪو ٻيو باب پهريون ص ١٢١

[٤] رستم تعلقي شڪارپور جو هڪ گوٺ آهي.

سيهڙائيءَ ورائي [۱] جي مسجد شريف ۾ درس وتدريس ۽ فتويٰ نويسيءَ جو ڪم ڪندو رهندو هو. مولوي الله بخش قادري طريقي جو پيرو ڪار هو، شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص صوفي اختيار ڪندو هو. هڪ پيرو پيادو حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري آيو هو. مولوي مرحوم ڪچي ۾ لب درياه ڳٻ ڳوٺ ڪوهاري [۲] مان فقير محمد ڪوهاري جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي جنهن گهرمان ڪيس پنج پٽ تولد ٿيا. جن جا نالا غلام الله، سليم الله، نجم الدين، عطاء الله ۽ ثناء الله هئا. مولانا الله بخش ۱۹۰۷ع ۾ وفات ڪئي. سندس تربت ڳوٺ جي اڏايل مسجد شريف جي ڀاڪيءَ ۾ آهي (۳).

مولوي حافظ رب ڈنو ڪوهاري

حافظ رب ڈنو ڪوهاري هن خاندان جو هڪ جستو عالم ۽ قرآن جو حافظ ٿي گذريو آهي. سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي ڪانه سگهي آهي. هن ابتدائي ديني تعليم مولوي الله بخش ڪوهاري وٽ حاصل ڪئي. ڪجهه وقت ڳوٺ سونو جتوئي [۴] جي مدرسي ۾ مولانا غلام عمر جتوئي [۵] وٽ به پڙهيو. هو نقاشيءَ جي فن ۾ وڏي مهارت رکندو هو. ۽ بهترين خوش نويس هو. ڪاغذ ٿي اهڙو نفيس ۽ اعليٰ درجي جي نقش ونگار جو ڪم ڪندو هو جو ڏسندڙ حيران ٿي ويندا هئا. هو ان ڪم ۾ سادا رنگ، ڪاني جي ڪلڪ ۽ ڪجيءَ جو برش استعمال ڪندو هو. حافظ رب ڈني ڪوهاري ۱۹۶۳ع ۾ وفات ڪئي (۶).

---

[۱] ڳوٺ 'سيهڙائي ورائي' تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. ان ڳوٺ کي 'مولوي الله بخش ڪوهاري جو ڳوٺ' به ڪوٺيو آهي.
[۲] ڳوٺ 'ڪوهاري لب درياه' تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي.
(۳) بيان عباد الله بن ثناء الله سان ۳۰- آگسٽ ۱۹۸۸ع ٿي روبرو ملاقات
[۴] ڳوٺ 'سونو جتوئي' تعلقي لاڙڪاڻي جو هڪ وڏو ديني مرڪز رهيو آهي.
[۵] تفصيلي احوال لاءِ ڏسو ڳالهه پهريون باب ص - ۱۵
(۶) بيان عباد الله بن ثناء الله سان ۳۰- آگسٽ ۱۹۸۸ع ٿي روبرو ملاقات

باب ٻيو

زندگيءَ جو پهريون دور

(الف) ولادت ۽ ننڍپڻ

(ب) تعليم ۽ تربيت

(ت) هم مڪتب

باب پيو زندگي جو پهريون دور

(الف) ولادت ۽ نندپڻ

مولوي الله بخش کوهارو پنهنجي والد جي انتقال کانپوءِ ميائي گوٺ مان لڏي وڃي ڪچي جي گوٺ کوهارا ۾ وينو. جتي کيس ۱۳۱۳ھ مطابق ۱۸۹۵ع ۾ ثناءالله نالي فرزند تولد ٿيو. ڪجهه وقت بعد گوٺ سيهڙادو راڻي جا ماڻهو ميان الله بخش جي علم جي فيض مان فائدو حاصل ڪرڻ خاطر ميڙون منٽون ڪري کيس پنهنجي گوٺ لڏائي آيا. پوءِ انهيءَ گوٺ جو نالو 'مولوي الله بخش کوهاري جو گوٺ' پئجي ويو (۱).

دنيا جي ناسيارن انسانن جي پالڪپٽي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهڙا انسان نندي وهي ۾ ئي پنهنجي رنگ ڍنگ، چال چلت توڙي عادات و اطوار ۾ عام ماڻهن کان مختلف رهيا آهن. پوءِ انهن ۾ سندن والدين جي طرفان ورثي ۾ مليل تعليم ۽ تربيت جو عمل ۽ اثر ڪارفرما هوندو آهي، پاڻ ۾ ئي قدرت انهن انسانن کان ڪو غير معمولي ڪم وٺڻ چاهيندي آهي، تنهن ڪري انهن جي تربيت پنهنجي منشا مطابق ڪرائيندي آهي. اهڙا منفرد مزاج ۽ اعليٰ صلاحيتن وارا انسان گهٽ پيدا ٿيندا آهن. ثناءالله ثنائيءَ جو شمار پڻ انهن منفرد انسانن ۾ ٿئي ٿو.

ثناءالله جي والده هڪ پارسا عورت هئي. ڪيس ثنائيءَ اڃان جڏهن پيٽ ۾ هو تڏهن هڪ خواب ڏٺو هو ته سرنهن جي ڇهين سائيءَ پوک ۾ بيشمار گل ٽڙيا پيا آهن ۽ هوءَ پنورجيان انهن جي متان اڏامي رهي

(۱) ميان عبادالله ولد ميان ثناءالله ثنائيءَ سان ۳۰-آگسٽ ۱۹۸۸ع تي روبرو ملاقات

آهي، زبان تي درود جو ورد ڏيس. ميان ثنائيءَ پڻ ان خواب جو احوال هن ريت منظوم ڪيو آهي:

هتي حال پنهنجو به ٿورو ڏيان - ٿمن گونڊرن کان به آجو ٿيان
ڪندي هئي خبر واله ٿو سنڊي - ڏٺي پاڪ جي پاڻ ساڻ بندي
ته تون هئين جڏهن پيٽ منهنجي اندر - لڏو خواب هو مون اهو سر بسر
ته ڪاپوڪ آسرنهن جي سڀ صاف - ڪٿا ٿول اکٽر گلن جو ٿگاف
مثل پنور جي آهه منهنجو وجود - انهن تي اڏامي پٽهان پئي درود
انهيءَ خواب جو هي تعبير ٿيو - ته جو بار آشڪم اند ۾ پيو
اهو ٿيندو شاعريءَ عاشق مزاج - سندس درد جو حسن هوندو علاج

(١)

ميان ثنائيءَ ننڍي عمر ۾ ئي سڌائين سوچ ۾ بدل رهندو هو. راند روند سان به گهٽ لڳندي هيس، شروع ۾ پي ڏوت پڙهڻ ڪان به انڪار ڪندو هو پر پوءِ پڙهيو. اول درجي جو ذهين هو. راڳ ۾ ساڻ سان گهٽي لڳندي هيس. طنبوري تي گائيندو به هو. ننڍي عمر جي باوجود ڪيس سُرن جي چڪي چوڪي جاڻ هئي. مولوي الله بخش سندس طنبورو پڻ ڇڏيو، پر پوءِ به جهنگ ۾ وڃي سُر آلاپيندو هو. چيو وڃي ٿو ته هڪڙي ڏينهن جهنگ ۾ ڪيس هڪل آئي، پوءِ گائڻ گهٽائي ڇڏيائين (٢). جيڪڏهن انهيءَ روايت کي محبت ۽ احترام تي بدل ڇاڏي نظر انداز به ڪيو وڃي ته به پوءِ اهو ثابت ٿئي ٿو ته هن آڱرين هلي گائڻ گهٽائي ڇڏيو.

---

(١) ثنائي ثناء الله: 'هجرت نامو' قلمي بياض، ص٨٢

(٢) صدائي ڪريم ڏنو ملاح، ثنائيءَ جو دوست، رفيق ۽ پيار و شاگرد، هن وقت عمر ٩٣ سال ساڪن پيچاهو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلع دادو

(ب) تعليم ۽ تربيت

(أ) ديني تعليم ۽ استاد

ديني تعليم مرحوم ثناءالله ثنائي جي ديني علوم ۾ ڪنڌ روايتن مطابق فقط

هڪڙوئي استاد رهيو، جيڪو سندس والد مولوي الله بخش هو. اهڙن راڊين جي خيال

مطابق "جئن ته ثنائي خود مولوي زادو هو، تنهنڪري کيس تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيادر

ڪڙڪائڻ ڪونه پيا. پنهنجي والد وٽ پڙهڻ شروع ڪيائين. ديني ڪتابن جي دستور مطابق

اول اول کيس قرآن شريف پڙهايو ويو. ان کانپوءِ فارسي شروع ڪيائين (۱). تان جو ثنائي

شرعي علوم جا ڪيترائي ڪتاب پنهنجي پيءُ وٽ پورا ڪيا (۲). ان حد تائين نه گهڻ صبح

آهي پر ثنائي انهيءَ تي اڪتفا ڪانه ڪئي، پر علم جي جستجو لڳاتار ڪندو رهيو. گوٺ

سوني جتوئي وارو بزرگ مولانا غلام عمر جتوئي جئن ته مولوي الله بخش کوهاري جو

هم مڪتب ۽ گهاٽو دوست هو ۽ ان دور ۾ مولانا جتوئي جو مدرسو اتر سنڌ جي معروف

مدرسن مان هو، جتي پري پري کان علم جا پياسا اچي اڇائيندا هئا. تنهنڪري

ثنائي به پنهنجي والد مرحوم جي ناتي نياڻ سان گڏ مزيد علم حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي

قابل عالم کي استاد بڻائي سوني جتوئي جا ڦيرا ڦريا ۽ ڪجهه وقت تائين اتي قيام ڪيو.

استاد

مولانا غلام عمر ولد محمد صادق جتوئي گوٺ سوني جتوئي ۾ ۱۲۳۳ھ مطابق ۱۸۱۸ء

۾ تولد ٿيو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي گوٺ جي آخوند قاضي نور محمد چني وٽ حاصل

ڪئي. والد جي رحلت سبب ڪجهه وقت تائين سندس پڙهائي جو سلسلو منقطع ٿي ويو

---

(۱) سهتو عبدالستار: ثناءالله ثنائي جون ادبي خدمتون، مونوگراف، سنڌ الاجي ص۲

(۲) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: مولود، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ء ص۴۱۲

هو (۱)، پر پوءِ جواني ءَ واري عمر ۾ وري تعليم جو شغل جاري رکيائين ۽ مولانا حاجي حسن الله پاتائي [۲] وٽ ۱۹۱۳ع ۾ دستار بندي ڪيائين. مولانا غلام عمر جتوئي جو ڪتب خانو سنڌ جو بينظير مذهبي ۽ علمي ڪتب خانو آهي. هن بزرگ پنهنجي زندگيءَ جا پنجاهه ورهيه درس و تدريس ۾ گذاريا ۽ علم جي پياسن جي اڃ اجهائيندو رهيو. مولانا جتوئي جي شاگردن جو حلقو وسيع هيو. پاڻ ڪيترين فتوائن ۽ تحريرون لکيائين. هن ۱۳۵۳ھ مطابق ۱۹۳۵ع ۾ فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. مولانا گوٺ سوني جتوئي ۾ مدرسي لڳ مدفون آهي (۳).

(iii) طبي تعليم ۽ استاد

طبي تعليم

گذريل وقت جي عالمن جي زندگيءَ جو احوال پڙهندي معلوم ٿئي ٿو ته اهي ديني علوم سان گڏ علم طب ۾ پڻ وڏي چاڻ ۽ مهارت رکندا هئا. گويا علم جي حصول ۾ ديني تعليم سان گڏ طب جو علم حاصل ڪرڻ لازمي جز سمجهيو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو اسانجي آڏواهڙن ڪيترن ئي عالمن جا نالا اچن ٿا جن علم طب ۾ غير معمولي دلچسپي ورتي ۽ پنهنجي دور جا نه فقط سٺا عالم پر سٺا طبيب پڻ ليکبٽ ۾ آيا. اهڙن عالمن ۾ حڪيم مولوي

---

(۱) اڀرو رحمت الله ۽ اڪثر ٻيا، 'مولانا غلام عمر جتوئي ۽ سندس ديني ۽ فقهي ضدمتون'، ٿيسز چانڊڪو، سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۸۲ع، ص ۴۳

[۲] مخدوم حسن الله پاتائي ولد مخدوم وهب الله ننڍپڻ ۾ پنهنجي چاچي مخدوم حاجي فضل الله وٽ تعليم ورتي. هن سموري جيانءَ درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ گذاري. ۱۹۲۱ع ۾ گذاري ويو. ماهنامه شريعت، آڪٽوبر ۱۹۸۱ ص ۳۵۷ ۽ ص ۳۵۹

(۳) ڏسو ماهنامه 'شريعت'، سوانح نمبر، سکر، ص ۲۸۹ ۽ ص ۲۹۰

فتح محمد ميوهاڻي [۱] مولانا حڪيم عبدالڪريم چشتي [۲] مولوي غلام رسول عباسي [۳] مولوي محمد بن احمد ڪوڪر [۴] ڪان علاوه ٻيا به ڪيترائي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا.

مولانا ثنائيءَ به ديني تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ طب جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا. پير عبدالغفار شاه راشدي وٽ گوٺ ريلٽ [۵] ۾ وڃي سندس شاگرد ٿيو. پير صاحب جو شفاخانو ان وقت لاڑڪاڻي شهر ۾ هو. تنڊهنڪري ثنائيءَ کي لاڑڪاڻي وڃي رهڻو پيو. مولانا ثنائيءَ علم طب متعلق ڇڪي معلومات حاصل ڪئي (۶) اهوئي سب هوڇو سندس ذاتي ڪتب خاني ۾ طب متعلق ڪافي ڪتاب موجود هوندا هئا. (۷)

---

[۱] حڪيم فتح محمد ولد خليفو ميان محي الدين صديقي ۱۳۰۰ھ مطابق ۱۲۸۲ء ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو. پنهنجي علم، فياضيءَ فضيلت سبب پوري سنڌ ۾ مشهور هو. بارهن معياري اسلامي ڪتاب تصنيف ڪيائين. پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ باضمير صحافي هو. ۱۹۴۲ء ۾ وفات ڪيائين. ڏسو ماهنامه 'شريعت' سوانح نمبر، سکر، ۱۹۸۱ء ص ۳۷۰

[۲] مولانا حڪيم عبدالڪريم ولد عبدالله ۱۸۹۶ء ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پنهنجي وقت جو وڏو عالم، خطيب ٿي گذريو آهي. فن، خطابت سبب کيس 'سحبان سنڌ' جو لقب مليو. هو سٺو حڪيم پڻ هو. مولانا سنڌ جي سياسي تاريخ اسلامي تحريڪن ۾ پير پور خصوصي طور. ۱۹۶۴ء ۾ وفات ڪيائين. ڏسو ماهنامه 'شريعت' سوانح نمبر، سکر، ۱۹۸۱ء، ص ۱۱۱ ص ۱۱۳

[۳] مولوي غلام رسول ولد جان محمد عباسي پير گوٺ سنهڙي تعلقي لاڑڪاڻي ۾ ڄائو. سندس والد وڏو حڪيم هو. تنڊهنڪري حڪمت گويا کيس ورثي ۾ ملي هئي. ۱۹۱۷ء ۾ نورنگ ۾ تحصيل ڪيائين. پنهنجي ساري حياتي درس و تدريس ۽ حڪمت ۾ بسر ڪئي. علم تصوف ۽ طريقت ۾ به ماهر هو. ۱۳ - مئي ۱۹۷۰ء ۾ رحلت ڪيائين. مولوي مرحوم جي فرزند مولانا جان محمد عباسي سان روبرو ملاقات

[۴] مولوي محمد بن احمد ڪوڪر ۱۹۰۸ء ۾ گوٺ سونو جتوئي تعلقي لاڑڪاڻي ۾ تولد ٿيو. وقت جو سٺو عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. ديني تعليم جي تحصيل گوٺ سونو جتوئي ۾ ئي مولانا غلام عمر جتوئي وٽ ڪيائين. وڏو پرهيزگار ۽ متقي شخص هو. ۱۹۸۴ء ۾ وفات ڪيائين.
مولوي مرحوم جي فرزند غلام سرور جمالي ڪوڪر سان ۱۵ جون ۱۹۸۷ء تي ملاقات

[۵] 'ريلٽ' تعلقي لاڑڪاڻي جو مشهور گوٺ آهي.

(۶) سهتو عبدالستار: مولانا ثناءالله ثنائيءَ جون ادبي خدمتون، مونوگراف، جام شورو، سنڌ الاجي ص ۵

(۷) صدائي ڪريم ڏنو ملاح: ۱۵ مئي ۱۹۸۷ء تي روبرو ملاقات

پير عبدالغفار شاه راشدي

پير عبدالغفار شاه ولد سيد امان الله شاه راشدي ۱۳۰۱ھ مطابق ۱۸۸۳ء ۱ ۾ تعلقي لاڑڪاڻي جي گوٺ ريلٽ ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ديني تعليم گوٺ ۾ پنهنجي ڏاڏي وٽ حاصل ڪيائين. جنهن کانپوءِ حڪمت ۾ غير معمولي دلچسپي ورتائين ۽ ان ۾ ايترو آگهي نڪري ويو جو کيس 'شمس الحڪماء' ۽ 'فخر الحڪماء' ۽ 'حڪيم حاذق' جا القاب مليا.

پير عبدالغفار شاه جا حڪمت ۾ ڪيترائي شاگرد هٿ جيڪي پنهنجي دور جا سٺا حڪيم ليکيا ويا. سندس شاگردن ۾ مولانا ثنائي جو شمار به ٿئي ٿو. ان کان علاوه سندس فرزند روح الله شاه هن وقت لاڑڪاڻي ۾ بهترين حڪيم شمار ٿئي ٿو. پير صاحب جي ذريعي هاڻي ۾ ڪجهه زمين جي پيداوار ۽ پيري مريدي کان علاوه خاص ڏند ودڪ هو، جنهن مان سندس سڄو گذر سفر ٿيندو هو.

پير عبدالغفار شاه کي ادب سان به گهڻي دلچسپي هئي. هو شاعري ۾ پنهنجو تخلص 'حسيني' اختيار ڪندو هو. مناجاتون، نعتون ۽ غزل چيائين. اهڙاڪالهه بحيدار قياس نه آهي ته پير صاحب شعر و شاعري ۾ مولانا ثنائي کان اڻ قبوليو هجي. جو ته مولانا ثنائي سان سندس رشتو استاد ۽ شاگرد کان وڌيڪ محبت ۽ دوستي وارو هو. پير عبدالغفار سان ۱۹۶۰ع ۾ ڪراچي جي سيمٽ گوٺ ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاه اتي ئي آهي.

---

۱) پير عبدالغفار شاه جي فرزند حڪيم سيد پير روح الله شاه سان ۲۲ - مئي ۱۹۸۹ع تي انٽرويو

(iii) روحاني تعليم ۽ استاد

جھڑي ءَ ريت جسم طراوت ۾ غذا جي ضرورت هوندي آهي، تھڙي ءَ ريت قلب جي اطمينان لاءِ روحاني تعليم ضروري آهي. خدا جا نيڪ بانها همیشه قلبي سکون جا متلاشي هوندا آهن.

ديني ۽ طبي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ مرحوم ثنائي روحاني تعليم ڏانهن ڌيان ڏنو. هن پنهنجي والد مرحوم جي اختيار ڪيل قادريه طريقي تي ڪاربند رهندي، ان دور جي وڏي عالم ۽ اهل الله مولانا تاج محمود امروٽي کي پنهنجو روحاني رهبر ڪري ورتو. ۽ روحاني تعليم جا راز انهيءَ بزرگ وٽان سکيو. ثنائيءَ کي پنهنجي مرشد سان ڪيتري قدر عقيدت هئي تنهنجو اظهار سندس شعر جي هيٺين ستن مان ٿئي ٿو:

الف اول آٿنا قيوم قادر جي ڪيان - مصطفيٰ مرسل سڻي جي نانون تان قربان ٿيان

سڪ سيني ۾ چئن يارن اهلبيٽ جي عيان - داڻهن درڻ جي تمامي پنهنجي مرشد کي ڏيان

تاج محمود تاج دين طالب تنهنجا تازا تمام

آن ولي الله تون بيشڪ پلو صاحب ڪرام

جيم جانب جاءِ تنهنجي آپلي امروٽ ۾ - نور جو تجلو تلو آمنجلي امروٽ ۾

شڪر حق جو آولين جو ولي امروٽ ۾ - مومن اڳر مولا گهرين تان وڃ هلي امروٽ ۾

تاج محمود تاج دين طالب تنهنجا تازا تمام

آن ولي الله تون بيشڪ پلو صاحب ڪرام الخ.....

(۱)

(۱) ثنائي ثناء الله: قلمي بياض، ص ۲۸ ص ۳۰

مرحوم ثنائي هڪ ٻي شعر ۾ پنهنجي مرشد جي سراه جايڪ پريندي رقمطراز آهي:

ولي تاج محمود آتا جوڙ - وسي ويڙ امروٽ ۾ فيض وڙ
زماني اچوڪي ۾ ڪامل اهو - شريعت نبيءَ جي سان شامل اهو
ويرانا وسائي جنهن آباد ڪيا - مگر ملڪ مان سڀ فسادي ٻيا
ڪو مولا عالمَ ۾ عالم اجار - پيار و پلار وسخي دين دار
سندس درَ جي مان خاڪ دائم هجان - اهڙي عشق سان شال قائم رهجان الخ.....
(۱)

مولانا تاج محمود امروٽي

مولانا تاج محمود ولد سيّد عبدالقادر جي ولادت ڳوٺ ديواڻي ۾ ٿي. ولادت جي تاريخ بابت معلومات ٿي ڪونہ سگهيو آهي. ڪن روايتن موجب سندس ولادت ۱۸۵۷ع يا ۱۸۵۸ع تاريخ ٿي هوندي. مولانا مرحوم جوشجر سيّد عبدالقادر جيلاڻي سان لڳي ٿو (۲). ابتدائي تعليم پنهنجي والد وڏن کان حاصل ڪري ان کانپوءِ پير صاحب پاڳاري جي ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت فارسي ڪتاب پڙهندو رهيو، عربي علوم جي تحصيل پڻ هنواري[۳] جي مدرسي ۾ ڪيائين.
(۴)

مولانا امروٽي پنهنجو مرشد حافظ محمد صديق[۵] پرچوندي[۶]

---

(۱) ثنائي ثناءالله : ، قصود لفريب ، قلمي بياض ، ص ڪ

(۲) بخاري محمود شاه داعتر : ، حضرت مولانا سيّد تاج محمود شاه امروٽي (رشيد) ، حيدرآباد ، شهباز پبليڪيشن ۱۹۸۴ع ص ۳۳

[۳] هنواري ، تعلقي پني عاقل ضلعي سکر جو هڪ ڳوٺ آهي .

(۴) ڏسو : روزنامه ، الوحيد (سنڌ آزاد عنبر) ، جون ، ۱۹۳۶ع ، ص ۴۱

[۵] حافظ محمد صديق ۱۸۰۹ع ۾ پيرچوندي ۾ تولد ٿيو. پنهنجي دور جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سنڌ جا ٿي مشهور عالم ۾ بزرگ مولانا تاج محمود امروٽي ، مولانا عبيدالله سندي ۽ مولانا دين پوري سندس فيض يافته آهن. حافظ مرحوم ۱۸۹۰ع ۾ وفات ڪئي. ڏسو (شريعت) (سوانح عنبر) ث ص ڪ

[۶] پرچوندي تعلقي گمو تڪي ضلعي سکر ۾ وڏو علمي مرڪز رهيو آهي.

واري کي بڻايو، جيڪو اعلیٰ روحاني مقام تي فائز هو. حافظ محمد صديق وري پير محمد راشد[۱] جي خاص خليفن مان هو. هو راشدي قادري طريقت جو شيخ هو. حافظ مرحوم سنڌ ۾ سنت کي جيڪا رٽ ۽ شرڪ بدعت جي پاڻ پٽڻ لاءِ جهاد شروع کيو. سندس وفات کانپوءِ عرفان جو امو مرڪز پير چونڊي[۲] کان منتقل ٿي امروٽ ۾ قائم ٿيو (۳).

مولانا تاج محمود امروٽي پنهنجي دور جو وڏو مبلغ ٿي گذريو آهي. سندس تبليغ ۽ تعليم جي نتيجي ۾ ستن هزارن جي تعداد ۾ غير مسلمن مولانا مرحوم جي هٿ تي اسلام قبول کيو. حقيقت ۾ مولانا کي تبليغ جي قدرتي ذات ملي هئي (۴). هو دين ۽ قوم جي آزادي ۽ جي راهه جو وڏو مجاهد هو. جهاد سندس زندگيءَ جو مکيه اصول هو. جهاد کي هو اسلام جو روح سمجهندو هو (۵).

مولانا امروٽي آزادي ۽ جي سياسي تحريڪن ۾ اڳواڻ هو. سنڌ ۾ هو آزاديءَ جو علمبردار هو. سنڌي عوام ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيائين. 'جمعيت علماءِ هند' جو صدر به رهيو. ترڪ موالات تحريڪ جو روح روان هو. 'تحريڪ خلافت' 'هجرت' ۽ 'ريشمي رومال' تحريڪن ۾ مولانا کي ڏاڍيون تڪليفون درپيش آيون (۶).

---

[۱] پير محمد راشد جي ولادت ۱۷۵۶ء ۾ ٿي. سندس والد پير محمد بقا شاه قادري طريقي جو هو. پير محمد راشد شرڪ ۽ بدعت جي خلاف جهاد ڪري سنت کي زور ونڊايو. سندس لقب 'روضي ڌڻي' هو. ۱۸۱۸ء ۾ وفات ڪيائين. تدسو ماهنامه الرحيم (مشاهير سنڌ نمبر) ص ۲۲ ص ۲۴

[۲] امروٽ شريف تعلقي ڪٽهي ياسين ضلعي شڪارپور جو معروف علمي مرڪز آهي.

(۳) غلام مصطفیٰ قاسمي مولانا: تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي (مهاڪ) ۱۹۷۵ء، ص ب

(۴) محمود شاه سيد ڊاڪٽر: 'حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي' (ٿيسز) حيدرآباد، ٽنهن يونيورسٽي ۱۹۸۴ء، ص ۸۶

(۵) تدسو ماهوار 'نئين زندگي' ڪراچي، ماه جون ۱۹۵۸ء، ص ۲۶

(۶) تدسو ماهوار 'الصادق' ڪراچي، جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر ۱۹۸۱ء

مولانا مرحوم جي تصنيفات ۾ قرآن حڪيم جو سنڌي ترجمو سنڌي ٻولي ۾ ادب جو انمول سرمايو آهي. ان کان علاوه 'پرت نامو' (مثنوي) ۽ 'گلشن امروٽي' مولانا جي علمي بصيرت جو مظهر آهن. هو اعلیٰ درجي جو شاعر هو ۽ پنهنجو تخلص حسنؔ لکندو هو (۱).

مولانا امروٽي جي خاص خليفن مان خليفو محمد صالح بائجي وارو [۲] خليفو عبدالعزيز ٽريچاٽي [۳] خليفو سيد دين محمد شاه [۴] خليفو مولانا حماد الله هاليجوي [۵] خليفو مولانا احمد علي لاهوري [۶] ۽ خليفو دين محمد شاه شيرازي وارو [۷] قابل ذڪر آهن. مولانا مرحوم قادري طريقي جو وڏو باعمل، خدا رسيده

---

(۱) محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، شهباز پبليڪيشنز، ۱۹۸۴ء ص ۱۴۱ ص ۱۵۲

[۲] خليفو محمد صالح ولد خدا بخش گوٺ بائجي (بايزيد) تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ ۱۸۵۰ء ۾ ڄائو. مولانا امروٽي جي خدمت ۾ حاضر ٿي فيض ورتائين ۽ خلافت جي رتبي تي پهتو. ۱۹۴۲ء ۾ انتقال ڪيائين.
محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ۱۱۴

[۳] خليفو عبدالعزيز ولد مولوي محمد حيات گوٺ ٽريچاٽي تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ ڄائو ٿيو. سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي ڪانه سگهي آهي. مولانا امروٽي جو وڏو خليفو هو. هن مولانا سان گڏ ديني ادبي ۽ سياسي تحريڪن ۾ پرپور حصو ورتو. ۱۹۵۰ء ۾ وفات ڪري ويو.
محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ص ۱۱۲، ۱۱۳

[۴] خليفو دين محمد شاه ۱۸۸۰ء ۾ گوٺ ميڻا تعلقي ٽنڊو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ۲۵ سال جي عمر ۾ مولانا امروٽي جو ڀاڃي مريد ٿيو. ست سال سندس تربيت هيٺ رهيو. مولانا مرحوم کيس خلافت عطا ڪئي. سڄي حياتي اسلام جي تبليغ ۾ گذاري ڏياڻن. ۱۹۷۳ء ۾ وفات ڪيائين.
محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ۱۱۶ ۽ ۱۱۸

[۵] خليفو مولانا حماد الله ولد محمود انڙ گوٺ هاليجا تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ ۱۸۸۰ء ڌاري ڄائو. مولانا امروٽي جي خاص خليفن مان هو. مولانا حماد الله وڏو مبلغ ۽ مقرر هو. ۱۹۶۰ء ۾ گذري ويو.
محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ۱۱۹ و ۱۲۱

[۶] خليفو مولانا احمد علي ولد حبيب الله شيخ ۱۳۰۴ھ - ۱۸۸۷ء ۾ گوٺ جلال ضلعي گوجرانواله ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽ ورتائين. پوءِ امروٽ ۾ پير جهنڊي ۾ مولانا عبيد الله سنڌي جي صحبت ۾ ديني تعليم جي تحصيل ڪيائين. مولانا امروٽي جو خليفو ۽ سياسي تحريڪن جو ساٿي هو. ۱۹۶۲ء ۾ وفات ڪري ويو.
محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ۱۲۳

[۷] خليفو سيد دين محمد شاه گوٺ لڌو محمد شيرازي تعلقي شڪارپور ۾ ۱۸۶۰ء ۾ ڄائو. مولانا جي خليفن مان هو. سندس وفات جو سن معلوم نٿو ٿئي.
محمود شاه باڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسر) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ۱۲۶ ص ۱۲۵

پير هو. توحيد ۽ سنت جو وڏو داعيو ۽ ڪامياب مبلغ هو. پنهنجي حال ۽ قال، گفتار ۽ ڪردار، ظاهر ۽ باطن، علم ۽ عمل، شريعت ۽ طريقت ۾ سلف صالحين جو نمونو ۽ ناقابل انڪار مثال ۽ نمونو هو. هن مايه ناز بزرگ ۵ نومبر ۱۹۲۹ء ۾ وفات ڪئي (۱).

(ت) هم مڪتب

گوٺ سوني جتوئي واري دارالفيض مدرسي ۾ پڙهائي ۽ دوران اتي زير تعليم عالمن سان مولانا ثنائي جي ڏينهن ويهن وڏي. هنن جي ڏاڍي وڻ ٿي. جنهن ڪري اهڙين ملاقاتين ڪٿي هلي دوستي ۽ جوروپ اختيار ڪيو. انهن عالمن ۾ ڪي ثنائي جا هم سبق هئا ته ڪي وري آخري سبق تي پهتل هئا. جن عالمن سان سندس دوستي ۽ جا رابطا وڏي ويا انهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

مولانا دين محمد وفائي

مولانا دين محمد ولد حڪيم گل محمد پٺي ۴- اپريل ۱۸۹۴ء ۾ گوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي گڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ جائو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد وٽ حاصل ڪيائين. ان کانپوءِ مولانا غلام عمر جتوئي جي مدرسي دارالفيض ۾ ۱۹- سال جي عمر ۾ دستار بند مولوي ٿيو.

مولانا وفائي ڪجهه وقت تائين راڻيپور [۲] جي پيرن جي بارن

(۱) محمود شاه د اڪٽر: حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي (تيسرو) حيدرآباد، ۱۹۸۴ء، ص ۶۹
(۲) ڏسو سماڻي، مهران (سوانح نمبر) ۱۹۵۷ء، ص ۱۶۹
[۳] راڻيور ضلعي خيرپور جو تعلقو آهي.

کي تعليم ڏيندو رهيو. جنهن کانپوءِ گوٺ 'ٽلاه' [۱] ۾ راشدي پيرن جي اولاد کي درس وتدريس ڏيڻ جو شغل جاري رکيائين (۲). ۱۹۲۰ع ۾ 'الوحيد' اخبار جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو. ۱۹۲۳ع ۾ ڪراچيءَ مان ماهوار رسالو 'توحيد' جاري ڪيائين. ۱۹۳۰ع ۾ 'الوحيد' جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. مولانا وفائي هڪ بهترين ديني عالم، بيباڪ صحافي ۽ معروف اديب ٿي گذريو آهي. سندس ديني خواه ادبي خدمتون هردور ۾ ياد رکيون ويندیون رهن (۳).

مولانا مرحوم کي شعر سان به گهرو شغف رهيو، هن پنهنجو تخلص وفائي اختيار ڪيو. وقت جي جن شاعرن سان سندس دوستيءَ گهٽگهرائي رهي، انهن مان مولانا ثنائي وڏي اهميت جو حامل آهي. پنهنجي جي تعلقات جو اندازو مرحوم ثنائي جي شعر جي هيٺين سٽن مان ڪري سگهجي ٿو:

ثنائي، وفائي ڏي جو ويو هلي
وفائي ويو، ويئي وفائي رلي (۴).

مولانا ديندين محمد وفائي ۱۸-اپريل ۱۹۵۰ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو (۵).

---

[۱] 'ٽلاه' تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ مشهور گوٺ آهي.

(۲) جي - ايم - سيد: 'جنب گذاريم جن سين' جلد ٻيو، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۶۷ع، ص ۳۲۱

(۳) ڏسو سماهي 'مهراڻ' (سوانح نمبر)، ۱۹۵۷ع، ص ۱۸۱

(۴) ثنائي ثناءالله: 'حليما' قلمي بياض، ص ۴۰

(۵) ڏسو سماهي 'مهراڻ' (سوانح نمبر)، ۱۹۵۷ع، ص ۱۸۳

مولانا وفائي متعلق وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو:

علي نواز وفائي: يادگار وفائي — غلام محمد گرامي: ويا سي وينجهار ص — ميمڻ عبدالمجيد داعتر: تذڪرهٔ شعراء سکر — الانا غلام علي داعتر: سندي نثر جي تاريخ ص ۱۲۸ ۽ ط ۱۳۶ — حسام الدين راشدي سيد: هوڏوڻ هوڏينهن حسام الدين راشدي: گالهيون گوٺ وٽي جون ص ۵۹۱ — محمد جمن تالپر: سنڌ جا اسلامي درسگاهون ص ۵۲۱

مولانا محمد قاسم مشوري

مولانا محمد قاسم ولد حاجي محمد عثمان مشوري گوٺ صاحب خان مشوري [۱] ۾ ۱۳۱۲ھ مطابق ۱۸۹۸ء ۾ تولد ٿيو. سندس ونڊ، پاڪ ناڙي بلوچستان کان سنڌ ۾ آيا. مولانا مشوري گوٺ ملا ابڙا [۲] ۾ مولانا محمد عالم ۽ گوٺ سوني جتوئي ۾ مولانا غلام عمر جتوئي جي مدرسي ۾ ديني علم حاصل ڪيو. ۱۹۲۱ء ۾ مذڪوره مدرسي مان فارغ التحصيل ٿي نڪتو. ۱۹۲۲ء ۾ پنهنجي گوٺ ۾ مدرسو قائم ڪيائين. مولانا مشوري وقت جو وڏو عالم ۽ عبادت گذار بزرگ آهي. سندس مريدن جو تعداد وڏو آهي. ڪيترائي شاگرد وٺائين فيض حاصل ڪري چڪا آهن. پاڻ پير سني ۽ جي باوجود درگاه مشوري شريف ٿي رشد وهدايت ڏيڻ ۾ تا حال مصروف آهي (۳).

مولانا مشوري جي پراڻن پاتريسري عالمن ۽ اديبن ۾ مولانا غلام رسول جتوئي ۽ ميان ثناء الله ثنائي جا نالا سرفهرست آهن. مولانا ثنائي جو ڪ همسايه عالم ۽ اديب هٽ واري تعلق کان علاوه مولوي غلام رسول جتوئي جي توسط سان پٽ مولانا جي سان ملاقاتون ٿيون، جن ۾ ڪ ڀيٽي سان مذهبي مسئلن ٿي خيال آرائي ڪيائون، ٻنهي بزرگن جو ڪ ٻئي تعلق سندن همدرسه هٽڙ جو به آهي. چالاءِ ته مولانا مشوري گوٺ سونو جتوئي جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو، جتي مولانا ثنائي پٽ ڪجهه وقت تائين

---

[۱] گوٺ صاحب خان مشوري تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي.
[۲] ملا ابڙا تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو ڪ گوٺ آهي.
(۳) مولانا مشوري جي وڏي فرزند مولوي ميان علي محمد فقير سان ۳- فبروري ۱۹۸۸ء ٿي ملاقات

علم جي اڃ اجائڻ خاطر طالب العلم ٿي رهيو. ۽ مولانا جتوئي وٽ سندس قيام هوندا هئا. تڏهنڪري مولانا مشوري ساڻ سندس ملاقاتون ٿيندي رهيون. ان کان علاوه ٻئي همعصر هجڻ سان گڏ وڏا هم عمر به هئا. ميان ثنائي عمر ۾ مولانا کان چار سال وڏو هو. هن وقت مولانا مشوري جي عمر ۹۲ سال آهي.

مولانا تاج محمد رضائي آريجوي

تاج محمد ولد مير خان کوکر ۱۹۰۵ء ۾ گوٺ خير محمد آريجا[1] ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي گوٺ ۾ حاصل ڪيائين. فارسيءَ جي تعليم مولانا قاضي غلام عمر آريجوي وٽ مڪمل ڪيائين. آخر ۾ مولانا غلام عمر جتوئي وٽ گوٺ سونو جتوئي ۾ دستار بندي ڪيائين. ان کانپوءِ پنهنجي گوٺ ۾ مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جو ڪم ڪرڻ لڳو (۱).

مولانا تاج محمد چند سالن بعد مزيد تعليم حاصل ڪرڻ خاطر لاهور جي پرسان مشهور مدرسي اچڻ ۾ ويو. ڏيڍ سال تائين اتي رهي پوءِ واپس وريو. مولانا مرحوم حج ڪرڻ ٿي حج ڪيا. مدينه پاڪ ۾ دوران حديث ۽ قرآن پڙهيو. واپس وطن اچي وري تدريس جي شغل ۾ مصروف ٿي ويو. مولانا جي هٿ تي ڪيترائي غير مسلم بيعت ٿي مسلمان ٿيا. ڪيس شعر سان به شوق هو. هن پنهنجو تخلص رضائي اختيار ڪيو. سنڌيءَ کان علاوه اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ به شعر چيو اٿس. مولانا تاج محمد جي صحبتين ۾ مولانا ثنائي

(۱) مولانا تاج محمد جي ياءُ مولانا امير بخش کوکر کان ۷ مئي ۱۹۸۸ء ٿي انٽرويو

جونالو وڏي اهميت جو حامل آهي. مولانا ثنائيءَ جڏهن به آريجن ۾ ايندو هو تہ مولانا رضائيءَ سان ملاقات لازمي ضرور ايندو هو. ميان ثنائيءَ پنهنجي علام ۾ مولانا رضائيءَ جو به ذڪر ڪيو آهي. مولانا تاج محمد ۱۹۶۲ع ۾ وفات ڪئي (۱).

مولوي محمد بن احمد ڪوڪر

مولوي محمد بن احمد ڪوڪر ڳوٺ سونو جتوئيءَ ۾ ۱۹۰۸ع ۾ تولد ٿيو. ڳوٺ جي مدرسي دارالفيض مان مولانا غلام عمر جتوئيءَ وٽان ۱۹۳۸ع ۾ فارغ التحصيل ٿي، اتي ئي مدرّس جي حيثيت سان پڙهائڻ لڳو. ۱۹۴۰ع ۾ اتان لڏي اچي لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ۽ اتي درس و تدريس جي ڪم ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. مولوي مرحوم سٺي حڪمت ڄاڻندو هو. ان کانسواءِ فن ڪتابت جو ماهر هو. جلد سازيءَ جو ڪم به ڪندو هو. تہ جي گهٽ عالمن سان سندس نياز مندي ۽ جوڙ ستو هو. جن ۾ مولانا ثنائيءَ جو شمار سندس بهترين دوستن ۾ ٿيندو هو. مولانا ڪوڪر کي فارسي زبان تي دسترس حاصل هو. مولوي محمد ۱۹۵۵ع ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ عربي استاد طور مقرر ٿيو. ڪجهه وقت لاءِ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول سکر ڏانهن بدلي ٿي ويو هو. اتان ئي رٽائر ڪيائين. مولوي محمد ۷۷ ورهين جي ڄمار ۾ ۱۹۸۴ع ۾ وفات ڪئي (۲).

---

(۱) مولانا تاج محمد جي ياد ۾ مولانا امير بخش ڪوڪر کان ۷ - مئي ۱۹۸۸ع تي انٽرويو

(۲) مولانا محمد ڪوڪر جي فرزند غلام سرور جمال کان ۱۵ - جون ۱۹۸۷ع تي رهبر ملاقات

باب ٹيون

زندگيءَ جو پيو دور

(الف) ذريعه معاش

(ب) شاديون

(ت) اولاد

باب ٽيون

زندگيءَ جو پيو دور

(الف) ذريعه معاش

مرحوم ثناءالله ثنائيءَ توڪل جو صاحب هو. هن مال مايا ميڙ جي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪونه سوچيو. اهوئي سبب آهي جو هن کي مستقل ڏنڊو اختيار ڪونه ڪيو. مولانا حڪمت سکيو ۽ ان کي ذريعه معاش طور ڪونه ورتائين. البته اهو شغل ڪڏهن ڪڏهن ڪندو هو. وڏن کان چار جريب ٻني ۽ جا ملڪيل هيس ۽ ان پاڻ پوکي راهي ڪونه ڪيائين. سيلاني مٽرس هو. شهر ۾ جهنگ جهرلتا ويندو رهندو هو. پڌڻجي خوش طبعي ۽ شعر و شاعري واري ذات سان ماڻهن جا من موهيندو رهندو هو. تنهنڪري سنڌ س مداح ۽ معتقد مالي اعانت ڪندا هئا. حاجي گل محمد شيخ [۱] انهيءَ ڏس ۾ اڳرو هوندو هو. جنهن سنڌس ڪتاب به ڇپايا. ڪتابن جي وڪري مان به ڪجهه آمدني ٿيندي هيس. ميان ثنائيءَ فقرائيءَ لڏي جو ماڻهو هو. بس خدا تي توڪل. جنهن اڄ ڏنو آهي اهو سڀاڻي به ڏيندو، تي ۽ سوڪڙ وارو انسان هو. روزانه صبح جو سنڌس عقيدتمندن مان ڪڏهن ڪو مالڪي ڪٽي ايندو هو ته ڪو ڪڪڙ ڪٽي ايندو هو ۽ ڪوري ان آڻيندو هو. ائين سنڌس توڪل جا بيٽا پار پوندا هئا (۲).

---

[۱] حاجي گل محمد ولد اميد علي شيخ ۱۹۱۸ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هو هڪ ادب دوست ۽ مخيّر شخص هو. مولانا ثنائيءَ جي مداحن ۽ معتقدن مان هو. سنڌس ڪتاب به ڇپايائين ۽ مالي اعانت به ڪندو رهندو هو. ۱۹۷۰ع ۾ وفات ڪيائين.

(۲) صدائي ڪريم ڏني ملاح سان ۱۵ - مئي ۱۹۸۷ع تي ڪيل روبرو ملاقات.

مولانا ثنائي جي هڪ منظوم خط مان جيڪو هن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي لکيو هو، سندس ذريعه معاش تي روشني پوي ٿي ۽ اها به خبر پوي ٿي ته ميان ثنائي دعا ۽ سگهو به ڪندو هو، جيڪو پڙ سندس معاش جي ذريعن مان هڪ ذريعو هو، هو خط هيءَ قطعن ۾ آهي؛

توڪل تي گذري حياتي ائين — نڊو پاراڻ جاڻ جيڪو جيئن
ڏنم هڪ الله جي نوڪري — نڪو هنر حرفت نه سوداگري
ڏنو رزق مونکي پني قدرت قفا — جئن جانور ۽ پکي کن مزا
بناڪار پالي ٿو پروردگار — سندم رزق ساري جو بار اٿي بار
عمر ۾ نه دنيا جو ڏنڊو ڪيم — نه واعظ ڪيم ۽ نه چندو ڪيم
دعا ۽ سگهو هو آئين جو اصول — اسان پي اهو ئي ڪيو هو قبول

الخ..... (۱)

مرحوم ثنائي فقط ونڊ ئي سندن ۽ پڌيون کونه ٻيٽو هوندو هو، پر پاڻ پنهنجي خير خواهن ۽ همدردن کي گهڻو ڪجهه ڏيندو هو، ۽ انهن لاءِ هميشه دعاگو رهندو هو، مثال طور پنهنجي هڪ مهربان لاءِ چوي ٿو؛

جنهين گل محمد چپايو ڪتاب
ڏئي دين جي لاءِ دنيا شتاب
سندس دين دنيا ۾ عزت وڏاءِ
سوائنڌنجي پيو ڪير آهي ٻڌاءِ

(۱) ثنائي ثناء الله ؛ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏاهن لکيل منظوم خط، قلمي بياض۔ ص ۳
(۲) ثنائي ثناء الله ؛ 'اعتقاد نامو' لاڙڪاڻو، پبلشر حاجي گل محمد شيخ، مدينه پريس، ص ۶۰

(ب) شادیون

مرحوم ثناء الله ثنائي پنهنجي منظوم خط ۾ شادين جو احوال به منظوم ڪيو آهي. ۽ ڏاڍو آهي ته ڪيئن تي شاديون ڪڙي سبب ڪرٽيون پيون. هونڪي ٿو:

جواني ۽ ۾ دلچسپ ٿيو هو نڪاح — هئو عشق اعلیٰ مگر هو مباح
مئل پٽ جائو هئو مه جبين — جو حجري مان نڪري ٿيو گوشه نشين
وتم زال هي جا نه دل تي ملي — ڪهڙا نه ڪاتهن ڪڙ ڪهن پلي
قفس ۾ ڪهڙا نون سان ڪين رهي — گنده سان هڙ ڪين هر گز رهي
تنهين بعد تين آءٌ شادي ڪئي — الله پاڪ امداد گادي ڪئي
الخ..... (۱)

(i) پهرين شادي

ميان ثنائي ۱۹۱۳ع ۾ ۱۸ - ورهن جي عمر ۾ پهرين شادي پنهنجي سوٽ ميان رب ڈني ڪوهاري وٽان ڪئي. شادي ۽ ڪان ٽن سالن بعد سندس ان گهرواري جو انتقال ٿي ويو.

(ii) ٻي شادي

۱۹۱۶ع ۾ مولانا پيرواري ڳوٺ ميان اسحاق ڪوهارو مان ٻي شادي ڪئي. پر گهريلو حالتن جي ڪشيدگي سبب ٻي گهرواري ۽ ڪي ڪجهه وقت بعد چڏي ڏنائين. پوءِ ڪافي سالن تائين اڪيلو رهيو.

---

(۱) ثنائي ثناء الله : داڪٽر بني بخش خان بلوچ ڏاهن منظوم خط، قلمي بياض، ص ۴

(iii) ٽين شادي

مرحوم ثنائيءَ ۱۹۳۰ع ۾ ٽين شادي ميان ولي محمد کوهاري وٽان ڳوٺ اسحاق کوهاري ۾ ماڻ ڪئي.

(ٽ) اولاد

شادي جي ذڪر کان علاوه مرحوم ثنائيءَ پنهنجي اولاد بابت به منظوم احوال ساڻس خط ۾ لکيو آهي:

نياڻين جي اولاد ٿي پي به پي — هئي سال ۾ هي ته ٽي ويون به ٽي
دعائون گهريم التجائون ڪيم — مداحون ڇيم ۽ ثنائون ڪيم
مسين مس ستون ٽيوهي عباد — تنهين بعد ٽيئن سال آيو حماد
۽ ٻن پوءِ نياڻيون خلقيون خدا — نريل دل پٽن کان جيئن پياسدا

(۱) الخ.....

مولانا مرحوم کي پهرين گهرواري ماڻ هڪ پٽ ۽ ٽي ڌيئر جنهن جو نالو ارشاد الله رکيائين. پهرين گهرواريءَ ماڻ ڪيس ڪو به اولاد نه ٿيو. ٽين گهرواري ماڻ ثنائيءَ کي ٽي پٽ ۽ اٺ نياڻيون پيدا ٿيا. ارشاد الله ننڍي ڄمار ۾ ئي فوت ٿي ويو. سندس هڪ نياڻي به وفات ڪري ويئي. باقي ست نياڻيون ۽ ٽي پٽ هڪ عباد الله، حماد الله ۽ سليم الله حال حيات آهن.(۲) مرحوم ثنائيءَ جي پٽن ماڻ هڪ جو تفصيلي احوال هيٺ ڏجي ٿو.

ميان عباد الله

ميان عباد الله ۱۹۵۳ع ڪاري ڳوٺ سيڌراڏو رائي ۾ تولد ٿيو.

---

(۱) ثنائي ثناءالله ؛ ڈاڪٽر بني بخش خان بلوچ ڈاهڻ منظوم خط، قلمي بياض، ص ۴

(۲) ثنائي مرحوم جي شادي ۽ اولاد بابت معلومات سندس وڏي فرزند عباد الله کان ۲۳- سيپٽمبر ۱۹۸۸ع تي ورتي.

ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد مولوي ثناء الله ثنائيءَ وٽ حاصل ڪيائين ، جو مذهبي علم جي سٿي جاڻ رکي ٿو. گوٺ جي هارن کي ديني تعليم ڏيڻ جي شغل سان وڏڙن جي مسجد کي آباد ڪيون ويٺو آهي . مسجد شريف ۾ پيش امامي جا فرائض به سرانجام ڏيندو رهي ٿو. ۽ هارائن مان سندس معاش جوڙ ريو آهي ، هن وقت سندس عمر ۳۵ سال ڪن ٽيندي ، عباد الله کي پنج پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ايجاد الله (عمر ۱۲ سال) ثناء الله (عمر ۱۰ سال) عرفان الله (عمر ۵ سال) رضوان الله (عمر ۳ سال) ۽ الله بخش (عمر ۲ سال) آهن (۱) .

ميان حماد الله

ميان حماد الله ۱۹۵۸ء ۾ جائو ، ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد کان علاوه وڏي پاءُ عباد الله وٽ حاصل ڪيائين . هن وقت هارپ جوڪم ڪندو آهي ، سندس عمر ۳۰ سال آهي ، حماد الله کي چار نيا ٽيون ۽ به پٽ هڪ مطيع الله (عمر ۱۰ سال) ۽ رحمت الله (عمر ۳ سال) آهن (۲) .

ميان سليم الله

ميان سليم الله ۱۹۶۳ء ڌاري تولد ٿيو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي وڏي پاءُ عباد الله وٽ حاصل ڪيائين . ان کانسواءِ پنج درجا سنڌي پڙهيل آهي ، واپار سندس شغل ۾ شامل آهي ، هن وقت سندس عمر ۲۵ سال ٽيندي . سليم الله کي هڪڙو پٽ عمران الله (عمر ۲ سال) آهي (۳) .

---

(۱) ميان عباد الله بن ميان ثناء الله کان ۲۳ - سپتمبر ۱۹۸۸ء تي ڪيل انٽرويو

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) ——— ايضاً ———

باب چوٿون

شخصيت جو اجمالي خاڪو

(الف) طبيعت ۽ مزاج

(ب) شخصيت ۽ لباس

(ٽ) مذهبي عقيدا

(ج) سير ۽ سفر

(د) دوست ۽ ساٿي

(ر) وفات

باب چوٿون شخصيت جو اجمالي خاڪو

(الف) طبيعت ۽ مزاج

مرحوم ثنائي پنهنجي طبيعت ۾ نه فقط منفرد ۽ نرالو هو، پر انهيءَ انفراديت ۾ سندس مزاج جا اڻيڪ رنگ سمايل هوندا هئا، جن مان ڪن جي جهلڪ هيٺ ڏجي ٿي.

ملنسار

"مولانا ثنائي هڪ انتهائي تيز فهم ۽ زيرڪ انسان هو. خوش مزاجي سندس رڳ رڳ ۾ رچيل هئي. طبيعت ۾ فقرائي رنگ پريال هوس. هرهڪ ماڻهوءَ سان قرب ۽ محبت سان پيش ايندو هو. ۽ هڪ ٽي ملاقات ۾ اجنبي کي يار بڻائي ڇڏيندو هو" (۱).

"ميان ثنائي جي طبيعت درويشانه هئي. انڪسار خوش مزاج ماڻهو آسان گهٽ ڏٺا آهن" (۲).

پرهيزگاري

مولانا ثنائي هڪ پرهيزگار ۽ متقي انسان هو. سندس نيڪيءَ جي واکاڻ هرطرف کان ٻڌڻ ۾ آچي ٿي. فقيرڪ يم ڏني ملاح صدائي پنهنجي شفيق استاد ۽ پياري دوست جي پرهيزگاري متعلق هڪ واقعو ٻڌايو ته:

"هڪ ڀيري جمع نماز کان پوءِ ڪوٽ واري مسجد شريف جي پاهرئين مولوي الله بخش جماعت سان مخاطب ٿيندي چيو

---

(۱) راوي فتح محمد ولد خاوند ڏنو آريجو ساڪن آريجا عمر ۷۷ سال ثنائي جو دوست انٽرويو ۱۷ مارچ ۱۹۸۷ء

(۲) راوي اسد الله ڪوهاري ولد تاڻو ڊيڊ ماسٽر، ساڪن آريجا مولانا ثنائي جو پائٽو انٽرويو ۱۷ مارچ ۱۹۸۷ء

تہ مان اڄ هيءَ وهڻي الله جي نالي خيرات ٿو ڪريان پر
هڪڙي اهو ماڻهو تڪبير وڃي جنهن عمر ۾ پنهنجي گهر
واري جي حقن کي نه لتاڙيو هجي، ان موقعي تي انڪل
پنجاهه سٺ ماڻهو موجود هئا پر ڪنهڪي به جرئت ڪا نه
ٿي جو اڳتي وڌي وهڻيءَ کي تڪبير وڃي. ايتري ۾
ثنائي اڳتي وڌي آيو ۽ والد صاحب کي چيائين ته بابا!
وهڻيءَ کي تڪبير مان وهندس مان اڃان الله جي
فضل سان ٻچيل آهيان. ان وقت ثنائي جي عمر ۲۵
سال هئي. اها انسان جي قوه جواني ۽ واري عمر آهي"(۱).

امتيازي طبيعت

ميان ثنائي جي انفراديءَ امتيازي طبيعت جو
هڪ ٻيو مثال تڙ جي هڪ پير مرد ۽ ميان جي دوست هن طرح بيان ڪيو ته:

"مولانا ثنائي ته ڪڏهن ڪڏهن اهڙي به
ڪيفيت طاري ٿيندي هئي جو تن تن مهينن تائين ڪڏهن
سان ڪو نه گالهائيندو هو. گهوٽ کان آڇيين ڪم ڪار سانگي
ايندو هو ته پاڻ سان سليٽ ۽ قلم آڻيندو هو. پوءِ پنهنجي
ضرورت جون شيون سليٽ تي لکي دڪاندار کي ڏيکاريندو هو.
عام ماڻهن جي سوال جو جواب به سليٽ تي لکي ڏيندو هو.
زبان بندي جي ڏينهن ۾ مسجد ۾ آذان سو چوندو هو"(۲).

(۱) راوي صدائي ڪريم ڏڪو ملاح انٽرويو ۱۵- مئي ۱۹۸۷ء (۲) راوي آريجو فتح محمد انٽرويو ۱۷ مارچ ۱۹۸۷ء

توڪل

مولانا ثناء الله ثنائي جي توڪل واري ڳالهه جي نمايان ڪرڻ لاءِ هيٺيون واقعو وڏي اهميت رکي ٿو:

"مرحوم هڪڙي ڏينهن لاڙڪاڻي کان ڳوٺ اچڻ لاءِ گاڏيءَ جي انتظار ۾ اسٽيشن تي ويٺو هو ته هڪڙو مولانا اچي ميان ثنائي سان مليا. پنهنجو شڪ دور ڪرڻ لاءِ ميان کان پڇيائون ته" مولوي ثناء الله اوهان آهيو"؟ چيو' هائو' وري پيو سوال ڪيائون" شاعري به ڪندا آهيو"؟ سائين هاڪار ڪئي. وري ٽيون سوال ڪيائون." پلاڪٿ وڏندو ڪندا آهيو"؟ وراڻيائين" ابا! ڏندڙ ڪونه ڪنداآهيان. الله ڏي پيو ڪاوان پيو" پوءِ اهي مولوي ان طنزيه انداز ۾ سوال ٻئان سوال ڪندا ويا." چا پلا سال انو"!؟ "مڪڙ وڪڙندا هوندءِ ڪڪڙين جو ڪاروبار به ڪندا آهيو چا"!؟ مولانا ثنائي وري به ساڳيو جواب ڏنن. گاڏي ليٽ هئي، تنڪري اهي مولوي به اتي ئي ويٺا رهيا. ڪجهه دير گذري ته هڪ شخص مانيءَ جا بيش ڪٽائي اچي مٽان ٻيو. ثنائي ڪيس ڏسي اتي ڪڙويو ۽ ان سان پاڪرين پڻجي ويو. اهو ڪو سيوهڙ ۾ هيبر ڪلارڪ هو ۽ ثنائي جو دوست هو. ان ٻڌايو ته" سائين! مان اسٽيشن تي

آيس تہ اوهان تي نظر پئي. وري جو خبر پئي تہ گاڏي ڏيڊ ڪلاڪ ليٽ آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيس ، جو مونکي اوهان جي خدمت جو موقعو ملي ويو. مانيءَ جو بندوبست ڪري ورتو اٿم. اوهان آڳي به منهنجي دعوت کاڌي هئي."

مولانا ثنائي مولوين ڏي منهن ڪري مرڪيو ۽ چيائين تہ" ادا! مونکي تہ خدا اجهو هيئن کارائيندو آهي. هاڻي اچوتہ گڏجي مانيءَ کاڻون. پوءِ سيني گڏجي مانيءَ کاڏي ، مانيءَ کائي سڀ کيائون تہ ثنائي مولوين کي پنهنجي هڪڙي نعتيہ شعر جون چار سٽون ٻڌايون. جيڪي هن ريت هيون : (۱).

اسانجي آڏر ، اسانجي واهر — هُتي به عربي ، هُتي به عربي
نہ کاڻ کنڌجي ڪيون ٿا هڻهر — هُتي به عربي ، هُتي به عربي
نہ پار لالچ رکي پڙهايون — نہ ليڻ ٿي نوڪري ڪمايون
غريب آهيون نبيءَ جا نوڪر — هُتي به عربي ، هُتي به عربي
الخ.....

(۲).

صبر ۽ استقامت

مرحوم ثنائيءَ جي طبيعت ۾ صبر ۽ بردباري جاگڙ

(۱) صدائي ڪريم ڏنو ملاح :: انٽرويو ۱۵ - مئي ۱۹۸۷ء
(۲) ثنائي ثناءالله :: قلمي بياض

انتم موجود هئا. چالاءِ تہ پاڻ طبعاً شريف ۽ مالي طور مسڪين هو، تنڪهن ڪري هر ڪنهن جي مٿس ڪاه ڪوندي هئي. مٽ مائٽ به ساٿ سچا نہ هئا. هي طرف مسڪين سان چورن جهڙا چائي ڏنو هو. جيڪي موقعو ٿي ڪڏهن مال جي تہ ڪڏهن اسباب جي چوري ڪري ويندا هئس. ڪنهن کي پڪاري اڪنڌ وٽ وڃي!! چڱا مڙس ۽ وڏيرا چورن جا رکوالا هئا. مرحوم پنهنجي حياتيءَ جي احوال ۾ اهي سور پٽيا آهن. لکي ٿو:

نڪومٽ مذهبجو وفادار ٿيو —	عيان پنهنجي عضون مان آزار ٿيو
لٽاگهر گنا جو هئو سون زر —	ڪُلي وياڪٽي ڪجهه ڇڏيائون نہ گهر
ملي آدمي کوويو ديندار —	سچو نيڪ نيٽ عجب هو شيار
الله لڳ انهي ڪاهه ظاهر ڪئي —	تہ هي هي اَتي چور تنهنجا سيئي
سڳن سان پڪڙ جي پيو چور پي —	ڇڏايو ڇڏن سو ڏئي زور پي
نہ ووٽ مون وٽ نڪا زر زمين —	خوشامد ڪرڻ پي اچي اصل کين
سبب جنهنجي منهنجو نہ کو دادرتو —	مگر مات مٿي ۽ جو ارشاد ٿيو
انهن جي آيس پر هجي هاڃي نور —	فقيرن ڪان ڪن هاڏ رب الصبور

الخ..... (۱)

(ب) شخصيت ۽ لباس

مولانا ثنائيءَ جي شخصيت نهايت پُر وقار هئي. مذهبي گهراڻي ۾ پرورش ٿيڻ سبب نوجواني ۾ ڪاڻ وٺي سونهاري رکيل هيس. پوري پني قد وارو مڙس هو. نڪ ڏگهو، چهري تي متانت ۽ تازگي، سادو ۽ صاف

(۱) ثنائي ثناءالله: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڏاهن منظوم مرحظ، قلمي بياض، ص ۵ ص ۶

لباس، بت ۾ سيرو ڏهو. جواني ۾ سندس آواز ڪڙڪيدار هو. ۸۳ ورهن جي
عمر ۾ به هلڻ ۾ تڪڙو ڏهو. مٿي تي ريشمي اڇي ٽوپي جنهن جي مٿان اڇو
برٽ پيل، ۽ ڏورومال بافتي جو چوڪڙي ٿئي، جيڪو ڪڏهن ٽوپي جي
مٿان ته ڪڏهن کليو تي رکيل هوندو هوس. اڇي بافتي جو پهراڻ ۾ اڇي شلوار
پائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گوڏ ۾ به گهمندو هو. ۽ ڪڏهن مٿي تي اڇو پٽڪو
به ٻڌندو هو (۱).

(ٿ) مولانا ثناءالله ثنائي جا مذهبي عقيدا

مولانا ثنائي کي ور ٿي خواه ماحول مان گهڻو ڪجهه
مليو هو. هن هڪ مذهبي گهراٽي ۾ اک کولي انڪري مذهب دوستي هن جو موروثي
ڳڻ هئو. پاڻ وڏي عمر ماڻيائين، عالمن ۽ ادبين سان مليو، سير ۽ سفر ڪيائين.
انهي ۽ مشاهدي ۽ تجربي پٺ سندس عقيدن تي اثر ڇڏيو. ان کانسواءِ پاڻ علم
۽ قلم جو صاحب هو، جنهن ڪري مطالعي جي نعمت به کيس گهڻو نوازيو.

مختصر طور ٿي ثنائي جي مذهبي عقيدن جي تصوير چٽجي
ته ائين چوڻ ئي ڪافي ٿيندو ته هو پاڻ ديندار هئو ۽ هڪ برجستي عالم جو فرزند
هئو. روحانيت جي راز ن ۽ رمزن ڄاڻڻ لاءِ ڪيس مرشد به ونڊو پيو. ان کانسواءِ
ڪيس گذاري ويل الله جي نيڪ بانهن سان به عقيدت هئي، ان ڪري ڪيترين
درگاهون به پٽيائين. پر سندس عقيدن لاءِ اهو چوڻ ڪافي ڪونه آهي. ان
لاءِ پاڻ کي انهيءَ ڏيان ۾ رکڻو پوندو ته هو انهيءَ معاشري جو فعال، حساس

(۱) عباد الله بن ثناءالله ثنائي: انٽرويو ۲۳ - سپٽمبر ۱۹۸۸ء

۽ باشعور انسان هو، جنهن جو تاڃي پيٽو هڪ ئي وقت مذهب جي ٺيڪيدارن، روحانيت جي دعويدارن، پيرن، فقيرن ۽ وڏيرن جي هڪ هٿي، اثر رسوخ ۽ حيثيت سان جوڙيو ويو هو. ايترن ۽ ايڏن ڪوٽن قيدن ۾ ٽنائي پنهنجي عقيدن اصولن ۽ نظريات جي جيڪا سگهاري صورت وٺي، ڪري ڪٽي بيهي تو اها تعريف جوڳي آهي.

هن مقالي ۾ هڪ ڪان وڌيڪ هڻڻ تي مذهب جي حوالي سان ٽنائي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ئي پاڻي ۾ سندس مذهبي تعليم تي روشني وڌي ويئي آهي. تن پاڻي ۾ وري سندس مذهبي شاعريءَ کي جوڳي جاءِ ڏني ويئي آهي. جيتوڻيڪ اهي مختلف باب ٽنائي جي مذهبي عقيدن تي پڙ ڪافي روشني وجهن ٿا، مولانا ٽنائي جي مذهبي عقيدن جو اندازو سندس مٽني ڪتابن، تصنيف ۽ مسودن جي مطالعي مان به لڳائي سگهجي ٿو. هن پنهنجي عقيدن جو پورو اظهار پنهنجي ڪتاب 'اعتقادنامو' ۾ ڪيو آهي، جنهن جو تفصيلي جائزو هن مقالي جي تن پاڻي ۾ ورتو ويو آهي. پر پوءِ به هتي سندس عقيدن جي انفرادي رنگ کي نمايان ڪرڻ لاءِ هن الڳ باب جو سهارو ورتو ويو آهي.

مولانا ٽنائي جي سموري عقيدن جو بنياد توحيد پرستيءَ جي اصول تي ٻڌل آهي، هو هڪ پڪو مسلمان هو ۽ ان جو پنهنجي ڪلام ۾ هن رٻ جو اظهار ڪري ٿو:

حاڪم تي تو حڪم هلائين گهر گهر آهيان گولي - الا
تون آن سمنڊ سخاوت وارو چور نڙي چولي - الا
تون ڏي طاقت تنهنجي آهيان هي نه ٻڌڻ ڏي ٻولي - الا (۱)

ثنائيءَ جي اها توحيد پسند ي سندس ايمان ، مطالعي ، مشاهدي ۽ تجربي جو نچوڙ هئي ، هن پنهنجي حياتيءَ جي هر موڙ تي اهو محسوس ڪيو ته مذهب ۽ روحانيت جي نالي ۾ ڪيترائي ماڻهو گويا خدائيءَ جي دعويٰ ڪندا رهن ٿا ، معاشرو جهڙوڪ لات منات جي بت سان وکوڙجي ويو آهي ، انسان انڌ الاڌ ڪي آڳ ئي سياست ۽ قيادت جي بت آڳيان جهڪو ٽي پيو ، ويتر هنن مذهبي ۽ روحاني ٽيڪيدارن پٽ ويچاري انسان کي ڪٽان جو ڪونہ ڇڏيو هو ، نتيجي طور ڪيترائي ديني ۽ روحاني مسئلا پيدا ٿي پيا ، جن جي اوٽ ولي انسان جي استحصال ڪرڻ جو اڃان به وڏيڪ ۽ مؤثر ذريعو تهت ڪيوئي ويو ، ليڪن اسلامي عقيدن ۽ اصولن جي ڪلي انحرافي ڪئي ويئي .

ثنائيءَ جي دور ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نور يا بشر ۽ عالم الغيب هئڻ يا نہ هئڻ جي بنياد تي انسان جي ديني عالمن عام سندي انسان کي بن متضاد گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو هو ، انهيءَ اختلاف جيڪا صورتحال اختيار ڪئي هئي ان جو نقش ثنائيءَ هن ريت چٽيو آهي

بشر نور ۽ عبد الله تي گوڙ
مدامي لڳل مولوين وٽ هي ڪوڙ

---

(۱) ثنائي ثناء الله ، قلمي بياض ، ٽان

وڃي ايتري قدر پيا هن پري
هي هُن کي هُوهِن کي ٿوڪا فر ڪري
ٻڌهي جي آفتوا اهاصاف صاف
هومشڪ ته هو بي ادب برخلاف
عبادت به ٻئي طرف آهن ڪندا
چون ٿا ته آهيون به حق جا بندا
پيغمبر تي به ٻئي پڙهن تا هلوا ة
شفاعت جي اميد هم پي نجات
مگر آهم لفظي تنازع تمام
چڙي هڪ ٻئي سان نه ڪن تا سلام
مسجد هم مخالف پڙهي ويو نماز
ته ڏوئيندا نڪن کي ٻڌي پاڪباز
الخ ..... (١)

جڏهن ڏيهم تي ڏارين جي حڪمراني هئي ۽ عوام کي زندگيءَ جي هر هڪ شعبي ۾ اتحاد، محبت ۽ اخوت جي ضرورت درڪار هئي. غلاميءَ جي اهڙين حالتن ۾ مذهب جي بنياد تي انسان جي تقسيم هر حالت ۾ مذهب خواه سياست جي حوالي سان عوام جي مفاد ۾ نه هئي. پوءِ به عوام انگريز کان آزادي حاصل ڪئي. پر اهي فروعي مسئلا پوءِ به سندس سوچ ۾ لوچ تي حڪمرانيءَ

(١) ثنائي ثناء الله: 'اعتقادنامو' لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد شيخ، مدينه پريس، ص ١٥ ۽ ١٦

کندارهيا. ظاهر آهي ته اهڙين حالتن ۾ ثنائي جهڙو حساس ۽ باشعور شاعر اهڙن مسئلن تي راءِ ڏيڻ کانسواءِ رهي نه پئي سگهيو. انهن فروعي مسئلن جي حوالي سان هو پنهنجي مذهبي عقيدن جي تصويرهن ريت چئي ٿو:

رسول الله آهي نور، پر نور البصر آهي
خلق جو خير خواهيءُ لاءِ اهو خير البشر آهي
بشر کان نور رکان آهي محمد جو مٿي رتبو
اولوالعزمن نبيٽ تي محمد جو اثر آهي
هٿيو جبريل واري رات ۾ جبريل نوراني
بشر ٻڌجي هليو حضرت بشر عالي قدر آهي
پڙهي ٽس پاڪ ڪلمي کي محمد آرسول الله
بشر يا نور جو آيو اتي پي کوڙ آهي!
پلي نور البصر پي چئه، پلي خير البشر پي چئه
ثنائي، امتن جي واسطي حامي حشر آهي (۱).

ثنائي کهڙن نه واضح لفظن ۾ پنهنجي عقيدي ۽ ايمان جو اظهار ڪري ويو آهي. هونئي اڪرم جي ذات گرامي کي 'نور البصر' ۽ 'خير البشر' سڏي ٿو. 'نور البصر' مان مراد آئين جو نور يا نبڪ آهي. 'خير البشر' جو مطلب سمورن انسانن کان متاهين مان وار و آهي. ۽ پاڻ ڪريم جڏ ساري مخلوق جا پرهلا ۽ خير خواه آهن. ثنائي جي

(۱) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض' تان ورتل

محبت ۾ عقيدت جو اظهار ان ست مان روز روشن ٿئي ٿو ، جنهن ۾ هو محمد ڪريم جن جو مرتبو ۽ مان نور ۽ بشر کان مٿي پڌرائي ٿو . بيشڪ اولوالعزم انبياء ۽ محبوب کان متاثر هئا . معراج واري متبرڪ رات جبريل امين به هڪ منزل تي بيهي رهيو ، جيتوڻيڪ اهو ملائڪ مقرب آهي ۽ ملائڪ نور جي پيدائش آهن . پر محبوب رب العالمين بشري جامي ۾ ويجي پنڌنجي مولا سان ملاقاتي ٿيو . جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته بشر جي عظمت نوراني مخلوق کان متاهين آهي . اڄين ستن ۾ ٿنائي جهيڙو چڪائيندي انهن ويڙهاڪ مُلن جو توجه ڪلمي پاڪ ڏانهن چڪائيندي چوي ٿو ته ڪلمي پاڪ اندر نبي مڪرم جن جي ذات اقدس کي 'رسول الله' سڏيو ويو آهي . اتي نور يا بشر جو ته ڪو ذڪر ئي ڪم ڪونه آندو ويو آهي . پوءِ باقي جهيڙو ڇا جو!؟ هو پنڌنجي عقيدي کي ڌرائيندي آخري ستن ۾ چوي ٿو ته تو هان نور چوڻ چاهيو ته 'نور البصر' چئو . بشر چوڻ وقت 'خير البشر' ڪري چاوٽو . حشر ۾ حامي ۽ شفيع المذنبين رحمت للعالمين ئي ٿيندو .

ٿنائي اهڙن مُلن ۽ مولوين کي تنبيهه ٿو ڪري ته متان نبي پاڪ ص جن کي پاڻ جهڙو بشر سمجهڻ جي بي ادبي ڪري پاڻ کي جهنم جو پارٽ بڻايو . ڇالاءِ ته محمد پاڪ ص جهڙي سيرت ، صورت ، هيئت ۽ نوراني جلوو کنهن به انسان ۾ هرگز ٿي نٿو سگهي . جيڪڏهن کو فخر انبياء کي پاڻ جهڙو بشر تصور ڪرڻ جي گستاخي ڪندو ، ته اهو رب رحمان جي گرفت کان هرگز بچي کونه سگهندو . ٿنائي رقمطراز آهي :

نہ صورت نہ سیرت نہ هیئت نہ نور
محمد مثل آهي مانڻ جو مُور
بشر پاڻ جهڙو و جو چاٽي ڪٽي
جهنم جي اندر اماٽي ڏٽي
نہ اهڙو ڪو هوندو و ٻيو بي ادب
انهيءَ کي چڏيندو نہ رحمان رب الخ.....

(۱)

ثنائيءَ جي دور ۾ نبي ڪريم ﷺ جي عالم الغيب هجڻ جو مسئلو به عالمن جي اختلاف جو باعث بڻيل هو. انهن مان هڪڙا انتها پسند عالم جذبات جي شدت وچان نبي سائين ﷺ جي علم کي خالق ڪائنات جي علم سان پيت ۾ بيهاري شرڪ جا مرتڪب ٿي رهيا هئا. مرحوم ثنائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ ان نازڪ مسئلي کي ڪهڙي نہ خوش اسلوبيءَ دانائيءَ سان حل ڪيو آهي. ملاحظہ ٿئي:

محمد مٿي ميرڪي شاه ڇئبو ـــــ خدا جو بندو آ نہ الله ڇئبو
خدا پاڪ خالقءَ مخلوق مرسل ـــــ ائين جو نہ سمجهي سو گمراهہ ڇئبو
خدا پاڪ جيان عالم الغيب کوهي ـــــ مگر علم اڻ ڏنهي کان آگاهہ ڇئبو
نبين ولين جو سرتاج سائين ـــــ پيا واهءَ ڪيس درياهہ ڇئبو (۲)
الخ.....

مولانا ثنائيءَ محمد پاڪ جي هستيءَ کي مخلوق ۾ مڃڻ ۽ کان مٿاهون يعني 'شاه' سڏي ٿو. مگر وري به نبي پاڪ، خدا جو بانهو آهي تنهنڪري سندن ذات سان الله واريون سموريون صفتون هرگز منسوب ڪو نہ ڪبيون؛

(۱) ثنائي ثناء الله: 'اعتقاد نامو' لاڙڪاڻو، مدينہ پريس، ص ۲۹
(۲) ثنائي ثناء الله جي قلمي رياض تان

چالاءِ ته خالق، اکبر جي هستي کيترين صفتن ۾ يڪتا آهي. مثلاً الله احد ۽ واحد آهي. نه کنهن مان جاءُ آهي ۽ نه ئي کنهن کي ڇڏيو اٿس. ازل کان آهي ۽ ابد تائين رهندو. هاڻي اهي صفتون مخلوق سان هرگز لڳي نٿيون سگهن. ۽ سمورا مرسل به مخلوق ۾ ئي شمار ٿين ٿا. تنهنڪري جيڪو ماڻهو ان حقيقت کان روگرداني ڪندو، سو منڪر ٿي ويندو. ثنائيءَ جو اهو ايمان آهي ته سرور ڪونين ص جي ذات اونهي علم کان آگاه هئي. مگر خداوند قدوس جيان عالم الغيب هرگز ڪونه هئا. نبي مڪرم ص جي هستي متان نبياء ۽ اولياء ۾ مبارڪ، متبرڪ ۽ متاهين آهي. علم جي لحاظ کان سندن ۽ مرتبي جو توازن قائم رکندي ثنائيءَ انبياء ۽ اولياء جي علم جي تشبيه 'واهه' سان ۽ خاتم المرسلين جي علم جو مثال 'درياهه' سان ڏنو آهي. جئن ته درياه مان ئي واهه نڪرندا آهن. تنهنڪري پاڻ ڪريم جن علم جا درياهه آهن. ۽ انبياء ۽ اولياء ڪرام جو علم درياهه مان وهندڙ واهن جهڙو آهي. ٻين لفظن ۾ ته انهن جي علم جو سرچشمو رسول عربي ص جن جي ذات گرامي ئي هئي.

ثنائيءَ جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس دور ۾ جيڪو هڪ ٻيو مسئلو علماء ڪرام جي بحث جو باعث بڻيل هو، سو وسيلو ونڊ يا نه ونڊ جو هو. هڪڙي مذهبي مڪتبه فڪر جو خيال هو ته جئن ته دنيا جي ڪاروبار ۾ انسان ري وسيلي هلي ڪونه ٿو سگهي ۽ اهو ئي ڪائنات جو نظام آهي. تنهنڪري پنهنجي حاجت روائيءَ لاءِ الله وارن جو وسيلو ونڊ ضروري آهي. چالاءِ ته اهي خدا جا نيڪ ٻانها قادر ڪي وڌيڪ قريب ۽ پيارا آهن.

تنھنڪري الله پاڪ انھن جي عرض کي ضرور اڳھائي ٿو.

بي مذھبي مڪتبہ فڪر جو خيال ھوتہ جڏھن الله علی ڪل شيءٍ قدير آھي، سميع ۽ بصير آھي ۽ انسان کي ساھ رڳ کان ب قريب آھي. انسانجي نيت جو پار کو آھي ۽ فقط اھوئي حاجت روا آھي. تہ پوءِ انسان پنھنجي حاجت روائي لاءِ ڪنھن بي وسيلي ڏانھن ڇو وڃايون. ثنائيؔ معتدل راہ اختيار ڪري ٿو. ھو چوي ٿو:

وسيلو وٽڻ گرچہ آھي روا
تہ بہ حق ٻڌي ٿو وسيلي سوا
نہ الله ٻڌھنجي کي ھر گز وسار
وسيلو بہ وٽ ري وسيلي بہ سار
فقط ڄاڻ الله کي ڪارساز
ٻيو ڪل ماڻڻ جو آھي مجاز الخ.....

(۱)

الله وارن جي صحبت پارس مثل آھي. جڏھن ڪو رھي طالب سون ٻڌجي وڃي ٿو. ڪامل مرشد حق جي متلاشي انسان کي سڃاڻ واٽ سونھائي ٿو. ثابت ٿيو تہ مرشد جو وسيلو حق جي منزل تي پھچڻ جو گويا آسان رستو آھي. الله جا ھي نيڪ ٻانھا واحد کي ويجھا ھوندا آھن. تنھنڪري انھن جي دعا جلد مقبول ٿيندي آھي پر انسان جو عقيدو ۽ ايمان متزلزل نہ ٿيڻ گھرجي. جو ھو حاجت روائي جي اصل سرچشمي کي وساري

(۱) ثنائي ثناءالله، 'اعتقاد نامو' لاڙڪاڻو، مدينہ پريس، ص ۴۱

وسيلي کي ئي سپ کجھ سمجھي ويھي. ۽ پنھنجي فائدي يا نقصان کي فقط ان ڏانھن منسوب ڪري شرڪ جو شڪار ٿي وڃي ۽ پنھنجا ٻئي جھان وڃائي ويھي. ثنائي جي چوڻ موجب ته بوقت ضرورت وسيلو به ونجي پر ان مالڪ مختيار کي وساري نه ڏيجي . اسانجو اھو ايمان ھڻڻ گھرجي ته ڪارساري ڪرڻ وارو فقط اھو ئي اڪيلو الله آھي.

جئن آءٌ ھم عرض ڪيو ويو آھي ته ثنائي ھڪ پڪو موحّد ، مومن مسلمان ھو، ان کري ھن الله پاڪ جي طاقت ۽ اختيار جو بيان پنھنجي ڪلام جي ڪيترن ئي ھنڌن تي ڪيو آھي. ھو ھڪ ھنڌ رقمطراز آھي:

خدا ري يا کو ماڙھوءَ کي ماري نه سگھندو
جي ماري ، کو انسان جيئاري نه سگھندو
مريض کي پيا ڏاڪٽر تا چڏائن
مگر کو مئل کي اڌاري نه سگھندو
اھو سڄ ۽ چند خلقيو خدا آ
ٻيو آدمي کو اياري نه سگھندو
ھدايت جو ھادي به الله آھي
ستڌارين کي شيطان کاري نه سگھندو الخ .....

(۱)

جيتوڻيڪ ثنائي جو دور کوگھٽو آ جو دور نه آھي، تاھم اھو ذري گھٽ ھڪ پوري صديءَ تي محيط آھي. ان صديءَ دوران ھن جي

(۱) ثنائي ثناء الله : ، قلمي بياض ، تان ورتل

نظر مان ڪيئي مذهب ۽ فرقا گذريا ۽ انهن مان ڪن سان نه رڳو واسطو يا واهپو پيو، بلڪ ساڻن بحث مباحثا پڙتيا. ثنائيءَ پنهنجي هڪ شعر ۾ انهن فرقن جي نه فقط نشاندهي ڪئي آهي پر انهن تي ناقدانه نظر وڌي آهي. ملاحظه ٿئي :

اچي ڏس ته مذهب ٽيا ڪيترا	مريدن لئه ماڻهن ڪيا ايترا
ڪوسني صفا صاف آسر بلند	ته ڪو جعفري جوان آ رجمند
ڪو يارن چئن جو ٿيو جان نثار	ڪو آل علي جو آ خدمت گذار
ڪو شيعو ٿيو شاه جو آ شريف	ڪو عادل عمر جو آ عنصر لطيف
ته ڪو قاديانين ڪيو محومست	ته ڪو پير پيار ولواري پرست
ڪو آهي موحد وهابي پکو	ته ڪو بدعتي ڪو شرابي پکو
ته ڪو حنفي پير پرهيزگار	ته ڪو ڪنهن نه تقليد جو خواستگار
ڪنهنجو ته الله آڪار سان	ڪيو ڪن ته قبرن تي نڙت نيان
ڪو توحيد تي ڪو ته تقليد تي	ڪو تهديد تي ڪو ته تقليد تي
ڪو تجديد ۾ ڪو ته توهين ۾	ڪو ڪافر، ڪو مشرڪ، ڪوئي دين ۾ الخ..... (۱)

سنڌ جي اڻ پڙهيل ۽ ڳوٺاڻن ماڻهن ۾ ضعيف الاعتقادي ۽ توهم پرستيءَ جا جيڪي مرض عام رهيا آهن، انهن سان همڪڙ و اهو آهي، ته جن عورتن کي اولاد ڪونه ٿيندو آهي، اهي ساده لوح ماڻهو انهن نوجوان عورتن کي پيرن فقيرن جي مزارن ۽ خانقاهن تي وٺي وڃي

(۱) ثنائي ثناءالله : 'حليما' قلمي بياض ص ۴۵

راتيون رهائيندا آهن. اتان جا مجاور کين سبز باغ ڏيکاري، پير سائين کان پٽ ونهي ڏيڻ جا آسرا ڏيئي يا جنّات جو اثر هڏائي جن کيڏڻ جي بهاني کائن گهوڪجهه حاصل کندا آهن

ٽنائيي توهم پرستيءَ ضعيف الاعتقادي جا اهڙا منظر به ڏٺا آهن ۽ سندس دل کُري آهي. هن پنهنجي هڪ شعر ۾ اهامنظر کشي هن ريت کئي آهي:

ڏسو خانقاهن تي هاڻي هلي
رتوڻ کيڻ رڻ تا مجاور ملي
ونڊ پٽ جي نيتون وڃن عورتان
انهن تي تاکهڙيون رکن تهمتان
انهن کان کيڏن جنّ اهڙي طرح
ڏئي پير توپٽ جهڙي طرح الخ ..... (۱)

سنڌ ۾ قبر پرستيا جي انهيءَ رواج کي بي عمل مرشدن پنهنجن عيبن ڍڪڻ لاءِ عام جام کيو. جنهن جي ٽنائيي پنهنجي مذهبي عقيدن جي بنياد تي مخالفت کئي آهي. هو بي عمل مرشدن کان ڏاڍو خفي هو، هن پنهنجي کلام ۾ اهڙن ڏڻ کاڻو مرشدن جو به ذکر کيو آهي، جيکي خاص طرح فصل لهڻ واري مند ۾ پنهنجي خليفن جي ذريعي سان وڃي فرمانبردار عقيدي مئل مريدن جي مٽان

(۱) ٽنائيي ٽناءالله: "رسالت نامو" قلمي بياض ص ۱۳

ڪڙڪندا آهن. پوءِ مريد ويچارا امر جابند ا پگل دل سان مرشد ءِ سندس خليفن جي خدمت ۾ لڳي ويندا آهن. ڏهن آگرين تي ڏهه ڏيئا ٻاريندا آهن. ۽ پنهنجو گهر ٻاري ڏيار ي ڪندا آهن. اهڙي مريت سڄي سال جي پوڄي مرشد جي معمائين ۾ ختم ڪري چڏيندا آهن. پوءِ وري سڄو سال بُهه باندي تي گذر. هوڏانهن مرشد موڪلائيڻ ۽ وقت جنهن جانور ڪي پسند ڪيو جي نگاه سان ڏسي مشڪ هٽ گهمائيندو تہ اهو سندس نالي تي ويندو ۽ پوءِ اهو ڏور مريدن وٽ پلجي وڏي ويجهي ڏاڍ جي صورت اختيار ڪندو. ثنائيءَ انهيءَ سڄي ماحول کي مانيءَ جو چڪر سڏيو آهي

اڇي آيا پير پيارا	—	فيض هدايت بخشڻ وارا
ڪوڙ خليفا ساڻ سچارا	—	پوني گهوڙا اُٺ قطارا
مريد مرڪن بيش پلارا	—	سال جو پورهيو ٿڪ مهمائي

هي تہ مٽائي ڪن مانيءَ مانيءَ (۱) الخ.....

ثنائيءَ پنهنجي دور جي اهڙن عابدن ۽ زاهدن کي به ڏنو آهي، جيڪي پنهنجي منهن تي گنيرتا جو پوش پهري ڏسندڙن جو ڏيل ڏکائيندا آهن. ساده لوح انسان کين وڏو ڪاني ڪرامت جو صاحب سمجهي، سندن بيحد عزت ڪندا آهن. پر اهڙن عابدن جو مثال 'اڇي پگ مَ پس اندر مٽائي آگٽيون' وارو هوندو آهي. انهي پنهنجي هستيءَ کي ٻيئت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. ۽ پنهنجي 'مان' کي ماري ڪونہ سگهندا آهن. سندن لوڏئي تي

(۱) ثنائي ثناء الله ، 'اشعار ثنائي' ، شڪارپور ، مولوي محمد عظيم ، ص ۱۲

لهندي آهي . جڏهن کنهن عقيدت مند سان سلندا آهن ته سندن دل ۽ ذهن ۾ اهو خيال جاگيرهوندو آهي ته اسانجي جُتي ۽ ڪنهنجو پير پئجي نٿو سگهي.

مولانا ثنائي اهڙن نمائشي عبادت گذارن لاءِ چوي ٿو ته

اهي دل جي گهراين سان واحد کي ويجهو ئي نه ويا آهن .

عابد زاهد هو ٽيل دوڏا	پڙهندي پڙهندي ٽڪا گوڏا
سجدا ڏيندي لٽا چوڏا	مل نه ملڻ هر لک لک لوڏا
دل سان ڪيا نه الله کي اوڏا	هٿ هر تسبيح تن تاوا ني

هي ته سڙهي کن مانهي مانهي (۱) الخ .....

ثنائي پنهنجي مذهبي عقيدن جي حوالي سان مصلح

بدران هڪ نقاد جي روپ ۾ ايري اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي ، جو هو مطلبي مُلن

تي جرح ڪندي چوي ٿو ته :

نه ڪنهن کي دين جو غم آ طمع ۽ رياء لئه جهيڙو
اهو لالچ جي لئه لوين ڪيو ماڻهن سندو ميڙو
نه ڪو توحيد جو طالب نه ڪو عاشق آ سچ جي ۽ جو
دنيا جي لئه ڏين دلبا ٻڌو هي ۽ خلق جو هيڙو
ڏنو چند و چڱن ماڻهن رهجي وئي ديگ دعوت جي
پنڊ ۽ پيٽ پالڻ لئه گلا جي نار کي گيڙو

(۱) ثنائي ثناءالله : ' اشعار ثنائي ' شڪارپور ، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب ، ص ۱۵

شيئن توحيد جو طالب تہ گھرُ الله کان وينو
رسول الله جو عاشق اصل ويندو نہ آويرو
ٻيٺ تي عيب لاتوسين پوءِ ناپاڻهنجي سِر جو
تہ گھڻ چانور ڪتان آيا ڪتان آيو پر ليڙو (۱) الخ .....

مولانا ثنائي انهن مُلن ۽ مولوين جي پيچيده مسئلن، ڪوڙين فتوائن ۽ جڙ توڙ دليلن کان پنهنجي آخري عمر ۾ تڏ ۽ تنگ تي پيو هو، تنهن ڪري کيس فقط پنهنجي عاقبت جي ڳڻتي وڃائي ويئي هئي. هن اهڙي ۽ پريشاني جي عالم ۾ پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿيندي هن ريت التجا ڪئي هئي:

هڏي هي پلارن پلن جا دليل — ٿيا قلب کارا اسان جا عليل
انهن مولوين آمبهائي چڏيو — ڏيئو دل جو روشن اُجهائي چڏيو
نہ سون هڪ مگر ڪيترائي ٻيا — هڏي گالهيون وسوسن ۾ پيا
تون آن پاڪ هادي غفور الرحيم — مڪر تو اسان ڏي محمد مقيم
اسان کي عطا ڪر نبي جي ڏگا ۽ — نہ تو ري کوتکيون نہ تو ري ڪاواه
ثنائي ڪراڙو تيو آ ضعيف — نہ ڪرامت ڪمايان نہ ڪئي آخريف
انهي ۽ کي تون پنهنجي عبادت ڪاءِ — محمد مٿي جي طرف ڏي ڳهاءِ

(۲)

---

(۱) ثنائي ثناءالله : 'قلمي بياض' تان ورتل

(۲) ثنائي ثناءالله : 'اعتقاد نامو' لاڙڪاڻو، مدينه پريس، ص ۵۹ ص ۶۰

ثنائي نه فقط مسلمان شاعر هو، پر مذهب جو ڇاڻو ۽ دانشور پڻ هو. ان کري هن جي شاعري مذهبي خلاصافي جي جهلک پڻ پيش کري ٿي. مذهب جي تعليم مطابق بندي کي ڏيڻهڙ رحمڻ ۽ سوال کرڻ جي تلقين کئي ويئي آهي.

پر اڪثر کري ايئن به ٿئي ٿو ته بنده ورب ڏانهن رجوع ٿيندي کڏهن کڏهن پنهنجي جهولي خالي محسوس کري ٿو. اهڙين حالتن ۾ کيترائي انسان مايوسي، جهڙ ۽ کفر کري ويهن تا. ليکن ثنائي جهڙو سڄاڻ مذهبي شاعر انهي، موتئي انسان آگيان هن ريت حڪمت جا موتي پيش کري ٿو:

ٿئي سوال سڀ کو اگر مستجاب	نه دنيا جو خانو ٿئي ها خراب
کوکنهن کي دعا ساڻ ماري به ها	ته کوکنهن مُلڪ کي جيئاري به ها
انهي، ۾ به اونهو سندس راز آ	لڏو اونٽ جو کنهن نه انداز آ (۱).

الخ.....

مثنوي جي متن ۾ ثنائي عليم، حڪيم جي حڪمت جوڏکر کيو آهي، اهو مالڪ مهربان هرهڪ سائل جو سڏ سڻي ٿو، مگر کنهن جو سوال مستجاب ٿئي ٿو ته کنهن جو کونه ٿو ٿئي، جنهن سائل جو سوال پر جواب نٿو ٿئي ته ان ۾ ڪا اسرار جي اونهي گالهه رکيل هوندي آهي، جيڪڏهن سمورن حاجتمندن جون حاجتون پوريون ٿين ته جيڪر دنيا جو نظام درهم برهم ٿي وڃي. کوکنهن جي موت جي دعا گهري کيس مارائي ڇڏي، ته کو مُلڪ ۾ موتائي ساه وڃڻ جو سوال کري کيس جيئرو کرائي ڇڏي. الله جي حڪمت ۾ علم جو انت لهڻ عاجز انسان جي عقل کان گهڻو متي آهي.

(۱) ثنائي ثناءالله ؛ ' اعتقاد نامو ' لاڙڪانو ، مدينه پريس ، ص ۲۵

(ج) سيرءِ سفر

ڏاهن سفر کي ڪاميابيءَ جو وسيلو سڏيو آهي. عام چوٽي آهي، 'سفر وسيلہ ظفر'. سير سفر سان انسان جو نہ فقط علم وڌي ٿو، پر دانائيءَ جا در وا ٿيندا آهن. ٽنائيءَ به سيلاني جيان وڏا سفر ڪيا. جيتوڻيڪ سندس ڪن پاڙهن گهوڙو ڪونہ ويو. پر سندس جي شهرن، وسين ۽ واهڻ کي چڱيءَ ريت گهمي ڏٺائين. ٽنائيءَ جي سفر پسندي جي اندازي لڳائڻ لاءِ هتي سندس هڪ سفر متعلق فقير ڪريم ڏني ملاح صدائيءَ[1] جي روايت بيان ڪجي ٿي، جنهن پرهو ٽنائيءَ سان همسفر هو:

"هڪ ڀيري مرحوم ٽنائيءَ جي ڳوٺ سيهڙ ايدورائيءَ کان سنڌ ري نڪتاسين. سفر ڪندا اچي ڳوٺ ڪڙي سيڙ خان[2] پهتاسون. جيڪو ميان ٽنائيءَ جي دوست صاحب ڏني ساڪاڻي جو ڳوٺ هو. ساڪاڻي ٽنائيءَ وٽ گهوڙا ايندو ويندو هو. راڳ به گائيندو هو. رات اتي رهي، خوب ڪڇهريون ڪري وري صبح جو اڳتي پنڌ پياسون. اسانجي آڳيان منزل پيچاڻ هوءِ. پيچاڻ ۾ اهارات رهياسون. پي ڏينهن اتان روانا ٿياسون ۽ دادوءَ لڳ ڳوٺ ملڪاڻي ۾ اچي ڏاهو ڪيوسين. جتي ان دور جي مشهور بزرگ ۽ عالم مولانا غلام محمد

---

[1] ڏسو ڳالهه پهريون باب چوٽون ص - ۷

[2] ڪڙيو سيڙ خان تعلقي ٽنڊو محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڪاڻي جو هڪ ڳوٺ آهي.

ملکاڻي سان ملياسين . ميان ثنائي جي اها ساڻ
پهرين ملاقات هئي . هو مولانا ملکاڻي کان ڏاڍو
متاثر ٿيو ، جنهن ڪري اتي ئي رهڻ رهي پياسين .
مولانا ملکاڻي کي به ثنائي جي صحبت ڏاڍي پسند
آئي . ميان ثنائي جو ان ملاقات کانپوءِ بزرگ
سان دوستيءَ جو رستو ٿي ويو . اتان روانا ٿي
سڌو خدا آباد واري تاريخي مسجد ڏسڻ لاءِ پهتاسين .
پوءِ رات اچي تعلقي سيوهڻ جي شهر سعيد آباد ۾
ترسياسين . صبح جو سيوهڻ جو قصد ڪري نڪتاسين ۽
اچي قلندر شهباز جي درگاه تي پهتاسين . جتي
ميان ثنائي گهڻو وقت تائين مراقبي ۾ ويهي رهيو .
پوءِ سيوهڻ جي معروف بزرگ مولوي بصرالدين [1]
سان ملاقات لاءِ وياسين . جنهن وٽ سڄي رات خوب
ڪچهريون ٿيون . پنهنجي هڪ ٻئي ڪي گهوڙي ڪجهه ڏئو
ورتو . صبح جو موڪلائي ريل تي چڙهي اڳتي روانا
ٿياسين . هاڻي اسان جي منزل پٽ شاهه هئي . اتي
پهچي زائفن جي گهر پهچ ڏسي ميان ثنائي مونکي ضعيفن

[1] رڪن الدين عرف بصرالدين صديقي ۱۸۶۵ع ۾ سيوهڻ ۾ تولد ٿيو . سندس علم ۽ بصيرت جي ڌاڪ
پري پري تائين پکڙجي ، ۱۹۳۷ع ۾ وفات ڪيائين . ڏسو : ساهوار شهريت ، سوانح عنبه ص ۳۶۶

مخاطب ٿي چيو، "ڪريم ڏنا عورت جا ولر ڏسي شاه سائين
ته مزار چڏي ويو هوندو. پوءِ ٽوري گهڙي مس
گذري ته اهڙو ڪوهر واچي ويس جو پٽڪو لاهي
ڪچي ۽ گاروڪري سيراندي ۽ ڪان ويهي پڙهڻ
شروع ڪيائين. پڙهيو به ٿي رنو به ٿي. پوءِ اچي
دروازي ڪان ويٺا سين. اتي ويهي ڪلام جوڙيائين
جيڪو هن ريت هو:

سوز سيني ۾ سمائي تو ٻڌائي جو ڪلام
نور ايماني پسائي تو ٻڌائي جو ڪلام
چا شريعت، چا طريقت، چا حقيقت ۾ چوان
معرفت تائين رسائي تو ٻڌائي جو ڪلام
آهه جنهنجي قول کان ظاهر صراط المستقيم
ذات وحدت جي وٺائي تو ٻڌائي جو ڪلام
عشق جي اسرار کان واقف ڪري تو باليقين
رمز حق واري سڃائي تو ٻڌائي جو ڪلام
بيت ناهن پر سراسر آيتون آهن اهي
جان دل ۾ لنون لڳائي تو ٻڌائي جو ڪلام
دل دنيا رو، تن تسبيح، من ڪي مٽيو ٻڻاءِ
هي سبق سڪ جو سڃائي تو ٻڌائي جو ڪلام
خوب بيداري سندا جذبا اٿن تا دل اندر
جي ٿنائي کوبه ڪائي تو ٻڌائي جو ڪلام (١).

(١) ٿنائي ثناء الله، "قلمي بياض" تان

پٽ تان پير وڪري راڻيپور لاءِ روانا ٿياسين.
دراصل راڻيپور جي پير مدد علي شاهه بنين جڏهين
ميان ٽنائيءَ کي دعوت ڏني گهرايو هو، اتي چار
ڏينهن رهي، حضرت سچل سرمست جي درگاهه
تي حاضري پرڻ لاءِ دراڙين پهتاسين. سچل
سائين جي روضي تي ۽ ميان ٽنائيءَ ڏاڍي فرحت
محسوس ڪئي، اتان روهڙي پهتاسين. جتي
بيدل [۱] ۽ بيڪس [۲] جون زيارتون ڪيون.
ائين سڄو ملڪ لتاڙي موتي ماڪ رسياسين."(۳).

مولانا ٽنائيءَ جي سير سفر ۽ بزرگن جي درگاهن تي
سلامي پرڻ جي تصديق ڪندي، ميان ٽنائيءَ جي پائٽي ڏاڏي ۽ چاچي چيو:

"مولانا ٽنائيءَ سير سفر جو شائق هو. ۽ اڪثر
سنڌ جي بزرگن جي درگاهن تي سلامي پرڻ
لاءِ ويندو رهندو هو"(۴).

معلوم ٿيو ته زيارت بزرگان ڪفارت گناهه، مصداق
مرحوم ٽنائيءَ اولياءَ الله جي درگاهن ۽ آستانن تي وڃي ويهڻ جي زنده
بزرگن جي ماڳ ۽ مڪان تي وڃي روحاني سڪون حاصل ڪندو رهندو هو.

---

[۱] ڏسو پاڻو ٻيو باب پهريون ص ۱۱۸
[۲] ڏسو پاڻو ٻيو باب پهريون ص ۱۱۹
(۳) صدائيءَ ڪريم ڏنو ملاح انٽرويو، ۱۵- مئي ۱۹۸۷ء
(۴) سڌارو اسدالله مرحوم ٽنائيءَ جو پائٽيو، انٽرويو، ۱۷ مارچ، ۱۹۸۷ء

(د) دوست ۽ ساٿي

مولانا ثناء الله ثنائيءَ جيئن ته پنهنجي دور جو هڪ نامياروعالم ۽ اديب ٿي گذريو آهي، تنهنكري هن جا پنهنجي تَرَ جي عالمن ۽ اديبن كان علاوه سڄي سنڌ جي كيترن ئي عالمن ۽ اديبن سان دوستيءَ جا گهرا ناتا ۽ فكري هم آهنگي هئي. هيٺ مرحوم ثنائيءَ جي اهڙن دوستن ۽ ساٿين جو تفصيل سان ذكر كجي ٿو.

ميان علي محمد قادري

ميان علي محمد ولد بهاء الدين جام تخلص قادري ۱۸۵۶ع ۾ لاڙكاڻي ۾ جائو. هو پنهنجي مامي فقير غلام محمد گدا [۱] جو قادري طريقي ۾ مريد هو (۲). مرشد جي طريقي قادري ۽ ميان علي محمد جي تخلص قادري سبب هي خاندان 'قادري' جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ميان جي تربيت ۽ تعليم به ميان غلام محمد گدا جي زير نگراني ٿي. شعر و شاعري كيس ورثي ۾ ملي هئي. ۱۹۱۵ع ۾ جڏهن لاڙكاڻي ۾ 'بزم مشاعره' جو بنياد پيو تہ ان جي مركزي شخصيت ميان صاحب جي ئي هئي. 'بزم مشاعره' جو صدر به اهوئي هيو (۳). اهو 'بزم مشاعره' ميان علي محمد قادري مرحوم ۽ ميان حاجي محمود خادم [۴] جي سرجوشيءَ سان تڏهن پيدا ٿيو، جڏهن سنڌ ۾ هي كنهن كي به مشاعري پيدا كرڻ

---

[۱] غلام محمد گدا پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. پارسي هندي سرائيكي ۽ سنڌي زبانن تي كيس عبور حاصل هو.

(۲) غلام مصطفىٰ بلوچ: 'فقير علي محمد قادري'، مونوگراف، سنڌ الاڄي، ۱۹۶۴ع، ص ۳

(۳) قادري، ايازحسين: 'سنڌي غزل جي اصل' مضمون، جام شورو، سنڌ الاڄي، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۳ع، ص ۲۵

[۴] تفصيل لاءِ ڏسو باب چوٿين ۾ ص ۶۹

جو خيال نہ هو. ان کري سنڌ ۾ مشاعري ۾ پاڻ ڀرڻ جي لحاظ کان شعر جي ترقيءَ واسطي پاڻ پتوڙڻ جي کري کيس مشاعري جو بابو کري کوڙجي ته وڏاءُ نہ ٿيندو (۱). ميان مرحوم اول درجي جو مهمان نواز هو. يوناني طب جو به لاثاني حڪيم هو. هو نهايت قانع ۽ محتاط انسان هو (۲).

ميان علي محمد قادريءَ جي دوستن جي حلقي ۾ ميان ثناءالله ثنائي جونالو به اچي ٿو. جيتوڻيڪ مرحوم قادري عمر جي لحاظ کان ميان ثنائيءَ کان گهڻو وڏو هو، پر نوجوان اديبن ۽ شاعرن جي وڏي همت افزائي کندو هو. ۱۹۲۱ع ۾ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ پهريون کل سنڌ سنڌي ادبي مشاعرو منعقد ٿيو ته ثنائيءَ ان جي انتظامات ۾ مرحوم قادري سان ڀاڙهن ٻلي رهيو. ان وقت ميان ثنائيءَ جي عمر ۲۶ سال هئي. انهي ڪانفرنس ۾ سنڌ سڀ شاعريءَ کي وڏي پذيرائي ملي. جڏهن ڪانفرنس جي صدر شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌ سڀ شعر جي تعريف کئي ۽ ان شعر ۾ ڀڻڪ لاءِ به چيو. ان کان علاوه ميان قادري مرحوم ۽ ميان ثنائيءَ جي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي مماثلت نظر اچي ٿي، جنهن جا مثال مناسب هنڌ تي ڏنا ويا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ميان قادري جي ڪلام جو اثر ثنائيءَ قبول ڪيو آهي. ۽ انهي جو طريقو قادري هو تنهنڪري هو هڪ ٻئي جا طريقي پائيءَ به ٿيا. ان کري سنڌ ۾ هڪ ٻئي سان دلي ۽ جذباتي لڳاءُ لازمي اسر هو (۳).

---

(۱) رام پنجواڻي پروفيسر: 'ديوان قادري' (مقدمو)، لاڙڪاڻو، قادريه پريس، ۱۹۳۹ع، ص ۴

(۲) غلام مصطفيٰ بلوچ: 'فقير علي محمد قادري'، مونوگراف، جامشورو، سنڌ الاجي، ۱۹۶۴ء ص ۱۰

(۳) صدائي ڪريم ڏنو ملاح، 'انٽرويو'، ۱۵-مئي، ۱۹۸۷ع

ميان علي محمد قادري ١٩٤٠ء ۾ وفات ڪئي (١) سندس ڪلام جونمونو هيٺ ڏجي ٿو :

چا عجب دنيا جو اڄ ڪلهه ڪار خانو ٿي ويو
چشم ٻينالاءِ عبرت جو نه مانو ٿي ويو
جنهن گلستان ۾ هو گل ٿي بلبلن جو چهچهو
هاءِ زاغن جو اهڙيءَ ۾ آشيانو ٿي ويو
گلشن عالم ۾ اڄ بادِ مخالف ٿي ڪهلي
فصل گل جو قافلو هاڻي روانو ٿي ويو
جنت الفردوس جي خواهش نه آهي قادري
ڪوءِ جانان جي ۾ منهنجو آستانو ٿي ويو (٢).

---

(١) قادري ايازحسين داڪٽر : 'سندي غزل جي اوسر' (پاڻوڀريون) سنڌ الاجي ، جامشورو ، ١٩٨٣ء ، ص ٣٥٤

(٢) علي محمد قادري : 'ديوان قادري' لاڙڪاڻو ، قادريه پرنٽنگ پريس ١٩٤٠ء ، ص ١٠٩

ميان علي محمد قادري متعلق مزيد معلومات لاءِ ڏسو :

- شوق نوازعلي داڪٽر : 'آديسي انتي ويا' ص ٨
- راشدي علي محمد پير : 'اهي ڏينهن اهي شينهن' ص
- راشدي حسام الدين پير : 'هو ڏوڪي هو ڏينهن' ص ٢٢ ص ٢٣

مولانا غلام رسول جتوئي

مولانا غلام رسول ولد بهاول خان جتوئي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ محراب پور ۾ ۱۸۷۰ع ۾ ڄائو. مولانا جاوڏا بلوچستان کان هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ مقيم ٿيا هئا. مولانا ابتدائي تعليم ڳوٺ سونو جتوئي ۾ مولانا غلام عمر جتوئي وٽ حاصل ڪئي. ۽ تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڏامراهام مولوي عبدالرحمان ڏامراهي وٽ دستار بندي ٿيو (۱).

مولانا جتوئي پنهنجي دور جو سٺو عالم ۽ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. نثر خواه نظم ۾ سندس ڪيل خدمتون سنڌي هوليءَ ۾ ديني ادب جو سرمايو آهن. خطبا، مولود، غزل، ڪافيون، قصيدا، مناجاتون، مداحون، ڏوهيڙا ۽ بيت سندس شاعريءَ جون خاص صنفون هيون. جن جا مثال ۽ حوالا هن مقالي ۾ مختلف هنڌن تي ڏنا ويا آهن. خاص طرح سندس خطبن ۽ مولودن کي ساري سنڌ ۾ مقبوليت ملي.

مولانا غلام رسول جتوئي جي گهٽگهرن ۽ گهاٽن دوستن ۾ مولانا ثنائي جونالو سرفهرست آهي. جيتوٽيڪ سندن هڪ ٻئي سان ادبي ڏي وٺ ٻه ڪهٽي رهي. گويا هڪ ٻئي لاءِ حريف جي حيثيت رکندا هئا. تاهم هنهي جي دل ۾ هڪ ٻئي لاءِ بيحد احترام هوندو هو. ثنائي مرحوم سان مولانا جتوئي جي محبت ۽ عقيدت جو ثبوت سندس هيٺين شعر جي سٽن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو:

اڄ ثنائي يار پائي شاعرن جو شاهه آ
لڏهٽي موجان مدامي عشق جو درياهه آ

(۱) غلام حسين فقير: مولوي غلام رسول جتوئي جي شعر و شاعري، مونوگراف، سنڌ الابي، ۱۹۶۵ع، ص۲

شاعريءَ ۾ هوهتي ڪل ڪان ڪشر ويو آڪري
هو شريعت ۽ طريقت ۽ حقيقت ڪان صفا آگاه آ
چا بحر هن جو وزن چا ۽ ٻڌڻ مضمون جو
چاته آ تقطيع تنهنجي، منجهه معرفت جي ماه آ
مان جتوئيءَ ٻيو به ڪوئي، ٽيون به توڙي سوَ اچن
ڪين پهچن بحر هن کي، بيشڪ چوان بادشاه آ (۱).

مولانا جتوئي ۱۹۵۰ع ۾ رحلت ڪئي. مرحوم جتوئي جي وفات تي مولانا ثنائي هيٺيون شعر جوڙيو. جنهن مان هڪ جي محبت ۽ پريم تعلق جي خبر پوي ٿي:

غلام رسول جو لاشڪ لڏي ويو
عاشق اداسي عضن ۾ گڏي ويو
بيشڪ پلو هو سو عاشق اداسي
سڏ سخن سان ورهن واسي
نرشانين شوق جون چڏي ويو
هوند و حضور ۾ سوئي ثنائي
بات برهه جي عاشق بڌائي
شاه نه چڏيندو تنهنجي تڏي ويو (۲) الخ.....

(۱) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان
(۲) غلام حسين فقير: 'مولوي غلام رسول جتوئي جي شعر و شاعري'، مونوگراف، سنڌ الاجي ص ۱۸، ۱۹۶۵ء

مولوي محمد عظيم شيدا

مولوي محمد عظيم ولد لعل بخش سولنگي ۱۸۷۰ء ڌاري گوٺ گل بهڙو [۱] ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي پاءُ فقير محمد کان حاصل ڪيائين. ان کانپوءِ ڪنڊو [۲] پير جهنڊي [۳] همايون شريف [۴] جي مدرسن ۾ پڙهيو. آخر ميان آدم جي گوٺ [۵] واري مدرسي مان مولوي محسن شاهه وٽ ۱۹۱۷ء ۾ دستار بند مولوي ٿيو. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد مولوي محمد عظيم پنڌ رهن شاگردن سان پنهنجي گوٺ ۾ درس وتدريس جو ڪم شروع ڪيائين. ان بعد ۱۲ سالن تائين وگهٽ [۶] ۾ سائيو شغل جاري رکيائين. نصير آباد [۷] منتقل ٿيڻ بعد انتي مدرسو قائم ڪيائين. مولوي شيدا جي علم جي فيض مان ڪيترائي شاگرد فيضياب ٿيا. ۽ دستار بند مولوي ٻڌجي نڪتا. ڪيترن ئي شاگردن کي علم طب جي ڄاڻ به ڏنائين. مولوي محمد عظيم بهترين شاعر هو. ۽ پنهنجو تخلص شيدا اختيار ڪندو هو. مولوي شيدا جي تصنيفات ۾ نبي پاڪ جي حيات طيبه متعلق ڪتاب سيرت مصطفيٰ سنڌي زبان جي ديني ادب ۾ اهم جاءِ واري ٿو رکي (۸).

---

[۱] گوٺ گل بهڙو تعلقي واري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي.

[۲] ڪنڊو تعلقي واري ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ مشهور گوٺ آهي.

[۳] پير جهنڊو تعلقي.

[۴] همايون شريف تعلقي ۽ ضلعي شڪارپور جو هڪ علمي مرڪز رهيو آهي.

[۵] ميان جو گوٺ

[۶] وگهٽ تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ ننڍو شهر آهي.

[۷] نصير آباد تعلقي واري ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ ڪاروباري شهر آهي.

(۸) مولوي محمد عظيم شيدا کان ۱۵- اپريل ۱۹۸۷ء تي روبرو ملاقات ۾ مٿين معلومات حاصل ٿي.

مولوي محمد عظيم شيدا جي جن اديبن ۽ عالمن سان صحبت رهي انهن مان مولانا ثناءالله ثنائي جو شمار سندس صف اول جي دوستن ۾ ٿئي ٿو. مولانا ثنائي جي باري ۾ هن روپرو ۾ ٻڌايو:

"مولانا ثنائي منهنجو پيارو دوست هو، مون وٽ گهٽو ايندو ويندو رهندو هو. مذهب تورڙي ادب جي موضوع تي خوب کپ هليون ٿيندون هيون"(۱).

مولانا ثنائي جي مولوي شيدا سان دوستي ۽ محبت جا کيترائي سبب هئا. هڪ ساڳي ضلعي جا هئا، هڪ شاعر ۽ اديب هئا، هڪ ئي ديني علم جي وڏي جاٽ هئي، هڪ ئي ذي ايندا ويندا هئا. هڪ جو مذهبي مسلڪ ۽ نظريا ساڳيا هئا. مولوي محمد عظيم شيدا ۷- سپٽمبر ۱۹۸۸ع ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

محمد کي خدا چاٽي، خدا کي مصطفىٰ چاٽي
حقيقت آ ته هڪ ٻئي کي، خدا ۽ مجتبىٰ چاٽي
اسانکي علم چا آهي جو کاهي پئون انهيءَ ڪُنَ ۾
هو بحر بي ڪران آهي، ته ذات کيڙيا چاٽي
اسان تي آهه لازم تي اطاعت ميرِ مرسل جي
سواهن گاله جي شيدا ٻيءَ گاله ۾ نه مان چاچاٽي (۲)

(۱) مولوي محمد عظيم شيدا ۱۵- اپريل ۱۹۸۷ع تي روپرو ملاقات ۾ ٻڌايو.

(۲) شيدا محمد عظيم مولوي جي قلمي بياض تان

وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو: سانهڙي، محمد ابراهيم: شاعر غير، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ ۱۹۶۹ع، ص ۲۷۶

ميان غلام سرور فقير

ميان غلام سرور ولد ميان نور محمد قادري ١٨٨٦ع ۾ لاڙڪاڻي جي هڪ مشهور محلي 'ميان جي ڳڙهي' ۾ ڄائو، ذات جو جام هو، شروع ۾ تخلص حنيف پوءِ پنهنجي خاندان جي نسبت سان پنهنجو تخلص فقير رکيائين. 'بزم مشاعره لاڙڪاڻه' جي باني مان هو. ١٩٢٥ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جيڪا پوءِ ٿري سوسائٽي، قائم ڪئي هئي، تنهنجي لاڙڪاڻي واري شاخ جو روح روان فقير هو. اهڙي طرح ١٩٢١ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جيڪا پهرين ڪل سنڌ سنڌي ادبي ڪانفرنس' ڪوٺائي ويئي هئي، فقير ان جي باني مان هو. ميان غلام سرور ١٩٢٤ع ۾ ڪربلاءِ مشهد جي زيارت کان مشرف ٿيو هو. سندس اوطاق تي مشاعري جون محفلون ٿيندیون رهنديون (١).

ميان غلام سرور فقير جي همعصر شاعرن ۽ دوستن ۾ مولانا ثنائي جونالو به اچي ٿو. چالاءِ ته ثنائي جو قادري خاندان جي علمي ادبي حلقي سان گهٽو لڳاءُ هو. تنهنڪري مرحوم ثنائي سندن مشاعرن ۽ محفلن ۾ به شرڪت ڪندو رهندو هو. ان کان علاوه ميان غلام سرور ۽ مرحوم ثنائي جو هڪ ٻئي سان دوستيءَ وارو رشتو هو. ميان ثنائي اڪثر بيشتر فقير ڏانهن پيرا ڪندو رهندو هو (٢).

نواز علي نياز ڪانسواءِ لاڙڪاڻي جي مشاعرن جو ٻيو مڪيه شاعر ميان صاحب مرحوم هو، جنهن کي گهٽي ۾ گهٽو داد ملندو هو، ۽ جيڪو

(١) ايار حسين قادري جو انٽرويو: 'سنڌي غزل جي اوسر' (ريسرچ)، ياڪوب هريون، جام شورو، سنڌ الاجي ١٩٨٣ع ص ٢٩١

(٢) صدائي ڪريم ڏنو ملاح: 'انٽرويو' ١٥-مئي ١٩٨٧ع

سچ پچ تہ غزل بہ سھڑو ۽ سٹو چوندو ھو (١) . سندس ھن بزرگ جي ھتان شاعري ۽ کي وڏي ترقي حاصل ٿي. بزم مشاعرہ، کي ھن بزرگ ۽ سندس عزيز ميان علي محمد قادري رواج ڏنو (٢) . ميان غلام سرور فقير ٢٨- نومبر ١٩٣٢ع ۾ انتقال کيو (٣) .

ميان غلام سرور فقير جي کلام جو نمونو ھن ريت آھي:

چا چوان کٹ وبٹ منھنجو گذريندو آ
شام آفت ۽ مصيبت جو سحر ٿيندو آ
آھ وزاري ۾ شب وروز بسر ٿيندو آ
تہ بہ ذرو ترس جو تو ۾ نہ اثر ٿيندو آ
رت روڙاري ٿي اکين مان ھي محبت ٿھلي

(٤)

نواز علي نياز جعفري

نواز علي ولد محمد آچر سومرو تخلص نياز ١٨٩٢ع لاڑڪاڻي ۾ ڄائو، ڇھن مھينن جو ھوجو سندس والد گذاري ويو. جنھن ڪري نياز جي پالنا ۽ پرورش سندس ماميءَ پريل ڪئي، جيڪا تہ ھيءَ خاندان اھل بيت سان محبت رکندڙ ھو، تنھنڪري پاڻ کي جعفري ڪوٺائيندو ھو. سندس والد کي گھڻو ادبي شوق ھو، ڪيس جو گھڻو رسالو ياد ھو. ديوان حافظ شيرازي ۽ ديوان بلبل، ۽

(١) حسام الدين راشدي : ، 'ھوڏوٽي ھوڏينھن' حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ ، ١٩٧٧ع ، ص ٧٩
(٢) تسو ماھنامہ نئين زندگي، ماہ سپٹمبر ، ١٩٦٧ع ص ٢٨
(٣) ايار حسين قادري جاڪاڻ : ، 'سندي غزل جي اوسر' پاڪستان ، جام شورو، سندالاجي ، ١٩٨٤ع، ص ٢٩٠
(٤) نياز محمد شيخ : ، غلام سرور قادري فقير جي شاعري ، ھونولولو گراف ، ١٩٦٥ع ، ص ٦٢
وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو : نواز علي شوق ، آدبي اتي وياڙ ص ٣٨ - نياز محمد شيخ : غلام سرور فقير جي شاعري (ھونولولو گراف)

وٽس موجود هئا. نيآز جو ڇوٽ هوته سندس شاعري ۽ طرف لاڙو ديوان بليل' کي ڏسي ٿيو (١).

نيآز گهريلو حالتن سبب مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان آڳ ١٩٠٩ع مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ماستر ٿيو (٢). ١٩١٤ع ۾ مدرسه هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ مان مئٽرڪ پاس ڪري ريونيو کاتي ۾ نوڪري ڪئي. جتان ترقي ڪري مختيارڪاريءَ جي عهدي تي پهتو. ١٨- آڪٽوبر ١٩٤٧ع ۾ رٽائر ٿيو. جنهن بعد لاڙڪاڻي ۾ حڪمت جو شغل اختيار ڪيائين (٣).

پير حسام الدين راشدي، نيآز جي شاعراڻي عظمت بابت رقمطراز آهي:

"نيآز مرحوم موڪلي پهريون شاعر ڏسڻ ۾ آيو

جيڪو نه فقط غزل ۾ نظم جو بادشاه هو. پر ڪيس

ٽيڪ سنڌي ڪافيءَ مثان به ڪمال ۽ قدرت حاصل هئي" (٤).

نواز علي نيآز لاڙڪاڻي جي ادبي حلقي جي سرواٽ منجهان هو، هو ٽنائي مرحوم جو نه فقط هم عصر پر هم عمر به هو، تنهنڪري بڌهي جي ملاقاتين ۾ بي تڪلفي سان گڏ علمي ادبي گفتن جي چاشني هوندي هئي. پئي قادر الڪلام شاعر هئا (٥).

---

(١) ڏسو: ماهوار 'نئين زندگي'، ماه آگسٽ، ١٩٦٠ع، ص ٢١

(٢) ايآز حسين قادري جا حال: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڻ ۾ هريون، ٽيسٽ، سنڌ الاجي، ١٩٨٢ع، ص ٣٠٩

(٣) ——— ايضاً ——— ص ٣١٠

(٤) حسام الدين راشدي پير: 'هو ڏوٽي هو ڏينهن'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٤٦

(٥) صدائي ڪريم ڏنو ملاح انٽرويو ١٥- مئي ١٩٨٧ع

نواز علي نيآز جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:

غلام محمد گرامي: وياسي ويندڙ، ص ١١٢ — عبدالرزاق عبدالسلام: 'ملڻا پول' ص ٥٩ — علي محمد راشدي: 'اهي ڏينهن اهي ڪيئن' — نواز علي شوق جا حال: 'آديبي اٽي ويا' ص ٥٦

سنڌ جو هڪ شيرين زبان شاعر ۱۹۵۹ع ۾ هن دنيا کان ٻي نياڻ ٿي هميشه لاءِ پنهنجي مالڪ سان وڃي مليو. وفات کان ٿورا ڏينهن اڳ هڪ غزل لکيو هئائين. جنهن مان ائين ٿو معلوم ٿئي جڏ موت کان اڳواٽ ئي سندس دل جي پڪي ءَ هوليو هجي ته هاڻي ملڪ عدم ڏي هلڻ جون تيارين ڪري ويٺو. انهي غزل جي مطلع جو سٽون هن ريت هيون:

اوچتو سڏ ٿيو نه ڪنهن کان موڪلائي ٿو وڃان
درد دنيا مان هي پنهنجي دل ۾ پائي ٿو وڃان (۱).

نياڻ جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

نيڻهن کان نادان ٻئي، پرهوءَ ڪٿي ۽ هي ءَ ڪٿي
موت جون خواهان ٻئي، پرهوءَ ڪٿي ۽ هي ءَ ڪٿي
ساهه هُن ٿي سنڀاليا، هنڪي پيڪن جي پچار
ٿي رهيون گريان ٻئي، پرهوءَ ڪٿي ۽ هي ءَ ڪٿي
زلف جي زنجير ۾ هوءَ، قيد ٿي ڪوٽن ۾ هي ءَ
ٽيون به بندي وان ٻئي، پرهوءَ ڪٿي ۽ هي ءَ ڪٿي (۲) الخ .....

حاجي محمود خادم

حاجي محمود ولد محمد بچل تونيو تخلص خادم ۱۴- جنوري ۱۸۹۵ع ۾ تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ٻُٽي ۽ ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ حاصل ڪيائين. پوءِ سنڌي ۽ انگريزي پڙهڻ لاءِ

(۱) ايازحسين قادري جاڪٽ: 'سنڌي غزل جي اوسر'، 'پاڳو پهريون' ٽيئن، حيدرآباد، سنڌ الابي، ۱۹۸۳ع، ص ۳۱۱

(۲) ڏسو: ماهوار 'اديب سنڌ'، ۱۹۴۳ع، ص ۲۵

لاڑکاڻي جي مشهور مدرسي ۾ داخلا ورتائين. پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ علمي ادبي خدمتن جي طفيل وڏي شهرت جي مقام تي پهتو. سروئر جي عهدي تان ۵۵ سالن جي عمر ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. خادم بُڌڻ ۾ آيو ته لڏي اچي لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ رهيو هو ۽ آخري دم تائين اتي سکون پذير رهيو (۱).

خادم جي کوشش سان سنڌ جي بزم مشاعرن کي ملائي ۱۹۴۶ع ۾ 'جمعيت الشعراء سنڌ' جو بنياد وڌو ويو (۲). 'جمعيت الشعرا' سان ته جڙ سنڌس ازلي انگ هو. ابتدا کان وٺي پنهنجي آخري دم تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. مرحوم خادم 'جمعيت الشعراء' جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ جنهن ذمه دارانه ۽ ديانتدارانه اعتماد سان فرائض منصبي اداکيا سي تحسين جوڳا آهن (۳).

حاجي محمود خادم ۽ ميان ثناء الله ثنائي جو پاڻ ۾ نه فقط ادبي رشتو هو، بلڪ حسن اتفاق چئجي جو هنهي جي ولادت جوسن به ساڳيو آهي. هنهي کي عمر يون به وڏيون نصيب ٿيون. خادم سان ثنائي جون ادبي رهاٽيون ٿيندي رهنديون هيون جن ۾ ادبي ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي (۴)

حاجي محمود خادم جي حياتي ۾ جو سچ ۹ جنوري ۱۹۶۰ع تي هميشه لاءِ غروب ٿي ويو. محمود خادم جون سنڌي شاعري لاءِ

---

(۱) غلام محمد گرامي مولانا: 'وياسي وينجهار' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ء، ص ۱۰۲ ص ۱۰۳

(۲) ايار حسين قادري پاڪٽر: 'سنڌي منزل جي اوسر' پاڪو ڀهريون، جام شورو

(۳) جوهر محمد علي: 'گلدسته لاڙڪاڻه حيدرآباد' 'سنڌ الاڄي'، ۱۹۸۳ء، ص ۳۲۵

(۴) صدائي ڪريم ڏنو: انٽرويو ۱۵ مئي ۱۹۸۷ء سنڌي ادبي بورڊ، جولاءِ ۱۹۷۴ء، ص ۵

خدمتون قابل, تعريف هيون. لاڙڪاڻي ۾ شايد ئي ڪوئي سندس جاءِ پوري (١).

خادم جي ڪلام جو نمونو پيش، خدمت آهي:

ٻڌايو باغ مقتل کي ته منڌڻجي رت جي هر قطري
چٽيندي تي وتي گل جٽڪ اڄ شمشير قاتل جي
پڙهان والشمس ۽ والليل تو مان روز شب تنهن
سندس زلف ۽ رخ کان پئي خبر آحق ۽ باطل جي (٢) الخ.....

فقير ڪريم ڏنو ملاح صدائي

فقير ڪريم ڏنو ولد حافظ حامد الله ملاح ١٨٩٥ء ۾ ضلعي دادو تعلقي خيرپور ناتن شاه جي ڳوٺ پيچاهو ۾ تولد ٿيو. ڪريم ڏني قرآن ڪريم ۽ فارسيءَ جي تعليم ڳوٺ سلطان چانڊيو تعلقي خيرپور ناتن شاه ۾ مولوي عبدالرحمان راهو جي وٽ مڪمل ڪئي. ١٩٢٣ء ۾ ڪيس شاعريءَ جو شوق جاڳيو. ١٩٢٤ء ۾ ميان ثناءالله ثنائيءَ جي هاڪ ٻڌي ساٿس ڳوٺ ملڙ آيو. ۽ پهرين ملاقات ۾ ئي سندس شيدائي ٻڌجي ويو. پوءِ مسلسل ٢٥ سال ثنائيءَ جي صحبت ۾ رهيو. گڏ سير سفر ڪيائون. فقير صدائيءَ جا ميان ثنائيءَ سان دوستيءَ ۾ ريدي ۽ شاگرديءَ جا تة طرفا ناتا هئا. شاعريءَ ۾ به سندس

---

(١) ايازحسين قادري واڪو: "سندي غزل جي اوسر" ڳوهيون، شيڊ، جام شورو، سنڌ الاڄي ١٩٨٣ء، ص ٢٢٦، ص ٣٢٢

(٢) ڏسو ماهوار، اديب سنڌ، آگسٽ ١٩٤١ء ص ٢٨

حاجي محمود خادم جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:

علي محمد راشدي پير: اهي ڏينهن اهي شينهن، — نواز علي شوق واڪو: آديسي ايتي ويا ماهوار اديب سنڌ، مارچ ١٩٤٢ء — ماهوار اديب سنڌ، نومبر ١٩٤٢ء — ماهوار نئين زندگي اپريل ١٩٦٠ء

مهراڻ جا ماڻڪ 'سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ٢٢.

استاد ثنائي ئي هو. ڏک ۽ سک ۾ هر وقت ۽ هر ڪيفيت ۾ صدائي ، ثنائيءَ سان ٻڌ هوندو هو. صدائي جو حافظو تمام تيز آهي ، هن وقت به ڪيس مرحوم ثنائي جو تمام گهڻو ڪلام ياد آهي . ۽ ثنائي جي قلمي بياض جو وڏو حصو ڀي موجود آهي (١) .

ميان ثنائي جي متعلق هن وقت وڌ ۾ وڌ معلومات رکڻ وارو شخص فقير ڪريم ڏنو ملاح صدائي ئي آهي . صدائي جو شعر تمام پختو آهي ، هن وقت سندس عمر ٩٥ سال آهي .

صدائي جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

دنيا ۾ درد ڪيا ديرا ، ڪڏهن ڪهڙا ، ڪڏهن ڪهڙا
قرن تا چرخ جا قيرا ، ڪڏهن ڪهڙا ، ڪڏهن ڪهڙا
رليا ذوق ڪئي ماندي ، عمر جڏهن عشق ۾ آندي
غمن جا تيا مٿس گهيرا ، ڪڏهن ڪهڙا ، ڪڏهن ڪهڙا
مثل منصور جي ڪيئي سياڪا سر تيا ڏيئي
تين ڀهڻ اڳيان ٻيرا ، ڪڏهن ڪهڙا ، ڪڏهن ڪهڙا (٢) الخ . . . . .

عبدالڪريم گدائي

عبدالڪريم ولد بجار خان لاشاري ١٩٠١ع

تعلقي ٽل ضلعي جيڪب آباد جي گوٺ ڪريم آباد ۾ جائو . ابتدائي تعليم ٽل ۾

---

(١) صدائي ڪريم ڏني ملاح سان ١٥-مئي ١٩٨٧ع تي روبرو گفتگو

(٢) صدائي ڪريم ڏنو ملاح : ' قلمي بياض '

حاصل كيائين ۽ كجھ وقت سكريم ۾ پڑھيو. هن ١٩٢٢ع ۾ شاعري شروع كئي ۽ جلد ئي ملڪ جي هڪ شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ١٩١٩ع ۾ تحريڪ خلافت ۾ حصو ورتائين. ان کانپوءِ ١٩٢٧ع ۾ ڪانگريس جو سرگرم ميمبر بيٽو. ١٩٥٢ع ۾ سنڌ هاري پارٽي، ۽ نيشنل عوامي پارٽي جو ميمبر ۽ سيڪريٽري مقرر ٿيو (١).

اهڙي ريت عبدالڪريم گدائي ادبي توڙي سياسي ميدان ۾ سٺو نالو ڪڍيو. هن جمعيت الشعراء سنڌ طرفان ڪيترائي ادبي ڪانفرنسن ۾ پڻ شرڪت ڪئي. سندس شعر محفل جي جان سمجهيو ويندو هو.

ميان ٽنائي سان گدائي جو ادبي ناتو هو. ٽنائي پنهنجي ڪلام ۾ جتي به پنهنجي دوستن ۽ گهٽگهرن جو ذڪر ڪيو آهي، اتي گدائي جو نالو ضرور آيو آهي. ٽنائي جو اهڙو شعر ملاحظه ٿئي:

سين شاعرن کان پٽائي ويلو آ
نشر نفس تي ڏس ڪينون جڏهن ڪلو آ
صدائي ٽنائي جي پارٽون پوي لوڙ
سٽو يار پنهنجو گدائي گلو آ (٢)

گدائي جي شاعري هڪ باشعور ۽ بامقصد شاعر جي عڪاسي ڪري ٿي. هو انسان جي اندر جي پيڙا کي محسوس ڪري ٿو، ۽ ان جو اظهار چونڊ لفظن ۾ پنهنجي شاعري ۾ پيش ڪري ٿو.

---

(١) محمد مراد کلهوڙو: "عبدالڪريم گدائي جي شاعري" (مونوگراف)، جامشورو، سنڌ الجي ١٩٦٣ع ص ١

(٢) ٽنائي "ثناءالله": "قلمي بياض"، تان

گدائي جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو: جنب گذاريم جن سين - آديسي اينڊ ويا سماهي "مهراڻ" (شاعر نمبر)

اگر بخت بگڑيو سنواري ڇڏيو سين
سڀو وقت ڪنڊي گذاري ڇڏيو سين
سمايو ڇڏهن درد انسان دل ۾
غم عشق جانان وساري ڇڏيو سين
وڏهي تيز طوفان ۾ موجن سان همدم
وڃي ٻيڙو ڪناري ڇڏيو سين
سفر زندگيءَ جو ڪٺن آ گدائي
بهر طور گذاريو گذاري ڇڏيو سين
(١)

حاجي علي بخش جمالي

حاجي علي بخش ولد ڪريم بخش جمالي

١٢- اپريل ١٩١٢ع تي ڳوٺ بچل مهيسر تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. قرآن حڪيم جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. هن پنهنجي ادبي زندگيءَ جو آغاز ١٩٣٧ع ۾ ڪيو. جنهن جا محرڪ مولانا ثناء الله ثنائي مولوي غلام رسول جتوئي محراب پوري ۽ مولوي عبد الله اثر[٢] هئا. حاجي علي بخش جمالي جو شمار ثنائي جي مداحن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعريءَ ڏانهن رغبت ثنائي جي ادبي ڪچهرين جي نتيجي ۾ ٿي. سندن تمام گهڻو وقت ثنائين رهاڻين رهيون، مولوي عبد الله اثر ۽ مولوي غلام رسول جتوئي انهن ادبي رهاڻين ۾ موجود هوندا هئا. وڏي ادبي ڏي وٺ ٿيندي هئي. في البديه شعر ٿي هوڏ هلندي هئي. ميان ثنائي سڀني ۾ سرسي هوندو هو (٣).

---

(١) ماڻهو غلام نبي ستدايو، سفر زندگيءَ جو، جيڪب آباد، گدائي فائونڊيشن، ١٩٨٥ع، ص ٤٣
[٢] تسو پڇو پهريون باب چوٿون ص ٤٦
(٣) حاجي علي بخش جمالي سان ١٣- مئي ١٩٨٨ع تي ڪيل انٽرويو

حاجي علي بخش جمالي هونئن ته شاعري ۽ جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر نعت، منقبت ۽ لکڻ ۾ ڪيس ملکو حاصل آهي. سندس نعتن جو مجموعو "سرور عالم" پريس ۾ آهي. حاجي علي بخش جمالي لاڙڪاڻي جي ادبي محفلن جو مور آهي. هو هن وقت "بزم اثر" جو صدر آهي. سندس ڪلام سنڌي زبان جي اهم رسالن ۾ شايع ٿيندو رهندو آهي(١). هن وقت حاجي علي بخش جي عمر ٧٧ سال آهي.

سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

رسول اڪرم، حبيب انور — سلام تو تي سلام تو تي
خدا جا دلبر، اسان جا رهبر - سلام تو تي سلام تو تي
نفاق، نفرت، فساد، فتني سنديون تو پاتون پيتون پيار
امين، آقا، سچا رسول - سلام تو تي سلام تو تي
بشير تون آن، نذير تون آن، خدا آ حاڪم سفير تون آن
حضور، هادي، غريب پرور - سلام تو تي سلام تو تي
شفيق، ڪامل، ڪريم تون آن، رئوف تون آن رحيم تون آن
ولهين جي واهر، اڻين جي آدر - سلام تو تي سلام تو تي
دعا جا ڪالي گهري ٿو تو ڪان، اگهاڙ آقا، گهراڙ جلدي
چماڙ چائٽ چپن سان ٻيهر - سلام تو تي سلام تو تي (٢)

(١) حاجي علي بخش جمالي کان ١٣- مئي ١٩٨٨ع تي ورتل انٽرويو
(٢) همالي علي بخش حاجي: "قلمي بياض" تان

عبد الفتاح عبد عاقلي

عبد الفتاح ولد مولوي محمد عاقل سومرو ۱۹۰۷ع ۾
لاڑڪاڻي لک گوٺ عاقل ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم اڃي ئي گوٺ ۾ حاصل ڪيائين،
جڏهن ڪان پوءِ مدرسه هاءِ اسڪول لاڑڪاڻي مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. عربي ۽
فارسي جي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان ورتائين. جئن ته شعر و شاعري
ڪيس ورثي ۾ ملي هئي. تنهنڪري عبد الفتاح جڏهن شاعري شروع ڪئي تڏهن
وقت لاڑڪاڻي ۾ 'بزم مشاعره' طرفان شاندار ادبي گڏجاڻيون ٿيندڙ هيون.
هو 'بزم مشاعره لاڑڪاڻه'، 'سنڌ ستدار سوسائٽي' ۽ 'جمعيت الشعراء سنڌ' جو سرگرم
ميمبر هو.

عبد جي شعر پڙهڻ جو انداز منفرد هوندو هو.
جنهنڪري سڀني محفل ۾ ڇائنجي ويندو هو. هو هڪ عيار شخصيت جو مالڪ هو.
۱۹۷۳ع ۾ طويل بيماري کانپوءِ وفات ڪيائين (۱)

عبد عاقلي جو مولانا ثنائي سان دوستيءَ جو گهرو رشتو
هو. ٻنهي جي وچ ۾ ڪيترين ئي ادبي ڪچهرين ۾ ادبي موضوعن تي ڏيوٽ
ٿي. عبد عاقلي، مولانا ثنائي جي في البديهه ڪلام کان بيحد متاثر هو. عبد جي
شعر پڙهڻ جي انداز جي خود ثنائي مرحوم به تعريف ڪندو هو (۲)

عبد عاقلي جي ڪلام جا نمونا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

---

(۱) عبد عاقلي جي ننڍي ڀاءُ حامد الله سومرو (رٽائرڊ هيڊ ماسٽر) کان ۱۴- آڪٽوبر ۱۹۸۶ع تي انٽرويو

(۲) صدائي ڪريم ڏنو ملاح انٽرويو

تو چالڏو آنا نہ ٿو مون چانيا نہ ٿو
محمود غزنوي چا ڏنو هو ايا نہ ٿو
الفت اهائي آهي ، اهو عشق تا چون
آغاز جنهنجو راز ٿو ، انجام راز ٿو
هو انتهاءِ حسن نہ مان انتهاءِ شوق
کافي آ ربط بنده و بيده نواز ٿو (۱)

نہ تنهنجي رندن کي جام ڪوثر ڪپي نہ جام شراب خالص
سرور خاطر تنين جيا کافي آ تنهنجي اوبر جو آب خالص
اگر محبت گناه سمجهين تو واعظا تون نہ بس ٻڌي ڇڏ
گناه اهڙو اسا جهي مذهب ٿو آهي زاهد ثواب خالص (۲)

---

(۱) ڏسو ماهوار 'اديب سنڌ' ماه آڪٽوبر ۱۹۴۳ء ، ص ۱۱ ص ۱۲
(۲) ——— ايضاً ——— ماه جون ۱۹۴۲ء ص ۱۲

مولوي عبد الله اثر

عبد الله ولد الهڏنو چانڊيو تخلص اثر ۱۴- جولاءِ ۱۹۲۰ع تي تعلقي لاڑڪاڻي جي ڳوٺ پيڙو چانڊيو ۾ ڄائو. قرآن حڪيم پنهنجي والد مرحوم وٽ پڙهيو، فارسيءَ عربي جي تعليم مولوي محمد اسماعيل قريشيءَ مولوي غلام رسول عباسي وٽ حاصل ڪيائين. نندي وهيءَ ۾ ئي وڏو ذهين شاگرد هو. ۱۹۳۶ع ۾ مسلم اسڪولن ۾ ماسٽر ٿيو. ۱۹۴۸ع ۾ ٽريننگ پوري ڪيائين. علامه داؤدپوٽي سندس خطابت جي لياقت کان متاثر ٿي پهريان ڪيس ٽريننگ اسڪول ۾ استادءَ پوءِ ايا-ڊي-آءِ-ايس مقرر ڪيو. مولوي محمد عاقل سندس مضمونءَ شعرجون خوبيون ڏسي وڏي همت افزائي ڪئي. ۽ ڪيس پنهنجي شاگرديءَ جو شرف بخشيو. منڊ ۾ تخلص آخر اختيار ڪيائين. بعد ۾ ميان علي محمد قادري جي چوڻ تي اثر تخلص طور استعمال ڪرڻ لڳو. اثر پنهنجي دور جو قادرالڪلام شاعر هو(۱).

ذهين، ذهين کي ڳولهي لهندو آهي. عبد الله اثر به ذهين هو، جنهن مولانا ثناء الله ثنائيءَ، مولانا غلام رسول جتوئيءَ حاجي علي بخش جمالي جهڙن ذهين ڳولهي لڌا. ۽ پوءِ اهي چار ئي ذهين يار هڪ ٻئي ادبي رهاڻون ڏيون. مرحوم اثر، ثنائيءَ جي ڪلام کان بيحد متاثر هو. اهوئي سبب آهي جو هنهي جي ڪلام ۾ مماثلت جا رنگ ملن ٿا. دلي وابستگيءَ جو بيمثال ثبوت اهو به آهي جو هنهي جي وفات ساڳئي سال ۾ ٿي.

---

(۱) ناظم نظام الدين بن عبد الله اثر سان ۸- جولاءِ ۱۹۸۸ع ٿي ڪيل انٽرويو

مرحوم اثر کي ماده تاريخ حيدرآباد ۾ وڏي مهارت حاصل هئي. عربي جي مشهور قصيدن 'البرده' ۽ 'بانت سعاد' [۲۶] جا سنڌي نظم ۾ ترجما ڪيا اٿس. ۲۶ - ڊسمبر ۱۹۷۶ع تي وفات ڪيائين (۳).

مرحوم اثر جي ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

نه حور جي آ طلب، منهنجي خوبرو جي عوض
بهشت کين ڪپي، مونکي ان جي ڪوءِ جي عوض
تي اضطراب سندم کان ڏکي چراغ جي وٽ
ڪندو نه قبر منوّر هي شمع ۽ روءِ جي عوض
نشاني يار جي ڪا قبر منهنجي تي رکجو
گلن جي ور کا نه گهر جي ٽي خاڪ کوجي عوض (۴)

آخوند عبدالرؤف

مولانا ثنائي جي دوستن ۾ هڪ نالو آخوند عبدالرؤف جو آهي ٿو، جيڪو هڪ لحاظ کان سندس پاڙيسري به هو. آخوند تعلقي ڏوڪري جي گوٺ دولت ڪوڪر جو هو. مولانا ثنائي سان سندس دوستي ۽ جي چاڻ مولانا جي هڪ منظوم خط مان ٿئي ٿي. ثنائي ر قمطراز آهي:

خدمت ۾ جناب فيض مآب — دُرّ داشور يا گوهر نايابِ
دوست دلخواه آهه عبدالرؤف — سچو صادق بهر طرح موصوف
الخ. ۱۱۰. (۵)

---

[۱] ڏسو پڳو ۽ باب ۽ ص ۱۵۷
[۲] ڏسو پڳو باب ص
(۳) ناظم ابن اثر: انٽرويو ۸ جولاءِ ۱۹۸۸ع
(۴) ماهوار: ادبي سنڌ، ماه آگسٽ ۱۹۴۲ع، ص ڪ
(۵) ثنائي ثناءالله قلمي ڪتاب تان درتل
مولوي اثر جي مزيد احوال لاءِ ڏسو: ايوب انصاري: ماڻڪ موتي لعل — سماڻي مهراڻ شاعر نمبر

(خ) وفات

مولانا ثناء الله ثنائي ۹- محرم الحرام ۱۳۹۷ھ مطابق ۳۱- ڊسمبر ۱۹۷۶ع جمعي ڏينهن هن فاني جهان مان دار البقاڏانهن راهي ٿيو. ۽ وڃي پنهنجي مالڪ سان مليو. سندس مزار گوٺ جي مسجد شريف جي ٻاهران پنهنجي والد مرحوم مولوي الله بخش جي پيرانديءَ ۾ آهي (۱).

انا لله وانا اليه راجعون.

قطعات تاريخ وفات

هتي آيل هتان آخر لڏيندو ڪنهن به حالت ۾
ڇڏيندو موت ڪنهن کي ڪيترو مهلت جي مدت ۾
حياتيءَ جو نڪر ٿيو ترڪٽو ۽ ٽاڪڙو آهي
ڀهي پورائي ٿو موت آگيان پل ۽ ساعت ۾
هجي کوپيو پيغمبر هجي کو شاه عالي جاه
آهي پو موت جي ور چڙهڻو آهي ڪنهن به صورت ۾
ثنائي عالم و فاضل، هو درويش دل صوفي
وڏو رتبو رکيائين ٿي فضيلت ۾ شهرت ۾
لکيائين نظم نثر ۾ ٿي نثر ۾ نادر نوان نسخا
ظرافت ۽ سلاست ۾، فصاحت ۽ بلاغت ۾

(۱) عباد الله ولد ثناء الله ثنائي سان ۳-آگسٽ ۱۹۸۸ع ٿي گوٺ سيهڙاڻ وارائي عرف الله بخش ڪوهار سان ملاقات

سٹي سرڪار جي سڌ ڪي روانو ٿي ويو هڪدم
اسانجو ٿي ويو نقصان ڏاڍو هن جي رحلت تي
محرم ماه جي نائين ڇڏيائين دار دنيا جو
وڃي حضرت حسينؑ سان ٿيو شامل شهادت ۾
اي آصف نازِ علماء جو ثناءالله ثنائي جو ۱۳۹۷ھ
ائين هاتف ٻڌايو سال هجري پهرين فرصت ۾ (۱)

از - احمد خان آصف مصراڻي [۲]

مون پچيو رضوان کان آهي ثنا گر کوهتي ،
هن چيو هائو ثنائي جنت الفردوس آ'
۱۳۹۷ھ

علم وادب جي آسمان تي چاثنائي جو مقام
شاد چيو شام و سحر يا قزح ۽ جڙ قوس آ
شاد

(۱) آصف احمد خان مصراڻي منهنجو عرض اگهائيندي مرحوم ثنائي جي وفات تي قطعه تاريخ لکي موڪلڻ جي مهرباني فرمائي .
[۲] تدسو ضميمو ۱ ص ۵۸۳

پاگو پیو

مولانا ثناء الله ثنائي بحيثيت شاعر

پاڳو ٻيو

لوڪ شاعري

تعارف

لوڪ شاعري ۽ کان عروضي شاعري ۽ تائين سنڌي شاعري
هڪ ڊگهو سفر طي ۽ ڪيو آهي. جنهن کي اسين ٽن منزلن ۾ ورهائي سگهون ٿا.
پهرين منزل لوڪ شاعري ۽ جي آهي، جنهن ۾ تمام گهٽيون صنفون اچي وڃن
ٿيون. اهڙين صنفن ۾ بيت، ڪافي ۽ مولود اهم جاءِ والارين ٿيون. ٻي منزل تي
عروضي ۽ لوڪ شاعري ۽ ۾ مدح، مناجات ۽ ٽيهه ڪڙيون هن منزل جون اهم صنفون
آهن. انهن صنفن کي ٻنهي طريقن سان ليکيو ويو. ٽين منزل عروضي شاعري ۽ جي
آهي. جنهن ۾ پڻ ڪيتريون ئي صنفون اچي وڃن ٿيون. تاهم غزل، نظم ۽ مثنوي
اهم آهن. ڪن عالمن کي مطابق علم عروض جي سڃاڻ ۾ لکيا آهن.

هاڻي جڏهن ڪو شاعر مذڪوره سموريون منزلون تي قادرالڪلام
نظر اچي ته اهو سندس شاعراڻي عظمت جو دليل ليکيو ويندو. مرحوم ٽنائي اهڙن ئي
شاعرن منجهان آهي. هن مٿين سموريون صنفن تي ڀرپور طبع آزمائي ڪئي آهي.

هتي مولانا ٽنائي جي شعر جي هر هڪ صنف جو جائزو وٺڻ
کان اڳ ان صنف جي چند چاڙ، فني لوازمات، ابتدا ۽ ارتقا جو مختصر خاڪو پيش
ڪيو ويو آهي. پوءِ ان صنف جي حوالي سان ٽنائي جي شاعراڻي خدمت جو خاڪو
چٽيو ويو آهي ۽ ان سان انتخاب ڏنو ويو آهي.

باب پهريون

(الف) بيت

بيت، جمع "بيوت" ۽ "ابيات" } ڏسو آهي

(i) لفظ جي چند چاڻ

'بيت' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنا 'گهر' آهي (۱). اصطلاحي معنا مطابق اهو شعر جيڪو ٻن ستن تي مشتمل هجي، تنهنکي 'بيت' چئبو آهي. 'بيت' جو جمع 'ابيات' آهي (۲).

عربي شاعري پهراڙيءَ جي خانه بدوش سانگي عربن جي نج ٻولي فطري ماحول ۽ قبائلي جذبات جي آغوش ۾ جائي ٻڌي. انهيءَ ڪري عربي شعر جا فني ۽ عروضي اصطلاح پڻ بدوي عرب جي گهر جي ساخت ۽ سٽاءَ تان ورتا ويا. ٻنهيءَ مثل اهو گهر جانورن جي وارن مان ٺهيل ڪپڙن کان سان اڌيل هو، گهر جو نالو 'بيت' هو، انهيءَ گهر جو ڊرُ ٻن مصراعن يعني ٻن تاڪن (مصرع = هڪ تاڪ) وارو هو (۳). جمع بيوت.

(ii) بيت ۾ دوهو يا دوهيڙو

'دوهو' جو پوءِ 'دوهيڙو' ٿيو، سو هندي ۽ يا اٽڪل هندوستان جي ٻولي 'برج' مان آيو. دوهو يعني ٻن سٽن وارو شعر. 'دوهي' جو نعم البدل 'مثنوي' آهي. 'دوهي' جو بنياد چند ودياتي هوندو آهي (۴) سندي دوهيڙي جا ڪيترائي قسم آهن. جن ۾ عام دوهيڙو، هنر، پرولي، ڳجهارت،

---

(۱) جلباڻي غلام حسين پروفيسر 'عربي سندي ڊڪشنري' جام شورو، سنڌ الاڄي ۱۹۸۸ء ص ۹۰

(۲) بلوچ بني بخش ڊاڪٽر 'بيت' حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء، ص ۱

(۳) بلوچ بني بخش خان ڊاڪٽر: 'بيت' حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء ص ۱

(۴) جوٽيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: 'سندي ڪبت ڪلهوڙن جي دور ۾' مونوگراف، جام شورو، سنڌ الاڄي ۱۹۶۲ء، ص ۲

ڏور، سيڪار ۽ ڏهس اڇي وڃن ٿا (۱). هندي شاعريءَ جي دوهي ۾ به ٻه ستون ٽين ٽيون. مگر 'بيت' ۽ 'دوهي' ۾ جو تفاوت آهي، اهو هي آهي ته فارسي يا عربي بيت علم عروض جي پابنديءَ هيٺ ٿئي ٿو، ۽ دوهو چندو ديا سان تعلق رکي ٿو. جڏ ته سنڌي بيت هندي دوهي سان گهڻو قريب آهي، ان کري ٻئي ٽئي ته ايئن گهربو هوته ان کي 'دوهي' جو نالو ڏنو وڃي ها (۲).

(iii) سنڌي بيت جي ابتدا ۽ ارتقا

سنڌي زبان جي ابتدائي شاعري جي تاريخ تي نظر وڌڻ سان اهو ته معلوم ٿئي ٿو ته اهو قديم زماني کان جوڙيو پئي ويو آهي. تاهم انهن اڻڄاڻ مان عالم توڙي محقق اڃان تائين کنهن حتمي فيصلي تي کونه پهچي سگهيا آهن ته ابتدائي سنڌي شعر کڏهن ۽ کٿان شروع ٿيو. البته هن سلسلي ۾ هڪ اڌرو ٻن سٽن وارو شعر جنهن کي بيت جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو، بهت جو موضوع رهيو آهي ۽ جيکو اڄ سمجهه ۾ نٿو اچي. پر تذڪرن ۾ ان کي اهميت ڏنل آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ' ۾ رقمطراز آهي:

"امام ابو حاتم محمد جي ڪتاب 'روضة العقلاء ونزهة الفضلاء' ۾ آيو آهي ته ڪوسنڌ جو ماڻهو بغداد ۾ يحيىٰ بن خالد برمڪيءَ جي روبرو ويو ۽ هن هڪ سنڌي شعر پڙهيو.

اڙ اصر ڪرا، ڪي ڪر مندر

---

(۱) موسوي عبدالحسين شاه: سگنل (سنڌي ڏهيڙا) پڪو پهريون، سکر، برادري پرنٽنگ پريس، ۱۹۵۳ء، ص ۳۱

(۲) سومرو عبدالغفور: 'سنڌي غزل جي ارتقا'، موهن گراف، سنڌالاجي، ۱۹۶۶ء، ص ۱

'مجمل التواريخ' ۾ بيت جي پڙهڻي مختلف آهي ۽ يحييٰ جي بدران سندس پٽ فضل (وفات ۱۱۸۰ھ) جونالو آهي. شعر هن ريت آيل آهي.

اڙه برڙه کنکر ڙ، کراکري مندر ڙ

بيت جو ترجمو جيکو ان موقعي تي پيش ڪيو ويو سو هي هو، "بڌ ڏاڙا وت نيکن جو بيان ٿئي ٿو تہ ان وقت تڏهنجو ئي نالو ورتو ويندو آهي"!

ائين ٿو پائجي تہ عربي تذڪرن ۾ هن شعر جي صورت بگڙجي ويئي آهي. مون کيتري وقت کان شعر تي غور پئي ڪيو آهي. منهنجي طالبانہ تحقيق موجب شاعر جو نالو مندرو هو يا هو ذات جو سندرو هو. هن خود ٺنائي ۾ ڪي ستون جوڙهيو هوندو. يا کنهن مندري حاڪم يا رئيس جي تعريف ۾ هي شعر هن وقت آڻي تيار ڪيو هوندو. بغداد وڃڻ کان پوءِ اتي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اهو ئي شعر ڪٽي چيو هجيس. 'مجمل التواريخ' واري پڙهڻي ۽ ڪي مون سنڌي ۽ ۾ هن ريت پڙهيو آهي

اهڙا ابڙا کو (نہ) ڪري، ڪ ڪري مندرو.

يعني اهڙي مهرباني کوبه ڪري نه سگهند و جهڙي
منڊ روڪري ٿو (١).

سيڪان آ گاڻو سنڌي بيت جيڪو لکت ۾ ملي ٿو ۽
سمجهه ۾ اچي ٿو، سو چوڏهين صدي عيسوي جي آخر ۾ شيخ حماد جمالي
جو آهي. جيڪو سنڌ ۾ پيو تکو آهي.

جوڙو مت اوڙو، جام تماچي آءُ
سا جهي ساجهه پئي، توسين ٿو راءُ (٢).

شيخ حماد ولد شيخ رشيدالدين جمالي سمن جي شهر سامويٺ ۾ رهندو
هو. سندس ولادت ۽ وفات جا سال کوڙ تاملن. هو پنهنجي دور جو پهتل ڄاڻو
هو. جام تماچي سندس معتقد نڀاڻ هو. شيخ حماد جو مقبرو هڪلي ڏکري ۽ ڪي
جامن جي قبن لڳ آهي (٣).

---

(١) جوٽيجو عبدالجبار داڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ايڊيشن ٥، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ١٩٨٣ء، ص ٣٩ ص ٤٠

(٢) بلوچ بني بخش خان داڪٽر: بيت، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٧١ء، ص ١٨٢

(٣) وفائي ديندمحمد مولانا: تذڪره مشاهير سنڌ (پاڪستان)، ڪراچي، وفائي پرنٽنگ پريس ١٩٨٦ء، ص ١٥ ص ١٨

شيخ حماد جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو

سنڌ جا اسلامي درسگاهه — ص ١٦٧
تذڪره لطفي (جلد پهريون) — ص ٤٩ ص ٥١
سنڌي ادب جو تاريخي جائزو — ص ٤١
لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ — ص ٣٣٧
تحفة الڪرام (ترجمو) — ص ٢٥٧
ماڻهوار ليئن زندگي، — ١٩٥٣ء

شيخ حماد جمالي کانپوءِ درويش نوح هوتياڻي[۱] پير صدرالدين[۲] شيخ چوهڙ[۳] ۽ اسحاق آهنگر[۴] جا نالا ملن تا، جن سنڌي بيت چيا. انهن کانپوءِ قاضي قادن ئي اهڙو شاعر آهي، جنهنکي سنڌي هوليءَ جو پهريون ۽ مشهور شاعر سڏيو وڃي ٿو. جنهن جا اسانکي اڄ جي سڀني شاعرن کان گهٽا بيت 'بيان العارفين' ۾ مليا.

قاضي قادن ولد قاضي ابوسعيد بکر ۾ تولد ٿيو. سندس جنم جي تاريخ ڪاڻ ٿي ملي. ۱۵۵۱ء ۾ وفات کيائين (۵). علم ۽ قضا جڏ ته ڪيس ورثي ۾ ملياهئا. هو بکر جو قاضي به ٿي رهيو. قاضي قادن هڪ زبردست عالم ۽ قرآن حڪيم جو حافظ پڌهو. حديث، فقه، تفسير ۽ تصوف ٿي ڪيس عبور حاصل هو. علم رياضي ۽ ابجد به ڄاڻندو هو. قاضي قادن جي شعر کي سنڌي شاعريءَ جو 'بنيادي پٿر' چئي سگهجي ٿو (۶). قاضي قادن جو ڪلام چند سال اڳ ۱۹۷۸ء ۾ هندوستان

---

(۱) نوح هوتياڻي ايڻ صدي هجري جي آخر ۾ ڪيلاٽي واري ايراضيءَ ۾ ڪيترن قبيلي جو هڪ ناليل وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. جنهن جي درگاه حيدرآباد ڌاري لاڙستي ٿي ڪيترن جي ڳوٺ ڪاڻ به ميل ڪن اتراوڀر ۾ آهي. بزرگ جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون ملي نه سگهيون آهن
بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ۱۹۸۰ء ص ۱۸۲

(۲) پير صدرالدين ايران جي شهر سبزوار ۾ جاوڻ اتان پنهنجي فرقي جي تبليغ لاءِ هندوستان ۾ آيو. هن هڪڙي ڪجهه ڪتاب (بيت) چيا. پير صدرالدين ۱۴۱۶ء ۾ وفات ڪئي.
بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز ۱۹۸۰ء ص ۱۸۶

(۳) شيخ عبدالجليل عرف شيخ چوهڙ نائين صدي هجري ۾ ضلعي رحيم يار خان جي قديم شهر موئي شريف جو هڪ وڏو صوفي ٿي گذريو آهي. هن ڪجهه بيت چيا آهن. ۱۵۰۴ء ۾ وفات کيائين.
بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، ۱۹۸۰ء، ص ۱۹۹

(۴) اسحاق آهنگر ٻيرن ڪوٽ (حيدرآباد) جو رهاڪو هو. سندس ولادت ۽ وفات جا سن ڪونه ملي سگهيا آهن. پر اهڙا ڪي شيخ ٻيا به جو همعصر هو. ان ڪري چوڏهين ۽ پندرهين صدي عيسوي ۾ شمار ٿي سگهي ٿو.
بدوي لطف الله: تذڪره لطفي، (پاڪو ڪريون) ص ۵۱ ص ۵۲

(۵) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ۱۹۸۰ء ص ۲۰۸ ص ۲۰۹

(۶) ـــــــ ايضاً ـــــــ

جيا شهر هريا نه جي پر سان حمد گوٺ مان هيري نڪر کي هٽ آيو. جيڪو هن ۱۹۷۸ع ۾ چپايو. جنهن ۾ قاضي قادن جا ۱۱۲ نوان بيت ڏنل آهن (۱).

قاضي قادن جا بيت پنهنجي مٽي مشتمل آهن. معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان انهن ۾ وڏي گهرائي ۽ گيرائي سمايل نظر اچي ٿي. بيتن جي ٻولي ۽ اسلوب بيان عمدو آهي. جيتو ٽيڪ ان دور جي زبان استعمال ڪيل آهي ۽ بيان جي ستاءُ گوڙهي آهي، تڏهن به پڙهندڙ کي ٿوري غور کان پوءِ سان بيتن جو مطلب ۽ مقصد آساني ۽ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو. فڪري لحاظ کان قاضي قادن جا بيت روحاني رمزن سان مزين نظر اچن ٿا.

قاضي قادن جي بيتن هان ان وقت واري سنڌي ٻولي ۽ جي لفظن اصطلاحن ۽ نحوي معنائن جي انهن ڦيرڦار کانسواءِ ٻولي ۽ هم اعلىٰ فڪر ۽ گوڙهن ويچارن، مختلف نفسياتي ڪيفيتن ۽ ڪيترن ئي نون موضوعن جي بيان واري وڏندڙ صلاحيت جي تصديق ٿئي ٿي (۲). سندس بيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

جوڳي ۽ جاڳا يوس، ستو هئس نند ۾،
تهان پوءِ ٽيوس، سندي پريان پيچري (۳).

---

(۱) هيرو ٺڪر: 'قاضي قادن جو ڪلام' ڏهلي، پوڃا پبليڪيشن، ۱۹۷۸ء ص ۹ مهاڳ

(۲) بلوچ بني بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، مهراڻ ادبي مرڪز ۱۹۷۰ء ص ۲۲۱

(۳) هيرو ٺڪر: 'قاضي قادن جو ڪلام' ڏهلي، پوڃا پبليڪيشن، ۱۹۷۸ء، ص ۵۹

قاضي قادن جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:

علي شير قانع: 'تحفة الڪرام' — ميرمعصوم بکري: تاريخ معصومي — عبدالمجيد ميمڻ ڊاڪٽر: تذڪره شعراءِ سکر — لطف الله بدوي: تذڪره لطفي، ڀاڳو ڀهلوڻ — محمد صديق ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ — محمد جمن ڪالپر: سنڌ جا اسلامي درسگاهه

قاضي قادن کانپوءِ ميون سيد علي ثاني شيرازي [۱] ۽
مخدوم نوح [۲] جونالو مسلي ٿو. جنهن بعد بيٽ جو برڪ شاعر ۽ پنهنجي دور
جو اهل الله شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جونالو اچي ٿو.

شاه عبدالڪريم ولد سيد لعل محمد شاه ۱۵۳۸ع ۾ ضلعي
حيدرآباد جي مشهور علمي مرڪز مٽياري ۾ تولد ٿيو. ۱۶۲۲ع ۾ وفات ڪيائين.
شاه ڪريم خدا جوڙو عابد ۽ باڪمال هو. پنهنجي سموري حياتي عبادتن رياضتن
۽ ذڪر فڪر ۾ بسر ڪيائين. جڏهن مٿس جذبو طاري ٿيندو هو تہ بي اختيار
بيٽ چوندو هو. ڪيترائي پرٻت جا پڌريءَ سنڌس فيض جي درياه مان چڪي چڪي
سلوڪ جي راه جا پاڻ ٻڌايائون. شاه ڪريم جي جيتري دل نرم هوئي، اوتري
نرمي سنڌس لهجي ۾ آهي. سنڌس شخصيت جي محبوبيت ان مان ظاهر
ٿئي ٿي (۳).

شاه ڪريم جي هٿ آيل بيٽن جو ڪل تعداد ۹۳ آهي.
جيڪي هنڊي شعر جي وزن ۾ چند ودياتي جوڙيل آهن. ۽ لاڙي لهجي ۾ آهن.
سنڌس بيٽن جو محور الله پاڪ جي ذات آهي. هو شعر جي مضمون ۾ تصوف
جي تعليم مطابق قاريءَ کي ذهن نشين ڪرائي ٿو تہ ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق الله

---

[۱] سيد علي ثاني شيرازي ۱۴۸۶ع ۾ تولد ٿيو. هوهڪ وڏو جيڏ، عالم ادیب ۽ وڏو اهل دل بزرگ هو. ارغوني
۽ ترخاني دور ۾ نه فقط عوام سنڌس معتقد هو. بلڪ حڪمران طبقو به ساڻس اخلاص ۽ محبت رکندو هو.
۹۰ سالن جي عمر ۾ ۱۵۷۲ع ۾ وفات ڪيائين. غلام علي الانا: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، جام شورو، سنڌ الاڄي
۱۹۷۷ء، ص ۳۵۱

[۲] مخدوم نوح ولد مخدوم نعمت الله جي ولادت ۱۵۰۵ع ۾ هالا ۾ ٿي. پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ اهل الله
هو. فارسي ۽ ۾ قرآن حڪيم جو ترجمو ڪيائين. سنڌس ڪجھ بيٽ به مليا آهن. مخدوم نوح جي
مريدن جو حلقو وسيع هو. ۱۵۸۹ع ۾ وفات ڪيائين.
جوٽيجو عبدالجبار واڪڙ، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، حيدرآباد، ۱۹۸۳ء، ص ۶۶

(۳) ميمڻ عبدالمجيد واڪڙ، "ڪريم جو ڪلام"، لاڙ ڪاوڙ، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ۱۹۷۶ء، ص ۱۲ ۽ ۲۱

آهي. هر شيءِ مان ان جي ذات جو جلوو عيان آهي. فني لحاظ کان شاهڪار جاميٽ صنعتن سان سينگاريل آهن. رومانوي داستانن کي به بيٽن جي زينت بڻايو اٿس. شاهه ڪريم کي سُنڌي ادب جو وهاڻو تار و' سڌيو ويو آهي. سندس بيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پاڻيهاري سپ کا، جانسر گهڙ ويري،
ڪالهه سندي سهيٽن، ڪاپور هئي ڪاڻ پري (۱)

ور ساسيجي ويڙ، جتي سڃ ڏيکڙو
سو ماڳ ئي ڪيئي ڦير، جتي کوڙ ڪماڙ ويٽن (۲)

ميين شاهه ڪريم کانپوءِ سنڌي بيت گو شاعرن ۾ شاهه لطف الله قادري ڏجو نالو اچي ٿو.

شاهه لطف الله قادري جي ولادت ۱۶۱۱ع ۾ تعلقي ماتلي ضلعي بدين جي اگهم ڪوٽ ۾ ٿي. ۽ ۱۶۸۹ع ۾ گذاري ويو (۳). شاهه لطف الله جي بيٽن جو مجموعو ۽ ڪتاب 'منهاج المعرفت' ڏهٽ آيو آهي، جيڪو فارسي زبان ۾ آهي. سنڌي رسالي ۽ 'منهاج المعرفت' جي ڪل بيٽن جو تعداد تقريباً چار سئو ڪن آهي. ان لحاظ سان سنڌي زبان ۾ هٽ آيل شعري ذخيرن ۾ هي ڪلام نه رڳو نشانبر آهي، پر هڪ شاعر جي ڳهٽي ليکيل ڪلام ۾ به پهريون آهي.

---

(۱) عمر بن محمد داؤدپوٽو ڊاڪٽر: شاهه ڪريم بلڙي ولاري جو ڪلام، بيت شاهه، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ۱۹۷۷ع، ص ۵۳

(۲) ايضاً ص ۶۶

(۳) جويجو عبدالجبار ڊاڪٽر: سُنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، ۱۹۸۳ع ص ۷۳

شاهه ڪريم جا احوال لاءِ ڏسو: تذڪره لطفي — سرهاڪل — لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ — تحفة الڪرام — سنڌي ادب جو تاريخي جائزو.

اثر ۾ نفوذ جي پيش ، نظر شاه لطف الله متاخرين کي چڱو متاثر ڪيو (۱) .

شاه لطف الله جي ڪلام ۾ مسئلي جي اپتار ڏهايت دقيق انداز سان ملي ٿي . هن جي سمجهاڻي ايتري عام فهم نه آهي ، جيتري شاه ڀٽائيؒ جي ڪلام جي آهي . شاه لطف الله جا بيت گهڻ ستا آهن . هو ڏهايت گهرائيءَ سان مسئلي جي سمجهاڻي ڏئي ٿو . ۽ مجموعي طور ايترو فصيح زبان آهي جو بيت عوام الناس جي حلقي ۾ مشهور ٿيا . هو توحيد جي تڪرار بابت تمام سنجيدگي سان گفتگو ڪندو آهي ۽ وحدت وجود جي نڪتي ۽ سلوڪ جي منزلن کان واقف ڪري ٿو (۲) . هيٺ سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو :

جتي ڪون نه مڪان کو ، تت ڪيائون سير
اتي عالم عاقل ڪيترا پروڙيو پائن پير
اي ڳجها ڳجهه جي ڳالهڙي ، ڪنهه پروڙي ڪير
آڻ پير ۾ پير ، ڪنين پاتو پيرين (۳) .

بيت جي شاعرن ۾ شاه لطف الله قادري ڪانپوءِ شاه عنايت الله رضوي [۴] جو نالو اچي ٿو . جنهن جو شمار هن دور جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو . شاه عنايت رضوي جي ڪلام ۾ فڪر ۽ فن جا خزانا آهن . شاه ڪريمؒ ۽ شاه لطيفؒ جي دور جي وچ جي ڳنڍيندڙ ڪڙي آهي ، سندس ڪلام ان سلسلي جي ڪڙي آهي ، جنهن کي روحانيت ۽ تصوف چئجي

(۱) جوئيجو عبدالجبار ڊاڪٽر : سندي ادب جي مختصر تاريخ ، حيدرآباد ، زيب ادبي مرڪز ، ۱۹۸۳ء ، ص ۷۳
(۲) ايضاً
(۳) بي بخش بلوچ ڊاڪٽر : شاه لطف الله قادريءَ جو ڪلام ، جامشورو ، سنڌ الاجي ، ۱۹۶۸ء ، ص ۷
[۴] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهرين ص ۱۱۴

ٿو. شاه عنايت جوڪلام سرن جي ترتيب سان موجود آهي. جيڪي جملي ٢٢ آهن. ان لحاظ کان به هي شاعر اوليت جو درجو رکي ٿو. هن سنڌ جي ٻيءَ تاريخي داستان کي پنهنجي اظهار جو موضوع بڻايو. شاه عنايت جو ڪلام اعلىٰ شاعريءَ جا سڀ لوازما پورا ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ لفظن جي مناسب چونڊ جي ڪري نغمگي پيدا ٿئي، جيڪا به متاخرين لاءِ رهنمائي جو باعث بڻي (١).

شاه عنايت رضوي جي بيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اوگڻ رسي سيکو، گڻي پرين رٽام
جيکس ٻاروتن ۾، کي کيرا کيام
تھاپنو ۽ تيام، سپرين ڪان سکرا (٢)

مان نند ائي نه لهي، ٻيون سڀ ڪٽن
اوگڻ عنايت چوي، ايا ست پچن
الا! اڳيان تن، ڪاٽيا ري ڪامڙشي (٣)

شاه عنايت جو همعصر سنڌ جو سرواڻ شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمه، جنهن جو ثاني اڄ تائين ڪو ري پيدا ئي نه ٿي سگهيو آهي.

---

(١) جوٽيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز ١٩٨٣ء ص ٧٨ ص ٨٠

(٢) بدوي لطف الله: تذڪره لطفي، پاڪو پهريون، ڪراچي، ١٩٥٤ء، ص ٢٢٧

(٣) ——— ايضاً ——— ص ٢٣٠

شاه عبداللطيف ولد سيد حبيب شاه ۱۶۸۹ع ۾ پٽ شاه کان اوپرطرف ڏيرن فقيرن جي گوٺ ۾ تولد ٿيو ۽ ۱۷۵۱ع ۾ وصال کيائين. شاه سائين ڪ جمندي جام هو (۱)، سندس ڪمالیت جو دامن نهايت وسيع هو.

شاه پٽائيءَ جا بيت آيتن جو عڪس آهن. اگرچ هو عربي ۽ پارسيءَ جو ماهر هو، تڏهن به نج سنڌي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا اٿس. جن جو وٽس اڻ کٽ خزانو هو. سندس بيتن ۾ تشبيهون ۽ استعارا، به اهڙا سادا ۽ سليس آهن جو عامين ۾ عامي ماڻهو به سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. شاه سائين جي معلومات ۽ تجربو ايترو قدر ڪشاد وهو، جو اهڙي صنعت يا فن نه آهي، جنهن جي اصطلاحن سان پنهنجو ڪلام نه سينگاريو اٿس (۲). شاه لطيفءَ جي بيتن جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪيچ، اتي اوري الله سين،
ڪيتون وڻادل مان، صاحب وٽي سچ
محبت سنڌو من ۾ ماڻڪ پارج مچ
ان ۾ اُتي اچ نه سود و تيئي سڪهو (۳).

---

(۱) غلام محمد شاهواڻي (مرتب) شاه جو رسالو، حيدرآباد، ۲ ر-ايڇ- احمد برادرس، ۱۹۶۰ع، ص ص ۱۸

(۲) هوتچند گربخشاڻي (مهتمم) شاه جو رسالو، جلد پهريون، حيدرآباد، پٽ شاه ثقافتي مرڪز سنڌ يونيورسٽي پريس، ۱۹۷۹ع، ص ۵۶ ص ۵۷

(۳) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ سُر سريراگ، داستان پهريون، بيت-۹، ص ۱۲۰

شاه عبداللطيف پٽائيءَ متعلق تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:-

لطف الله بدوي: تذڪرهء لطيفي — علامه داؤد پوٽو: سرهاڳل — ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو: لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو — بشير احمد شاد: عرفان لطيف — سنڌي ادب جو تاريخي جائزو — ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ: سنڌي بولي ۽ ادب جو مختصر جائزو

شاه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر جليل القدر بزرگ ۽ اهل الله حضرت خواجه محمد زمان هو. هو سنڌي ٻيٽ جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. خواجه محمد زمان ولد شيخ عبد اللطيف ۱۷۱۳ع ڏاري ضلعي بدين جي پراڻي لنواري ۾ تولد ٿيو. ۽ ۱۷۷۳ع ۾ وفات ڪيائين (۱).

خواجه محمد زمان جي ٻيٽ ۾ سادگي ۽ سان گڏ هڪ عجيب قسم جو سوز ۽ گداز سمايل نظر اچي ٿو. ايتري قدر جو پڙهندڙ تي هڪ قسم جو ڪيف ڇائجي ٿو وڃي. ٻيٽن جي زبان سادي آهي، مگر انهن ۾ تصوف جا اسرار ۽ رموز سمايل آهن. ٻيٽ جي وسيع ۽ عميق فڪر ۽ معنا سبب شيخ عبدالرحيم گرهوڑي کي ان جي شرح لکڻ جي ضرورت محسوس ٿي (۲).

خواجه محمد زمان جي ٻيٽ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عارف ۽ عشاق ٻئي گهڻ پرين ڪجو
جنت جا مشتاق، اڃان اوراهڙان ٿيا (۳)

ڇڏيان هي ڏجهان، هوپڙ گهوريا گهوريان
پلڪ پريان ساڻ، جيامون سري جيڏيون (۴)

---

(۱) بدوي لطف الله: تذڪرهٔ لطفي، جلد پهريون، ڪراچي نندلال پوڪرداس، ۱۹۵۴ع، ص ۴۲
(۲) ——— ايضاً ——— ص ۴۰ ص ۴۱ ص ۴۲
(۳) محمد بن عمر داؤدپوٽو ڊاڪٽر: ابيات سنڌي، ڪراچي، سنڌي ادبي سوسائٽي، ۱۹۳۹ع، ص ۵
(۴) ——— ايضاً ——— ص ۱۲

خواجه محمد زمان جي مزيد احوال لاءِ ڏسو:-

ڏسو ماهوار الرحيم — سنڌي ادب جو تاريخي جائزو — سنڌ جي ادبي تاريخ
لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ — سنڌ جا اسلامي درسگاهه

خواجہ محمد زمان جو هڪ عصر هڪ ٻيو نالير و بيت گو شاعر ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي آهي .

مخدوم عبدالرحيم ولد سعدالله ذات مگريو ١٧٣٩ع ۾ تعلقي کپري ضلعي سانگهڙ جي گوٺ واڙ ۾ ڄاڻو . ۽ ١٨٧٨ع ۾ وفات ڪيائين. نندپٽ کان وٺي بحث ۽ مناظري جو کوڏيو هوندو هو. علم فقه ۽ حديث جو عالم هو.(١) گرهوڑي فقير جو شعر اعلا درجي جو آهي . ڪٿي ته بلڪل گوڙهو ويو آهي ۽ ان جي پڙهڻ سان دل کي گهڻي راحت ٿئي ٿي (٢) هيٺ سندس بيت جو نمونو پيش ڪجي ٿو ،

جوڳي پنهنجي جوءِ ويا ، تا جُٹ جٹ نيٹ نمن
سخن سامهيٹن جا تا ، هيئڙي منجهه هُمرن
سچو موت منگن ، اڏ ڪٿا آرام لهي ٿا (٣)

مونکي مون پرين ، ميرو ڏسي نه مٹيو
پرين پلائي پانهنجي ، تا عيب ڏسي ڳڙڪن
لوڻ ڪيئن سندو وتن ، ديوانا در مٹين (٤)

---

(١) بدوي لطف الله تذڪرہ لطفي ، پاڪو پبليڪيشن ، ڪراچي ، نندلال بوڪ ساس ، ١٩٥٤ع ص ٢٧٣
(٢) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ٢٧٤
(٣) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ٢٧٩
(٤) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ٢٨٠

مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي جي وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو :
سنڌي ادب جو تاريخي جائزو
سنڌ جي ادبي تاريخ

مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي کانپوءِ بيت جو لاثاني شاعر حضرت سچل سرمست ڪ[1] آهي. جيڏهن جي بيتن کي لافاني حيثيت حاصل آهي. سچل سرمست جي بيت جو معيار متاهون آهي. سندس هر هڪ بيت هڪ ادبي معجزي جو درجو رکي ٿو. تخيل جي پاڪيزگي ۽ بيان جي سوڌهن سندس هر بيت ۾ پريل آهي (۲). فني نقطه نگاهه کان سچل سائين جا بيت گهٽ ستا آهن. جيڪي مختلف رومانوي داستانن تي ٻڌل آهن. ان کانسواءِ وحدت، حقيقت ۽ سارنگ تي سندس جوڙيل بيت شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. مطلب ته سچل سرمست جي بيت ۾ اهي سمورين خوبيون سمايل آهن جيڪي هڪ شاعر جي عظمت جي دليل طور پيش ڪري سگهجن. سندس بيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڇولئا تو لئه ڏت ۾، آءُ وتان ويگاڻي
راتو ڏينهان اوتيان، پنڌيڻ سان پاڻي
لٽامون ليڙون نيا، هيءَ پوتي پراڻي
ته به راڻي جي راڻي، سرتيون سڏن سائڍ ۾ (۳).

مصاڻيءَ جي من ۾، نه هوگيرب گاءُ
نيڻن سان نار ڪري، ريجهايائين راءُ
سهو سپني کانءُ، وٽي ويٺي پاڻ سان (۴).

---

(۱) ڏسو پڳتو ٻيو باب پهريون ص - ۱۱۶
(۲) انصاري عثمان علي: سچل سرمست جو سندي ڪلام، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ء، ص ۸
(۳) ايضاً ص ۲۲۴
(۴) ايضاً ص ۲۷۶

سچل سرمست کانپوءِ کبیر شاه [۱] شیخ ابراهیم [۲] ءِ
پیر محمد اشرف کاماراڻي [۳] جا نالا لڄ تا. جن مان پهرين ٻن شاعرن سگهڙپائي جي
نمونني تي ڏگهي بيت جوڙي هڪ مقام حاصل کيو. ۱۹ صدي ءَ جي شروعات جو ناليرو
شاعر حمل فقير لغاري آهي. جنهن سنڌي ءِ سرائڪي زبان ۾ دل کولي
شاعري ڪئي.

حمل فقير ولد رحيم خان لغاري ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ
ميرهان لغاري ۾ ۱۸۰۹ع ۾ ڄاوڻ. ۽ ۱۸۷۹ع ۾ وفات کيائين. فطري ذهانت، ذڪاوت
۽ تعليم جي پختگيءَ سبب ئي حمل پاڻ لاءِ هڪ استاد جي حيثيت ۾ تعليم ڏيڻ جو
مشغلو اختيار کيو ۽ ڳوٺ ۾ پنهنجو مڪتب قائم ڪيائين. ڏاهو هڪ سنجيدو ۽ صلح پسند
شخص هو. طبعاً رلوڻ ملوڻ ۽ ڪچهري ءَ جو ڪوڏيو هو. حاضر جوابي، خوش مزاجي
۽ نڪته سنجي سندس طبع جا فطري جزا هئا (۴).

حمل فقير جو بيت سنڌي ادب جو بهترين سرمايو آهي. حمل
پنهنجي بيتن ۾ عام حقيقتن ۽ حالتن کي نهايت دانائيءَ سان بي نقاب کيو آهي.
صاف زبان ۽ شسته محاوري جو استعمال سندس بيت جون خاص خوبيون آهن. پوليءَ تي

---

[۱] ڪبير شاه ڳوٺ ڪلهوڙي ضلعي ٽڪي جو رهاڪو هو. سندس ولادت ۽ وفات جا سڻ ڪونه تاملن. فقط ايترو معلوم
ٿئي ٿو ته هو ۱۸ - صدي جي آخر جو شاعر هو. لس بيلي جي شاعر شيخ ابراهيم سان سندس چٽا پيٽي ٿيندي
هئي. ڊاڪٽر عبدالجبار واڪڻ: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، ۱۹۸۳ء، ص ۱۴۸

[۲] شيخ ابراهيم لس بيلي جو هڪ بهترين بيت گو شاعر مڃيو ويو آهي. سندس ولادت ۽ وفات جي سن
جي خبر ڪانه ٿي پوي. ڊاڪٽر عبدالجبار واڪڻ: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، ۱۹۸۳ء، ص ۱۴۸

[۳] ڏسو پاڻو پيو باب پهريون ص - ۱۴۵

(۴) بلوچ نبي بخش واڪڻ: ڪليات حمل، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ء، ص ۱۵ ص ۱۹

حمل فقير متعلق مزيد معلومات لاءِ ڏسو:
لطف الله بدوي: تذڪره لطفي پاڻو پيو - ۱) سنڌي سينگار شاعري - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ۲) پنهنجا آهيون
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ۳) معجزا

ملڪي نمٽ سب حمل کي لفظن جي پوچ ۽ استعمال تي وڏي مهارت حاصل آهي (۱) .
سندس ڪلام ۾ مجاز ۽ حقيقت جاپائي رنگ ۾ ريل آهن ، جن ۾ ذريعي هن محبت ۽ مجاز جا باريڪ نڪتا بيان ڪيا آهن. حمل فقير جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عمر اباڻي پار ڏي لاڪ رتل لوئيون
ستي ويٺي سار يان ، لاکيون سي لوئيون
پين پيٽارن پاڻ ۾ لوڻ ، لسي لويون
لڄ اٿي ۽ لويون ، هاڻي مت حمل چئي (۲)

حمل فقير لغاري ۽ ڪاپوءِ بيت جو بهرجستو شاعر چتو فقير سانگي [۳] آهي ، جنهن جي ڪلام کي پنهنجي دور ۾ سٽي مقبوليت ملي .

چتو فقير سانگي علم موسيقي ۽ جو وڏو ڄاڻو هو، جنهن کي سندس ڪلام ۾ موسيقيت نظر اچي ٿي . هن تصوف جي موضوع تي لکڻ وقت پنهنجي خيالن جي اظهار جو ذريعو بيت کي بڻايو . سندس خيال جي بلنديءَ پاڪيزگي هر لفظ مان نمايان آهي . چتي فقير جي بيت ۾ مجاز ۽ حقيقت ٻئي نظر اچن ٿا . هو شاه لطيف جي ڪلام کان بيحد متاثر هو . جنهن جي جهلڪ ڪٿي ڪٿي سندس بيتن ۾ نمايان آهي (۴) .

دلبر جي ديدن ۾ ، ڪي جي ڪاتيرا
ساڻل اٿي ۽ سينگ سان ، تو ڪٽيا لک فقير
ٻيو نه ساڄ ميرا ، تنهنجي پهرين ٿي پورو ڪيو (۵)

---

(۱) بلوچ نبي بخش خان بلوچ : ، ڪليات حمل ' جام شورو ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۸۲ء ، ص ۴۶ ص ۴۷
(۲) ——— ايضاً ——— ص ۱۵۰
[۳] ڏسو پڇو ٻيو باب پهريون ص ۱۱۸
(۴) سانگي مولا بخش صوفي : ، ڪليات چتو فقير سانگي ، ڪنڊيارو ، محمدي پرنٽنگ پريس ، ۱۹۷۳ء ، ص ۲۵ ص ۲۸
(۵) ——— ايضاً ——— ص ۱۷

چتي فقير سانگي کانپوءِ جن شاعرن بيت چيا آهن، انهن
۾ مصري شاه [۱] رکيل شاه [۲] بيدل فقير [۳] خليفو نبي بخش [۴] الله ڏنو
ماچي [۵] شاه نصير [۶] جام خان چانڊيو [۷] محمود پلي [۸] کان سواءِ
ٻيا ڪيترا ناالاڇن تا.

مرحوم ٽنڱاڻي جي دور ۾ جن شاعرن بيت جي صنف تي قابل ذڪر
ڪم ڪيو ۽ سندن بيتن کي غير معمولي شهرت ملي، انهن ۾ محمد خان غني [۹]
احمد خان آصف [۱۰] ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ [۱۱] جا نالا اچن تا. جن

---

[۱] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص ۱۱۹

[۲] رکيل شاه قلات بلوچستان جي ڪوٽ منڊ ۾ ۱۸۴۲ - ۱۸۴۳ع ۾ ڄائو. نندي هوندي کان صوفي طبعي
ڀانڀڻ لاءِ ڏاڍو هوس. شاه عنايت جهوڪ واري جو مريد هو. سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون مشهور
آهن. بيت به چيا اٿس. ۱۹۴۰ع ۾ وفات ڪيائين.
نشر ولد لوڪمل (مرتب) 'بحر العشق' رسالو حضرت سيد رکيل شاه' هرڪن داس، ۱۹۶۸ع، ص ۱-۲

[۳] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص ۱۱۸

[۴] خليفي نبي بخش لغاري جي ولادت جي تاريخ ڪا نٿي ملي. هو ميان محمد راشد جو خاص خليفو هو. خليفو
نبي بخش ڪوٽ مٺي تعلقي ٽنڊي باگي جو رهواسي هو. ڪافي ڪلام چيو اٿس. اٽڪل ڏيڍسئه سال
آڳ وفات ڪيائين. بلوچ نبي بخش ڄاڻڪار، 'بيت'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ع، ص ۵۰

[۵] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص ۱۲۲

[۶] شاه نصرالدين نصير نوشهري جي عالم ۽ عارف سيد عبدالحي نقشبندي جو فرزند هو. ننڍپڻ ۾ والد
کانپوءِ سجاده نشين ٿيو. فقير خير محمد جيسلمٽي جي ڪلام جو مٿس وڏو اثر ٿيو. سنڌي، سرائڪي
۽ فارسي ۾ شعر چيائين. وڏي عمر ۾ ۱۹۰۰ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ نبي بخش ڄاڻڪار 'ڪافيون' جلد ٻيو
۱۹۸۵ع، ص ۴۱۱

[۷] جام خان ولد رحيم خان چانڊيو ۱۸۹۰ع ۾ ڪوٽ ڪيڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. اڻ پڙهيل هو پر
ڪچهريءَ جو ڪوڙيو هو. تمام گهٽو ڪلام چيائين. سندس ڪلام بيتن، ٽيهر ڪافين، مولودن ۽
مداحن تي مشتمل آهي. ۱۹۵۴ع ۾ گذاري ويو. بلوچ نبي بخش ڄاڻڪار 'بيت'، ۱۹۷۱ع، ص ۳۳۱

[۸] مل محمود ولد طالب درس پلي تپهين مدي هڪري جي آڪهر ۾ ڄائو. حاجي عبداللطيف پلي تعلقي عمرڪوٽ ۾
ڄائو. ڏهن گهٽو ڪلام چيو آهي. ۱۹۳۱ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ نبي بخش ڄاڻڪار، 'بيت'، ۱۹۷۱ع، ص ۱۶۴

[۹] ڏسو پاڪو ٻيو باب ٽيون ص ۲۴۳ -

[۱۰] ڏسو ضميمو ب ص

[۱۱] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص ۱۲۵

۽ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي بيتن کي تمام گھٽي مقبوليت حاصل ٿي آهي.

مخدوم طالب المولیٰ جي کافيءَ واڱر سندس بيت کي به

ساريءَ سنڌ اندر آلاپيو پيو وڃي. سندس بيت معيار ۽ تڪ جي مقدار جي لحاظ

کان مٿي بيٺو آهي. هن پنهنجي بيتن ۾ ڪن موضوعن تي نهايت ڪامياب تجربا

ڪيا آهن، جنهن ۾ ڪيئن ۽ پيرن متعلق چيل بيت پنهنجي انفراديت جا حامل آهن.

سندس بيتن جي ٻوليءَ ۽ اسلوب بيان عمدو آهي. بيساختگي، روانيءَ ۽ تسلسل طالب المولیٰ

جي بيت جون خاص خوبيون آهن. مخدوم طالب المولیٰ جو هن دور جي چوٽيءَ جي

شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس بيت جو نمونو ڏجي ٿو:

دلبر گھٽو دور ڏسو، ات پچايو پيرن ،
جن رهندي سڀ رت ڪيا، تن شابسون ڏجن
ويچارن وڻ ڪيا، مون مٿي ميرن
ڪيا احسان ان جا، چاه سڀني چٽن
سي چيو چمڪن .. طالب المولیٰ طلب ۾

(۱)

(۱) طالب المولیٰ محمد زمان مخدوم : ڇپر ۾ چڙيون، حيدرآباد،
مرڪزي بزم طالب المولیٰ، ۱۹۷۱ء، ص ۷۹

(۱۷) شنائي جي بيتن جو تعارف

مرحوم شنائي جو شمار بيت جي بهترين شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس بيتن ۾ اهڙي سموري موضوع ملن ٿا، جيڪي هڪ بلند پايه شاعر جي بيت ۾ هڻڻ گهرجن. هو جڏهن بيت ۾ مذهبي موضوع تي قلم کڻي ٿو تہ موضوع جو صحيح معنا ۾ حق ادا ٿو ڪري. حق جي هيڪڙائي، قادر جي قدرت، نبي پاڪ جي رسالت، پاڻ سڳورن سان والهاڻ عقيدت ۽ محبت، صحابه ڪرام ۽ امامن سڳورن جي سيرت ۽ عظمت، ارڪان دين جي فضيلت ۽ اهميت، چڱاين جي پرچار ۽ برائين کان تنبيهه، موت، قبر، قيامت، عاقبت جو ذڪر ۽ فڪر، حقيقي عشق جا راز، رمزون ۽ مرحلا، تصوف جا باريڪ نڪتا، سندس مذهبي بيت جا موضوع آهن. مذهبي موضوع تي لکيل بيتن ۾ قرآني آيتن جو به موزون استعمال ڪيو اٿس،

هو جڏهن بيت جو موضوع مجاز کي بڻائي ٿو تہ محبوب جي حسن ۽ جمال، خد ۽ خال، نخري ۽ ناز، راز ۽ نياز کان علاوه عاشق جي اندر جي اڌمن، آهن ۽ ڏاهن تو ڙي وصال ۽ فراق جي واردات ۽ ڪيفيت جي اهڙي تہ عڪاسي ڪري ٿو، جو پڙهندڙ ڄڻ ته جاڳ ٿي گهاري ٿو رکي.

مرحوم شنائي جڏهن پنهنجي بيتن جو موضوع سنڌ جي ثقافت ۽ فطرت نگاري ۽ کي بڻائي ٿو تہ وطن جا ماڻهو، هنر، فصل، پکي، ڏينهون ڏورا، چشما، سمنڊ، پهاڙ، درياه، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، باغ بهار، تاريخ ۽ جاگرافي، سج، چنڊ، تارا، ڪهڪشان، بادل، برسات، اڀلڻ ۽ هوائون

سندس موضوع بڻجي وڃن ٿا.

ڪنھن بہ وڏي شاعرجي عظمت جو اھو پختو دليل آھي تہ ھن نظم جي مختلف قسمن تي پنھنجي قلم جا جوھر ڏيکاريا ھجن. مرحوم ثنائيَ جي فقط بيتن ۾ ئي نظم جا تقريباً سمورا قسم ملن ٿا. جن ۾ فرد، مثلّث، مربّع، مخمّس، مسدّس ۽ مثمّن عام آھن. انھن مان ھر ھڪ جو مثال ھيٺ پيش ڪجي ٿو.

فرد

احمد سندي عشق ۾ صبر سدائين
جي مولا ملائين، تہ اچي سانت ساه کي (۱)

مثلث

احمد سندي عشق ۾، سورسھي توساه
ملائي تنھن ميرسان، سڻي عرض الله
پڙھيو ھاري باھ، جدائيءَ کان جان ۾ (۲)

مربّع

پرينءَ جي پوشاڪ ۾ خاص ٿئي خوشبوءِ
ويا عرش عظيم تان، جانب گھمي جُوءِ
عاشق انھيءَ جي ھڏا، ٻڙھيا پسي رُوءِ
حبيبائي ھوءِ، ثنائيَ سڻي سرھا ٿيا (۳)

(۱) ثنائي ثناءالله :، قلمي بياض، تان ورتل
(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ
(۳) ـــــــ ايضاً ـــــــ

مخمّس

اسم احمد جام جا جڏهن کن پيا م
تڏهن تندون طلب جون، ڏيهي ڪنڌ وڏام
لاڳا پاڻهن لوڪ جا، پري چرڪ چنام
الله سندو شان ثنائي سڀيا م
منجهه قابو قلب ڪيام، قول الهي ڪريم جا (۱)

مسدّس

پيرا ته پهرائڻ جهڙا، پر اڪيون اتر سهڪار
دونالي جيان دس هٿي، ڏوڏت کن ڏڏڪار
هٿي ته ايراني آهن ابرو، تيز تکي تلوار
جرمن نهجن، انگريز جي، پون پنهي جي پار
سليمان سڪندر ستي ويا، چادار درڪار
ثنائي چوي پيو سار، اهي عجيب اڪين سان (۲)

مثمّن

جي تون گهرين ته مولا ملي، ته مڃ محمد جام
قل ان كنتم تحبون الله فاتبعوني [۳] خدائي پيغام
حڪم هڏ حبيب تون، هڏ قادر جو ڪلام
محبت آگيان وڃ مري، جوگي تي وڻ جام
اتي احد الله تي، رک ڪاپڙي ڪل ڪام
الدنيا جيفة، پنج دليل جو دام
الدنيا ساعة ليس فيها راحة، گوڙ تياڪڙ گام
رهه تابعدار تمام، ته سرڪي ملين ثنائي چوي (۴)

---

(۱) ثنائي ثناء الله : ، قلمي بياض ، تان ورتل

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

[۳] قرآن حڪيم : پاره : چوٿون ، سوره : آل عمران

(۴) ثنائي ثناء الله : ، قلمي بياض ، تان ورتل

(ب) ڪافي

(۱) لفظ جي چنڊ چاڻ

علم ادب جي هر ڪا صنف پنهنجي فني لوازمات يا فڪري پهلوئن سبب ڪنهن نه ڪنهن نالي يا عنوان سان سڃاتي وڃي ٿي. 'ڪافي' پڻ اهڙين صنفن مان هڪ آهي. سنڌي لوڪ شاعري جي هن مقبول ترين صنف جي لفظي خواه لغوي معنيٰ مفهوم يا نالي بابت اسان جي فاضل محققن قابل نقادن مختلف رايا ڏنا آهن، جن جو جائزو ووٽ اسان جي لاءِ نه فقط وڏي دلچسپي جو باعث ٿيندو، بلڪ 'ڪافي' بابت ڪنهن حتمي وصف متعين ڪرڻ ۾ به پيش رفت ڪري سگهبي. هيٺ 'ڪافي' متعلق مختلف محققن جا رايا ڏجي انهن جي چنڊ چاڻ ڪبي ٿي.

غالباً پهريون پيرو 'ڪافي' لفظ جي چنڊ چاڻ ۱۹۴۴ع ۾ ميرپور خاص ۾ سنڌ ادبي محفل' ۾ ڪئي ويئي. 'مرڪزي صلاحڪار بورڊ' طرفان ڪوٽايل هن ڪانفرنس ۾ غلام حسين سومري 'ڪافي' بابت راءِ ڏني ته:

> "اسان مسلمانن وٽ دعاءِ ڪاف آهي، جنهن ۾ ڪاف جا لفظ تمام گهٽ ڪم آندل آهن. 'ڪافي' شايد اتان ورتل هجي"(۱).

ڏسڻ ۾ آهي ته اهڙي راءِ ڏيڻ وقت خود راءِ ڏيندڙ تذبذب جو شڪار آهي. هي راءِ سندس ئي لفظن جي روشني ۾ مڪمل نوعيت

---

(۱) طالب المولیٰ محمد زمان مخدوم: 'ڪافي' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع، ص ۱۷

(۱۱) کافيءَ جي ابتدا ۽ ارتقاء

نامياري محقّق ڈاڪٽر بني بخش خانابلوچ جي

تحقيق مطابق:

"ايئن کان يارهين صدي عيسوي تائين عربي دور حڪومت
۾ سنڌي هوليءَ شاعريءَ تي عربي زبان ۽ ان جي
ادب ۽ شاعريءَ جو وڏو اثر پيو. ان وقت جي سنڌي
شعر جا نمونا محفوظ نه رهيا آهن. البته عربي شاعريءَ
جا اصطلاح 'بيت'، 'مصرع'، 'قافيه' ۽ 'ڪلام'، اهڙي آڻجاڻي
دور کان سنڌي شاعريءَ ۾ رائج ٿيا. کافي ۽ ڪلام جو
اصطلاح جيڪو اڄ تائين هلندو اچي ٿو، سو عربي
شاعريءَ جي 'قافيه' ۽ 'ڪلمه' تان ورتو ويو. عربي
شاعريءَ ۾ اصطلاحي طور 'قافيه' توڙي 'ڪلمه'
جي معنيٰ ساڳي آهي. سنڌي شاعرن عربيءَ سان
گڏ وگڏ جڏهن سنڌيءَ ۾ نظم چيا تہ انهن کي پڙ
'قافيه' ۽ 'ڪلام' چيائون. جڏهن اهي سنڌي 'قافيه'
۽ 'ڪلام' وارا نظم گائڻ لڳا تہ ان جي گائڻ جي طرز
کي پڙ 'قافيه' ۽ ڪلام چيو ويو. جو وقت گذرڻ سان
کافي ۽ ڪلام جي اصطلاح سان مشهور ٿيو"(۱)

---

(۱) بلوچ بني بخش ڈاڪٽر: 'سب رنگ'، حيدرآباد، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، ۱۹۶۸ء ص ۱۵۵ ص ۱۵۶

سڳي فاضل محقق جي خيال موجب :

" ڪافي' اول سنڌ جي اترين ملتان واري خطي ۾ رائج ٿي . اتان پوءِ پنجاب ۽ پوءِ هندوستان جي ٻين ٿائين پهتي . سنڌ جي ڪافين گائڻ جي اصل خاص ڪري جا هندوستان ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول ٿي ، سا خاص ڪافي راڳ جي نالي سان مشهور ٿي . ڪافي راڳ امير خسرو جي دور ۾ موجود هو ، مگر اهو هن ايجاد نه ڪيو هو . سنڌي ڪافيون گائيندڙن پهريائين ملتان ۾ حضرت شيخ بهاوالدين زڪريا [۱] جي سماع جي محفل ۾ گايون . امير خسرو پاڻ پٽ ملتان آيو هو . انهي ڪري ڪيس سنڌي راڳ ڪافيءَ جي خبر پئي " (۲) .

سنڌي ڪافي گائيندڙن ۾ سڀ کان پهريون نالو شيخ لاڏ جيو جو اچي ٿو ، جنهن کي سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪامل مهارت حاصل هئي . هو سنڌ جو مقبول عام راڳ ڪافي اهڙي نه درد ۽ سوز سان گائيندو هو جو ٻڌندڙ ويتا جهومندا هئا ۽ پاڻ به مست ٿي ويندو هو (۳) .

---

[۱] شيخ بهاوالدين زڪريا ملتاني ڪوٽ ڪروڙ ضلعي مظفر گڙهه ۾ ۱۱۶۹ع ۾ تولد ٿيو . سندس علمي عظمت ۽ روحاني فضيلت بيحد مشهور آهي . حضرت بهاوالدين زڪريا ۱۲۵۸ع ۾ وفات ڪئي .
رئيس بدايوني : حضرت بهاوالدين زڪريا ملتاني ، لاهور ، نيشنل بڪ ٽرسٽ پبليڪيشنز ، ص ۶

(۲) بلوچ بني بخش داعتر : ' سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ ' پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ، ۱۹۷۸ع ، ص ۸۷ ، ص ۸۹ ، ص ۹۰

(۳) محمد مطيع الله سيد راشدي برهانپوري : برهانپور ۾ سنڌي اوليا ، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۲ع ، ص ۲۱۴ ، ص ۲۱۵

جي محسوس ٿئي ٿي. 'شايد' جو لفظ هڪ ٻئي نقطه راءِ ڏيندڙ کي پاڻ کي پڪ ڪانه آهي. تنهنڪري اها راءِ 'ڪافي' لفظ جي چونڊ ۾ مدد ڪانه ٿي ڪري. هونئن به فاضل اديب 'ڪافي' کي 'دعائيه ڪلام' ڏانهن منسوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سا صحيح نه آهي. چاڪاڻ ته اسان جڏهن 'ڪافي' صنف جي مضمون، موضوع کي ڏيان ۾ رکون تا ته اها فقط 'دعائيه ڪلام' تائين محدود ڪانهي. تنهنڪري اهو تسليم نٿو ڪري سگهجي ته 'ڪافي' لفظ جو تعلق سڌي يا اڻ سڌي طرح 'دعاءِ ڪاف' سان ٿي سگهي ٿو.

ساڳئي محفل ۾ پروفيسر سدا رنگاڻي پنهنجي راءِ ڏني ته:

"عام چوٽ ۾ اينڊو آهي ته هي ءَ گالهه ڪافي يعني قناعت پذير آهي. اوائل ۾ ممڪن آهي ته قناعت جي مد نظر 'ڪافي' لفظ استعمال ٿيو هجي"(۱).

پروفيسر سدا رنگاڻي جي 'ڪافي' کي قناعت سان ملائڻ جي گالهه سمجهه ۾ نٿي اچي. چونه ڪافي جي هيئت، سٽاءَ کي نظر ۾ رکڻ سان اها گالهه ثابت ڪانه ٿي ٿئي ته ڪوهن صنف کي قناعت سان يعني مختصر ڪري لکيو ويو. بلڪ ڪافي جي مصراعن جو تعداد گهٽائڻ وڌائڻ جو شاعر کي پورو پورو اختيار آهي، جنهن مان پڌ ثابت ٿئي ٿو ته فاضل محقق محض راءِ ڏني آهي، ءَ مستند گالهه نه ڪئي آهي.

مرحوم عطا محمد شاه موسوي [۲] پنهنجي ڪتاب

---

(۱) طالب المولا محمد زمان مخدوم: 'ڪافي' سيرت آباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۱۷

[۲] عطا محمد شاه موسوي ۱۸۹۸ع ۾ رڏوڙي ۾ ڄائو. تعليم ڪاڻي ۾ مختلف عهدن تي رهيو. ڪيس علم ادب سان گهرو رڳاءُ هو. ۱۹۶۶ع ۾ وفات ڪيائين: جي. ايم. سيد: جنب گذار ۾ جن سين، پاڻ ڪيو حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۹ء، ص ۷۷

'ڪچ ڪوڏيون' ۾ ڪافي جي متعلق راءِ ڏيندي رقمطراز آهي :

"عربي ۾ ڪفة جي معنا آهي دڦ جي ڪالي جنهن ۾ گھنگھرو پيل هجن. 'استڪفوا' جي معنا خيرات وٺڻ يا خيرات گھرڻ لاءِ هٿ ڦھلائڻ ۾ فقير جوهت جي تري ۽ ٽي پٺاوٽڻ !"(۱).

مرحوم موسوي جي اها تشريح ۽ تمثيل کي قدر توجه جي لائق آهي . پر فقط ان حد تائين جو وقتي طور فرض ڪجي ته جئن دڦ جي ڪالي ۾ گھنگھرو پيل هوندا آهن ، تئن 'ڪافي' جي صنف ۾ ڪيترائي بند ٿيندا آهن . تنهڪري ڪالي ۽ سان ڪٿي تشبيه ڏجي ۽ بند گويا ان جا گھنگھرو آهن . پر سوچڻ جي گاله اها آهي ته 'ڪافي' جي ڪافن جو سادو ، عام فهم ۽ آسان نمونو آهي ، ان صنف جي نالي تجويز ڪرڻ وقت چا ايتري فني باريڪ بيني ۽ جو مظاهرو ڪيو ويو هوندو ! سا گاله دل کي نٿي آئڙي .

مخدوم طالب المولیٰ جي ڪتاب 'ڪافي' ۾ آخوند رتب ڏني جي 'ڪافي' متعلق راءِ هن ريت ڏني ويئي آهي :

"لفظ 'ڪافي' 'ڪفي' مان نڪتل آهي ، جنهن جون به معنائون آهن . هڪ ته ساهمي ۽ جي ٻڌهي پٽڻ جي برابر هڻڻ . ٻيو ته شعر جي قافين ۾ ڪوبه ڪو اختلاف هجڻ . اهو اختلاف لفظي هجي يا معنوي ، صرفي هجي

(۱) طالب المولیٰ محمد زمان مخدوم ، 'ڪافي' حيدرآباد ، سندي ادبي بورڊ ، ۱۹۸۵ء ، ص ۷۲

يا اصطلاحي يا اعرابي ۽ اختلاف جي برخلاف اتحاد هجي تہ ان حالت ۾ 'قافيو' نہ بلڪ 'ردیف' چئبو. امكان آهي تہ شعر جي ٻنهي مصراعن جي هم وزن ۽ تولي تكي، تكن ٽاهڻ كي كفيٰ مان كافي ٿي ويو هجي" (۱)

آخوند درب ڈني جي متين رايي تي ناقدانہ نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هو لفظ جي معنيٰ ۾ پاڻ ئي منجهيل آهي. هو هڪ ئي وقت هڪ لفظ 'كفيٰ' جون ٻہ متضاد معنائون ٻڌائي ٿو. هڪ طرف تہ ان جي معنيٰ 'ساهميءَ' جي ٻڌائي ٿو جو پاڻ ۾ برابر هئڻ' كيو ٿو، تہ ٻي طرف طرف اتي جوابتي 'شعر جي قافين ۾ اختلاف هجڻ' جي معنيٰ كيو ٿو. اڳتي هلي انهيءَ معنيٰ كي پاڻ ئي ترڪ كري ڇڏين معنيٰ جي تائيد ۾ وضاحت كري ٿو ۽ اسكائي گالهڪندي چوي ٿو تہ: "ممكن آهي تہ شعر جي ٻنهي مصرعن جي هم وزن ۽ تولي تكي تكن ٽاهڻ كي 'كفيٰ' 'مان كافي ٿي ويو هجي". شعر جي ٻنهي مصراعن جي هم وزن هجڻ ۽ تولي تكي تكن ٽاهڻ جو شرط فقط كافيءَ سان لاڳو نہ آهي، اهو تہ هر هڪ موزون شعر جو ترت وقت بنيادي اصول آهي، تنهنكري آخوند جي متين راءِ كي كلي طور صحيح قرار ڏئي نٿو سگهجي. البت كافيءَ جي جوڙجڪ جي لحاظ كان چئي سگهجي ٿو تہ اها معنيٰ توجهہ جي مستحق آهي.

الله بخش سرشار عقيلي [۲] كافيءَ جو مفهوم هن طرح بيان

---

(۱) مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ: 'كافي'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۷۲

[۲] الله بخش ولد حافظ محمد صديق، ۱۹۰۷ء ۾ لٹي ۾ جائو. سرشار كي ادبي ذوق اسكول واري زماني كان هو. جنهن ذوق آخر كيس آسمان، ادب جي اوج تي رسائي ڇڏيو. هو 'جمعيت الشعراء سنڌ'، جو نائب صدر ٿيو، حيدرآباد ضلعي جو ڀٽي ممبر ٿيو. ۱۹۷۱ء ۾ وفات كيائين. "سو سماهي مهراڻ" (سوانح نمبر) كراچي، ۱۹۵۷ء ص ۶۷۲، ۶۷۶

ڪري ٿو تہ:

"ڪاف ڪلمن سان 'ڪاف' لفظ جي لغوي معنيٰ چمڙ وسڻ، چمڙو وڍڻ، ڪنهن شيءِ کي ڪنارين تي ڪرڻ آهي. قاف 'قرشت' سان 'قاف' لفظ جي معنيٰ 'گولا ڪرڻ' يا 'تلاش ڪرڻ' مجازاً بعض صوفي بزرگ پنهنجي لاءِ جاءِ ڪنهن جبل جي چوٽيءَ رياضت يا مراقبي لاءِ اختيار ڪندا آهن. تنهنڪري 'ڪافي' يعني تلاش، حق لاءِ گوشہ نشيني جي جاءِ سڏيندا هئا. ادهيءَ معنيٰ ۾ اسانجي سنڌي ڪافي، لفظن جي اهڙي چوٽ يا گفا آهي، جنهن جي باهرين شاعرانہ بيڪ ۾ اندروني طور تلاش، حق جي ڪٿن پروٽ سمايل آهي"(۱).

مرحوم عقيلي جي مٿين راءِ تي گهڻو ڪجهہ چئي سگهجي ٿو. سڀ کان اول تہ هن صاحب نڊيءَ وڏي ڪاف ۽ قاف جي معنيٰ ٻڌائي آهي، پوءِ وري نڊيءَ ڪاف واري معنيٰ کي پس پشت رکي 'ڪافي' لفظ جي معنيٰ وڏي قاف واري مفهوم سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن تہ 'ڪافي' نڊيءَ ڪاف سان لکي وڃي ٿي. پر هو صاحب معنيٰ وري وڏي قاف واري ٻڌائي ٿو. هاڻي ٽيڪ ائين ڪيندو هو تہ عقيلي صاحب اول تہ ڪافي کي وڏي قاف سان 'قافي' ڪري لکي ها، پر مشڪل تہ وري اها آهي، جو هو صاحب 'ڪافي' کي جنهن معنيٰ ۾ ٻڌائي ٿو، اها معنيٰ نڊيءَ ڪاف واري 'ڪافي' لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. البتہ گوشي نشيني

(۱) مخدوم محمد زمان طالب المولا، 'ڪافي'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۳

واري معنا ۾ ڏيکاريل 'کافي' سان سنڌي کافي جي معنوي مماثلت ڏي قدر صحيح آهي ليکن اهاراڻ 'کافي' لفظ ۽ صنف جي چنڊ چاڙ لاءِ آخري حرف جي حيثيت نقي رکي.

سيد منظور نقوي [1] کافيءَ جي معنا مفهوم ۽ نالي جي چنڊ چاڙ لاءِ علمي ادبي ۽ لساني طريقن بدران موسيقي جي تاريخ جو سهارو ورتو آهي. سندس خيال آهي ته :

"'کافي' سنڌ جي پيداوار کانهي. کافي لفظ جي تحقيق لاءِ پراڻن گرنٿن جهڙوڪ 'راگ ويبوده' 'سارامرت' ۽ 'لکشن سنگيت' جي ورق گرداني ڪندي، معلوم ٿيو ته 'کافي' موسيقيءَ جي هڪ ٺاٽ مان نڪتل هڪ راگ جونالو آهي. ان ٺاٽ جو نالو ست سوَر رهيو آهي پنڊت سارنگ ديو پنهنجي گرنٿ 'رتناڪر' ۾ 'هرپاميل' ڄاڻايو آهي. ستار جي موجد امير خسرو، بادشاهِ وقت جي ايماء تي اڻ ست سوَر رهيو آهي شاهي موسيقار نائڪ گوپال کي شه ڏيڻ لاءِ عجمي راڳن کي هندي راڳن سان ملائڻ لاءِ چند سُر ايجاد ڪيا. امير خسرو هرپاميل ٺاٽ مان هڪ سمپورن راڳ ڪڍيو. جنهن جو نالو رکيائين کافي. کافي هن ڪري سڏيائين جو هن

[1] سيد منظور نقوي ۱۹۲۲ء ۾ ٽنڈو جهانيان حيدرآباد ۾ ڄائو. هن دور جو معروف شاعر ۽ ڪلاسيڪل راڳ جو ڄاڻو ڄاڻو آهي. ايوب انصاري (مرتب) 'ماڻڪ موتي لعل'، حيدرآباد، محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي ۱۹۷۷ء، ص ۵۹

ڀرسپ سُرَ سڏا سنوان ٿي لڳا. سندس آرو هيءَ
امرو هيءَ ڀرست ٿئي سُر اچي ٿي ويا. انکري ان
جو نالو رکيائين کافي' يعني مڪمل، پوري، بلڪل تمام"(۱).

منظور نقوي جو رايو کافي وڌائيتو آهي. جيکو کافيءَ جي معنيٰ مقصد کي قريب تر نظر اچي ٿو. البت سندس اها گالهه بحث طلب آهي ته کافي سنڌي زبان جي ايجاد کانهي. سندس انهيءَ راءِ جي تردید ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي انهيءَ تحقيق سان ٿي وڃي ٿي ته امير خسرو کي سنڌي راڳ کافيءَ جي خبر ملتان مان پئي(۲). ان کري قوي گمان ٿو ڪري ته هو پاڻ کافي راڳ جو موجد کونهي. پر اهو ٿي سگهي ٿو ته بعد ۾ انهيءَ راڳ کي هن هنڌ يءَ ڀرموسيقيءَ جو روپ ڏيڻ جي کوشش ڪئي هجي.

'کافي' لفظ جي چند چاڙ ڪرڻ لاءِ مخدوم طالب المولیٰ جي راءِ پنهنجو توجه چڪرائي ٿي. سندس خيال آهي ته:

"سنڌي ءَ ڀرهي جيکو کافي جو استعمال ٿئي ٿو سو بڻ
غلط آهي. چوته ان لفظ مان بيت يا شعر جي معنيٰ امل
ڪانه ٿي نڪري. دراصل هيءَ لفظ 'قافيه' آهي، جنهن
مان 'قافي' لفظ جي معنيٰ الڪلام المقفیٰ آهي. يعني
'قافيي' سان ناهيل ڪلام بيت شعر وغيره"(۳)

---

(۱) ڏسو ماهوار 'نئين زندگي' ماه جون، ۱۹۵۳ء

(۲) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: 'کافيون' جلد-۱، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء ص ۶

(۳) ايضاً ص ۱

انهيءَ رايي جي تصديق ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڪري ٿو:

"سنڌي نظم جي تاريخ ۾ 'ڪافي' کي غلطيءَ
سان 'ڪافي' ڪري لکجي ٿو" (۱).

انهيءَ راءِ سان متفق ٿيندي ڊاڪٽر بني بخش خان
بلوچ پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب 'ڪافيون' جي هيءَ جلد جي صورتخطي پڙهڻ درست
ڪئي ۽ انهن 'ڪافين' جي عنوان سان شايع ڪرايو.

مٿي ذڪر ڪيل مٿين محققن ۽ سندن ويچارن کي ڏيان
۾ رکي انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته جئن سنڌي لوڪ شاعريءَ جي مشهور
۽ مقبول صنف جا نالا اڪثر ڪري عربي زبان جي لفظن تان ورتا ويا آهن، تهڙي
'بيت' ۽ 'ڪافي'، ليڪن انهن جي فني ۽ فڪري جوڙجڪ بلڪ سنڌي ماحول ۾ ٿي،
۽ انهن ادبي صنفن جا خالق ۽ مالڪ سنڌي شاعر ئي هئا.

'ڪافي'، پڪ جيتوڻيڪ بلڪ سنڌي شاعريءَ جي صنف آهي.
پر ان جي صورتخطي اصل ۾ 'قافي' آهي. جيڪا ڪنهن آڳاٽي دور ۾ سنڌي
ويس وٽي 'ڪافي' جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. 'ڪافي' شاعريءَ جي
صنف طور سنڌ ۾ ايجاد ٿي ۽ امير خسرو ان کي موسيقيءَ جي راڳ جي شڪل
۾ بعد ۾ هندوستان ۾ مانوس ڪرايو.

---

(۱) بلوچ بني بخش خان ڊاڪٽر: 'ڪافيون'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
۱۹۸۵ء، ص ۶

ساڳي دور ۾ ميرِ معصوم بکريءَ [۱] جي وڏي پاءُ
ميرِ محمد فاضل [۲] سنڌي کافيءَ کي دهليءَ ۽ آگري طرف مشهور ڪيو. هن
مخلوط ڊ ۽ باري گائيندڙن کي 'کافي راڳ' سان پوري طرح روشناس ڪرايو (۳).
تنهن کانپوءِ سنڌي کافيءَ جي سرمور شاعر شاه عنايت رضوي جو نالو اچي ٿو
جنهنجون ڪيتريون کافيون ملن ٿيون.

ميان شاه عنايت ولد نصيرالدين رضوي اندازاً ۱۶۱۸ء-۱۶۲۳ء
ڏاري تعلقي ٽنڈي الهيار ضلعي حيدرآباد جي گوٺ شاهپور ۾ جاءُ ۾ ۱۷۲۰ء
۾ وفات ڪيائين (۴). هو پهريون شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ ۴۱ وايون
ملن ٿيون. سندس کافين جي اهم خصوصيت اها آهي، جو هي مختلف راڳ
جي سرن تي جوڙيل آهن. سندس کافين مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

منهنجي سيڊ سار لهندو، مونکي آهي اميد الله ۾
نفسي نفسي سڀ کو ڪري، داتا ڏي بخشندو، مونکي آهي.....

(۵).

---

[۱] ميرِ معصوم بکري ولد ميرِ صفائي ۱۵۶۸ء ۾ بکر ۾ تولد ٿيو، جو نندي ڏاهي عمر ۾ ئي وڏو ڏاهين هو. علمي فضيلت ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هو. ۱۶۰۶ء ۾ وفات ڪيائين. سکر ۾ معصوم شاهه جو مينار سندس يادگار آهي. مخدوم اميراحمد (مترجم) تاريخ معصومي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۲ء، ص

[۲] ميرِ فاضل ولد ميرِ صفائي ڏهين صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي. سنڌي ۾ جو ڪافي گو شاعر هو. سندس وفات جي تاريخ معلوم ڪونه ٿي سگهي آهي.
ميڙ عبدالمجيد داڪٽر، 'تذڪرو شعراءِ سکر' سکر، سنڌي ادبي سوسائٽي ۱۹۶۵ء، ص ۲۶

(۳) بلوچ بني بخش داڪٽر: 'ڪافيون' پاڻ پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۷

(۴) بلوچ بني بخش داڪٽر: 'ميان شاه عنايت جو ڪلام' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۳ء، ص ۳ ص ۵

(۵) _____ ايضاً _____ ص ۸۴
شاه عنايت جي مزيد احوال لاءِ ڏسو: 'تذڪرهِ لطيفي'، حيد پهريون - سنڌي ادب جو تاريخي جائزو
لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ — سنڌ جي ادبي تاريخ

شاه عنايت رضوي ۽ کانپوءِ سندس فرزند سيّد محمد شريف عرف شاه شريف [۱] ۽ پوٽي سيّد بلال شاه [۲] جانالا اچن ٿا. جن پڻ سنڌي کافيءَ تي طبع آزمائي ڪئي. تنهن کان پوءِ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جڏهن هستيءَ جو نالو اچي ٿو.

شاه سائينءَ جي رسالي جي هر هڪ سُر جي هر هڪ داستان پٽيان کافيون/وايون ڏنل آهن جيڪي عشق ومستيءَ ۽ روحاني رمزن سان ڀرپور آهن. شاه لطيفءَ جي کافين جي مقبوليت جي اها حد آهي جو اهي سنڌ جي هر هنگ ۾ هونگاريون وڄن ٿيون. فني توڙي فڪري نقطه نگاه کان شاه سائينءَ جي کافيون جو معيار متاهون آهن. کافي جو مثال پيش آهي:

ڏاڍن ڏيرن ساڻ، ڪرهن ڪيچين ساڻ
متان کاهي لٽون لائي

آءٌ ستي هو هليا، ويڙهه ڪرهل کاهي
متان کاهي لٽون لائي

جيڪا هيءَ من ۾، پنهنجي ويڙهه پهائي
متان کاهي لٽون لائي

ا ديون عبداللطيف چئي، ايندڙ مرواڻ ورائي
متان کاهي لٽون لائي (۳)

---

[۱] شاه شريف ولد شاه عنايت ۱۰۵۰ھ مطابق ۱۶۴۰ء ڏاري ڄائو. ۱۱۱۵ھ مطابق ۱۷۰۳ء ۾ وفات ڪيائين. بلوچ نبي بخش باڪر: 'مسين شاه عنايت جو ڪلام' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۳ء ص ۱۱۴

[۲] سيد بلال شاه ولد شريف شاه ۱۰۷۵ھ مطابق ۱۶۶۴ء ۾ ڄائو. ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ وفات ڪيائين. بلوچ نبي بخش باڪر: 'مسين شاه عنايت جو ڪلام' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ

(۳) غلام محمد شاهواڻي: 'مرتب' 'شاه جو رسالو' حيدرآباد، ۲ ر - ايم احمد برادرس، ۱۹۶۰ء، ص ۵۱۱، ۱۹۶۳ء، ص ۱۱۵

ساڪي دور ۾ شاه لطيف ؒ ڪا پيوءِ ٽمر فقير [۱] پير محمد راشد روضي ڏٺي [۲] صاحبڏنو فاروقي [۳] ۽ روحل [۴] جا ڏالا اچن ٿا. جن سنڌي ڪافين چيون. ڪائنڪ بعد سنڌي ڪافيءَ جهڙي سرواڻ شاعر سچل سرمست جو نالو وڏي اهميت جو حامل آهي. جڏهن سنڌي ڪافيءَ کي نه فقط نوان بخشيا، پر ان ۾ نت نوان تجربا به ڪيا.

عبدالوهاب عرف سچل سرمست ولد ميان صلاح الدين فاروقي جهڙي ولادت ۱۷۳۹ء ۾ ضلعي خيرپور جي مشهور ڳوٺ درازا ۾ ٿي. هن ۱۸۲۶ء ۾ رحلت ڪئي (۵). سچل سرمست وڏو اهل الله ۽ عظيم شاعر هو. سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص سچو، سچل ۽ سچيڏنو اختيار ڪيو آهي. ڪيس سنڌي، اردو، فارسي ۽ سرائڪي زبانن تي عبور حاصل هو. سچل سائين جو سمورو شعر وجداني آهي. سندس شعر جو وڏو حصو تصوف جي باري ۾ ڏکئن سان معمور آهي

سچل سرمست جون ڪافيون رندي ۽ مستيءَ کان علاوه عاجزي

---

[۱] ٽمر فقير، شاه پٽائيؒ جو پيارو خليفو ۽ فقير هو. شاه جي راڳ جو پهريون آکوڙ هو. ۱۷۶۱ء ۾ وفات ڪيائين. بلوچ ٻهي ٻڌن ٻاڪائن: ڪافيون، پاڪوهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۵ء، ص ۲۶

[۲] پير محمد راشد ولد سيد محمد بقا شاه قادري جي ولادت ۱۷۵۶ء ۾ ٿي. برڪ بن رڳ ۾ پير طريقت ٿي گذريو آهي. هن بدعتن خلاف وڏي جدوجهد ڪئي. ۱۸۱۸ء ۾ وفات ڪيائين.
ڏسو: ماهوار، الرحيم، حيدرآباد، شاه ولي الله اڪيڈمي، ۱۹۶۷ء ص ۲۳ ص ۲۴

[۳] صاحبڏنو فاروقي شڪارپور جو رهاڪو هو. سندس جنم جي تاريخ معلوم ڪانه ٿي ٿئي. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جو وڏو ڄاڻو هو. ۱۸۳۴ء ۾ وفات ڪيائين.
ڏسو: ماهوار، الرحيم، حيدرآباد، ۱۹۶۷ء، ص ۱۵۱

[۴] روحل فقير ذات جو ڪنگيجو هو. روهڙي تعلقي جي ڪنڊ ڙي نالي ڳوٺ ۾ رشد و هدايت جو سلسلو جاري رکيائين. سنڌي، هندي ۽ سرائڪي زبان ۾ شاعري ڪئي اٿس. ۱۸۰۴ء ۾ وفات ڪيائين.
بدوي لطف الله: ڪنڊ ڙي وارث جو ڪلام، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۳ء

(۵) بدوي لطف الله، تذڪره لطفي، جلد پهريون، ڪراچي، سنڌ لعل پوڪراس، ۱۹۴۶ء، ص ۲۲۳ ص ۲۳۶ | ص ۱۲

۽ انڪاري ۽سان پير پور آهن . سچل سائين جي ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو ؛

آءُ هانهي توڻ سائين وي ، پاتم پاند گچيءَ پرچيٽو
طرفون تنهنجي يار پيارل ، ڪانگ اچن من ڪائين وو
نانءُ مولاجي مهر پوئي ها ، ٿورا مونتي لائين وو

(۱) .

سچل سرمست ڪانپوءِ نانڪ يوسف [۲] غلام حيدر شر [۳]

ميان محمد صالح قادري [۴] پير علي گوهر شاه اصغر [۵] خليفو نبي بخش لغاري [۶]

---

(۱) انصاري عثمان علي : ، سچل سرمست جو سنڌي ڪلام ، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۸۲ء ، ص ۱۷۴
سچل سرمست جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو : 'سچل سائين' ، ڪريم بخش خالد
علي اڪبر درازي ، دولهه درازي — نمائوڪ فقير ، سچل جو رسالو — داڪٽر داؤد پوٽو ، سرهاڪل ،
عبدالرزاق عبدالسلام ، منڌرا پول — داڪٽر نبي بخش بلوچ : ، سنڌي پولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ — الرحيم

[۲] نانڪ يوسف ، سچل سرمست جو وڏو طالب هو . ولادت جي تاريخ ڪا نه ٿي ملي . سلو ڪافي گو شاعر هو . ۱۸۵۳ء ۾ وفات ڪيائين . بلوچ نبي بخش داڪٽر : ، 'ڪافيون' پاڪو پهريون ، حيدرآباد ، ۱۹۸۵ء ، ص ۷۶

[۳] غلام حيدر ولد قائم خان شر ۱۸۰۰ء ۾ ضلعي خيرپور جي ڳوٺ ميڱهي شر ۾ ڄائو . فقير نانڪ يوسف جو مريد هو . سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪافيون چيون اٿس . ۱۸۶۱ء ۾ وفات ڪيائين .
بلوچ نبي بخش داڪٽر : ، 'ڪافيون' پاڪو پهريون ، حيدرآباد ، ۱۹۸۵ء ، ص ۸۳

[۴] محمد صالح قادري لاڙڪاڻي جو ويڙهه هو . سچل سائين جو وڏو طالب ۽ وڏو درويش هو . قلات ، قندهار ، خراسان ۽ بخارا تائين سندس مريد هئا . لاڙڪاڻي ۾ ميان جي گهڙ هجي سندس نالي پويان آهي . وفات جي تاريخ جي خبر نه پئجي ڪا نه سگهي آهي .

[۵] سيد علي گوهر شاه ولد سيد صبغت الله شاه ۱۸۱۶ء ۾ پير جو گوٺ ۾ ڄائو . هو ڪافي جو سلو شاعر هو . سندس ڪافين جو ڪتاب 'اصغر سائين جو ڪلام' ڇپجي چڪو آهي . ۱۸۴۵ء ۾ وفات ڪيائين .
بلوچ نبي بخش داڪٽر : ، 'ڪافيون' پاڪو پهريون حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۸۵ء ، ص 119

[۶] ڏسو پاڪو - پيو باب پهريون ص - ۹۷

شاه شريف پاڏائي [۱] فتح فقير ڪلهوڙو [۲] دلپت راءِ [۳] پير محمد اشرف ڪاماري وارو [۴] پيدل فقير [۵] ۽ نواب ولي محمد خان لغاري [۶] جانالا اچن ٿا، جن جي ڪافين کي مقبوليت ملي. ڪائنس پوءِ جهڪ بزرگ شاعر جون ڪافيون هر خاص و عام جي زبان تي آيون سو فقير قادر بخش بيدل هو.

قادر بخش بيدل ۱۸۱۴ء ۾ روهڙي ۾ ڄائو ۽ ۱۸۷۲ء ۾ وفات ڪيائين. سندس اصل نالو عبدالقادر هو. چوڏهن سالن جي عمر ۾ علم جي تحصيل ڪانپوءِ باطني اشاري موجب حضرت قلندر شهباز ڪان فيض پرائڻ لاءِ سيوهڻ ويو. ڪلام تي سچل سرمست جي ڪلام جو رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو. سندي، اردو، سرائڪي ۽ فارسي زبان ۾ نثر ۽ نظم جا ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيائين. بيدل جون ڪافيون بيحد

---

[۱] شاه شريف ولد بچل شاه بخاري سادات مان هو. سندس ولادت جي تاريخ نٿي ملي، پر فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هو تعلقي جاتي جي ڳوٺ پاڏيم جاڏو. سندس ڪافيو مشهور آهن. ۱۸۴۷ء ۾ وفات ڪيائين.
بلوچ نبي بخش باڪنڙ: 'ڪافيون' پاڪو ڇاپيون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء ص ۱۶۱

[۲] فتح فقير تعلقي ڪٽڙ ضلعي دادو ۾ ۱۷۶۲ء ۾ ڄائو. شاه شريف پاڏائي جو مريد هو. ۱۸۴۳ء ۾ وفات ڪري ويو.
بلوچ نبي بخش باڪنڙ: 'ڪافيون' پاڪو ڇاپيون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء ص ۱۶۷

[۳] دلپت راءِ سيوهڻ جو ويل هو. سندس ولادت جي تاريخ معلوم ڪانه ٿي سگهي آهي. جهڪ جي درگاه جو مريد هو. سلو ڪافي گو شاعر هو. ۱۸۴۱ء ۾ سرگواس ٿيو.
بلوچ نبي بخش باڪنڙ: 'ڪافيون' پاڪو ڇاپيون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۴ء ص ۱۸۹

[۴] پير محمد اشرف ۱۷۹۹ء ۾ ڳوٺ ڪرم خان جماليءَ تعلقي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو. سندس ڪلام جي شهرت ملي. ۱۸۶۰ء ۾ ڳوٺ ڪاماري شريف ۾ وفات ڪيائين.
وفائي دين محمد: 'تذڪرهٔ مشاهير سنڌ' جلد اول، ۱۹۸۰ء، ص

[۵] پيدل عرف پير فقير ولد عبدالواسع انڙ شڪارپور تعلقي ۽ ڳوٺ بخشو انڙ ۾ ۱۸۶۵ء ۾ ڄائو. پير صاحب پاڳاري جو مريد هو. ننڍپڻ کان ئي مجذوب هو. هو پنهنجي دور جو سلو ڪافي گو شاعر هو. ۱۹۳۹ء ۾ وفات ڪيائين.
ميڻ عبدالمجيد داڪڻ: 'تذڪرهٔ شعراء سکر' سکر ۱۹۶۵ء ص ۱۸۸، ۱۸۹

[۶] نواب ولي محمد ولد نواب احمد خان لغاري ۱۸۳۶ء ۾ حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد ۾ ڄائو. هوڪ شريف ۾ درگاه جو معتقد هو. سلو ڪافي گوهر ٿي گذريو آهي. ۱۹۱۴ء ۾ وفات ڪيائين.
بلوچ نبي بخش باڪنڙ: 'ڪافيون' پاڪو ڇاپيون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء ص ۲۰۵

مقبول ٿيون (۱)، سندس کافي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عقل جو ويو اختيار، عشق انا الحق جو دم ماريو
عشق عقل جي لڳي آ لڙائي، عشق کٽي جنگ عقل هاريائي
هيکل هڪ سوار ڪيڏي ڪٽڪ کي ٻره پچائيو (۲).

فقير قادر بخش بيدل کانپوءِ کافيءَ جي ميدان ۾ سندس فرزند محمد محسن بيڪس جو نالو آچي ٿو. جيڪو ۱۸۵۹ع ڪنڊاري ڳوٺ ۾ تولد ٿيو، ۽ ۱۸۸۱ع ۾ وصال ڪيائين. هن سندي، هندي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ ڪلام چيو. ديوان بيڪس سندس ڪلام جو مجموعو آهي، جنهن ۾ سندي ۽ سرائڪي جون ۱۹۲ کافيون شامل آهن. بيڪس جي کافين ۾ عاشق جي آه وزاري سان گڏ تصوف جا باريڪ نڪتا به نروار نظر اچن ٿا (۳). سندس کافيءَ جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

چانڊوڻ رسي وئين رات، ڪڏهن پرچندين پيارا
فرياد آه زاري، تنهنجي فراق ماري
دلڙي ٿي آ ويچاري، وري چوڪيئه ويسارا (۴).

سندي کافيءَ کي شاعرن ۾ مصري شاهه نصرپوري جوناڻو

---

(۱) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: 'تذڪرهء شعراءِ سکر'، سکر، سنڌي ادبي سوسائٽي، ۱۹۶۵ء، ص ۵۶ کان ص ۵۹
(۲) بلوچ بخش خان ڊاڪٽر: 'ڪافيون'، جلد پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۳۱۵
فقير قادر بخش بيدل جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:- تذڪرهء مشاهير سنڌ پاڻ ٽيون - تذڪرهء مشاهير سکر - سنڌي ادب جو تاريخي جائزو - مدد اول - گالهيون گوٺ وٽن جون،
(۳) وفائي ديني محمد مولانا: 'تذڪرهء مشاهير سنڌ' پاڻ پهريون، جامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۲۳۰
(۴) موسوي عبدالحسين شاهه: 'ديوان بيڪس'، ۱۹۸۳ء، ص ۳۱

اهم جاءِ والاري تو. مصري شاه اٽڪل ۱۸۳۰ء ۾ نصرپور ۾ جاڻو. ۱۸۹۵ء ۾ وفات ڪيائين. هوهڪ صوفي بزرگ ۽ سنڌي ڪافيءَ جو بادشاه شاعر هو. مصري شاه جڏهن توحيد جي مسئلي کي صوفيانه رنگ ۾ سمجهيو ته ان کانپوءِ دنيا جي پاڇي کان پوءِ پاسي ٿيو (۱).

مصري شاه جي ڪافين مان رندي ۽ مستيءَ کان علاوه بي خودي جي ڪيفيت به ٻڌي ٿي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس ڪافين جو پڙلاءُ پوي ٿو. مصري شاه جي ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

تو لئه سکندي ٽيڙهه سال ميان - ساريو صحبت ٿي سخت گذاريان
تنهنجي سانگي سهڻا سائين - هڻڻا ڪيا مون حال ميان
پائي الفيون ٿي عشق اڃاريان
مصريءَ سان ڪرهب ملڻ جون - واري واڳون وصال ميان
توسان گڏجي ڏهي غم ٽاريون (۲)

ڪافيگو شاعرن ۾ مخدوم امين محمد امين جونالو وڏي اهميت جو حامل آهي. مخدوم امين محمد امين ولد مخدوم محمد زمان جي ولادت ۱۸۳۸ء ۾ ٿي. پندرهن سالن جي عمر ۾ سجاده نشين ٿيو ۽ فقيري رنگ اختيار ڪيائين. سنڌي سرائڪي، هندي ۽ فارسي زبان ۾ ڪلام چيائين. ۽ سندس ڪافيون سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيون (۳) مخدوم امين محمد جون ڪافيون مجاري تور ۾ حقيقي راز ۽ رمز سان ٽمٽار آهن. سندس ڪلام جو نمونو ملاحظه فرمايو:

---

(۱) وفائي ديني محمد مولانا: تذڪره مشاهير سنڌ، پاڻ پڌريون، جام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء ص ۲۴۹

(۲) ميڊ عبدالمجيد بلوچ: جوٽيون جواهر جون سڪر، عجائب اسٽور ۱۹۷۸ء، ص ۱۱۱

(۳) بلوچ بني بخش بيدار: ڪافيون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۳۴۵ (جلد پهريون)

بانگ الستي رڻي چئي عشق جن تي آيو
ميدان معرفت ۾ ڪونڊل تنين ڪڙايو
ڏسي عشق جا اشارا ويهندا سي ڪئين ويچارا
نيٽ وهائي نارا هيءَ هي جوهل مچايو

(۱).

مخدوم امين محمد امين ڪاپوءِ ڪافي گو شاعر ۾ جيڪو اهم نالو ملي ٿو، سو مولانا عبدالغفور مفتون همايوني آهي،

مولانا عبدالغفور جي ولادت ۱۸۴۴ع هماين ۾ ٿي. ۽ سندس رحلت ۷۵ ورهن جي ڄمار ۾ ۱۹۱۸ع ۾ ٿي (۲) مولانا پنهنجو تخلص مفتون اختيار ڪيو. سندس ڪافين ۾ موسيقي جي سٽاءَ موجود نظر اچي ٿي. ان سلسلي ۾ مولانا ايترو ته خيال رکيو آهي، جو جتي به ڪنهن ڪافيءَ جا لفظ موسيقيءَ جي پورائتو نه ڪري سگهيا ته اتي هن سُرتار جي قائم رکڻ لاءِ 'ني' ۽ 'وو' جهڙيون ماترائون اضافي طور ڪم آڻي ان جي پورائتي ڪئي آهي (۳). مولانا مفتون جي ڪافيءَ جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو سندس ڪافيون هر دور ۾ گايون پئي ويون آهن. هيٺ سندس هڪ اهڙي مقبول ڪافي جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

تنهنجي زلف جي بند ڪمندو ڏا، زندان هزارين مان نه رکو
تنهنجي شاهي دسترخوان متي، مهمان هزارين مان نه رکو
ڪيئي ڪمائل تنهنجي گهور سندا، مخمور غفور سرور سندا
تنهنجي نور ظهور حضور سندا، نگران هزارين مان نه رکو (۴)

---

(۱) امين محمد مخدوم، ڪليات امين، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۹ع، ص ۱۳۷
(۲) ليار همايوني: ديوان مفتون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۳ع، ص ۱۱
(۳) ايضاً ص ۱۷
(۴) ايضاً
وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: سمائي، معارف، سوانح نمبر ـ ماهوار 'شريعت' سوانح نمبر ـ تذڪرهٔ مشاهير سنڌ
هموئي ۽ ٻيو هموئي پنهنجن ـ سنڌ جا اسلامي درسگاهه ـ

مولانا همايو ني کان بعد کافي گو شاعرن ۾ ڪمال فقير [۱] منار فقير راجڙ [۲] الله ڏنو فقير ماڇي [۳] سيد محمد فاضل شاه [۴] جا نالا اچن ٿا. جن جي کافين کي پنهنجي دور ۾ ڇڪتي شهرت ملي. ساڳي دور ۾ شاه نصير کافيءَ جي بلند پايه شاعرن مان ٿي گذريو آهي.

شاه نصيرالدين نصير ولد سيد عبدالحي نقشبندي جي ولادت جي تاريخ کاڻ ٿي ملي. ۱۹۰۰ع ۾ وفات ڪيائين (۵). سنڌي، فارسي ۽ سرائيڪي زبانن ۾ شعر چيائين. شاه نصير جي کافيءَ ۾ محبت جو مهراڻ چوليون هڻندي نظر اچي ٿو. سندس کافين ۾ فن تو ڏي وڏي پنهنجي اوج ٿي نظر اچي ٿو. هيٺ سندس کافيءَ جو نمونو ڏجي ٿو:

غمزن ساڻ غلام ڪيو آهي يار اسانکي
عشق تنهنجي آرام وڃايو - برهه تنهنجي ڪيو بدنام
سڏ سڏ ۾ آهي منهنجي محبت جي، لئون لئون منجهه لغام
ڪنهن کي ڏين ملير ڪنهن کي ڏيڻا، عشق اصل انعام (۶) الخ.....

---

[۱] ڪمال فقير ۱۸۷۷ع ۾ نوشهري فيروز ۾ جاڻو. سندس ڪلام جو مجموعو 'ڪليات ڪمال' ڇپيل آهي. ۱۹۱۰ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بني بخش جاکراڻي: 'کافيون' پاڪو ڀهريون، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع ص ۳۵۵

[۲] منار فقير ولد قبول محمد راجڙ تعلقي ڪپري ضلعي سانگهڙ ۱۸۷۵ع ۾ جاڻو. سندس کافيون مشهور تيرن. ۱۹۳۸ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بني بخش جاکراڻي: کافيون، پاڪو ڀهريون، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع، ص ۳۶

[۳] فقير الله ڏنو ولد جيئندو ماڇي ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ جو ويڙهو. ۱۸۸۰ع ۾ جاڻو. ڏهڪ هزار ڪان به ٿي کافيون چيون آهن. ۱۹۶۱ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بني بخش جاکراڻي: 'کافيون'، پاڪو ڀهريون، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع، ص ۳۶۵

[۴] سيد فاضل شاه ولد حيدر شاه ۱۸۳۶ع ۾ حيدرآباد ۾ جاڻو. سندس ڪلام جو مجموعو ديوان فاضل جي نالي سان ڇپيل آهي. ۱۹۱۰ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بني بخش جاکراڻي: 'کافيون' ص ۴۰۸

(۵) بلوچ بني بخش جاکراڻي: 'کافيون'، جلد ڇهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع ص ۴۱۱

(۶) ايضاً

شاه ذڪيرا ڪاپوءِ ڪافي جو ٻيو جستو شاعر خوش خير محمد هيسباڻي نظر اچي ٿو. فقير خوش خير محمد ولد رئيس غلام حيدر هيسباڻي ڪوٽ گل محمد هيسباڻي تعلقي ڪنڊياري ضلعي نواب شاهه ۾ ۱۲۲۴ھ مطابق ۱۸۱۹ء ۾ ڄائو، ۽ ۱۸۷۷ء ۾ رحلت ڪيائين (۱). خير محمد پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو، پنهنجي ڪافين ۾ ڪلامن ۾ هن اعلىٰ فڪر وارا نڪتا ورايا. سندس ڪلام جو وڏو ذخيرو هو، جنهن مان ۱۷۴ ڪافيون ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي ۾ چپجي چڪيو آهن (۲).

فقير خوش خير محمد هيسباڻي جي ڪلام ۾ وڏي بلند خيالي سمايل آهي. هن سنڌي ڪافيءَ کي نئين جلا بخشي، ۽ اهي حال توڙي قال جي لحاظ کان نهايت معياري آهن. سندس ڪافيءَ جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

عشق اچي موسان ڪيون ڪيون
ڪاڪيون ڏسڻ نه جهڙيون، سلڻ نه جهڙيون
هر دو جهان جي حجابن وارين
پٽ راچي سپ پيون پيون
عقل علم جو اڳ نه هڏيو سي
نينهن سڀاڻون نيون نيون (۳) الخ.....

---

(۱) سماهي، مُهران (سوانح نمبر)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ء

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) تنوير عباسي، ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ء، ص ۵۴
وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو - هوڪو وٽي هوڪو ٻڌهن — سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر

هيسباڻي فقير کانپوءِ سندي کافي جي ميدان ۾ پاکيتراڻي شاعر نکري نه وار تيا جن هن ڏس ۾ چگو پاڻ ملهايو ۽ سنڌ ۾ کافين محفلين ۽ مجلس ۾ گايون ويون. اهڙن شاعرن ۾ عثمان فقير سانگي [۱] موهن فقير [۲] چتو فقير سانگي [۳] ۽ غلام محمد گدا [۴] جانالا اچن ٿا.

مرحوم ٽنائي جي دور ۾ جن شاعرن هن صنف تي طبع آزمائي ڪئي، انهن ۾ مولانا غلام رسول جتوئي [۵] عبدالڪريم گدائي [۶] مولائي شيدائي [۷] ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل [۸] مظفر حسين برشٽ [۹] ۽ [illegible] [۱۰]

---

[۱] عثمان فقير ولد خير محمد سانگي ڳوٺ جامڙو سانگي تعلقي لاڙڪاڻي جو هڪ بزرگ ۽ سلوڪاني گو شاعر تي گذريو آهي. هيسباڻي فقير سان ياراڻي هيس. ۱۸۶۲ء ۾ وفات ڪيائين.
بلوچ بني بخش ڊاڪٽر: ڪافيون، پاڪو ڦهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء ص ۱۳۱

[۲] موهن فقير ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ۱۸۴۵ء ۾ ڄائو. ڪافي ۽ جو سلوشاعر هو. ۱۹۰۵ء ۾ پرلوڪ پڌاريو. سندس سمادي عاقل جي ٻيلي ۾ آهي. بلوچ بني بخش ڊاڪٽر: ڪافيون، پاڪو ڦهريون، ص ۱۳۰

[۳] محمد چتل عرف چتو فقير ولد محمد چل سانگي تعلقي لاڙڪاڻي جي پيٽهڙي ڳوٺ ۾ ۱۸۳۲ء ۾ تولد ٿيو. سندس مريدن ۾ معتقدن جو حلقو وسيع هو. پاڻ وڏي آواز سان ڪافيون گائيندو هو.
صوفي مولا بخش سانگي: ڪليات چتو فقير سانگي، لاڙڪاڻو، محمدي پريس، ۱۹۷۳ء، ص

[۴] غلام محمد گدا ولد محمد صالح مڊيجو لاڙڪاڻي شهر جو رهاڪو هو. فارسي ۽ سنڌي زبان تي ڪيس عبور حاصل هو. سنڌي ۾ ڪافيون به چيون اٿس. ۱۸۹۲ء ۾ وفات ڪيائين.
بلوچ بني بخش ڊاڪٽر: ڪافيون، پاڪو ڦهريون، ۱۹۸۵ء، ص ۵۰۷

[۵] ڏسو پاڪو ڦهريون باب چوٿون ص - ۶۱

[۶] ڏسو پاڪو ڦهريون باب چوٿون ص - ۷۲

[۷] رحيمداد ولد نبي محمد خان ۱۸۹۴ء ۾ سکر ۾ تولد ٿيو. ادب جي دنيا ۾ مولائي شيدائي جي نالي سان مشهور ٿيو. هو هڪ وڏو محقق، مؤرخ ۽ اديب ٿي گذريو آهي. شاعري ۾ جو ذوق ڪيس طالب العلمي جي دور کان شروع ٿيو. ۾ وفات ڪيائين. سامي، مهراڻ، شاعر نمبر، ص ۳۴۱، ص ۳۴۲

[۸] ڏسو پاڪو ڦهريون باب ٻيون ص - ۲۴۲ ۱۹۶۹ء

[۹] مظفر حسين جوش ولد حاجي محمد حسين ۲۲- ڊسمبر 1919ء ٽنڊي حيدرپور ميرس ۾ ڄائو. ادب سان خانداني شغف هٽ سبب ننڍي هوندي کان ئي سندس لاڙو شاعري ۾ ڏاڍو هو. هو بنيادي طور غزل جو شاعر آهي. سندس تغزل ۾ رس ۽ پختگي آهي. ۱۹۵۸ء کان جوش جي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ٽي اسڪرپٽ رائٽر جي حيثيت ۾ وابستگي رهي آهي. سامي، مهراڻ، شاعر نمبر، ۱۹۶۹ء، ص ۱۷۳، ص ۱۷۴

[۱۰] ڏسو پاڪو ڦهريون باب چوٿون ص - ۷۸

[illegible] رشید احمد رشید ولد زہرک خان لاشاري ۱۹۲۲ء ۔ [illegible] جاڙالا اچن تا.
[illegible] ۽ [illegible] ۾ اڻ ڪي غير معمولي مقبوليت حاصل ٿي آهي مخدوم
محمد زمان طالب المولا جن آهي.

مخدوم ميان محمد زمان ولد مخدوم ميان غلام محمد
جو پيدائش ۱۹۱۹ء ۾ ملاير تعلقي ۾ ڳاڻ سان ننڍي هوندي کان شوق
هو، پوءِ ان تخلص بيوس پوءِ فراقي بعد ۾ زمان شاهه ۽ آخر ۾ ۱۹۴۹ء کان
'طالب المولا' اختيار ڪيائين. مخدوم طالب المولا جا ڏهن کان ٿي ڪتاب ڇپجي
چڪا آهن (۴).

هونئن ته مخدوم طالب المولا نظم جي هر صنف ۾ دل
کولي لکيو آهي، پر هڪ فني ۽ بيت جو بادشاهه شاعر آهي. هو هن دور جو منفرد
شاعر آهي، جنهن کاڻي ۽ ۾ فن توڙي موضوع جي لحاظ کان نواڻ آندي ۽ پنهنجي
جي سلاست ۽ خاصڏين ڏني.

---

[1] سيد لطف علي شاهه ولد سيد حسن علي شاهه ۱۹۲۴ء ننڍي جهاڻيان حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. ادبي دنيا ۾ سيد منظور نقوي جي نالي سان مشهور ٿيو. شاعري ڪيئن ورثي ۾ ملي. منظور نقوي پهرين شعر ۱۱ سال جي عمر ۾ چيو. هي پهرين شاعر آهي جنهن ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ ڄاڻ واقفيت حاصل ڪري سنڌي ٻولي ۾ خيال جا بول لکيا. منظور نقوي بنيادي طور غزل جو شاعر آهي. سماهي 'مهراڻ' ('شاعر نمبر' ۱۹۶۹ء) ص ۱۵

[2] بلاول پرديسي ۱۹۳۱ء ۾ ماڻا لاتعلقي جي هڪ گوٺ خانوٽ ۾ جنم ورتو. فني نقطه نگاه کان سندس انداز بيان رنگين ۽ دل آويز آهي. بلاول جي ڪافين توڙي گيتن ۾ شيرينيءَ آهي. غزل ۾ به سندس تجربا ڪيا اٿس. هن وقت بلاول پرديسي جو شمار سنڌي ٻولي جي قادر الڪلام شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سماهي 'مهراڻ' ('شاعر نمبر' ۱۹۶۹ء) ص ۱۸۶، ص ۱۸۷

[3] رشيد احمد رشيد ولد زهرڪ خان لاشاري ۱۹۲۲ء ۾ گوٺ ملڪڻار تحصيل نصيرآباد ضلعي سبي ۾ تولد ٿيو. پرائمري تعليم ڪان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسڪرپٽ رائٽر تائين مختلف خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ۱۹۵۸ء ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ۱۹۶۰ء ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن ڪراچي ۽ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هن هارون ڪالبرڪڙي ۾ سنڌي ۽ جو استاد مقرر ٿيو. شاعري ۽ جي فن ۾ الفاظ ۽ صوتيات جي صحت ۽ برجستگي ۽ عروض جي پابندي سندس فن جون مکيه خصوصيتون آهن. سماهي 'مهراڻ'، شاعر نمبر ص ۶۴ ص ۶۶

(۴) جي. ايم. سيد: جنب گذار ريم جن سين، جلد ٻيو، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۹ء ص ۲۴۳، ۲۴۴، ۲۴۵

مخدوم طالب المولیٰ بنیادي طرح حسن ۽ عشق جو شاعر آهي، حسن جو جوبن ۽ جلوو، عشق جو ذوق ۽ شوق، حسن جي بيپرواهي ۽ بينيازي، عشق جو نياز ۽ نئڙات، حسن جو ادا ۽ ڏڪاءُ ۽ عشق جي آزي ۽ نياز ي، لٽون لڪائڻ جا لوازمات، ڪڏهن قرب جون ڪچهريون ۽ ڪڏهن وري جي وڇوڙي جون وايون، ڪڏهن عشق جي خودداري، ڪڏهن حسن جي شڪست سڀئي سباجهڙي صاف ۽ سليس پوليءَ ۾ طالب المولیٰ جنهن قدرت ۽ قوت سان بيان ڪيا آهن، جديد دور جي ڪنهن ٻي شاعر ۾ اهو انداز ورلي ملندو (۱)،

طالب المولیٰ جي ڪلام جي ٻي خصوصيت اها آهي ته هن ٻين موضوعن کان علاوه پراڻن موضوعن کي به هڪ انفرادي ۽ امتيازي طور ۽ طرز ۾ اختيار ڪيو آهي (۲)۔ تصوف ۽ روحانيت جا باريڪ نڪتا به سندس ڪافين ۾ جابجا نظر اچن ٿا۔ سندس ڪافي ”جو ٿو لوڏيٽ ڏجي تو“

ڳهڻو آهن ڳهڻ تو ڪان سڀ گل ڪل
ساري ملڪ ۾ تنهنجي حسن جا هل
ڪيئي خود ڪي خوب سينگارين ٽيون
ملي مهڻي پاڻ ڪي ماريين ٽيون
توڙي هر هر پاڻ سنواريين ٽيون
ٽيٽون توسان ٻين ڪري تنهنجي اهل (۳) الخ ۔۔۔۔

(۱) طالب المولیٰ محمد زمان مخدوم: ڇپيل ۾ ڇڙهيون، حيدرآباد، مهراڻي بزم طالب المولیٰ، ۱۹۷۱ء مقدمو، ص د

(۲) ـــــ ايضاً ـــــ ص (م)

(۳) ـــــ ايضاً ـــــ ص ۲۸۰

مخدوم طالب المولیٰ جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو: سمائي معراڻ (سوانح عمري) ـــ جنب گدا ريم جن سين ـ

(iii) مرحوم ثنائيءَ جي کافين جو تعارف

مولانا ثنائيءَ پندهينجي دور جو پختو کافيءَ گوشاعر ٿي گذريو آهي. سندس کافيون عشق ومستيءَ روحانيءَ رمزن سان ڀريل آهن، ان کانسواءِ ثنائيءَ جي کافين ۾ عجز ۽ انڪساريءَ جو عنصر به نمايان نظر اچي ٿو. تصوف جي باريڪ نڪتن جي اپٽار هن اهڙي ته سهڻي نموني ڪئي آهي، جو پڙهندڙ وحدانيت جي وادي ۾ گم گم ٿي وڃي ٿو. ۽ روحانيت جي رمزن کان آگاهي حاصل ڪري ٿو. هو انسان کي تالوبلي وارو قول ياد ڏياريءَ ٿو. ۽ خودي ۽ جي خيالن کي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

مرحوم ثنائيءَ جون کافيون موسيقيءَ جي سٽاءَ تي هڪل آهن جنهن ڪري سموريون کافيون سُر تال ۾ نظر اچن ٿيون. هن پندهينجي کافين ۾ حسن ۽ عشق جو ذڪر ڪندي عاشق جي آهن ۽ دانهن، محبوب جي نازڪ ادائن عاشق جي هجر ۽ فراق، محبوب جي بيپرواهيءَ لاابالي، رسڻ پرچڻ، روڻ مرڪڻ جو ذڪر سادن سلوٽن ۽ عام فهم لفظن ۾ ڪيو آهي.

مولانا ثنائيءَ جي کافين ۾ آهي سمورا فني توڙي فڪري لوازمات موجود نظر اچن ٿا، جيڪي هڪ بهترين ۽ معياريءَ کافيءَ جي سڃاڻ هوندا آهن. فني نقطه نگاهه کان مولانا ثنائيءَ جي پختي کافيءَ گوشاعر هجڻ جو وڏو دليل اهو آهي، ته هن پندهينجي کافين ۾ تقريباً سمورا گهاڙيتا استعمال کيا آهن، جهڙوڪ هڪ ٻي يا هڪ ٽهي کافيءَ جنهنجو تلهه

خواه مصرعون فقط هڪ ست تي مشتمل هوندیون آهي. ثنائيءَ کيئن نه سنڌ
جي کوڙيءَ ۾ بند ڪيو آهي، سندس هڪ ٻيءَ کافيءَ جي هر هڪ ست پنڌتيءَ
اندر وڏي مدعا ۽ مفهوم سمائي ٿي ملاحظه ٿئي:

ڪمر نہ آڪمڙات جو نيائڻ ناتو ــ الا
وسائن تاوڻ قدا پيچ جنيءَ پاتو ــ الا
پاڻ وڃائي پانهنجو ڄاڻ اهڙ جاتو ــ الا
ملڻ لئه محبوب جي اندر ٿئ آتو ــ الا (۱) الخ.....

ڪافيءَ ڏيڏي ڏيڏي ڪافيءَ اها آهي جنهنجو تلهه توڙي مصرعون ڏيڏ
ست جون هجن. ثنائيءَ جي هيٺين ڏيڏي ڪافيءَ عجز ۽ نياز، قربانيءَ ۽ سڪ
جي جذبن جو عمدو مثال آهي. عاشق جي امنگن جي ترجماني ڪندي ثنائيءَ
رقمطراز آهي:

پانهي ڏيتي ڪاهاڀ ڪيو - جا دائم ڏيرتي ستي
توڙي لڏي تو ڏي ستي
قرباني سر پيار ڪري - جوڙي تنهنجي جتي
ساجان ڏيڻ ۾ جتي
من ثنائيءَ سڪ سوا - ٻي ڪانه ڪمائي رتي
ٻي پوڪ نه مون ڪا رتي (۲)

---

(۱) ثنائيءَ ثناءالله : "قلمي بياض" تان وٺل

(۲) ــــــــ ايضاً ــــــــ

کافي ٻيٽي کافي ٻيٽي مان مراد اٺ کافي آهي ، جنهنجو ٿلهو توڙي مصراعون ٻن سٽن تي مشتمل هجن .

ثنائيءَ کافي ٻيٽي تي طبع آزمائي ڪندي ، هيءَ کافيءَ ۾ سورٺ جي ستايل سسئيءَ جي اندر جي اڌمن جي اپٽار ڪئي آهي .

الله لڳ مون مٽيءَ ڪي ٿون ، نمل منهنڙو ڏيکاري وڃ
اڳ منهنجي اچي هيڪر ، گهڙي هڪ يار گهاري وڃ
پٽر پب جو پڪو پيچي ، ڪڙهان پئي ڪالهه ويو ڪيچي
پيچان برهه پٽيءَ پيچي ، اچي اولي اٽاري وڃ (۱) الخ.....

کافي ٽيٽي کافي ٽيٽي ۾ هر هڪ مصرع ٽن سٽن جي هوندي آهي . هيءَ ٽيٽي کافي ۾ عاشق پُر اميد آهي ته سندس محبوب ضرور سندس حالت زار متان قياس ڪندو ۽ پنهنجي ثنائيءَ کي سڏي ۾ بيهاريندو . ثنائيءَ رقمطراز آهي .

هي تي ڏينهن ڪرمات ٿيندي سڀائي - ڪندو پاڻ دلدار پاٽي سچائي
ڏکن جو وڃي حال ڪنهنکي ٻڌايان - اندر جا اندر ۾ لکايون لکايان
خدا کان سوا ڪونه کو حال پائي
ڪنهن ڏينهن بي قياس کي قياس ٿيندو - سچڻ کي ملڻ لاءِ احساس ٿيندو
سڏ ٻيندو هلي اچ ثنائيءَ ثنائي (۲)

---

(۱) ثنائي ثناء الله ، قلمي بياض ، تان ورتل
(۲) ثنائي ثناء الله ، قلمي بياض ، تان ورتل

کافي چئوٹي کافي چوٹي مان مراد اها کافي آهي، جنهن جي هر هڪ مصرع چئن سٽن جي هجي .

ميان ثنائي پنهنجي هيلين چوٹي کافيءَ ۾ الستي راز جي اپتار ڪئي آهي . پياڻيءَ کي ان ڏيئي، خودي جي خيالن کي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو . ملاحظه ٿئي :

ڪر ياد الستي راز ميان	سوکين وسار آواز ميان
ڏس عاشق عام اڏامي ويا	ٿي سهڻن ساڻ سلامي ويا
در دلبر جي ته وڪامي ويا	تن عشق ڪيو آغاز ميان
ان پياڻيءَ کي ڏيئي پوتر ميان	کل خيال خودي جا ٿو تر ميان
منهن غير سندس کان ٿو ڙ ميان	هٿ هر گهر ڪر هي ساز ميان (۱)

کافي ڇهوٹي کافي ڇهوٹي اها آهي جنهن جي هر مصرع ڇهن سٽن تي مشتمل هجي .

مرحوم ثنائي پنهنجي هيلين ڇهوٹي کافيءَ ۾ پنهنجي ڪهين ۽ ڪوتاهين جو اعتراف ڪري ٿو . ۽ پاڻ کي ڏاتر جو ڏوهي تصور ڪندي سائينءَ جي ستاري جو ذڪر ڪري ٿو . کافي جي مصرع هن ريت آهي :

منهنجو مولا ، منهنجو يار	
هر دم حامي آ ، هر بار	
آهيان ڏاتر جو مان ڏوهي	ڪري نه ڪري لکيل لوهي
مونتي ڪلمي جي آ ڏوهي	دشمن ڏاهن پي دل نه ڏوهي
ڪاڻ ڪناهن کان آ ڪوهي	سائين منهنجو آ ستار

(۱) ثنائي ثناءالله : ، ڪلمي بياض، تان ورتل

کافيءَ جي الف ب وار سٽاءَ

ڪن سنڌي ڪافي گو شاعرن پنھنجي ڪجھ ڪافين جي الف ب وار سٽاءَ رکي آھي. جن ۾ شاعر ھڪ حرف کٽي ان کي ڪافيءَ ۾ اھڙيءَ ريت استعمال ڪندو آھي، جئن ان حرف سان شروع ٿيندڙ الفاظ منڊ ڪان پچاڙيءَ تائين سڄي ڪافيءَ ۾ گھٽي ڪان گھٽ اچن. جيڪي پنھنجي اندر نہ فقط مڪمل معنيٰءِ مفھوم رکندا ھجن، پر ڪافيءَ جي انفراديت کي بہ قائم رکن. ڪن صورتن ۾ ھيءَ سٽاءَ تجنيس حرفي سان تمام گھٽي مماثلت رکي ٿي.

ھيءُ ھڪ منفرد فن آھي، جنھن تي طبع آزمائي ڪرڻ ھرڪنھن شاعر جو ڪم نہ آھي. بلڪ ھن وڏي جاوٽجھارا فقط ڪھنہ مشق ۽ استاد شاعر ئي ٿي سگھن ٿا. جن جي قلم ۾ روانيءَ ھجي ۽ الفاظ سندن اڳيان ٻڌن ٻانھن واڱڙھٽ جوڙيو منتظر ٻيٺا ھجن.

مولانا ثنائيءَ جو شمار اھڙن ئي استاد شاعرن ۾ ٿئي ٿو. ھن پنھنجي ڪيترين ڪافين ۾ اھو انداز اختيار ڪيو آھي. جن مان ڪجھ مثال ھيٺ پيش ڪجن ٿا:

ڪافيءَ ”س“ ٿي

سڀڙ سائين ستاري ڪر، سَوَن سورن ستايو آ
سڙيل سيني اندر ساجن، سلو سائوَ سمايو آ
سواسين گار سرھي سان، سوين سورھيه سڏين سوڍا
سراسر سر اندر سروَر، سرس سَڏَ سورسوايو آ (۱).

(۱) ثنائيءَ ثناءالله ا، ”قلمي بياض“ تان

کافي رُتي

عجائب چال موتکي هب منصنجي آهه سيکاري
نه چن ياري ، نه رک ياري ، نه ڏي خواري ، نه کهڙاري
قهڙ دل واسطي دلبر ، چگي کئي آخير ياري
نه اقراري نه انکاري ، لگل چپ تات پر تاري
سکاين ساڻ هن ساجن ، گهڙي گهاري وصل واري
نه دل ٽاري نه بيزاري ، عمر ساري ڏکن گاري (۱) .

کافي وُتي

وچ وچڙ کي ويڙ وحدت ، وِرِ ورڙ وائي نه کر
وک وڌائي ويهه نه وچ تي ، ورق ويسر جاو سار
وٽ وکڙ پيچ وات وارا ، سات سار وويو وهي
سود خاطر کر نه سودو ، ساجن سگورو سخت سار
(۲) .

---

(۱) ثنائي ثناء الله : قلمي بياض ، تان ورتل

(۲) ـــــــــــ ايضاً ـــــــــــ

(ت) مولود

(۱) لفظ جي چنڊ چاڻ

'مولود' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنا 'جاول ٻار' آهي (۱). وعلى المولود رزقهن وكسوتهن بالمعروف (۲). سنڌي زبان ۾ هن لفظ جو استعمال فقط سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي مقدس هستيءَ لاءِ مخصوص آهي. اردو، فارسي ۽ خود عربي زبان جي عروضي شاعرن ساڳي معنيٰ لاءِ 'نعت' جو لفظ استعمال ڪيو آهي.

ڏکڻ ايشيا ۾ اسلام اول سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ وارن جي دلين ۾ نبي ڪريم ﷺ جي محبت سڀ کان اول جاءِ گهري تي (۳). روايت آهي ته رسول الله ﷺ سنڌ واسين جي رشد وهدايت لاءِ پنهنجن صحابن ذريعي وقت جي حڪمران ڏانهن خط مبارڪ روانا ڪيو هو. انهي صحابه جڏهن ٺٽي ڪوٽ ۾ آيا ته اتان جي ڪجهه رهواسين اسلام قبول ڪيو. پوءِ انهن پنجن صحابن مان ٻه واپس موٽي ويا. باقي ٽي سنڌ ۾ اسلام جي تبليغ خاطر ترسي پيا. ان کان پوءِ سنڌ جي رهواسين اسلام قبول ڪيو ۽ انهن صحابن کين اسلامي احڪام سيکاريا. انهن صحابن جو سنڌ ۾ ئي انتقال ٿيو ۽ اهي جون قبرون به سنڌ ۾ ئي آهن (۴).

پاڻ سڳورن جيڪو توحيد جو پيغام آندو. تنهن انسان

---

(۱) ڏسو: 'فيروز اللغات' اردو جديد، لاهور، ص ۶۶۴

(۲) قرآن حڪيم پ ۲ ر ۵-۱ سورة البقره
ترجمو: والدڪي سندس نون جاول ٻار جي سائرن جي کاڌ ۽ اوڍڻ جو انتظام سهڻي طريقي موجب ڪرڻ گهرجي

(۳) قاضي اطهر مبارڪپوري، عرب و هند عهد رسالت ۾، بمبئي، ۱۹۶۴ء، ص ۱۸۱

(۴) ——— ايضاً ——— سڪر، فڪر ونظر پبليڪيشنز، ۱۹۸۶ء، ص ۱۹۱

ذات کي ٻين انسانن، جسمن ۽ وهمن جي غلامي ۽ کان آزاد ڪيو. انساني برادريَ جو بنياد رکيو ۽ فقط علم فکر ۽ نيڪيءَ مرگوءَ کڻڻ جي بلندي ۽ برتريءَ کي تسليم ڪيو. اڌهي ءَ ڪري نبي صلعم جي ولادت ۽ ورود انسان ذات جي پلائيءَ ۽ بهبودي ءَ لاءِ هڪ اهم پيش خيمو هئا. نبي صلعم سان محبّت رکڻ ۽ عقيدتمند جي جذبات جي لحاظ سان جگ ۾ ڪو آيو نه محمدؐ آيو ۽ جي ڪو جائو نه محمدؐ جائو (۱)، تنهنڪري مولود جي موضوعن جو محور ڪائنات جي اهائي مبارڪ ۽ متبرّڪ هستي آهن، جنهن کي خالق ڪل دين ڪامل ۽ ڪتاب ڪامل عطا ڪري، جهالت ۾ ڪڙل انسانيت کي روشني ۽ اجالي ڏانهن رجوع ڪڻ جي راه ڏني، جنهن کي ڪنهي جهان جي خلقٽهار، رحمت للعالمين، شفيع المذنبين، اشرف الانبياء شافع روز جزا، سيّد البشر، خير البشر، مالڪ ڪوثر، محمد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ ٻڌائي موڪليو.

نبي مڪرّم جي مقدّس هستي تخليق ڪائنات جو ڪارڻ ٻڌي ۽ سڏن مرتبي جي تصديق "اول ما خلق الله نوري" سان ٿي. جيڪا هستي قادر مطلق کانپوءِ پهرين قديم آهي، جنهنجي مقدّس زندگي سموري انسان ذات لاءِ واحد ڪائناتي نمونو آهي، جنهن هستيءَ دنيا مان ظلم ۽ استبداد ۽ شرڪ ۽ الحاد کي لياقت، خداداد سان مٽائي ڇڏيو، ۽ انديرن کي اجالي، نفرتن کي محبّت، شرڪ کي وحدت، ستم کي رحم، وحشانيت ۽ بربريت کي اخوّت ۾ متحيّرڪن حڪمت عمليءَ سان بدلائي ڇڏيو.

---

(۱) بلوچ نبي بخش بلاڻ، "مولود" حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ء، ص ص ۲

عشق رسول سان سرشار سنڌ جي شاعرن مولود کي ... جو اعتبار کان فقط نبي پاڪ ﷺ جي ولادت باسعادت جي ذڪر تائين محدود نه رکيو آهي، بلڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هر وجه ڪامل هستي ۽ جي مقدس حياتيءَ سان وابسته بيشمار موضوعن کي مولود جي موضوع ۾ سمايو آهي [۱]

فني لوازمات

شاعريءَ جي صنف جي لحاظ کان مولود، وائي يا ڪافي جي زمري ۾ اچي ٿو. ان لفظ ۾ ائين چئجي ته مولود، وائي يا ڪافيءَ جو ئي هڪ قسم آهي ته غلط نه ٿيندو. ڇالاءِ ته ان جي هيئت هڪ جهڙي آهي، تاهم وقت جي رفتار سان ارتقا جون منزلون طي ڪرڻ بعد مولود پنهنجي محنا توڙي مقصد ۾ منفرد حيثيت اختيار ڪئي آهي، تنهن ڪري ان کي ثابت ڪيو ته 'مولود' به ايترو ئي قديم آهي، جيترو قديم وائي يا ڪافي آهي (۲). شاعر جي لحاظ کان مولود ۾ ٽلهه کا سواءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻي چار مصراعون ۽ وڌ ۾ وڌ ڏهاڪو مصراعون ٿين ٿيون. عام طرح مولود جو ٽلهه هڪ مصرعي تي مشتمل هوندو آهي، پر ڪن غزل نما مولودن ۾ ان کان جو ٽلهه به ٿئي ٿو (۳). ڪافيءَ وانگر مولود ۾ به قافيي ۽ ردیف جي پابندي هوندي آهي، پر هروپرو علم عروض مطابق قاعدن ۽ ضابطن جو خيال ڪو رکيو ويندو آهي،

---

[۱] مولود جي موضوعات جي سلسلي ۾ تفصيل لاءِ ڏسو:- بلوچ، نبي بخش داڪٽر 'مولود' ميمڻ عبدالمجيد داڪٽر، 'سنڌي ۾ نعتيه شاعري'

(۲) بلوچ، نبي بخش داڪٽر، 'مولود' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ء، ص ۲

(۳) ميمڻ عبدالمجيد داڪٽر، سنڌي ۾ نعتيه شاعري' الاڪاڊمي سنڌي ادبي اڪيڊمي، ۱۹۸۰ء، ص ۱۳۳

(ii) مولود جو ابتدا ۽ ارتقاء

ستين صدي هجري کان وٺي سنڌ ۽ ملتان جي سمورن ديهه بزرگن ۽ سندن عقيدت مند خليفن ۽ احبابن جي سماع جي مجلس ۾ سنڌي درويش سنڌي ڪلام ڳائيندا هئا. ان وقت غالباً دوهٽا ۽ وايون ڳايون ويندا هيون. جئن ٻني مصرعہ جي محبّت ۽ فنا في الرسول جي سالڪانہ منزل کي موضوع بزرگن جي طريقي ۾ خاص اهميت هئي، ان ڪري اهي وايون جن ۾ نبي پاڪ ﷺ جي حبّ ۽ محبّت جو اظهار هو، سي اڏهن سماع جي محفلن ۾ وجد طاري ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ذريعو ٻڌجن (۱). مخدوم پير محمد لکوي ڦهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن پنهنجي جهاڻ جي سردار جي واکاڻ ڪئي آهي ۽ پنهنجا درود ۽ سلام باد صبا جي وسيلي حضور ۾ موڪليا آهن (۲).

واين جاسر هستامتن ۽ مختلف ٿورنا اسانکي بارهين صدي هجريءَ جي شروع کان شاه عنايت رضوي [۳] جي ڪلام ۾ ۽ ان بعد حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ڪلام ۾ ملن ٿا، جن ۾ مولود جي مضمون واريون وايون پڻ شامل آهن. ميين شاه عنايت رضوي جو بارهين صدي هجري جي آخر ۽ بارهين صدي هجري جي اوائل جو شاعر آهي، تنهن لفظ 'مولود' استعمال ڪيو آهي، ۽ پنهنجي هڪ وائيءَ کي 'مولود' سڏيو آهي

چئو صلوات صدق سين، اي 'مولود' مدام (۴)

---

(۱) بلوچ بني بخش (ڊاڪٽر)، 'مولود' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ء، ص۵

(۲) عمرين محمد داؤدپوٽو (ڊاڪٽر)، 'شاعرن جو سرتاج'، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشن، ۱۹۶۳ء، ص۲۹

[۳] تفصيل لاءِ ڏسو باب ڇهين ص = ۱۱۴

(۴) بلوچ بني بخش (ڊاڪٽر)، 'مولود'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ء، ص۵

تنهن کري مولود جو ابتدائي دور ۾ شاه عنايت رضوي ۽ جوڙ ليکبي لو.

شاه لطيف ۽ شاه عنايت جي ڪلام ۾ مولود نما وايون تہ برابر ملن ٿيون ، پر صحيح معنا ۾ مولود پنهنجي سمورين فني ۽ فڪري خوبين سان اسانکي مخدوم عبدالرؤف پٽي وٽ نظر اچي لو، هو هن دور جو اڪيلو معروف مولود گو شاعر رهي گذريو آهي (۱).

مخدوم عبدالرؤف ۱۶۸۲ع ۾ هالاپراڻا ۾ تولد ٿيو. ۽ ۱۷۵۲ع ۾ وفات ڪيائين. اها حقيقت آهي تہ مخدوم پٽي مولود جو سرواڻ شاعر هو، جنهن تمام گهڻا ۽ فقط مولود چيا آهن، هن مولود جي اندر ونيءَ سانچي ۾ ثناء لوڙي ان جي وزن ۽ ترنم ۾ قابل قدر اضافا ڪيا، موضوع جي ثناء جي لحاظ کان عبدالرؤف پٽي سنڌ جي کهيڙن کهاڙن مان تلميحون لوڙي انهن کهاڙن جا قالب تمثيل طور پيش ڪيا آهن (۲).

مخدوم پٽي جي مولودن کي ساري سنڌ اندر بيحد مقبوليت حاصل ٿي ۽ هر هنڌ ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان هوندگار ريا ويا. هن پنهنجي مولودن ۾ نبي ڪريم جي ولادت ۽ شادي ۽ جي شڪل ۾ عربي گهوڙ جي گهوڙي چڙهڻ ، معراج واري مبارڪ واقعي ، ۽ مرسل جي مناجات جي سک ۽ اڪير جو خاص طور ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه سمٽي نبي جي اوصاف کي دل جي گهرائين سان سراهيو آهي. سندس

---

(۱) بلوچ نبي بخش داحتہ : 'مولود' حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۱ع ، ص ۷

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ـــــ

مولود جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

منارا ميرِ مرسل جا ، ڏسان شل ڏيهه سپ ڏوري
هلي هالا ، متيان مسڻ ، انڙ پور کي چڏيا اوري
مان ڪهي تان متاريون ۾ گهليون ما بخشنده چڙيان گهوري
مدينيِ جي خاڪ سيڻ سرمون وجهان اکين پتر پوري
عبدالرئوف چئي سڀڪريان صدقو ، رکان ڪيئن اڳيان ڪوري (۱) .

مخدوم عبدالرئوف کانپوءِ مولود گو شاعر ٻيو مخدوم غلام محمد بگائي [۲] مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي [۳] حافظ عالي [۴] پير محمد راشد روضي ڏٺي [۵] سچل سرمست [۶] ملان صاحبڏنو [۷] جا لالا اچن تا . جن مولود گوئي ۾ پڻ چگو پاڻ ملهايو . پر فتح فقير پنهنجي دور جو يگانو شاعر ٿي گذريو آهي ، جنهن جي مولودن کي وڏي شهرت حاصل ٿي .

فتح فقير جي پيدائش جي تاريخ ڪا نه ٿي ملي . البت اٽڪل سو معلوم ٿئي ٿو ته هو ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ تولد ٿيو ، ۱۸۴۳ء ۾

---

(۱) ميمڻ عبدالمجيد بادڪتر : ، سندي ۾ نعتيه شاعري ، لاڙڪاڻو ، سندي ادبي اڪيڊمي ، ۱۹۸۰ء ، ص ۱۵۶

(۲) مخدوم غلام محمد گوٽ بگا تعلقي موري جو ويڙل هو . پنهنجي وقت جو وڏو عالم ، عاشق رسول ٿي گذريو آهي . سندس مولودن کي ڇڪي مقبوليت ملي . مخدوم جي ولادت ۽ وفات جا سال نه ملن ، ميمڻ عبدالمجيد بادڪتر : ، سندي ادب جو تاريخي جائزو ، ۱۹۸۰ء ، ص ۸۲

(۳) مخدوم محمد اسماعيل سومرو جي ولادت جي تاريخ ڪا نه ٿي ملي . موگوٽ ۾ جي ڪاهي ۾ رهندو هو پر پوءِ ڪهڙن ۾ اچي رهيو . درس و تدريس جو شغل اختيار ڪيائين . هو وڏو درويش صفت انسان هو . مولود به چيائين . ۱۷۶۰ء ۾ وفات ڪيائين . بلوچ بي بخش بادڪتر : ، مولود ، ۱۹۶۱ء ص ۳۷

(۴) حافظ عالي ميمڻ بارهين صدي هجري جو شاعر ٿلڪڙ جو ويڙل هو . هن کيترو ئي ڪلام چيو آهي . ۱۷۷۸ء ۾ گذاري ويو . بلوچ بي بخش بادڪتر : ، مولود ، ۱۹۶۱ء ، ص ۴۰

(۵) ڏسو باب پهريون ص - ۱۵

(۶) ڏسو باب پهريون ص - ۱۱۶

(۷) ڏسو باب ٻيو ص - ۱۶۲

وڃائيٽ، فتح فقير سنڌ جماعت جو هو، ۽ اصحابن سنگورن جي شان ۾ به شعر چيائين (۱)،

فتح فقير جو مولود عشق، ٻني سان تعلق آهي. ائين تو محسوس ٿئي جيئن مولود ۾ بيان ڪيل جذبا سندس اندر مان اڀرڻ ڏيئي نٿا ڇڏن. پوليءِ عام فهم ۽ سليس استعمال ڪئي اٿس، فني اعتبار کان به فتح فقير جا مولود مٿي بيٺا آهن. هن جا مختلف الانواع مولود ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا ته هوءَ استاد شاعر هو. فتح فقير جي مولود جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

مون نهائيءَ نصيب ٿئي شل پاڻ پريئن جو
شل آڻڻ عجيبن جو
پاڻي پريئن رسول جي ماڻ ٿئي مٽيءَ جو
واحد واءُ وڃائين هادي هدايت جو
ڏاڙهيءَ ساڻ ڀهاريان آڻڻ حبيب جو
فتح چوي فراق مان، ريکان ديدار لبيب جو (۲)

مخدوم عبدالرؤف پٽي جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:
سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر — پي ايڇ ڊي جو تحقيقي جائزو — سنڌ جي ادبي تاريخ

(۱) بدوي لطف الله: تذڪرهء لطفي، جلد پهريون، ڪراچي، نئين لعل پوءِ داس پوءِ سيلز ۱۹۴۶ء، ص ۳۱۷

(۲) ايضاً

فتح فقير جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:
بلوچ ٻني بخش واحد: مولود، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۱ء

فتح فقير کانپوءِ جن شاعرن مولود جي صنف تي طبع آزمائي
ڪئي، انهن ۾ سيد خيرشاه [۱] ۽ نواب جان محمد لغاري [۲] جا نالا اچن ٿا. ڪانئن
پوءِ ساڳي دور ۾ مولود جو سرموڙ شاعر ياسين شاه مقيم نظر اچي ٿو.

مقيم جي ولادت جي تاريخ معلوم ڪانه ٿي سگهي آهي، هو
ميرن جي دور جو وڏو شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. هو فارسيءَ جو وڏو
ڄاڻو هو ۽ علم طب تي به چڱي دسترس حاصل هيس. مولود تمام گهٽا ڇپايئن.
جن ۾ پنهنجو تخلص مقيم اختيار ڪيو اٿس. مقيم جي نالي سان سندس مولودن
کي شهرت ملي (۳).

مقيم جي مولود ۾ محمد پاڪ ﷺ جي محبت، اڪيد ۽ اڪيرجا
شالي نمونا ملن ٿا. نصابي ڪتابن جي اسوهٔ حسنه جي مختلف پهلوئن کي
مولود جو موضوع بڻايو آهي. سندس مولود جي ٻولي ۽ اسلوب، بيان دل ۾
گهر ڪندڙ آهي. اهوئي سبب آهي جو مقيم جي مولودن تي دوامي شهرت
حاصل ٿي ۽ اهو ساري سنڌ ۾ مشهور ٿيو. بيشڪ هو مولود جو قادرالڪلام شاعر
هو. مقيم جي مولود جو مثال پيش خدمت آهي:

اوهين سرهي سيج وڇايو، منهنجو مرسل آيو
جانب کي جُتي ڪسان، آڳي عرش تي آڻايو

---

[۱] سيد خيرشاه جي ولادت ۽ وفات جا سن ڪونه ٿا ملن. ايترو سڀ معلوم ٿئي ٿو ته هو ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور جو وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. حيدرآباد ۾ رهندو هو. خيرشاه جو پٽ سندس نالي پٽيان آهي. مولود به چپا ٿئي. بلوچ بي نمٽ جاڪٽ: مولود، ۱۹۶۱ع ص ۶۳

[۲] نواب جان محمد ولد نواب غلام الله لغاري تاڇپور جو رهندڙ هو. سندس هٿ جي تاريخ ڪانه ٿي ملي. شاعريءَ ۾ حمايٽ. منهنجن ۾ مولود به ڇپايئن. ۱۹۶۱ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بي نمٽ جاڪٽ: مولود ص ۷۳

[۳] بلوچ بي نمٽ جاڪٽ: مولود، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ع ص ۷۷

چيو عرش الله جي اوهين جُتي موريه لاهيو
چاڑهي چاه مان گهوت کي گهوڙي مٿي گهمايو
پرهٽي رات رسول جي، اچي حورن هٿ وڃايو
مولا هن مقيم کي اوهين ڪلمي سان لڏايو (۱).

مقيم کائپوءِ سنڌي مولود گو شاعرن ۾ مولوي محمد عاقل عاقلي [۲] سيد محمدي شاه [۳] حسين فقير ديدڙ [۴] ۽ پير اشرف شاه ڪامارائي جا نالا اچن ٿا. جن مان پير اشرف شاه ڪامارائي جي مولودن کي وڏي شهرت ملي. هو ۱۷۹۹ع ۾ تلهٽي ٽنڊي باگي جي گوٺ ڪرم خان جمالي ۾ جائو. سندس مداحون، مولود، مناقبا ۽ ڪافيون مشهور آهن (۵).

پير محمد اشرف جا مولود مدينه جي ميرن جي اکين ۾ اڃ ۽ اڌير سان ٽمنار نظر اچن ٿا. هو رسول پاڪ ﷺ جو وضو پسڻ لاءِ بيچين آهي ۽ حرم پاڪ کي آئين سان سهارڻ جي تمنا رکي ٿو. هو پنهنجي تربت به پرين جي پيرانديءَ ۾ چاهي ٿو. پير اشرف پنهنجي مولودن ۾ وچيرل کوڙ واڱر ڪُرلائي ٿو. فني لحاظ کان به سندس ڪلام پختو آهي. پير محمد اشرف جي مولود هو ٻولو سيٽ ڏجي ٿو:

---

(۱) بلوچ بني بخش ڊاڪٽر: 'مولود' ڪراچي/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ع، ص ۸۲

[۲] ڏسو پاڪو پيو باب ٽيون ص - ۲۳۰

[۳] سيد محمدي شاه وسندڙ چڙيل شاه بڏاريا شهر ميرواه ڪور چانڊڪ ۾ سادات جي گوٺ ۾ جائو. پير صاحب پاڳاري جو مريد ۽ عاشق هو. ۱۸۸۱ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بني بخش ڊاڪٽر: 'ڪافيون' جلد پهريون ۱۹۸۵ع، ص ۲۶۳

[۴] ڏسو پاڪو پيو باب پيو ص - ۱۶۱

(۵) بدوي لطف الله: 'تذڪره لطفي' جلد پيو، ڪراچي، نند لعل يوڪرداس، ۱۹۴۶ع، ص ۳۹۲

پير محمد اشرف جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:
سرمد صهبائي ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو — بلوچ بني بخش ڊاڪٽر: 'مولود'

منهنجي محمد ميرڏي قادر کي قسمت
شهر مديني جو ڏسان ، روز جتي رحمت
آئيں ساڻ پهاريان ، حرم سندو حضرت
ٿلي سير سموند جي ڏڙکا ۽ دهشت
لطف ساڻ لڏهائين هادي ! ڪنهن حڪمت
مولا مون نصيب ڪرين سرور جي صحبت
هجان شال حضور ۾ ، خيرالوريٰ جي خدمت
يا الله ! من اشرف کي ، ميلين سان محبت
پيرانديي پرين رسول جي منهنجي ڪر تربت (۱) .

پير محمد اشرف ڪانپوءِ مولود گو شاعر ن ۾ شاه محمد ديدڙ [۲] کان علاوه ڪجهه اهڙن شاعرن جا ٻالا ملن ٿا، جن جي زندگيءَ جو احوال يا ولادت ۽ وفات جون تاريخون نٿون ملن . فقط سندن مولود جو نمونو ميسر آهي . اهڙن شاعرن ۾ نور محمد ، عمر ، ڪريم داد ۽ حيات جا ٻالا اڃان ٿا . انهن کانپوءِ رمضان ڪنهر [۳] ، لطف الله لطف [۴] ۽ رمضان وادي جا مولود ملن ٿا . جن ۾ رمضان وادي جي مولودن کي مشهوري ملي .

---

(۱) بلوچ بي بخش جاڪاڻي : ، مولود ، ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۱ء ص ۱۱۶

(۲) ڏسو ص - ۱۵۰ باب ٻيو پاڪو ٻيو

[۳] رمضان ڪنهر جي جنڊ جي تاريخ ڪافي ڦاڦي ملي . هو سيوهڻ تعلقي جي امڙان ڳٺيرن ۾ ڳوٺ جوڌيل هو. سندس ڪلام مولودن ، مداحن ۽ ڪافين ۾ مشتمل آهي . ۱۸۹۹ء - ۹۸ ۾ وفات ڪيائين .

عمر بن محمد داؤد پوٽو : ، سرهاڳل ، بمبئي ، باندرہ ، ۱۹۳۲ء ص ۳۲

[۴] آخوند لطف الله لطف هالا پراڻا ضلعي حيدرآباد جي مشهور ساڻوڻي آخوندن جي گهراڻي مان هو. سندس مداحن ۾ مولود مشهور آهن . ۱۹۰۰ء ۾ وفات ڪمائين . بلوچ بي بخش جاڪاڻي : ، مولود ، ۱۹۶۱ء ، ص ۱۹۰

رمضان وادیو پٹ شهمیر لاکو تعلقي هالا جي گوٹ پنج موري جوڙهاکو هو. هوڏڪ سگهڙ شاعر ۽ ڏهين شخص هو. سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي ڪانه سگهي آهي. البت گمان غالب آهي ته هو ۵۳-۱۸۵۴ع ڌاري جائو هوندو ۱۹۱۲ع ۾ وفات ڪيائين (۱).

رمضان وادي پڌهنجي مولود ۾ نبي پاڪ ۾ جي ولادت ۽ شادي مبارڪ جي موقعن جو دل ڪوليو ذڪر ڪيو آهي. ڪانگل کي قاصد بڻائي قريب ڏي موڪلي ٿو ته وڃي محبوب جي آڏو سندس دل جي آکڙ مائڙ جو احوال اوري. هو نبي مڪرم ڪي سڄ ۾ سائٽي ٽيڙ لاءِ سڏي ٿو. هولي ۽ اسلوب. بيان سليس صاف ۽ سلوڙو اختيار ڪيو آهي. سندس هيٺ جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

جي ٻاڪ پسايو پيشاني، جي نور پسايو نوراني
هند سنڌ ايران عجم ۾ ڪوهي، سڀ تنهنجو ٽاڻي
ڏکو مڪرم ملڪ مٿو ويئي، اوهان جو ڏيهه سهو آڏاڻي
چمي چاڻ رسول سچي جي، آءٌ شل محبن ساڻ ملاڻي
رمضان چئي رس مصطفيٰ امونٽي مشڪ ڪريو هر باڻي
ماتا! اوهان جي ڏرتي، هي تان سائل روز سڏاڻي (۲).

رمضان وادي کانپوءِ عبدالڪريم ميمڻ [۳] مولانا عبدالغفور

---

(۱) بلوچ نبي بخش باڪٽر: 'مولود' ڪراچي/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ع، ص ۲۱۴

(۲) ايضاً ص ۲۱۲

[۳] مولوي عبدالڪريم ولد محمد رحيم ميمڻ ڳوٺ مبارڪ جرواڙ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ۱۸۵۴ع ۾ تولد ٿيو. مولودن ۾ تخلص عاصي اختيار ڪيو آهي. پنهنجي دور جو بلند پايه عالم هو. ۱۹۱۲ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ نبي بخش باڪٽر: 'مولود' ڪراچي/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ع، ص ۲۱۴

مفتون همايوني [۱] مخدوم الله بخش عاصي [۲] مولانا تاج محمود امروٽي [۳] امام بخش خادم [۴] پير اصغر شاه اصغر [۵] حافظ سليمان سائل [۶] مولوي عبدالڪريم گهاريو [۷] مولوي احمد ملاح [۸] جانالا مولود گو شاعرن ۾ شمار ٿين ٿا. انهن کانپوءِ مولود [۹] جي ڏس ۾ جيڪي اهم شخصيتون اچڻ سان مولانا غلام رسول جتوئي محراب پوري ۽ مولانا ثناءالله ثنائي جون آهن. جن جا مولود ساري سنڌ ۾ قبول ٿيا.

مولانا غلام رسول جتوئي جي مولودن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو سچو عاشق رسول هو. سندس مولود هڏ سان وار ڪاندار جڙ لڳن ٿا. ۽ چشم پرنم ٿي وڃن ٿا. هو نبي ڪريم جي ذات گرامي جي صفت ۽ سراپا ڪندي پاڻ ڪهڙن کي قادر جي ڪل ڪائنات تي مالڪ ۽ مختيار تصور ڪري ٿو [۱۰]

چوي ٿو:

جا عاشق جي شيءِ آ، سا معشوق جي آ
خدا آ نبيءَ جو ته جنت نبيءَ جي (۱۱).

---

[۱] ڏسو پاڪو ايو باب پهريون ص - ۱۲۱

[۲] مخدوم الله بخش عاصي ولد محمد عاقل گوٺ ڪهڙا تعلقي گمبٽ ۾ ۱۸۵۳-۵۰ع ڌاري ڄائو. پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ اديب هو. مولود به ڇپايا ٿس. وفات جي تاريخ معلوم ڪانه ٿي ٿئي.
بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، 'مولود' ڪراچي/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۱ء ص ۲۱۳

[۳] ڏسو پاڪو پهريون باب ايو ص - ۱۴

[۴] ڏسو پاڪو ايو باب ٽيون ص - ۲۲۹

[۵] ڏسو پاڪو ايو باب پهريون ص - ۱۱۷

[۶] حافظ سليمان ولد حافظ سعدالله گوٺ ڪهڙا ضلعي خيرپور ۾ ۱۸۶۰ء ۾ تولد ٿيو. هو هڪ درويش شاعر هو. سندس ڪلام مولودن، مداحن ۽ ٽيهه آلهڻين تي مشتمل آهي. تخلص سائل اختيار ڪندو هو. ۱۹۴۰ء ۾ گذاري ويو.
بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، 'مولود' حيدرآباد، ۱۹۶۱ء، ص ۲۸۹

[۷] ڏسو ضميمو ب ص

[۸] ڏسو ضميمو ب ص

[۹] ڏسو پاڪو پهريون باب جوٽيجو غلام حسين: مولوي غلام رسول جتوئي جي شعر و شاعري، مونوگراف، سنڌ الاجي، ص ۲۸ ص ۲۸

(۱۰) جوٽيجو غلام حسين: مولوي غلام رسول جتوئي جي شعر و شاعري، مونوگراف، سنڌ الاجي، ص ۶۱

(۱۱) ايضاً

مولانا جتوئي پنهنجي سموري شعر ۾ عموماً پر مولود
۾ خصوصاً نهايت سليس ۽ عام فهم بولي استعمال ڪئي آهي. تنهنڪري ئي
سندس مولودن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين بيحد مقبوليت حاصل ٿي.

مولانا غلام رسول جتوئي جي مولود جو نمونو هيٺ
پيش ڪجي ٿو.

تنهنجي شان مٿان قربان ٿجي ـ منهنجا ٻار ٻچا جند جان ٿجي
محبوب خدا جو تون آهين عجب ـ توسان ٿو خدا جو آخر قرب
لولاڪ لما تو کي سوڀي لقب ـ تولاءِ جڙيو سمي جهان ٿجي
تون آدم کان به آهين اول ـ پر آئين هتي ٿي ختم الرسل
پيدا ڪونه ڪيو رب تنهنجي مثل ـ ڪوئي عالم ۾ انسان ٿجي
معراج تو کي جسماني ٿيو ـ سارو سير تو کي سجاڻي ٿيو
سارو ملڪ تو تان قربان ٿيو ـ تنهي ملڪ تيا مستان ٿجي
ٻڌايا چي جي هو تنهنجو جسم ـ مڪ کي نه ويهڻ جو تو تي حڪم
و ديوسف کان تنهنجي سوڻهن صنم ـ تنهي حيران ٿيون حيران ٿجي
مون آهيان غلام رسول جو ـ هت محراب پور ۾ چاهي منهنجو
آٽاءِ عرب کر قرب ٿنهنجو ـ ٿي تنهنجو مران سلطان ٿجي (۱)

---

(۱) جتوئي غلام رسول سولانا : ، گلشن جتوئي ، سکر ، حافظ برادران مالکان مڪتبه شمسيه
عموديه پرنٽنگ پريس سکر ، ص ۲ ص ۳

(iii) مولانا ثنائيَ جي مولود جو تعارف

مولانا ثنائيَ هڪ سچو عاشق رسول هو، هن مولود

جي صنف جو حق اداکري چڏيو آهي. سندس مولود ۾ نبي پاڪ ﷺ سان

عقيدت، محبّت، اڪنڊ ۽ اُڪير جو هڪ سمنڊ چولين هٽندي نظر اچي ٿو.

ائين ٿو محسوس ٿئي جئن جذبا ثنائيَ جي اندر مان اڀرندي نڪتا هجن.

سندس مولودن جي هولي ۾ هم سادگي، ۽ برجستگي ۽ روانيَ نظر اچي ٿي. موضوع

جي لحاظ کان هن مختلف الانواع مولود چيا آهن. جيڪي مولود جي صنف

جو مثالي نمونو آهن، معيار کان علاوه مقدار ۾ نظر ڪجي ته ثنائيَ

جي مولودن جو تعداد هڪ هزار ۾ مشتمل آهي. اهڙو اظهار هن

پنهنجي هڪ شعر ۾ ڪيو آهي:

ڪيان شعر جو ڪيترو مون شمار
جي مولود ڳڻا ته هوندو هزار (۱) الخ.....

(۱) ثنائيَ ثناء الله: "قلمي بياض" ۽ ٻيان

باب ٻيو

عروضي ۽ لوڪ شاعريءَ جو گڏيل روپ

(الف) مدح

(ب) مناجات

(ت) ٽيهه اکريون

باب پيو

(الف) مدح

(۱) لفظ جي چنڊ چاڻ

'مدح' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ 'واکاڻ' 'تعريف' يا 'ساراه' آهي (۱). سنڌي زبان ۾ مدح کي 'مداح' ۽ ان جي چوندڙ کي 'مداحي' ستيو ويندو آهي.

عربي ادب جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته عربي زبان ۾ 'مدح' جو لفظ ڪنهن جي به تعريف لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. پوءِ اها تعريف ڪنهن بادشاه جي هجي يا امير جي، ڪنهن سردار جي هجي يا ڪنهن بزرگ ۽ پيلاري جي شان ۾ ساراه جا ڊيڪ پڙهيا وڃن. جڏهن ته سنڌي زبان ۾ 'مداح' جو لفظ پنهنجي اندر مخصوص معنيٰ ۽ مفهوم سمائي ٿو. صفت ۽ ساراه ٻڌڻ ۽ ڪرڻ انسان جي بنيادي ڪمزوري رهي آهي. ساراه واريون وصفون يا صفتون جيڪڏهن ممدوح ۾ واقعي آهن ته پوءِ اها صحيح معنيٰ ۾ ساراه ليکبي، پر جيڪڏهن هن ۾ اهي گڻ موجود نٿيون هجن، تہ ان صورت ۾ اها تعريف خوشامد ۾ شمار ٿيندي، جنهن جي پٺيان پڪ کوڙ ذاتي غرض لڪل هوندو.

جڏهن شاعر جي نظم جو موضوع خالق ڪائنات جي صفت ۽ ساراه هجي، يا جنهن شعر ۾ اهڙي ذات جو ذڪر هجي، جيڪا

(۱) ڏسو: فيروز اللغات اُردو جديد، لاهور، ۱۹۷۷ء، ص ۶۲۳

ذات ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ هجي ، جنهن انسان کي انسانيت جو سبق سيکاريو هجي ، جيڪا ذات سيني جهان لاءِ سراپا شفقت ۽ رحمت بڻجي آئي هجي ، جنهن ذات پنهنجيل انسانيت کي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ سيکاريو هجي ، جنهن هستي انسان کي تسخير ڪائنات جو علم عطا ڪيو هجي ، جنهن جو فڪر انساني تاريخ جو اعليٰ ترين فڪر هجي ، جنهن جي عمل جو ڪو مثال ملڻ محال هجي ، ۽ جنهن ذات جي بي داغ زندگي انسان ذات لاءِ واحد ڪائناتي نمونو هجي ، تہ پوءِ اهڙي نظم کي 'مداح' جي زمري ۾ شامل ڪيو ويندو .

ان کان علاوہ شمع رسالت جي انهن پروانن جي واکاڻ پڻ شاعر جي سيني کي سکون بخشڻ جو سامان سهيا ڪري ٿي ، جن پنهنجون حياتيون رسول پاڪ جي هدايتن راهہ تي رهي پوريون ڪيون . ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ 'مداح' جو موضوع حمد باري تعالىٰ ، سرور ڪونين جي صفت ۽ ساراهہ ۽ سچن سالڪن ۽ الله لوڪ انسانن جي واکاڻ تائين محدود آهي .

سنڌي مدح جا ٻہ قسم آهن . اول الف اشباع واري قافيي تي هڪ مدح ، ٻيو عام سنڌي بيت جي ستاءِ تي جو ترڪيل مدح . ۽ ٻنهن ٽيهہ آکري جي صف ۾ چيل مدح ، انهن مداحن جا مثال مناسب جاءِ تي ڏنا ويا آهن .

(ii) مدح جي ابتدا

مدح جي تاريخي پس منظر تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته ان جو سلسلو عرب جي جاهليت توڙي اسلامي دور جي معروف شاعر ابوعقبه کعب بن زهير [۱] جي انهيءَ قصيدي سان شروع ٿئي ٿو، جيڪو هن اسلام قبول ڪرڻ بعد نبي اڪرمؐ جن جي شان ۾ جوڙيو هو. ۽ اهو قصيدو دربار نبويءَ ۾ جڏهن پڙهيو هٽائين ته نبهي جهاڻ جا سردار ان کان تمام گهڻو متاثر ٿيا هٽا. ۽ پنهنجي ڪلهن تي پيل چادر لاهي کعب جي ڪلهن تي رکي هٽائون، انڪري اهو قصيدو 'قصيده بردهٔ' [۲] جي نالي سان مشهور ٿيو. کعب جو ڪهي اچي نبي پاڪؐ جن جي آڏو قصيدو پڙهڻ ۽ نبي مڪرمؐ جن جو کيس نوازش وارو اهو مشهور واقعو آهي هلي، مسلم معاشري ۾ تمدن جي هڪ اهم خصوصيت لاءِ مڪيه کارڙ ٿيو. يعني شاعرن جو دربار ۾ اچي شعر ذريعي مدح ڪرڻ ۽ دل گهريا انعام حاصل ڪرڻ. انهيءَ مان هڪ ته خاص طور انعام لاءِ قصيده گوئي ۽ درباري رسم جو سلسلو شروع ٿيو، ته بي طرف وري ڪنهن پلي انسان سان محض محبت ۽ عقيدت سبب ۽ نڪين ۽ پلاين کي شعر ذريعي ڳائڻ جو بنياد پيو، سندي مداح هن پوئين سلسلي جي شاخ آهي (۳)

---

[۱] کعب بن زهير پنهنجي پي ۽ جي زير تگراني ادب ۽ حڪمت ۾ ڪمال حاصل ڪيو ۽ جوان ٿيندي ئي هڪ خوش ڪلام شاعر سڏجي ويو. شروع ۾ نبي پاڪؐ جو ڪٽر دشمن هو. پر پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضؓ جي معرفت بارگاهِ رسالت ۾ پهتو. ۽ مسلمان ٿيو. کعب جي ولادت يا وفات جي تاريخ ڪا نه لهي سگهي.
احمد حسن زيات: تاريخ ادب عربي، لاهور، انجمن ترقي عربي پاڪستان، ۱۹۶۱ء، ص ۲۵۴، ۲۵۵
مترجمه عبدالرحمٰن سوزني، شيخ غلام علي لاهور

[۲] عربي زبان ۾ 'برده' جي معنيٰ چادر آهي. اها مبارڪ چادر کعب جي خاندان ۾ رهي. جيڪا آخر حضرت معاويه چاليهه هزار درهمن ۾ خريد ڪئي. ان کانپوءِ اها اموي ۽ عباسي خليفن وٽ رهي. ايستائين جو جڏهن خلافت بني عثمان جي هٿ ۾ وئي ته اها چادر به انهن وٽ هلي وئي. احمد حسن زيات: تاريخ ادب عربي، لاهور، انجمن ترقي عربي پاڪستان، ۱۹۶۱ء، ص ۲۵۵
مترجمه عبدالرحمان سوزني، شيخ غلام علي لاهور

(۳) بلوچ، نبي بخش باقاني: مداحون ۽ مداحتون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۱

(iii) سنڌي مدح جي ابتدا ۽ ارتقا

سنڌي مدح جي ابتدا ۽ ارتقا جو جائزو ويٺ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي زبان ۾ مدح جو رواج عربي جي مدحيه قصيدن سان ٿيو، جنهنجو چڱو چوکو ثبوت ان سان ملي ٿو جو ڪعب بن زهير جي قصيده برده جو سنڌي ترجمو گيترن سنڌي شاعرن پڻ ڪيو آهي. سنڌي مداح جو پهريون معروف مدح گو شاعر جمن چارڻ آهي.

فقير جمن ولد محمد بخش چارڻ تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور جي مشهور ڳوٺ ڪمڙا ۾ تولد ٿيو. ۱۷۳۷ع ۾ وفات ڪيائين (۱). هو شاه پٽائي جو ڏاڏو معاصر ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت جو مشهور سگهڙ ۽ شاعر هو. (۲) هڪ روايت مطابق هو نابين، پيرسن، بيمار ۽ نرينه اولاد کان محروم هو. شفايابي ۽ لاءِ مدح حضرت پيران پير بادشاه جي شان ۾ چيائين، جا مقبول ٿي ۽ ڪيس ارشاد ٿيو ته تنهنجو هڪ سوال آڳيءَ جي ڏر آهند و. سوال هن ريت ڪيائين: "سوني ٻانهين سان ننهن پٽ جهولي ۾ ماڻي ۽ تي ڪير ولوڙيندي ڏسان؟" هن سوال ۾ سندس من جي مدعا سمايل آهي. انهي ۽ ڪري جمن چارڻ وارو سوال، ساري سنڌ ۾ پڌاڪي جي صورت ۾ مشهور آهي (۳). چيو وڃي ٿو ته جڏهن جمن چارڻ مداحون لکڻ شروع ڪيون ته خدا جي قدرت سان هنڪي آکين جي روشنائي دوباره حاصل ٿي (۴)، جمن چارڻ جي مدح جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

---

(۱) ميڪ عبدالمجيد دائڻ: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر، عجائب اسڪول، ۱۹۸۲ع ص ۱۰۱

(۲) بلوچ بني بخش دائڻ: مداحون ۽ مداحتون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ع ص ۱

(۳) سديلو عبدالڪريم دائڻ: لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، جام شورو، سنڌ يونيورسٽي، انڊس پبليڪيشنس، ۱۹۸۶ع، ص ۶۲۱

(۴) بدوي لطف الله: تذڪره لطفي، ڪوٽ ٻيو، ڪراچي، لطف لعل پوءِ داس، ۱۹۷۶ع ص ۴۵

توهئون مگا صحت و شفا — صحت و شفا شرم و حيا
تنهنجي مريدن سان وفا — تنهنجي منگين سڀ کنهن نفعا
يا پير پيران بادشاه
نافع نبي عجي نور جو — چوڪي آمين تون مفور جو
معلوم اشئي مذکور جو — سڀ ملڪ ۾ مشهور جو
يا پير پيران بادشاه (۱)،

جمن چارڻ کانپوءِ مدح جو ٻيو معروف شاعر صدرالدين چارڻ هو، جيڪو جمن چارڻ جو همعصر هو. سندس مداحن کي وڏي مقبوليت ملي، هو ضلعي دادو جي گوٺ فتح پور جو ويڙل هو. سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون ملي کونه سگهيون آهن. صدرالدين جي مدح جا بند بگها آهن ۽ قافيي جو استعمال نهايت موزون ڪيل آهي، عربي ۽ فارسي لفظ به گهڻا استعمال ڪيا اٿس (۲). صدرالدين جي مدح مان مثال هيٺ ڏجي ٿو:

سڏ ڪن چنم سيو جگر هڏين ڪيترم هيئڙو حزين
تنهنجو ٿيو تنهنجي تگ، توني ڪيم توڪل تعين
تون ڏس چوان توري ڪهين، انصاف ڪر آهيان امين
راحم تون رب العالمين، هيٺ حمايت جو جهين
پاڻهون ٻڌي پاڙائيان، آڪان اياڪ نستعين

(۱) عنايت الله شيخ حاجي (پبلشر) : ، 'گڏ ٿي مداحون' لاڙڪاڻو ، مدينه پرنٽنگ پريس ، ص ۲۷
(۲) ميمڻ عبدالمجيد داعتر : ، سندي ادب جو تاريخي جائزو' سکر ، عجائب اسحر ، ۱۹۸۲ء ، ص ۱۲۲

هت کنيون هرهر پنا، قادر سندي قربت قرين
هادي هدايت جا ڏنئي، حاصل کرين حق اليقين
کر ديرري ۽ درگاه مان، مقصد سگهو محتاج جو
رک يارسول الله توڻ، باندهي ۽ مٿي هٿ پاڇجو (۱) الخ.....

صدرالدين چارڻ کانپوءِ مخدوم عبدالله واعظ [۲] حافظ حامد [۳] عبدالرحيم گرهوڙي [۴] ۽ ثابت علي شاه [۵] جا نالا اچن ٿا، جن سنڌي مداحون لکيون. انهن کانپوءِ مدح گوئي جو وڏو شاعر ميان سرفراز کلهوڙو آهي.

ميان سرفراز کلهوڙو ۱۷۷۲ع ۾ سنڌ جي گادي ۽ تي ويٺو، ٽالپرن سندس خلاف بغاوت کئي ۽ ۱۷۷۵ع ۾ کيس تخت تان لاهي حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد کيائون. ميان سرفراز کلهوڙو فارسي زبان جو تمام صاحب ديوان شاعر هو، پر سنڌي زبان ۾ به سندس شاعري ڏاڍي وڏي مقبوليت حاصل ٿي. خصوصاً سندس هڪ مداح کي ته سنڌي ادب ۾ غير فاني حيثيت حاصل آهي. اندروني قافيه مداح ۾ وڏو تاثر، روانيءَ ۾ دلڪشي پيدا ڪئي آهي (۶)، ميان سرفراز جي مدح جو مثال پيش آهي:

---

(۱) عنايت الله شيخ صاحبي: گدني جي مداحون، لاڙڪاڻو، مدينه الڪتڪ پرنٽنگ پريس، ص ۱۸ (مرتب)

[۲] مخدوم عبدالله ولد ميان موريو ۱۷۳۶ع ۾ ٺٽي ۾ جاڙو مشهور عالم مولانا ابوالحسن جو پاٽيڪو هو. مخدوم جاوڻا ميان جي لقب سان مشهور هٿ. پر هن پنهنجي علم ۽ فضيلت جي ڪري مخدوم جو لقب حاصل ڪيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا. مخدوم عبدالله جي وفات جي تاريخ ڪانه ٿي ملي. بلوچ بني بخش جاڪاڻي: تحفه اڪرين، جام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ء ص ۱۳

[۳] ڏسو ياڪوبيو باب ٽيون ص - ۲۲۵

[۴] ڏسو ياڪوبيو باب پهريون ص - ۹۳

[۵] سيد ثابت علي شاه ولد سيد مدار علي شاه ۱۷۴۰ع ۾ ملتان ۾ جاڙو، پنهنجي وقت جو وڏو مرثيه گو شاعر ٿي گذريو آهي. مداحون به حياتيءَ ۾ ۱۸۱۰ع ۾ وفات ڪيائين. بدوي تلقد الله، تذڪره لطفي، ياڪوبيو، ڪراچي، ۱۹۴۶ء، ص ۲۶۳

(۶) ميٽ عبدالمجيد جاڪاڻي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، عنايت اڪيڊمي، ۱۹۸۲ء ص ۱۳۰ ۽ ص ۱۱۱

بسم الله ، لب الله ، حسن شاهه ، پناهه پرين تون
منهنجو درگاهه ، پيم آکي ، منڌي راڄ سين مون
پلا جام پهن غلام ، سندو سوال سڀج تون
پسي پاڻهي ، مرسان ، ڏکيا ڏاڍ ڏيئن مون
آهيان ڏڻ ، غمن گڻ ، سچا سڏ سڀج تون
پلا جام پهن غلام ، سندو سوال سڀج تون (۱) الخ.....

ميان سرفراز علمورئي کان پوءِ مدح گو شاعرن ۾

فقير غلام حيدر شر [۲] جو نالو اچي ٿو ، جنهن بعد سنڌي جي برڪ شاعر حسين فقير ديدڙ جي مداحن جي تعريف ساري سنڌ اندر ڦهلي .

حسين فقير ديدڙ ۱۸۰۳ع ۾ گوٺ ديدڙ تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو ، ۽ ۱۸۷۳ع ۾ وفات ڪيائين (۳) ، حسين فقير ديدڙ جي مداحن کي غير معمولي شهرت حاصل ٿي ، جيتوڻيڪ هن کي گهٽيون مداحون هونءَ ڇيون آهن ، چند چاڙ کا ٻوءِ سندس ڪلام جي مجموعي ' ڪليات حسين ديدڙ ' ۾ فقط ٽي مداحون ڏينون ويون آهن ، انهن مداحن جو معيار ٻين مداحون آهي ، ائين تو محسوس ٿئي ، جئن

---

(۱) داڪٽر بي بخش خان بلوچ پنهنجي سميٽريل ڪتاب ' مداحون ۽ مداحتون ' جي ص ۳ تي ميان سرفراز علمورئي جي مٿين مداح کي سنڌي ادب جي پهرين مداح ڪري سڏيو آهي ، ميان صاحب انهن مدح ۱۷۷۴ع ۾ قيد جي حالت ۾ چئي هئي ، جڏهن ته ان کان گهٽو اڳ جمن چارڻ جي مداح ملي ٿي ، جمن چارڻ جي وفات جو سن ۱۷۳۷ع آهي .
ميان سرفراز انهن مدح جمن چارڻ جي وفات کان پورا ۳۶ سال پوءِ چئي آهي ، ساڳي وقت داڪٽر صاحب ساڳي ڪتاب جي ص ۳۰ تي جمن چارڻ جي مختصر سوانح لکندي فرمائي ٿو : سندس جي مدح ۲ ڀاڱي ۾ آڳاٽي آهي ، جا دستياب ٿي آهي ، ۽ ارضي لحاظ سان انهن ڀاڱي ۾ چيل شاعري مداحن جو منڊ آهي " .

[۲] ڏسو ڀاڱو ٻيو باب پهريون ص - ۱۱۷

(۳) سنڌي ادبي بورڊ ، سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ، ۱۹۷۱ع ، ص ۵ سنڌيلو عبدالڪريم جاڳتو : ڪليات حسين فقير ديدڙ

لفظ فقير جي اندر مان اڪما ڏئي نڪتا هجن، هو سراپا التجا بڻجي بني نامور
جي مدد لاءِ پڪاري ٿو: 'يارسول الله عربي الغياث'. سندس هولي
ٿوڙي اسلوب ۽ بيان نهايت عمدو آهي.

حسين فقير جو ڪلام معنيٰ جا موتي آهن، جي اونده
جواهر آهن. جيڪڏهن انسان هڪوار سچيءَ دل سان سندس ڪلام
پڙهندو ته از خود دنيا جي بي بقا و تن کي وساري ڇڏيندو (۱). حسين فقير
جي مدح جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اسم اول چئ الله جو — پهه سيائڻ ڏهي رباني راه جو
ذڪر ذاتي ڪر بندا بالله جو — رک دوامي شوق شهنشاه جو
يارسول الله عربي الغياث
خاص ختم الانبياء خير البشر — تون پلو سرتاج سڀ ڪئن سرسر
انبيائن ۾ اُچو، ڪل ڪئن ڪٿر — عاصين جو آسرو يوم الحشر
يارسول الله عربي الغياث (۲) الخ.....

حسين فقير ديدڙ ڪانپوءِ مُلّا صاحبڏني جي مداح کي
مقبوليت ملي، ملان صاحبڏ و ۱۹-صدي عيسوي جي شروع جو بينظير شاعر تي
گذريو آهي. سندس ولادت جي تاريخ ڪانه تي ملي. هو شڪارپور جو رهاڪو
هو. ۱۸۳۴ ڌاري وفات ڪيائين. سندي ۽ فارسي زبانن جو وڏو ڄاڻو هو.

---

(۱) سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر: ڪليات حسين فقير ديدڙ، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء ص ۶

(۲) ايضاً ص ۲۸

حسين فقير ديدڙ بابت تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:-
سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر: لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو — بلوچ بني بخش جاڪٽر: سينگار

ءِ عربي ۽ جو به علامه هو (۱) .

مُلّا صاحبڏني جي جيڪا مداح ملي ٿي، ان جو معيار ڏسي بنا شڪ شبہ چئي سگھجي ٿو تہ هو پنھنجي دور جو قادر الڪلام شاعر هو. سندس مدح کي سڌ اندر چڱي مقبوليت حاصل ٿي . مُلّا صاحبڏني جي مدح جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

بنام خدا عرض سڌ سيّدا
ڪريو ماڻ مسڪين جي مقتدا
لوڻ سرتاج ، سردار ، صاحب سدا
سپو جگ سلامي سندءِ سرورا
پهچ پير درماندگان دستگير
مريدن مدد ڪر محي الدين مير (۲) الخ.....

مُلّا صاحبڏني کانپوءِ هن فقير لغاري [۳] نواب جان محمد لغاري [۴] مصري شاه [۵] ۽ حاجي خانڊ چنجٹي [۶] جانالا اچن تائين جن سنڌي مدح ٿي طبع آزمائي ڪئي . مگر هن دور جي نامياري مدح گو شاعر شاه محمد ديدڙ جي مدحن کي عام ۽ خاص ۾ مقبوليت ملي .

---

(۱) بدوي لطف الله : تذڪرہ لطفي ' پاڪو ٻيو ، ڪراچي ، نند لعل پوڪرداس ، ۱۹۴۶ء ، ص ۴۴۸

(۲) بلوچ ٻني بخش ' مداحون ۽ مناجاتون ' حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۹ء ، ص ۳۷

[۳] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص - ۹۵

[۴] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص - ۱۴۳

[۵] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص - ۱۱۹

[۶] حاجي خانڊ چنجٹي ڳوٺ ميان داد چنجٹي تعلقي واري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ۱۸۴۰ء ۾ جائو . ان وقت جي وڏي شاعر شاه محمد ديدڙ سان دوستي هيس . جنهن کي سندس شاعري ۾ رنگ لڳو . مدح ٿي به طبع آزمائي ڪئي . ۱۹۱۵ء ۾ وفات ڪيائين . سنڌيلو عبدالڪريم ساحٹو ، ڪليات حاجي خانڊ چنجٹي ، ۱۹۸۱ء ص ۱۳

شاھ محمد فقير ديدڙ ۱۸۳۰ع ۾ گوٺ ديدڙ تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. ۽ ۱۸۹۲ع ۾ وفات ڪيائين. فقير پنھنجي وقت جو جيد عالم ۽ چوٽيءَ جي شاعرن مان ھو (۱).

فقير شاھ محمد جي مداحن جو معيار مٿاھون آھي. جن ۾ ھن نبي مڪرم ﷺ جي اسوۂ حسنه جي دل جي اٿاھ گھرائين سان تعريف ڪئي آھي. ان کانسواءِ ڇٽ يارن جي صفت ۽ ساراھ ۽ پنھنجي مرشد جي تعريف ۾ مداحن چيون اٿس. سندس مداحن جي ٻولي عام فھم آھي. فقير شاھ محمد ديدڙ جي مداح جو نمونو ھيٺ ڏجي ٿو:

ھر دم چوان ھر آن ۾، ھر لحظ ھر امکان ۾
چاوسنون چاويران ۾، جو فرض ٿئي فرقان ۾
صلواة توسر سيّدا - صلى الله عليه وسلم
آدم حوا ھابيل جي، شه شيث اسماعيل جي
ادريس، اسرائيل جي، خود نوح خاص خليل جي
صلواة توسر سيّدا - صلى الله عليه وسلم (۲) الخ.....

[۳]
ميان شاھ محمد ديدڙ ڪانپوءَ مولوي احمد ملاح مولانا غلام رسول جتوئيءَ [۴] آخوند لطف الله [۵] جانالا اڇن تا. ساڳي دور ۾ مدح جي صف ۾ جنھن شاعر کي وڏي شھرت نصيب ٿي سو ميان ثناء الله ثنائي ھو،

(۱) سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر، 'ڪليات شاھ محمد ديدڙ'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ع ص ۱۷ ص ۹۶
(۲) ايضاً

[۳] ڏسو ضميمو ع ۲ ص - ۵۷۵
[۴] ڏسو باڪو پھريون باب چوٿون ص - ۱۶۱
[۵] ڏسو باڪو ٻيو باب پھريون ص - ۱۴۶

(۱۷) مولانا ثنائيءَ جي مداح جو تعارف

مرحوم ثنائيءَ جي مداح سنڌي ۽ زبان ۾ ديني شاعريءَ جي ڏس ۾ ستو اضافو آهي. سندس کل مداحون ملي سگهيون آهن. جن مان ڪي ٽيهه اکريءَ واريءَ قافيي تي ٻڌل آهن. جڏهن ته عام سنڌي بيٽ جي ستاءَ تي ٻڌل مداحن جو تعداد وڌيڪ آهن. ثنائيءَ جون ڪجهه مداحون علم عروض تحت جوڙيل آهن. مداح جي مذڪوره قسمن جا نمونا هيٺ پيش ڪجن ٿا.

ٽيهه اکريءَ واريءَ قافيي تي ٻڌل مداح جو نمونو

الف الله جو يار محمد — ٻيندو کل آثار محمد
بيشڪ آ غمخوار محمد — ڏيکاريءَ ديدار محمد
صلى الله عليه وسلم

بي نه ڇڏي بيمار محمد — امت جو سردار محمد
داروڻ ڏي دلدار محمد — حاذق آ هوشيار محمد
صلى الله عليه وسلم

حي آحامي ميار محمد — والي وارث ويار محمد
پيرن جو آ پير محمد — تامي لئه اڪسير محمد
صلى الله عليه وسلم

الخ..... (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله ۱، 'اشعار ثنائي' شڪارپور، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز، ص ۳۸ ص ۳۹

عام سنڌي بيتن جي ثناءَ تي ٻڌل مدح

هن قسم جي مداحن جي ترتيب توڙي مواد لاجواب آهي، ثنائيءَ مرحوم اهي گهٽو ڪري مخمّس ۽ مثمن ۾ چيون آهن، هيٺ ٻنهي مان مثال پيش ڪجن ٿا.

مخمّس تي جوڙيل مدح

مخمّس تي جوڙيل مدح مان مراد پنجن سٽن تي مشتمل آهي يعني مدح ۾ هر مصرع پنجن سٽن جي هوندي آهي، جنهن مان چار سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ پنجين سٽ وراٽي طور استعمال ٿيندي آهي. پنجين سٽ جو پڇرين سٽن سان هم قافيه هجڻ ضروري نه هوندو آهي.

پاڪ پروردگار لا اوبالي لايزال — هيڇمگون صانع صمد وبي مثال
آه قادر منتقم پٽ ذوالجلال — سيد اسٽ تون سوالين جو سوال
يا حبيب الله عربي الغياث
تون اجهو عاصين سندو عالم اجار — تون ضعيفن ۽ يتيمن جو آن يار
تون غريبن غمزدن جو غمگسار — بي وسيلن جو وسيلو نامدار
يا حبيب الله عربي الغياث (۱) الخ.....

مثمّن تي جوڙيل مدح

مثمّن تي جوڙيل مدح مان مراد اٺن سٽن تي مشتمل مدح آهي، هن ۾ هر مصرع اٺن سٽن جي هوندي آهي، جنهن جون پهريون پنج سٽون پاڻ ۾

(۱) ثنائي ثناءالله: 'اشعار ثنائي'، شڪارپور، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب، ص ۴۲ ص ۴۳

هم قافيه هوندیون آهن ۽ آخري ٽي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هوندیون آهن، سٽن ۽ ائين ست وارائي طور استعمال ٿيندیون آهن.

راحم، رب، وسيع ودود — مولي ملڪن جو مسجود
سوئي سنياليي صاحب جود — عرض عيان ڪريان ظاهر نود
پهچ پيغمبر ڪر خوشنود — ٻڌ ٻڌاءُ جهڻ آهه
رس رسول وري ڪر واه
هج هميشه شامل شاه (۱) الخ.....

ثنائي جي مدح علم عروض جي ڪسوٽي تي

مرحوم ثنائي جي مدح جي ٻن سٽن جي نموني طور تقطيع پيش ڪجي ٿي.

آهه قادر مقتدر پٽ ذوالجلال — سيد اسٽ تون سوالين جو سوال

وزن :- فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلات

تقطيع :	آهه قادر	مقتدر پٽ	ذوالجلال
	٨ - -	- - ٨ -	- ٨ - ٨
	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلات
	سيد اسٽ	تون سوالين	جو سوال
	- - ٨ -	- - ٨ -	- ٨ - ٨
	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلات

بيت جي پهرين ست ۾ 'ذوالجلال' مان 'و' ۽ ا حذف ٿي ويا آهن. اهڙي ريت بيءَ ست مان 'تون' جو 'ن' ۽ 'سوالين' مان 'ي' حذف

(۱) ثنائي ثناءالله : 'اشعار ثنائي' شڪارپور، مولوي محمد عظيم تاهران ڪتب، ص ۴۷

ٿيل آهن. علم عروض جي قانون مطابق يت سمذوا (يتسمنوا) يعني يات س مڻ وا بوقت ضرورت حذف ڪري سگهجن ٿا.

متين مدح 'بحر رمل مسدّس مقصور' ۾ چيل آهي.

مرحوم ثنائي جي هڪ ئي مدح جو مثال پيش ڪجي ٿو. جنهن جون پهريون ٽي ستون 'بحر متقارب مثمن سالم' ۾ آهن ۽ پويون ٽي ستون 'بحر متقارب مثمن محذوف' ۾ بدل آهن.

تون قلزم سخا جو ـ تون حاصل لواجو
تون صاحب ردا جو ـ تون مالڪ شفا جو
تون هادي هدىٰ جو ـ تون رهبر رضا جو
ڪيئي سر ٻلا جو ڪيئي التجا
سگهو سوال ورناءِ مرسل مٿا
ٻڌي داد هن دلجاءِ تي دلربا (۱) الخ.....

تقطيع

تون قلزم	سخا جو	تون حاصل	لواجو
٨ ـ ـ	٨ ـ ـ	٨ ـ ـ	٨ ـ ـ
ف عولن	ف عولن	ف عو لن	فعولن
تون صاحب	ردا جو	تون مالڪ	شفا جو
٨ ـ ـ	٨ ـ ـ	٨ ـ ـ	٨ ـ ـ
ف عو لن	ف عولن	ف عو لن	ف عولن
تون هادي	هدىٰ جو	تون رهبر	رضا جو
٨ ـ ـ	٨ ـ ـ	٨ ـ ـ	٨ ـ ـ
ف عو لن	ف عولن	ف عولن	فعولن

(۱) ثنائي ثناءالله ڏ، 'قلمي بياض'، تان

مثمن سٹ مان 'تون' جو 'و' ۽ 'ن' ۽ 'هدا' جي 'ي' حذف ٿي وڃڻ سان مثمن سالم ٻڌجي ٿو.

ڀيڻي سر	بلا جو	سڻي الا	ٿجا
٨ - -	٨ - -	٨ - -	٨ -
ف عو لن	ف عولن	ف عولن	فعل
سگهوسوا	ل ورنا	۽ مهل	منا
٨ - -	٨ - -	٨ - -	٨ -
ف عولن	ف عولن	ف عولن	فعل
ٻڌي دا	نهه دلجا	۽ ڏي دلا	ٻڌا
٨ - -	٨ - -	٨ - -	٨ -
ف عولن	ف عولن	ف عولن	فعل

هتي ٻي سٽ جي 'سوال' مان 'و' ۽ 'دانهه' مان 'ن' حذف ڪرڻ سان مثمن محذوف ٺهي ٿو.

(ب) مناجات

(۱) لفظ جي چنڊ چاڻ

'مناجات' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جو بنياد 'ناجيٰ' آهي ۽ لفظي معنيٰ مطابق ان جو مطلب ڪنَ ۾ گالهه ڪرڻ آهي (۱)، 'مناجات' جو مفهوم اهو نظم آهي، جنهن ۾ خدا جي تعريف ۽ پنهنجي عاجزي ۽ جو اظهار ڪري التجا ڪئي وڃي (۲).

'مناجات' جي وسيع وصف مطابق هي نظم جي هڪ صنف آهي، جنهن ۾ شاعر ڏيهن جي ڏاتار جي حمد و ثنا بعد پنهنجي دکن درد ن جو احوال اوري مشڪل ڪشائي لاءِ پاڻ ڏائيڏو آهي، ياور ي ويٺن جي هميراه رسول عربي ۾ جي صفت ۽ ساراه ڪا پنو ۽ ڪين سچ ۾ سانڊي ٽيڙ لاءِ وسيلو ونڊي دل جي گهرائين سان پڪارينڊو آهي. 'مناجات' ۾ شاعر صحابه ڪرام رضوان الله، اهل دل درويشن، ولين ۽ خدا رسيدن بزرگن جي منزل ۽ مقام ڪي ساراهيندي، التجا ڪندو آهي ته ڏٺي ڏر سندس سوال اگهاڙ لاءِ معاون ۽ مددگار ٿين. چالاءِ ته اهي انمول انسان پنهنجي پارسائيءَ سبب واحد ڪي ويجها هوندا آهن، تنهنڪري ڏٺي ڏر انهن جي التجا اگهامندي آهي.

(۱۱) مدح ۽ مناجات ۾ فرق

مدح ۽ مناجات ۾ خصوصي فرق هي آهي ته 'مداح' جو خاص مضمون ساراه ۽ تعريف آهي، پوءِ پل ڪٽي ضمني طور ان ۾ مدد لاءِ سوال به ڪيل هجي. 'مناجات' جو خاص مقصد پنهنجو حال اوڙڻ ۽ مدد لاءِ سوال ڪرڻ آهي، حالانڪ ساراه ۽ تعريف به ان جو لازم ملزوم جز آهي. مجموعي

(۱) ڏسو: 'فيروز اللغات'، اردو جديد، لاهور، ص ۶۵۳
(۲) لاهوري عبدالمجيد، 'جامع اللغات اردو' جلد چوٿون ص ۵۹۴

طور سان مُداح ۽ ساراہ ۽ مُناجات ۽ سُوال جو جز غالب آهي (۱)، مدح فقط نبي مڪرم، صحابہ ڪرام، ولين ۽ بزرگن جي شان ۾ چيل نظم کي چئبو، جڏهن ته مناجات ۾ شاعر خداءِ ذوالجلال جي حمد و ثنا بعد پنهنجن ڏکن دردن، مسئلن ۽ مشڪلاتن جو حال اوهيندي مشڪل ڪشائي لاءِ التجا ڪندو آهي.

مناجات جا مکيہ ٻہ قسم آهن.

(۱) عام سنڌي ڏگهن ٻٽن واري ستاءتي بدل مناجات

(۲) ٽيهہ اکري ءَ جي صنف ۾ چيل مناجات

(iii) سنڌي مناجات جي ابتدا ۽ ارتقا

سنڌي مناجات جي ابتدائي شاعرن ۾ سيڪان پهريون نالو مخدوم عبدالله واعظ [۲] جو نظر اچي ٿو. جنهن جي هڪ مناجات نبي مڪرم جن ڏانهن منسوب آهي، جيڪا مخمّس ۾ آهي. مخدوم عبدالله جي مناجات ۾ روانيءَ ۽ تسلسل آهي، بولي عام فهم ۽ سليس استعمال ڪيل آهي. معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان به مخدوم واعظ جون مناجاتون معياري نظر اچن ٿيون. سندس مناجات جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

جڏهن آئين جهان ۾ تيا ظاهر متي نهين
پڙهو ڪيو پادشاهن جو جلوو منجهہ جبين
تڏهن ملحد مات تيا، ڪفر رهيو ڪين
آيا تڏهن اسلام ۾ درست متي سڀ دين
افضل رسول امين، فرياد رس يا مصطفيٰ (۲) الخ.....

(۱) نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر، 'مداحون ۽ مناجاتون' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۵

[۲] ڏسو پڳو ۱ پيو باب ۱ پيو ص - ۱۶۰

(۳) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، مداحون ۽ مناجاتون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۶۱

مخدوم عبدالله واعظ کاپوءِ مناجات جو نالیرو شاعر میان حامد الله حضوري[۱] هو. جنهن جي مناجاتن کي مقبوليت ملي. میان حامد الله جي مناجات مخمّس ۾ آهي. جيڪا منڊڙي بحر ۾ نهايت سهڻي سٽاءَ ۾ چيل آهي روانيءِ برجستگيءِ، سلاست ۽ مناسب سندس مناجات جون خاص خوبيون آهن، سندس هيٺين مناجات محبوب رب العالمين ڏانهن منسوب آهي:

امتي اوهانجو آهيان - ٻي درڪنهين نه ڪاهيان
نه مل تون ڪر نگاهان - رس يا سخي سرور
پهچج اچي پيغمبر
هو ڪان ٻيون مدايون - ڪوجهيون ڪيم ڪچايون
مهسل متي مَنايون - رس يا سخي سرور
پهچج اچي پيغمبر (۲) الخ.....

[۳] میان حامد حضوريءَ کان بعد پير محمد اشرف کامارائي جونالواچي ٿو، جنهنجي مناجات حضرت غوث بهاءالحق ملتاني ڏانهن منسوب ٿيل آهي، جنهن کاپوءِ غلام حيدر شر[۴] جي مناجات ملي ٿي، پر هن دور ۾ جنهن شاعر جي مناجات کي بيحد شهرت ملي سو حسين فقير ديدڙ[۵] آهي. حسين فقير جي مناجات 'يا رسول الله عربي الغياث' کي سارڻ سنڌ اندر غير معمولي

---

[۱] ڏسو پاڳو باب ص

(۲) بلوچ نبي بخش داڪٽر: 'سداحون ۽ مناجاتون'، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء ص ۱۱۰ ص ۱۱۱

[۳] ڏسو پاڳو ٻيو باب پهريون ص - ۱۴۵

[۴] ڏسو پاڳو ٻيو باب پهريون ص - ۱۱۷

[۵] ڏسو پاڳو ٻيو باب ٻيو ص - ۱۶۱

مقبوليت حاصل ٿي. هي مناجات مخمّس ۾ آهي ۽ فني توڙي فڪري لحاظ کان نهايت معياري آهي. بولي ۽ اسلوب، بيان جي نقطه نگاه کان حسين فقير جون مناجاتون مثالي آهن. مسدّس ۾ رچيل هڪ مناجات ۾ هن پنهنجي التجا کي يارهن رائتن ۾ بيان ڪيو آهي ۽ هرهڪ رات جي فرياد پنهنجي اندروڏي اٿراڻگيني رکي ٿي، هي ترتيب مناجات جي صنف ۾ نرالي نظر آچي ٿي، هو رقمطراز آهي:

پهرين رات پيغمبر پاڪ	سڏ ڪيون سڏ ڪري غمناڪ
دل ڏکن ڪئي چيري چاڪ	مل محمّد لاه فراق
سيّد سڏ فرياد فقير	
مارڻ سگهو ڪر محمد ميڙ	
چوٿين رات چوان هي حال	سائين! سڏ تون منهنجو سوال
درد غمن ڪئي دل پائمال	ڪر نوازش ساڻ نهال
سيّد سڏ فرياد فقير	
مارڻ سگهو ڪر محمد ميڙ	(۱) الخ.....

حسين فقير ديدڙ ڪاپوءِ مينگهو فقير شر [۲] جو نالو اچي ٿو. جنهن کان بعد مناجات جو هڪ پختو شاعر نواب الله داد خان لغاري نظر اچي ٿو، جنهن جي مناجات منفرد حيثيت جي حامل آهي،

نواب الله داد خان لغاري، نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو

---

(۱) سنڌيلو عبد الڪريم جاڪڙ: ڪليات حسين ديدڙ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء، ص ۳۵

[۲] سيّد فقير ولد غلام حيدر شر ۱۹۱۹ء ۾ تعلق ميرپور ماٿيلو ضلعي خيرپور ۾ ڄائو. اڃا ٻار هيل هو، پر عالمن سان صحبتون رهائين ۽ ڪجهن ئي سالن ۾ ۱۸۹۵ء ۾ وفات ڪري ويو. (ڪليات، ص ۶۱۰)

فرزند هو، سندس تخلص صوفي هو، وڏو درويش صفت انسان هو، تعلقي تنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد جي ڳوٺ تاجپور ۾ ڄائو. تاريخ، ولادت جي خبر ڪانه ٿي پوي. ۱۸۸۲ع ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪيائين (۱).

نواب الهداد لغاري جي مناجات بدرگاه قاضي الحاجات

آهي، هو پنهنجي مشڪل ڪشائي ۽ لاءِ سنوڻن سڏ و رب ڏاهن رجوع ڪري ٿو. هن پنهنجي مناجات ۾ مشرڪن ۽ گمراهن کي نندیو آهي. جيڪي خدا جي دامن ڇڏي غيرالله کي پنهنجو حاجت روا تصور ڪن تا. مناجات نهايت ايمان افروز آهي، جا مسدّس جي سٺاءِ ٿي لکيل آهي. ۽ منجهس روانيءَ، شستگيءَ ۽ سلاست سمايل آهي، نواب الهداد لغاري جي مناجات جو مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

ڪوچوي: "منهنجي پڄاڻ پير" آءُ تنهنجو مريد
نذر ڏيندس، ڏن پرينداس، منهنجي سولي ڪج سعيد
پر پلياپائن نتا تا ڪنهن جي هٿ امر مزيد
تنهنجي هٿ سپ مهاڃ، تون حاجت روا رب الرشيد
واه هن بيواه جي ڪر، پاڪ پروردگار پناه
تنهنجي هٿ سپ درد جو درمان نه تنهن ۾ اشتباه (۲) الخ.....

نواب الهداد لغاري ڪاپوءِ مصري شاه [۳] حاجي

---

(۱) بلوچ نبي بخش داڪٽر: "مداحون ۽ مناجاتون"، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۴۴۶

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص ۴۴۶

[۳] ڏسو پاڪو ٻيو باب پهريون ص - ۱۱۹

خان محمد چنجٹي [۱] خليفو غلام الله [۲] منشار فقير راجڙ [۳] حاجي عثمان چاچي [۴] ۽ شاه محمد ديدڙ [۵] جا نالا اڃان تائين جن مناجاتون لکيون. ليکن حاجي عبدالله ڊڪڻ جي مناجاتن کي مٿين مٿرئني شاعرن جي مناجاتن کان وڌيڪ مقبوليت ملي.

حاجي عبد الله ولد محمد فقير سومرو ڊڪڻ ڳوٺ الهرکيو جلباڻي تعلقي نصير آباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ۱۸۷۰ع ۾ ڄائو. پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. ۲۸-۱۹۳۰ع ڌاري وفات کيائين (۶).

حاجي عبدالله جون مناجاتون معيار ۽ تڙي مقدار جي لحاظ کان اهم آهن. فني تڙي ۽ فڪري نقطه نگاه کان به انهن کي انفراديت حاصل آهي. هوليءَ جو اسلوب بيان عمدو آهي. فڪر جي گهرائي ۽ گيرائي جون خوبيون جابجا نظر اچن ٿيون. سندس مناجات جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ميرِ مقصد لئه سدا سوالي آهيان درگاه جو
رات ڏينهن روح ۽ تو ڏي آڪاڏ وساه جو
دائمات کي توقع دوست تو دلخواه جو
گل ڏٺي ڪجي ڪر عدالت، غور ڪر بيواه جو
يارسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي
رهبرا رحم ڪر سچ، ڏيان داڻن منهنجو داد ٿئي (۷) الخ.....

---

[۱] ڏسو پاڪو ابيو باب ابيو ص - ۱۶۳

[۲] ڏسو پاڪو ابيو باب ٽيون ص - ۲۷۸

[۳] ڏسو پاڪو ابيو باب پهريون ص - ۱۲۲

[۴] حاجي عثمان ولد حاجي محمد سمجهتل چاچي لاڙڪاڻي شهر ۾ ۱۸۷۵ع ۾ تولد ٿيو. خدا جو وڏو ڀاڪ هانهوهو. مولوي غلام رسول چاچي ۽ خليفي غلام رسول چاچي کان ۱۲ - مئي ۱۹۸۸ع تي ريڊيو ملاقات ۾ معلوم ٿيو. ڪافي عرصو ڪراچي ۾ رهيو ۽ ۱۹۱۱ع ۾ وفات کيائين.

[۵] ڏسو پاڪو ابيو باب ابيو ص - ۱۶۴

(۶) بلوچ بني بڻڻ جا ڪتاب، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۲۴۴

(۷) ايضاً ص ۲۴۹

حاجي عبدالله ڊڪٽ ڪانپوءَ مناجات گو شاعرن ۾ مراد علي

فقير شر [۱] حافظ حاجي حامد [۲] ۽ حاجي چام خان چانڊيي جا نالا اچن ٿا.

جن ۾ چام خان چانڊيي جون مناجاتون منفرد رنگ ۾ آهن.

چام خان ولد محمد رحيم چانڊيو گوٺ ٻڌي خان چانڊيو

ضلعي بدين ۾ ۱۸۹۱ء ۾ ڄائو. سهولت نه هئڻ سبب پڙهي نه سگهيو. تاهم ڪيترو

ئي ڪلام چيو اٿس. ۱۹۵۴ء ۾ وفات ڪيائين (۳).

چام خان جي هڪڙي مناجات جون پهريون چار بندون

پاڻ ۾ هم قافيه آهن ۽ پويون ٻئي بند پنهنجون الڳ قافيو رکن ٿيون، يعني هر هڪ

بند بند ٻئي مشتمل آهي. مناجات جي سهڻي ترتيب انهيءَ ريت رکيل آهي.

هڪ ٻي مناجات جيڪا مسدس ۾ آهي، تنهنجو موضوع ساڳئي رکيو اٿس. هوءَ

پنهنجي سانگين کي سارهي ٿي. ڪير ڪامل يقين آهي ته سانگي سندس مدد ضرور

لهندا. ۽ سندس دکن جو درمان ڪندا. مناجات جي باطني مفهوم ۾ معنا ٿي غور

ڪجي تو ته سانگين مان مراد ٻني مڪرمہ جن جي ذات گرامي آهي. قفس ۽ قيد

مان مراد دنيا جون عقوبتون ۽ تڪليفون آهن. الله لوڪ انسان جي دل ۾ سدائين

پنهنجي محبوب جي طلب ۽ تات هوندي آهي. ۽ ڪين يقين ڪامل هوندو آهي ته هڪ

ڏينهن هو ضرور هن دنيا جي دام مان آزاد ٿي وڃي پنهنجي مالڪ سان ملاقاتي

ٿيندا. چام خان جي مناجات جي بولي ۾ سستگي ۽ روانگي آهي. خيالن جي تسلسل ۽

---

[۱] مراد علي فقير ولد منگهو فقير شر بلوچ گوٺ منگهوشر تعلقي ميرواه ضلعي خيرپور ميرس ۾ ۱۸۸۵ء ۾ ڄائو.
شاعري ڪيس ورثي ۾ ملي. سندس وفات جي تاريخ ڪانه ٿي ملي. بلوچ ٻني جنث ڊاڪٽر: مداحون ۽ مناجاتون، ص ۳۱۵
حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء،

[۲] ڏسو پڳو ٻيو باب ٽيون ص - ۲۲۵

(۳) بلوچ ٻني جنث ڊاڪٽر، مداحون ۽ مناجاتون، ڪراچي/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۳۱۷

بلندي ۽ سبب سندس مناجاتون پنهنجو مقام وٺي ٻيئون آهن ، جام خان چانڊيي جي مناجات جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪابندي ڪي ناهه طاقت راز نوڙ جهاڻي رهي
ڪيئن ويا وارو وڃائي ڪونه ڪو رهندو ڪهي
راه ان تي تيار وانا ، نائي ڪنڌ ڏاويا ٻڌي
قلب مان ڪيڏو ڪوڙ بازيون چوريون ڪرڻا چهي
ڪوڙ تنهنجو ڪيئن قبوليان ؟ بندهي ٻيڪار جو
سچ نه سانگي سڏ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو (۱) الخ .....

جام خان چانڊيي کانپوءِ لالڙ خان لغاري جو نالو اچي ٿو، جنهن کان پوءِ مناجات گوئي ۾ مولوي احمد ملاح [۲] جو نالو وڏي اهميت جو حامل آهي ، مولوي ملاح جي مناجات معيار جي لحاظ کان شاهڪار جهي حيثيت رکي ٿي، منجهس فصاحت ، بلاغت ۽ سلاست جون سموريون خوبيون سمايل نظر اچن ٿيون ، تسلسل ۽ روانيءَ مناجات جي خاص خوبي آهي، مولوي ملاح پنهنجي مناجات ۾ ڏيهن جي ڏاتار سان مخاطب آهي:

دانهن توڙي ، تون ڏٺي ، درگاه تون ، دربار تون ،
تون سدا ، تنهنجي سدائين صاحبي ، سرڪار تون ،

---

(۱) بلوچ بخش داڪٽر : ' مداحون ۽ مناجاتون ' ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۹ء ، ص ۳۲۴

[۲] ڏسو ضميمو ۲ ، ص ۵۷۵

مولوي احمد ملاح جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو : سمايل مهراڻ ' شاعر نمبر) - آديسي انٽي ويا - سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر - لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ -

توں هيئن ، آهين به ، هوندين ، هوند جو حقدار توں
توں اول ، آخر به توں ، اسرار توں ، اظهار توں
جوڙ ۾ جوڙ و نه تنهنجو ، جوڙ جوڙ ٺهار توں
توں نه ڏيندين ڪير ڏيندو ، ڏيهه جو ڏاتار توں (۱) الخ.....

مولوي احمد ملاح جو هيءُ معصر مناجات جو برڪ شاعر مل محمود پلي [۲] هو، جنهن جي مناجاتن کي مقبوليت ملي. پلي جي مناجات مربع جي سٽاءَ ۾ ڪيل آهي. پهريون ٽي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه آهن ۽ چوٿين وارٽي جي سٽ جو قافيو ٻلهه سان هم قافيه آهي. هولي توڙي اسلوب بيان عمد و اختيار ڪيو اٿس. سندس مناجاتن مان سنڌ جي ثقافت جي به عڪاسي ٿئي ٿي. مل محمود پلي جي مناجات جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪاهه قاصد سانگ آيو ، خط ڪتابت هي ڪٽي
شاد سپ آباد هيا مينهن پٽون تربر هٽي
لام لاٽي ، موڪ مڪٽي ٽي گهرن پاسي گهٽي
آءُ سيڙو سرهي ٿيان ، ڏيهڙون لهي سپ ڏک ويا
گرٽ گولون ، گگر ، وليون ، ڏت ڏاڏا ٽوپيچي
وڳ وارٽي ويڙهه ۾ ، وينم اباڻا اڄ اچي
چاڪ چوڙيلين ڪيا ، چوڪا حسن جا رنگ رچي
او سنيالي واڄ ستان ٽي جي سهيلين سانگ ڪيا (۳) الخ.....

(۱) بلوچ بني بخش داڪٽر : ، مداحون ۽ مناجاتون ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۹ء ، ص ۳۹۸

(۲) ڏسو ص - ۲۰۳

(۳) بلوچ بني بخش داڪٽر : ، مداحون ۽ مناجاتون ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۹ء ، ص ۴۷۴

(۱۷) ثنائيءَ جي مناجات جو تعارف

مرحوم ثنائيءَ جون مناجاتون سندس سموريءَ ڪلام وانگر نهايت معياريءَ آهن. جن ۾ هن علم عروض جو خاص خيال رکيو آهي. مناجات جي ٻوليءَ ۾ سادگي، روانيءَ ۾ شستگي سمايل آهي. ثنائيءَ جون سموريون مناجاتون رب العالمين ڏانهن منسوب آهن. جن ۾ هن پنهنجي ڪمزورين، ڪوتاهين ۽ ضعيفيءَ جو ذڪر نهايت عاجزانه انداز ۾ ڪيو آهي.

هيٺ ميان ثنائيءَ جي مناجات جو علم عروض جي روشنيءَ ۾ جائزو پيش ڪجي ٿو.

نه طاقت آ، نه طاعت آ، رڳو سڪ يار جي آهي
اندر ۾ آرزو دلدار جي ديدار جي آهي (۱).

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

تقطيع:	نه طاقت آ	نه طاعت آ	رڳو سڪ يا	ر جي آهي
	٨ — — —	٨ — — —	٨ — — —	٨ — — —
	م فا عي لن	م فا عي لن	م فا عي لن	م فا عي لن
	اندر م آ	رز و دلدا	ر جي ديدا	ر جي آهي
	٨ — — —	٨ — — —	٨ — — —	٨ — — —
	م فا عي لن	م فا عي لن	م فا عي لن	م فا عي لن

مٿين مناجات جو بحر هزج مثمن سالم آهي.

صرف فقط هيلين ست جي پهرين لفظ 'اندر' جي 'ن' کي حذف ڪبو.

(۱) ثنائي ثناء الله: ، ديوان نعتيه ثنائي، لاڙڪاڻو، ويڙهو مل ڪنڊ مل پبلشر، ص 99

ٻيو مثال :-

| يا الاهي ذات پنهنجي کبريا جي واسطي |
| رحمت للعالمين خيرالورىٰ جي واسطي (۱) |

وزن :- فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

تقطيع :-

يا الاهي	ذات پنهنجي	کبريا جي	واسطي
۸ - -	- ۸ - -	- - ۸ -	- ۸
فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلن

رحمت لل	عالمين خيـ	ـرالورا جي	واسطي
۸ - - -	- ۸ - -	- - ۸ -	- ۸
فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلن

مٿين شعر جو بحر رمل مثمن محذوف آهي .

هتي پهرين ست هم لفظ 'پنهنجي' جا ٻئي 'ن' حذف ٿي ويندا. اهڙي طرح ٻي ست هم 'رحمت للعالمين' مان 'ر' ۽ 'ل' جي وچ وارو 'الف' حذف ڪيو ويندو .

ٽيون مثال :-

| الاهي عبادت جي توفيق ڏي |
| عقيدي سڌارڻ جي تحقيق ڏي (۲) |

وزن :- فعولن فعولن فعولن فعل

تقطيع :-

الاهي	عبادت	جي توفيـ	ـق ڏي
۸ - -	- ۸ -	- - ۸ -	- ۸
فعولن	فعولن	فعولن	فعل
عقيدي	سڌارڻ	جي توفيـ	ـق ڏي
۸ - -	- ۸ -	- - ۸ -	- ۸
فعولن	فعولن	فعولن	فعل

مٿين پنهنجي ٽن هم 'جي' 'مان' 'ي' حذف شڻ سان مناجات جو بحر متقارب مثمن محذوف ٿيندو آهي.

(۱) ثنائي ثناءالله ، شمع رسالت عرف انوار نبي ، شيخ عنايت الله تاجر عنب حر
(۲) ثنائي ثناءالله قلمي رياض ثنان مرتل

(ت) تيھه اکريون

(۱) لفظ جي چنڊ چاڙ

تيھه اکري کي 'سي حرفي' به چوندا آھن. تيھه اکري = تيھه + اکر = حرف + ئي، نسبتي علامت، يعني تيھن اکرن (حرفن) واري صنف. سي حرفي = سي (فارسي) + تيھه + حرفي = حرف (اکر) + ي، نسبتي علامت، يعني تيھن حرفن واري صنف (۱).

'تيھه اکري' مان مراد اھو نظم آھي، جو عربي الف، بي جي اکرن مطابق سلسليوار چيل ھجي. عربي الف ب جا اصولي حرف اٺاويھه آھن. البت ھارٿرن کي ھمزه الف 'ء' توڙي 'لام' ۽ 'الف' جي گڏيل صورت ۾ 'ھ' کانپوءِ داخل ڪيو، جنھن ڪري الف ب جو تيھن اکرن وارو گاڏيٽو توڙي انھن جو ھڪ ٻئي پٺيان سلسلو عام رائج ٿي ويو. انھن تيھن اکرن جي سلسلي مطابق جوڙيل نظم کي فارسيءَ جي لحاظ کان 'سي حرفي' ۽ خالص سنڌي اصطلاح موجب 'تيھه اکري' چيو ويو (۲).

ھتي نقطه نگاه کان تيھه اکري جي جوڙجڪ ڪجھ ھن ريت ھوندي آھي، عام طرح شاعر پنھنجي شعر جي ھر ھڪ ست الف ب وار ترتيب سان رکندو آھي، يعني پھرين ست الف سان شروع ڪندو، ٻي ست 'ب' سان، اٺين ھر ريت ھر ھڪ ست اٺين ترتيب سان جوڙي تيھ ئي اکر پورا ڪندو آھي. ڪن صورتن ۾ ھر ھڪ حرف يا اکر کانپوءِ پھريون لفظ به ادھي ساڳي

(۱) سنڌيلو عبدالڪريم جاڪٽر، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، چام شورو، سنڌالاجي، ۱۹۸۶ء، ص ۲۹۸
(۲) بلوچ بني بخش جاڪٽر، تيھه اکريون (مقالو پھريون) ڪراچي احيد آباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ء، ص ۱

هرف سان شروع تيندو آهي. کي ٽيهه اکريون وري فقط 'الف' 'ب' وار لفظ سان شروع ٿيندیون آهن. کي ٽيهه اکريون اهڙيون به ملن ٿيون، جن جو پهريون حرف ۽ مصرعي جي لفظ جو پويون حرف ساڳيو آهي.

ٽيهه اکرين جي موادمان معلوم ٿئي ٿو ته منجهن نظم جي سٽاءُ ساڳيائه آهي. کن ۾ هر هڪ اکر تي هڪ مصرعو، به مصراعون ته کن ۾ ٽي چار، پنج ۽ ڇهه بلڪ وڌيڪ مصراعون به آندل آهن. هن نظم ۾ مصراعن جي کابندش کانهي. بلڪ شاعر آزاد آهي ته هرهڪ اکر تي هوکيترن به مصراعن جو بند لاهي سگهي ٿو(۱).

ٽيهه اکرين جي سٽاءُ ۾ حمد، مداحون، مناجاتون، مناقبا، روليون، نصيحتون، رومانٽي داستان ۽ ٻيا وڻندڙ تحريرڪيا ويندا آهن. ان کانسواءِ کن شاعرن کافين يا وائين ۾ به ٽيهه اکريءَ واري سٽاءُ تيار ڪئي آهي(۲). ٽيهه اکرين جو بنيادي مقصد مدح، مناجات، التجا، هدايت، نصيحت ۽ مجاز آهي. ٽيهه اکريون سنڌي ادب جو سرمايو آهي، جن ۾ وندر ۽ ورونهم هڪ پاسي آهي ته ٻي پاسي وري دل جهي اپيل ۽ اوڙ، التجا ۽ عرض آهي(۳).

(۱۱) ٽيهه اکريءَ جي ابتدا ۽ ارتقا

سنڌيءَ ۾ ٽيهه اکرين جي صنف جو تاريخي جائزو ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ صنف تمام گهڻي پراڻي نه آهي. تاهم ان کي ٽئين به سڌي

---

(۱) سنديلو عبدالڪريم جاڻڪار: 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو' جام شورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۶ء، ص ۳۰۰

(۲) ميڻ عبدالمجيد جاڻڪار: 'سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري'، لاڙڪاڻو، سنڌي ادبي اڪيڈمي، ۱۹۸۱ء، ص ۱۱۳

(۳) سنديلو عبدالڪريم جاڻڪار: 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو' جام شورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۶ء، ص ۳۰۱

نئو سگھجي، سي کان پھريون اسانکي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي رسالي ۾ ٽيھ آکاڙيون ملن ٿيون.

شاه ڀٽائيؒ جو سمورو ڪلام روحانيت جو انمول خزانو آھي. سندس ٽيھ آکاڙين ۾ معرفت جا موتي جڙيل آھن. سُر رامڪليءَ ۾ آيل ٽيھ آکاڙي ۾ سچن سامين ۽ جوڳين، عارفن ۽ عاشقن جي منزل ۽ مقام جو ذڪر آھي. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي منزلن جي نشاندهي ڪيل آھي. ۽ تقريباً هر هڪ بيت ۾ قرآن حڪيم جي آيتن جو وقتائتو استعمال ٿيل آھي. اهڙي ئي سُريت سُر سسئي واري ٽيھ آکاڙي ۾ سمورو سسئي جي سورن ۽ پورن، آھن ۽ ڏاھن، ڏکن ۽ ڏاکڙن، واٽن ۽ واکڻ جو ذڪر اهڙي ته دلپذير انداز ۾ ڪيل آھي، جو پڙھندڙ پاڻ کي نه فقط سسئيءَ سان ساڻ پيو محسوس ڪري، بلڪ سندس دک ۽ درد ۾ به برابر جو پاڪي پائيوار پيو پائين. شاه لطيفؒ جي ٽيھ آکاڙي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

الف الڪ من ۾ عيو حا سيترين
سي صرف ڏاران هيڪڙي ٻوڪين ٻجھن
فرض فنا في الله جوعين عبادت ان
قل هوالله احد، تا منجھان پرت پڙھن
سعادت سرين گر ڪي گدڙ ياڪاپڙي

شين ٿون شريعت جا تابع تيا تمام
تن کي طريقت جي من ۾ منڌ مدام
هلڻ حقيقت ۾ معرفت مقام
ان الذين آمنو وعملو الصالحت، آھي تن آرام
جنت پيالون جام، گر ڪي گدڙ ياڪاپڙي
(۱)

(۱) قليچ بيگ مرزا (مرتب)، 'شاه جو رسالو'، سُر رامڪلي، شڪارپور تاريخ ندارد ۱۹۲۳ء، ص ۶۳۴

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ کانپوءِ ٽيهه ڪافي لکندڙ شاعرن ۾ مخدوم عبدالله واعظ [۱] ۽ مراد فقير [۲] جا نالا ذڪر لائق آهن. جنهن کان پوءِ هن صنف جو معروف شاعر ملّا صاحبڏنو [۳] شڪارپوري آهي.

ملّا صاحبڏني جي هڪ ٽيهه ڪافي کي ته ساري سنڌ اندر غير معمولي مقبوليت ملي. اها ٽيهه ڪافي مسدّس جي ترتيب تي جوڙيل آهي. جنهن ۾ نبي مڪرمؐ جو شان مقدّس بيان ڪيل آهي. شاعر پنهنجي سموريين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جو اعتراف ڪندي نرمل نبيؐ کي قبر حشر ۾ حامي ٿيڻ جي التجا ڪري ٿو. هو نبيؐ جي دَر جو ڪتو ٿيڻ پڌهنجي لاءِ سعادت تصوّر ڪري ٿو. ۽ پاڪ نبيؐ جي نعلين تان تان پنهنجو ساهه سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سندس ٽيهه ڪافين جي هولي سليس ۽ عام فهم آهي. ۽ منجهن روانيءَ ۾ تسلسل جون خوبيون نمايان آهن. ملان صاحبڏني جي ٽيهه ڪافين مان نمونو پيش ڪجي ٿو:

سين جيڪي سام تنهنجي، سي لنگهي سپ پار ٿيا
سي ڇٽا ڏنه پيڙيل جي لام تو لائق! لڳا
سنگ سپ سرڪار جا، معافي ٿيا تن جي متا
جن سندو تو ڪار ٽي، سي احمد! انعام ٿيا
اڻٻي يا سيّدا، رس يا نبي نور البشر
غور ڪر غمگين جو، اي نور نافع نامور (۴).

---

[۱] ڏسو پاڪو ۱ پيو باب ۱ پيو ص - ۱۶۰

[۲] مراد فقير ولد حيات خان زرڪيجو سنڌي، سرائڪي ۽ هندي جو شاعر هو. ٽيهه ڪافيون به چيون اٿس. سندس ولادت ۽ وفات جي سن جي خبر ڪانه ٿي پوي. ايترو سو معلوم ٿئي ٿو ته هو ميرن جي دور جو هو.

[۳] ڏسو پاڪو ۱ پيو باب ۱ پيو ص ۱۶۲ بلوچ نبي بخش بلوچ، 'ٽيهه ڪافيون' پاڪو هيرمن، ڪراچي، ۱۹۶۰ع ص ۲۰

(۴) بلوچ نبي بخش بلوچ، 'ٽيهه ڪافيون' پاڪو پبليڪيشن، ڪراچي / حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ع، ص ۲۹

مُلّا صاحبڈني کاپنوءِ آخوند محمد بچل انور[۱] خان محمد چنڀٽي [۲]
ءِ همت علي شاه[۳] جون ٽيهه اکريون ملن ٿيون ، همت علي شاه جي هڪ ٽيهه اکري
جوموضوع 'لولي' آهي . مذکوره شاعرن کاپنوءِ حصل فقير لغاري [۴] جيڪي
ٽيهه اکري منفرد حيثيت جي حامل آهي ، فني نوڙي فکري لحاظ کان ان ۾ نوان نظر
اچي ٿي ، هن پنهنجي هڪ ٽيهه اکريءَ ۾ مناقب جي هرهڪ بند جي پنهي سٽن
جي ابتدا ساڳي حرف سان ڪئي آهي ، ۽ وري انهيءَ حرف سان شروع ٿيندڙ ٻين
ڪيترن لفظن جي بند جي نهايت موزون سٽن ۾ جڙاوت ڪئي آهي ، اها سٽاءِ
ٽيهاکريءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪري ٻيٽي آهي . ۽ منجهس روانيءِ سلاست جي
خوبي نمايان نظر اچي ٿي ، حصل فقير ٽيهه اکريءَ ۾ رقمطراز آهي :

ح جنگ جو پهلوان ، جُنگ جاءِ ۾ بيهي جڏهن
جملہ جبل جنبش اچن ، جذبو پسي جا بہ علي
خ خدا جو خاص پيارو ، خود خدا عاشق سٽس
تنهن خدا کي خوش ڪيو ، جنهن خوش ڪي خاڪ علي (۵) الخ.....

حصل فقير لغاريءَ کاپنوءِ ٽيهه اکرين جي صف ۾ شاه محمد
ديدڙ[۶] جو نالو نمايان آهي ، هو پنهنجي دور جو بادشاه شاعر هو ، هن جون سنڌي

---

[۱] آخوند محمد بچل متيارين جي آخوندن مان هو ، هو مير نصير خان جو استاد ۽ خاص مشير هو ، سندس جنڊ جي تاريخ ڪاڻ نٿي ملي ، ۱۸۶۱ء ۾ وفات ڪئي ، بلوچ بني بخش جاکراڻي ، 'ٽيهه اکريون' ، ڳوٺ هيريه ، ۱۹۶۰ء ، ص ۴۱

[۲] تہ سو ڳوٺ ۱ پيو ۱ باب ۱ پيو ص - ۱۶۳

[۳] همت علي شاه رضوي ساڪن روهڙي ، ضلعي سکر جي ڪوٽائي ساداتن مان هو ، سندس جنم ۽ وفات جا سال ملي نه سگهيا آهن ، بلوچ بني بخش جاکراڻي : 'ٽيهه اکريون' ، ڳوٺ پهريون ، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۰ء ، ص ۵۶

[۴] تہ سو ڳوٺ ۱ پيو ۱ باب پهريون ص - ۹۵

(۵) بلوچ بني بخش جاکراڻي : 'ڪليات حصل فقير' ، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۰ء ، ص ۴۹

(۶) تہ سو ڳوٺ ۱ پيو ۱ باب ۱ پيو ص - ۱۶۴

زبان ۾ فقط تو ٽيھ آکريون مليون آھن. جيھي پنھنجو مت پاڻ آھن. ان کان علاوه شاھ محمد ديدڙ سرائڪي زبان ۾ به ٽيھ آکريون چيون آھن. سندس ٽيھ آکرين جو معيار مٿاھون آھي. ديدڙ فقير پنھنجي ٽيھ آکرين ۾ مختلف موضوع اختيار ڪيا آھن، جن ۾ مدح مصطفيٰ ﷺ، روحاني رھبر ۽ ڪامل مرشد حضرت غوث محي الدين جي صفت ۽ ساراھ، ڪانگ کي قاصد بڻائي محبوب ڏي موڪلڻ کان سواءِ تصوف، التجا ۽ آزي ٻڌڻ جھڙا موضوع شامل آھن. سندس ٽيھ آکرين جي ٻولي ۽ اسلوب بيان نھايت سادو، عام فھم ۽ سليس آھي. منجھن فڪر جي بلندي ۽ دلي جذبن توڙي اندر جي اڻمن جوسمنڊ چولين ھٽندي محسوس ٿئي ٿو. ملاحظه ٿئي:

الف اي آڌار امت جا اڇا عربي امام
داد ڪر فرياد جو، اي نور تنگ نھل نظام
ويھ واھر ويھ ٿي، وھندو وڃ وارث ورياھ
جي ڪيامون ٿي ڪيا، سي سڀ ڇڏي پس پيش سام
سڌ سڀ صلواتون سيڊا، سڌ سڀ پڙھان تو سر سلام
سڌ رسول الله رھبر يا انيس الحا شقين
يا حبيب الله ارحم، يا شفيع المذنبين (۱)

شاھ محمد ديدڙ کان پوءِ ٽيھ آکرين جي شاعرن ۾ بھجتو ٿالو لعل محمد لعل جو نالو اڇي ٿو، جنھن جي ٽيھ آکرين کي ڪافي شھرت ملي. فقير لعل محمد ڪنڊرو ۱۹- صدي عيسوي جي وچ ڌاري ڳوٺ

(۱) سنڌيلو مبالڪريم، ڪليات شاھ محمد ديدڙ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ء، ص ۱۲۲

ساڻ گڏ رهڻ تعلقي پڻي عاقل ضلعي سکيم چاڻي. هوڏانهن برگزيده عالم هو، پارسي ۽ عربي زبان مان واقف هو، سندس ڏوهيٽا، بيت ۽ ٽيهه اکريون مشهور آهن.

فقير لعل محمد جون ٽيهه اکريون فني لحاظ کان منفرد آهن. سندس هڪ پڻي ٽيهه اکري آهي، جنهن ۾ هرهڪ حرف جا به بيت ڏنا ويا آهن. اها ٽيهه اکري سسئيءَ جي سر تي ٻڌل آهي. لعل جي ٽيهه اکري جي پي خوبي اها آهي ته هرهڪ بيت گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن ۽ وڌ ۾ وڌ ۲۵ سٽن تي مشتمل آهي. هن پنهنجي هڪ ٽيهه اکريءَ ۾ طالبن تارهن جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ هرهڪ بيت ۾ قرآن حڪيم جي آيتن جو استعمال ڪيو آهي. هولي ۽ اسلوب، بيان جي لحاظ کان لعل محمد لعل جو ٽيهه اکريون نهايت معياري آهن. سندس ٽيهه اکريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

سين ئون سهڻ سڪ جي ڪامل ڏيئس سُرڪي
پيتائين پاڻ ڪٽي، ڪنجهي نه ڪُرڪي
پره ٿئي پنڌ هل جي ٽيڪ وٺي ترڪي
لڪن مٿي لعل چوي سوڙ رکي سرڪي
وهندي رهيس روح ۾ نينهن سندي نرڪي
ڏسي يَوَ برن ۾، داءِ نه ڪنهن ڏرڪي
پنڌ هل ري پٽن ۾ بيوس ٿي پرڪي
لڏائين پير پنهونءَ جا منڌ اٿي مرڪي

منهن وٽي مَين جو ، چاهه منجهون چُرڪي
آئي ديري دوست جي ، ڏوکاري ڏُرڪي
ويڄي تي نه ويڄهڙي ، لٽڪي پئي لڙڪي
گوندر پئي گرڪي ، ڪيائين نه دانهن دل سان (۱)

لعل محمد کان پوءِ ٽيهه اکريءَ جو معروف شاعر حافظ حاجي حامد [۲] آهي. حافظ حامد جون ٽيهه اکريون مختلف سُرن ۾ علاوه حضرت پيران پير دستگير جي درگاه ۾ مناجات جي صورت ۾ ملن ٿيون. سندس ٽيهه اکريءَ ۾ فني لحاظ کان ڪجهه تبديليون نظر اچن ٿيون. جئن هن سُهاريءَ ۾ جوڙيل هڪ ٽيهه اکريءَ ۾ بيت جي شروعات لفظ سان ڪئي آهي ۽ حرف کي وچ ۾ رکيو آهي. ملاحظه ڪيو:

جنم 'جيم' جيڏين سان گهاريم گهڙيون الخ.....
رکيون حرف 'حي' ۾ متي مون سياڻ (۳) الخ.....

اهڙي ريت هن هڪ ٻي ٽيهه اکريءَ جا بيت فقط ان حرف سان شروع ٿيندڙ لفظ سان ڪيا آهن. صرف جو الڳ استعمال کونه ڪيو اٿس. سندس ٽيهه اکرين جي ٻولي عام فهم ۽ سليس آهي.

حافظ حاجي حامد کانپوءِ قائم فقير شر [۴] ميرڪاضين ۾ چيائين. ۱۳۳۵ھ ۾ سندس ڪلام جو مجموعو 'عاشقون' ص ۱۱۱

---

(۱) بلوچ بني بخش جاڪڙ ، 'ٽيهه اکريون' ، پاڪو پهريون ، ڪراچي/حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۰ء ص ۱۱۵

[۲] ڏسو پاڪو پهريو باب ٽيون ص ۲۲۵

(۳) بلوچ بني بخش جاڪڙ ، 'ٽيهه اکريون' ، پاڪو پهريون ، ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۰ء ص ۱۵۹

[۴] قائم الدين شر ولد ميڱهو شر جي ولادت جي تاريخ ڪا نه ملي ، موجود تذڪرن عالم ، سڀ طبيب ۽ درويش فقير هو ، بلوچ بني بخش جاڪڙ ، 'عاشقون' ص ۱۱۱

حسن علي خان حسن [۱] امام بخش خادم [۲] پاون علي شاه ساقي [۳] ميرعبدالحسين سانگي [۴]
۽ زمان شاه ساقي جا نالا ذکر لائق آهن. مگر انهن مٿ٦ني ۾ زمان شاه ساقي جي
ٽيهه اکرين جو معيار مٿاهون آهي.

زمان شاه ساقي ۱۸۹۰ع ۾ ٿٽي ۾ چاڻو. هو پنهنجي وقت جو
بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ ڪافيون، غزل، ڏوهيڙا ۽ ٽيهه اکريون
شامل آهن. ۱۹۲۶ع ۾ وفات ڪيائين (۵).

زمان شاه ساقي جون ٽيهه اکريون مختلف سرن ۾ ٻڌل آهن.
جن ۾ سُر سسئي ۽ سُر مارئي اهم آهن. هن پنهنجي ٽيهه اکرين ۾ حرف جو استعمال
ڪٿي شروع ۾ ته ڪٿي وچ ۾ ڪيو آهي. هولي شسته اٿس. زمان شاه جي ٽيهه اکري ۽
جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

اديون ڏي خدا لڳ، مونکي ڏس ڏيو
جهليو کين جيڏيون، سندم وَرُ ويو
ويڇان ڪيئن وطن ۾ مونکي ٽيهن ٽيو
کوٽهي ڏوه ڏيرن، قضا سپ ڪيو
پٺهون ۽ ڪان سوا آهي ڏيهه ۾ ڏکار (۶) الخ.....

---

[۱] ميرحسن علي خان سندي آخري تاجدار ميرنصيرخان جو وڏو فرزند هو. ۱۸۲۴ع ۾ تولد ٿيو. ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن جي منٿ ڀڄ پي ۽ ٻيا ٽالپر سان گڏ ڪلڪتي ۾ نظر بند رهيو. ۱۸۶۳ع ۾ سنڌ ۾ واپس آيو. ميرصاحب عربي ۽ فارسي جو ڳاڻو عالم ۽ بهترين شاعر هو. ۱۹۰۹ع ۾ وفات ڪيائين. بلوچ بني بخش داڪٽر، ٽيهه آکريون، ۱۹۶۰ع، ص ۱۸۸

[۲] ڏسو پاڳو ۱ ٻيو باب ٽيون ص - ۲۲۹

[۳] پير پاون علي شاه ۱۸۹۷ع ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار سنڌ جي سڄڻ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن ڪيترين مناجاتون، غزل ۽ ڪافيون چيون آهن. پير ساڻي ۱۹۱۸ع ۾ وفات ڪيائين. ڪهڙو مارشيخ: ڪلام پير پاون علي شاه ساقي، ص ۱۴

[۴] ڏسو پاڳو ۱ ٻيو باب ٽيون ص - ۲۲۷ | بدين ضلعي بدين ۱۹۷۲ع، ص ۲۶۲

(۵) بلوچ بني بخش داڪٽر: ٽيهه آکريون، پاڳو پبليڪيشن، ڪراچي / حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ع، ص ۲۶۳

(۶) ايضاً

زمان شاه ساڦي ڪانپوءِ تيءَ آکرين جي شاعرن ۾ نامياروَ شاعر مل محمود پلي نظر اچي ٿو. جنهن جي تيءَ آکرين کي وڏي شهرت ملي.

مل محمود ولد طالب درس پلي تيرهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ ڳوٺ حاجي عبداللطيف پلي تعلقي عمرڪوٽ ضلعي ٺر پارڪر ۾ ڄائو. وڏو عالم ۽ درويش ٿي گذريو آهي. عوامي شاعرن ۾ مٿاهين درجي جو شاعر هو. ۱۹۲۸ع ۾ وفات ڪيائين (۱).

مل محمود جون ٽيءَ آکريون رومانوي داستانن جهي سرن ٿي ٻڌل آهن. جن ۾ مارئي، سهڻي ۽ ليلا وغيره اچي وڃن ٿا. فني لحاظ کان سندس ٽيءَ آکريون نهايت معياري آهن. هن حرفن جي استعمال ۾ هڪ طريقا اختيار ڪيا آهن. ڪڏهن حرف منڊ ۾ ڏئو اٿس ته ڪڏهن حرف کي ست جي وچ ۾ رکيو آهي. مل محمود جي تيءَ آکري جو هيٺ ڏجي ٿو:

جيم ٻوڙن جني ڇڏيو سانگو سنڌو ساه
مرن ۽ ڇڏن جي کهڙي تن پرواه
نکي مڙن موت کان، نه ڊهلن پر درياه
ويندس ساهڙ سامهين، مر لڳن سياڻا ه
هو حبيب هڪ ڏم! توسين ڏينهن نه آهي (۲) الف .....

مل محمود پليءَ ڪانپوءِ مرزا قليچ بيگ [۳] حاجي

(۱) بلوچ بي بخش جاڪراڻي، 'معجزا'، ڪراچي/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ع، ص ۶

(۲) بلوچ بي بخش جاڪراڻي، 'ٽيءَ آکريون'، ڪراچي/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ع، ص ۲۶۳

(۳) ڏسو پاڳو ۱۰ باب ٽيون ص - ۲۳۱

عبدالله ڊڪٽ [۱] منثار فقير راجڙ [۲] ۽ صوفي محمد فقير ڪٽياڙ [۳] جو شمار ٿيو اچن
جي سٽ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. پر هيءَ عيسيٰ هالائي جي ٿيو اچن جي گاله ٿئي اور آهي.

هيءَ عيسيٰ هالائي جي حياتيءَ جي احوال تي لٽ چڙهيل
آهي. البت ايترو سو معلوم ٿئي ٿو، ته هو اٽر ڪان وڃولي ۾ آيو ۽ اچي هالن ۾
ڪجهه وقت سڪونت اختيار ڪيائين (۴)، ان بعد سندس مريد ڪيس ملاڪاتيارن طرف لڏائي
وٽي ويا. خيرواه ۽ درياه جي ڀيڪر ۾ هڪ مزار آهي، جا هيءَ عيسيٰ جي چئي
وڃي ٿي (۵).

هيءَ عيسيٰ جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته
هو نهايت شيرين ۽ ميٺ آهي. هن تصوف جي باريڪ نڪتن کي عمدي ريت ادا
ڪيو آهي (۶). سندس ٿيهه اکريون فني ٿوريءَ فڪري نقطه نگاه کان انتهائي معياري
آهن. جن ۾ هن گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ۽ وڌ ۾ وڌ سوا سَو سٽن تائين بيت جوڙيا آهن،
اهڙا ڊگها بيت ٻئي ڪنهن به شاعر جي ٿيهه اکرين ۾ ڪونه ٿا ملن. سندس فقط
هڪ ٿيهه اکري ۱۷ صفحن تي مشتمل آهي. فڪري لحاظ کان انهيءَ ٿيهه اکريءَ جو
موضوع نصيحت آهي، جنهن ۾ قرآن ۽ حديث جي حوالن سان انسان کي نيڪيءَ

---

[۱] ڏسو پاڪو ابو باب ابو ص - ۱۸۳

[۲] ڏسو پاڪو ابو باب ڀهريون ص - ۱۲۲

[۳] صوفي فقير محمد خان ولد حيدر خان ڪٽياڙ گوٺ بوحائي ڪٽياڙ تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۱۸۸۴ع ۾ ڄائو. پير صاحب پاڪاري جو سرويچ هو، راڳ جو شوقين هو. ٿيهه اکريون به ڇپايل. ۱۹۳۹ع ۾ وفات ڪيائين.
بلوچ بني بخش جاڪاڻي: 'ٿيهه اکريون' پاڪو ڀهريون، ڪراچي/حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ع، ص ۳۷۰

(۴) بدوي لطف الله: 'تذڪره لطفي' پاڪو ڀهريون، ڪراچي، نند لعل پوهڪداس، ۱۹۵۴ع، ص ۳۱۰

(۵) بلوچ بني بخش جاڪاڻي: 'ٿيهه اکريون' پاڪو ڀهريون، ڪراچي/حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ع، ص ۳۸۲

(۶) بدوي لطف الله: 'تذڪره لطفي' پاڪو ڀهريون ڪراچي، نند لعل پوهڪداس، ۱۹۵۴ع، ص ۳۱۱

ڏانھن مائل ڪيو ويو آھي. ۽ ڪامل مرشد جون نشانيون ٻڌايون ويون آھن. ٽيھ اکري جي ھولي ۽ اسلوب، بيان نھايت پياروآھي. منجھس روانيءَ، تسلسل ۽ برجستگي جون خوبيون خوب پريل آھن. ميين عيسى جي ٽيھ اکري جو نمونو ھيٺ ڏجي ٿو:

الف اور اللہ سين، ٻيون ٻن ڏيئي
توڳڏ جين غين سين، عمر سپ ويئي
ھن اوڏ ترائي ڪبيب توڳھاري گذاريئي
ڪنارگھن ڪنڌ جي اوڏو آھيئي
وڃن اقرب اليه من حبل الوريد، پرھڙ ٿون پيھي
تنھنجا ڳجھا پڌرا ڪمترا ڪٽ معلوم ٿيئي
عالم الغيب والشھادة، اھڙو عليم آھيئي
ٿون ڪيئن ڳڏ جين غين سين تنھنکي پٽ ڏيئي
جو سپ ڪنھن ساعت سپرين موريٽ وساريئي (۱) الخ .....

مولانا ثنائيءَ جي ھمعصر شاعرن مان جن شاعرن ٽيھ اکري جي صنف تي طبع آزمائي ڪئي تن ۾ ميان علي محمد قادري جونالو اھم آھي، ميان مرحوم جي ٽيھ اکرين ۾ حمد، نعت، منقبت ۽ پند ونصيحت جو رنگ پريل آھي.

ھيٺ ميان علي محمد جي ٽيھ اکري جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

الف اول توڪريان مان شڪر ۽ حمد رخدا - آھي جو قيوم، قادر، خالق ارض وسما
بعد ان جي نعت تنھنجي يا نبي نورالھدىٰ - ٿون اجھو ٿون آسرو صلوات توتي سيدا
دادڪر دلگير جو يا ميرمرسل مصطفىٰ - در وسيلا واھرو، فرياد رس بھر رخدا (۲)

(۱) بلوچ نبي بخش بلوچ، "ٽيھ اکريون"، پاڻ ڦھريون، ڪراچي/حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۶۰ء، ص ۲۸۲

(۲) قادري علي محمد ميان، "ديوان قادري"، لالو ڪاٽو، قادري پرنٽنگ پريس، ۱۹۴۰ء، ص ۱۸۸ ص ۲۸۳

(iii) مرحوم ثنائيءَ جي ٽيهه اکريڻ جو تعارف

مولانا ثنائيءَ جون ٽيهه اکريون موضوع جي لحاظ کان هڪ
مناجات، نعت جي نظمي ۾ اچن ٿيون. البته هڪ ٽيهه اکريءَ ۾ ثنائيءَ هاري سان
مخاطب ٿيو آهي ۽ ڪيس محنت ۽ مشقت لاءِ اڀاريو آهي. اهڙي ئريت هڪ ٽيهه اکريءَ
جاري رنگ ۾ متل آهي. مرحوم ثنائيءَ جون ٽيهه اکريون مٿي ٿوڙي ڏنڀي لحاظ
کان شاهڪار جي حيثيت رکن ٿيون. انهن ۾ معنيٰ جا موتي سمايل آهن. اهي ٽيهه اکريون
گهٽوڪري فرد ۽ مخمس جي سٽاءَ ٿي جوڙيل آهن. هولي ۽ اسلوب، بيان جون سموريون
خوبيون ثنائيءَ جي ٽيهه اکرين ۾ نظر اچن ٿيون. سندس ٽيهه اکرين جو تعداد آهي
مرحوم ثنائيءَ جون ٽيهه اکريون علم عروض ٿي جوڙيل آهن.

جن مان هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

الف ابرو جي آهيان مٺڙ کان مثل هڪ تير آ
تنهن بنايو جان من، جيري جگر ۾ ڇير آ (۱).

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

تقطيع:	الف ابرو	جي آهيان مٺڙ	گان مثل هڪ	تير آ
	ـ ـ ـ ٨ ـ	ـ ـ ٨ ـ	ـ ـ ـ ٨ ـ	ـ ٨ ـ
	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلن
	تنهن بنايو	جان من جي	ري جگر ۾	ڇير آ
	ـ ـ ـ ٨ ـ	ـ ـ ٨ ـ	ـ ـ ـ ٨ ـ	ـ ٨ ـ
	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلن

مٿين بن سٽن جو بحر رمل ۽ رڪن مٿن محذوف آهي، پڇرين ست
۽ آهيان، جو، ي، ۽ ن، ۽ مٺڙگان، مان ن، حذف ڪيا ويا آهن. اهڙي طرح هي ست ۾ تنهن، جا ن، حذف
ٿيا آهن.

(۱) ثنائي ثناءالله ن، مقصدي مياڻن، تان ورتل

باب ثيون

عروضي شاعري

(الف) غزل

(ب) مثنوي

(ت) خطبو

باب ٽيون — عروضي شاعري

(الف) غزل

(۱) لفظ جي چنڊ چاڙ

'غَزَلَ' عين ۽ زي تي ز زبر يعني ٻئي متحرڪ ۽ لام جي جزم (ساڪن) (۱). 'غزل' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، عشق، وصال، فراق، حسن وجمال بابت نظمي بيان، عشقيه شعر يا بيت (۲). عربي شعر ۾ غزل کي جدا شاعري جي صنف کان هوندي آهي پر ڪيترن قصيدن جون شروعاتي مصراعون (تمهيد يا تشبيب) عشقيه مضمون تي جڙيل هوندیون هيون. ۽ انهن شروعاتي مصراعن کي چوندا هئا 'غزل' يا 'تغزل' (۳).

'غزل' جي لفظي معنيٰ 'زالن جو ذڪر ڪرڻ' يا 'حسين عورتن سان ڳالهيون ڪرڻ' آهي. غزل جي تاريخ جو مطالعو ڪجي تو ته ابتدا ۾ غزل جو نفس مضمون فقط حسن و عشق، فراق و وصال ۽ ناز و نياز نظر اچي تو. اهڙي طرح غزل جي هيئت جو تجزيو ڪندي معلوم ٿئي تو ته ان جي هر بند ۾ ست جو موضوع مختلف ٿئي تو، اهي به ست بند پنهنجي اندر مڪمل معنيٰ ۽ مقصد سمائين ٿيون. جئن چمن مختلف رنگن ۽ خوشبوءَ وارن گلن جو گهوارو هوندو آهي، تئن سهڻو غزل حسن و عشق جي لطيف جذبن ۽ نازڪ خيالن سان آراسته هوندو آهي. هر بند جي علحده موضوع جي باوجود غزل جو محور ۽ مرڪز فقط

(۱) محمود نادم حاجي: 'رياض البلاغت' پبليڪيشن، حيدرآباد، آر ايڇ احمد اينڊ برادرس، ۱۹۵۹ء، ص ۱۰۱
(۲) بلوچ بني بخش داهڻ: (مرتب) جامع سندي لغات، جلد چوٿون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ء، ص ۸۶۱
(۳) هيمٽ مل خوبچند پاوٽائي: سندي شعر (علم عروض) اجمير، هندو پرنٽنگ پريس، ۱۹۵۴ء، ص ۵۶

حسن وعشق جو اذکار هوندو آهي. عربي زبان ۾ به هڪ ئي لفظ 'غزل' يا 'غزاله' جي هڪ منفرد خاصيت سان 'غزل' جي تشبيه به موزون نظر اچي ٿي. هرڻ يا هرڻي جي اها خاص عادت يا خاصيت 'بڌا نپاڌيڙ' آهي، جنهن سان غزل جي معاملن جي موضوعن منجهڻ جو مثال ٺهڪي اچي ٿو.

هيٺ 'غزل' جي معنا، مفهوم ۽ موضوع متعلق مزيد رايا پيش ڪجن ٿا:

"هرڻ شڪاري ڪتن جي هٿان زخمي ٿي مايوسي جي عالم ۾ جيڪي دردناڪ صدائون ڪڍندو آهي، انهن کي غزل چيو ويندو آهي. بلڪل ساڳي طرح شاعر غزل ۾ قلبي واردات ۽ باطني جذبات جو اظهار ڪندو آهي"(۱).

"غزل جي لغوي معنا ست ڪتڻ يا ست وٽڻ آهي. ان جي ٻي معنا عورتن سان پيار ۽ محبت جو گالهيون ڪرڻ آهي. پراڻي دور ۾ ست وٽڻ ۽ ڪتڻ جو ڪم عورتون ڪنديون هيون. ان لحاظ کان غزل جي معنا خواه ست ڪتڻ يا وٽڻ طور وٺجي تو ڏي عورتن سان گفتگو لاءِ، بهرحال ان جو ڪجهه نه ڪجهه تعلق عورتن سان ضرور آهي"(۲).

---

(۱) 'اردو انسائيڪلوپيڊيا' لاهور، فيروز سنز لميٽيڊ، ۱۹۶۸ء، ص ۱۰۲۰

(۲) رفيق حسين ڈاڪٽر: 'اردو غزل ڪي نشو نما'، الہ آباد، لالہ رام نرائن لال، سيلز پبلشر، ۱۹۵۵ء، ص ۳۳

"غزل جي صنف جو بنيادي موضوع عشق جي معاملن جي مختلف کيفيتن جي ترجماني آهي، خود غزل يا تغزل جي لغوي معنا[1] خاص طرح عورتن سان يا عورتن بابت گالهيون ڪرڻ، بيان ڪئي ويندي آهي، ۽ اها گالهه گهٽي قدر درست آهي. مگر غزل جي اها تشريح مڪمل ۽ همه گير نه آهي ۽ اڌهي ۽ پورو ڏيڪ اضافي جي ضرورت آهي" (۱).

"مڪمل غزل اهو آهي، جيڪو موسيقي ۽ پرچيل هجي. انسان جي جذبي ۽ شعور ۾ نزاڪت پيدا ڪري ۽ زندگي جي واقعات ۽ تجربات کي رمز ۽ ڪنايي جي صورت ۾ اڌرڻي انداز ۾ پيش ڪري، جو اسين باطني طور اڻڻ کي اڻي کان بهتر محسوس ڪري سگهون ۽ سمجهي سگهون" (۲).

"زندگي تمام وسيع ۽ جامع لفظ آهي. انساني زندگي ۽ جي انهن حقيقتن جو تعين ڪرڻ پوندو، جيڪي غنائي شاعري يا غزل جو موضوع بڻجي سگهن ٿيون. حسن ۽ عشق جي داستان کان علاوه جيڪو سوز ۽ ساز زندگي ۽ جو الوٽ الگ رهيو آهي، تو ڪيا

---

(۱) عبادت بريلوي ڊاڪٽر: 'غزل اور مطالع غزل' ڪراچي، انجمن ترقي اردو پاڪستان، ۱۹۵۵ء

(۲) يوسف حسين خان ڊاڪٽر: 'اردو غزل' لاهور، آئيڊيل ادب چوڪ مينار، انارڪلي، ص ۸۴

حڪمت، اخلاق ۽ تصوّف جا ڪتابہ غزل جو موضوع رهيا آهن، ليڪن انهن ڪي فقط گوارا ڪيو ويو، هن جو اصل موضوع مجازي عشق ئي رهيو آهي. غزلگو شاعر جي آڏو عشق پوري زندگي ۽ ڪتي ماڻي آهي" (۱).

(iii) فني لوازمات

غزل علم عروض مطابق لکيو وڃي ٿو، تنهنڪري غزل جي موزون هجڻ يا نہ هجڻ جي ڪسوٽي اهو ئي علم آهي، جنهن جي ذريعي غزل جي شعرن کي ٽڪر ٽڪر ڪري بحرن ۽ رڪنن موجب مقرر ڪيل وزن موافق ڪيو ويندو آهي، جنهن کي علم عروض مطابق 'تقطيع' سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ آهي.

'عَرُوضُ' عين کي زبر (متحرڪ) ري کي پيش (متحرڪ) واءُ کي جزم (ساڪن) ضاد کي پيش (متحرڪ)، 'عُروضُ' انهيءَ علم کي چيو وڃي ٿو جنهنجي وسيلي شعر جي بحر ۽ وزن جي خبر پئجي سگهي ۽ جنهن جي ڄاڻ سان موزون ناموزون شعر جدا ڪري سگهجي، هن علم جو موجد مڪي معظم جو خليل بن احمد هو (۲).

علم عروض ۾ بحرن جو ڪل تعداد ۱۹ آهي، جن مان ۱۲- بحر سنڌي ۽ اردو شاعري ۾ استعمال ٿين ٿا (۳).

---

(۱) يوسف حسين خان ڈاڪٹر: اردو غزل، لاهور، آئينہ ادب، چوڪ مينار انارڪلي، ص ۸۵

(۲) محمود خادم حاجي: رياض البلاغت، پهريون چاپو، آر-ايڇ احمد برادرس، ۱۹۵۶ء، ص ۵

(۳) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ۲۱.

غزل گو شاعرن غزل ۾ حسن و عشق جي بيان کان علاوه ٻيا به کيئي موضوع اختيار ڪيا آهن. منجهس تصوّف جي هڪ نعتن جوڏکر به آيل آهي. ماحول جي عڪاسي به غزل جو موضوع رهيو آهي ته منجهس فلسفيانه گفتن کي به سهڻي پيرايي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه مذهب، اخلاق جي اپٽار پڻ غزل ۾ ملي ٿي. مطلب ته غزل انساني حياتيءَ جي حقائق، ۽ ٻڪ موضوعات جي ترجماني ڪري ٿو. شعر جي دنيا ۾ هر دور ۾ غزل جي صنف کي تمام گهڻي وقعت ۽ مقبوليت حاصل رهي آهي.

مذڪوره موضوعات جي روشنيءَ ۾ غزل کي مکيه ڇهن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (۱) عشقيه غزل (۲) مذهبي غزل (حمديه، نعتيه) (۳) ناصحانو غزل (۴) صوفيانو غزل. انهن مان هر هڪ جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

عشقيه غزل - عشقيه غزل ۾ محبوب جي جلويءَ جمال، سيرت ۽ ڪردار، رفتار ۽ گفتار کانسواءِ عاشق جي آهن ۽ دانهن، بي ڪسيءَ ۽ بيوسي، وصال ۽ فراق، تنهائي خلوت ۽ جلوت جوذڪر هوندو آهي.

مذهبي غزل - هن قسم جي غزل ۾ الله، ان جي رسول ۽ رب جي پيار ۽ پاڻهن جي سراه جو پهلو نمايان هوندو آهي. جنهن ۾ شاعر جي ايمان، عقيدي ۽ مذهب سان لڳاءَ جي خبر پوندي آهي.

ناصحانو غزل — ناصحانہ غزل ۾ زندگيءَ جي حقائق، تلخين ۽ تجربن، زماني جي اوٽاسن، ارڏائين ۽ ستم ظريفين کان علاوه فلسفيانہ نڪتن ۽ اخلاقي قدرن کي موضوع بڻايو ويندو آهي. هن قسم جو غزل شاعر جي حساس طبعي جو دليل هوندو آهي

صوفيانو غزل — هن ۾ تصوف جي باريڪ بينيءَ ۽ نظريات جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. وجود جو ورق ڏوئي صاف ڪرڻ ۽ پنهنجي هستيءَ کي نيست بڻائڻ کان علاوه وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي عقيدن جو اظهار صوفيانہ غزل جو مڪ موضوع آهن. غزل ۾ هن قسم جو موضوع محدود ۽ مخصوص شاعرن اختيار ڪيو آهي.

(iii) غزل جي ابتدا

غزل جي ابتدا جي باري ۾ سڀ کان آڳاتي ۽ مستند مواد جو جيڪو حوالو ملي ٿو سو هن ريت آهي:

"توريت جي انبياء واري صحيفي ۾ حضرت داؤد ۽ حضرت سليمان جو صحيفو زبور آهي، جنهن جي مضمونن کي 'غزل الغزليات' ڪوٺيو ويو آهي، پنهنجي اصلي زبان ۾ آهي ۽ اهي سڀ موزون غزل آهن. جن کي اهي پيغمبر پهاڙن تي ويهي آلاپيندا هئا، نہ انسان، جن، پکي ۽ جانور سڀ وجد ۾ اچي ويندا هئا." (۱)

(۱) خليل عبدالواحد خان (مرتب)، 'اردو غزل کي پچاس سال'، لکنؤ، مڪتبہ ڪليان، ۱۹۶۱ء، ص ۱۷ ص ۱۸

(۱۷) سنڌي غزل جي ابتدا ۽ ارتقا

اڳوٽي وقت ۾ فارسي زبان جو سنڌ ۾ سنڌ واسين سان چولي دامن جو ساٿ رهيو آهي . ميرن جي دور حڪومت (۱۷۸۲ء ـ ۱۸۴۳ء) ۾ فارسي زبان کي سنڌ جي دفتري زبان جي حيثيت حاصل رهي آهي . جئن ته فارسي زبان ادب جي نقطه نگاه کان عربي ۽ وانگر فصيح ۽ بليغ زبان آهي . خطابت خواه ڪتابت ۾ سندس حيثيت مقدّم ۽ مسلّم رهي آهي . تنهنڪري هن زبان ، علم ادب جي ڏس ۾ سنڌ جي اديب ۽ شاعر کي مقناطيس واري ڇڪ ڪئي ۽ سڀاڄي سنڌ جا بيشمار باشندا ماهر فارسي دان ٻڌجي پيا . سنڌ جي شاعر پاڻ شعر و سخن ۾ گهر واري ايراني اثر قبوليو . ۽ پنهنجي ڪلام ۾ فارسي شاعري ۽ واريون تلميحون ، تشبيهون ، استعارا ، ڪنايا ۽ محاورا استعمال ڪرڻ لڳا . زير ، اضافت وارا لفظ سنڌي شاعري ۽ ۾ اچڻ لڳا . شمع و پروانه ، گل و بلبل ، سنبل و سوسن ، نرگس و لاله صراحي و جام ، پيمانه و ميخانه ، رند و شيخ ، پير مغان ، ڪوچه يار ۽ آب و گل جهڙا اڻ ايراني ادب ۽ ماحول جا لفظ سنڌي شاعري ۽ جي زينت ٿيا . شيرين و فرهاد وامق و عذرا ، يوسف ۽ زليخا ، ليلا ۽ مجنون جي رومانوي داستانن کي ڏهرايوويو . اهڙي ريت عروضي شاعري ۽ جي سنڌي زبان ۾ ابتدا ٿي .

عروضي شاعري ۽ تحت فارسي تتبع تي جيڪي خالص ايراني صنفون لکجڻ لڳيون ، انهن ۾ قصيدو ، مرثيو ، غزل ، رباعي ، قطعو ، مثنوي اچي وڃن ٿا .

ادب جي هر صنف وقت ۽ حالتن جو اثر قبول ڪيو آهي. پوءِ اهو اثر خارجي هجي يا داخلي. سنڌي شاعري جڏهن کان ايراني شاعريءَ جو اثر قبول ڪيڻ ڪيو، تڏهن کان نه رڳو غزل جي هيئت اداري آندائين پر ايراني مضمون، تشبيهون ۽ استعارا به سنڌي شاعريءَ ۾ داخل تيا. انهيءَ جا اوائلي اهڃاڻ نڪرجي شاعر نور محمد خسته [۱] ميان چٽن [۲] ۽ حافظ عالي [۳] جي ڪلام ۾ ملن تا. مثال طور خسته جو هيٺيون شعر ڏسو:

تا ٻر افگندي از رخ تو نقاب
حشر تيو آفتاب لايو تاب
تابش رخسن بي مثال سندءِ
ٻره ڏيئي وري ڪيو بيتاب
هب ماڻا نه ڪرسا موشان
خوبرو خصلتون سکين ٿو خراب (۴).

---

[۱] نور محمد خسته نڪرڙ جي پراڻي گوٺ وسڻ ۾ ٻارهين صدي هجري ڏيم رهندو هو. مخدوم محمد هاشم ٽٺوي ڏي شاگردن مان هو. سندس ولادت ۽ زندگيءَ جا حالات گهڻا نه ملن. تاهم بياض مان خبر پوي ٿي ته ۱۷۱۷ع ۾ هوڻ زنده هو.
قادري، ايازحسين داڪٽر: سنڌي غزل جي اوسر، پاڪوهيو، سنڌالاجي، ۱۹۸۴ء، ص۴

[۲] حافظ عالي قومرجوميٽ هو. هو ٻارهين صدي ڏيم ۾ ٿي گذريو آهي. سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي ڪانه سگهي آهي. ۱۷۷۸ع ۾ وفات ڪيائين.
اسد اسدالله نڪرائي: تذڪره ۹ شعراء نڪرڙ، ڪراچي/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء ص۱۸ ص۱۹

[۳] ميان چٽن حافظ عالي جو هم عصر ۽ ٻارهين صدي جو شاعر هو. هو هڪ درويش صفت انسان هو. سنڌي زبان جو سٺو شاعر هو. سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون ڪونه ٿيون ملن.
اسد اسدالله نڪرائي: تذڪره ۹ شعراء نڪرڙ، ڪراچي/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء ص۱۹

(۴) قادري، ايازحسين داڪٽر: سنڌي غزل جي اوسر، پاڪوهيو، سنڌالاجي، ۱۹۸۴ء، ص۴

هن وقت تائين تڪڙ جي لوڙ ۾ مون نئين ڪي ٿيا سنڌ ۾
زبان جو پهريون غزلگو شاعر سڏيو وڃي ٿو. خسته جي مٿين غزل جي پهرين
بن سٽن جي جوڙجڪ تي غور ڪرڻ سان ايترو ضرور معلوم ٿئي ٿو ته هي سنڌ ۾
زبان جي ابتدائي غزلن مان ئي هوندو. چالاڪ ته منجهس جنهن انداز ۾ فارسي زبان
جي آميزش آهي، سا ان گاڙهه جو چٽو ثبوت آهي. ميان چٽن تڪڙائي جو شعر
مواد جي لحاظ کان بلڪل پراڻي سنڌي شاعري جي رنگ ۾ نشاندهه آهي. هيئت جي
لحاظ کان سندس غزل موزون آهي

پکو پرات ۾ ڪيو پتنگن پچي
رهيا رمز ۾ آگ مهندان اچي (۱)

حافظ عالي تڪڙائي جو ڪو به غزل ملي نه سگهيو آهي. تنهنڪان پوءِ سنڌي غزل گوئي ۾ جيڪو هم نالو اچي ٿو، سو سچل سرمست جو آهي. سچل سرمست سنڌي شاعري جي گلستان ۾ غزل جي ڪيترن رنگين، خوبصورت ۽ مهڪندڙ گلن سان آراسته ڪيو آهي. ديوان آشڪار سندس غزل جي صنف جو شاهڪار آهي. سچل سرمست جي غزل جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيس نه فقط غزل جي جميل نزاڪت ۽ رعنائين جي ڄاڻ هئي پر ڪيس علم عروض تي پڻ دسترس حاصل هو، هن پنهنجي غزل ۾ سنڌي هولي جي مزاج ۽ سنڌي روايتن جو خاص خيال رکيو آهي. تاهم ڪٿي ڪٿي سندس غزل ۾ پارسي لفظ، بندشون ۽ رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. دراصل سچل سرمست جي غزل جي ابتدائي اهڃاڻ

(۱) جوڻيجو عبدالڪريم بادڪٽ: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" هيدرآباد، ريب ادبي مرڪز، ۱۹۸۳ء، ص ۲۳۳

[۲] توسو پڪو ٿيو باب پهريون ص ۱۱۶

سچل سائين جي غزل کي ڏهاڙو تاري' واري حيثيت حاصل آهي. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

صاحب صورت جو تون آن هي آ مٿلام تنهنجو
آ ذوق شوق سڏا مونکي مدام تنهنجو
دلگير تون متان ٿين ڪر دور درد کي ميان
آ حزن اول اسان وٽ هوند و مقام تنهنجو
تون آن اصل اسانجو، آهيون اسين سي تنهنجا
آهي قبول ڪلمي سچو ڪلام تنهنجو (۱).

سچل سرمست کانپوءِ سندي غزل گوئي ۾ نالي ورو شاعر خليفو گل محمد نظر اچي ٿو.

خليفو ميان گل محمد ولد آخوند ولي محمد تخلص گل ۱۷۷۴ء ۾ هالا ۾ تولد ٿيو ۽ ۱۸۵۶ء ۾ وفات حياتين. هو هالن جي مشهور سانوٽي مُلن مان هو (۲). خليفو گل پهرين شاعر آهي، جنهن سندي الف بي جي قافين تي ديوان تيار ڪيو. سندس ڪلام بحر و زن تي پورو آهي. هن گوناگون زندگيءَ جو گهرو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو هو، تنهن ڪري ان جو عڪس سندس غزلن ۾ گهڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو (۳). خليفي گل کي اهڙي امتيازي حيثيت حاصل آهي، جو هن غزل جي صنف کي پنهنجن جذبن جي ترجماني لاءِ منتخب ڪيو ۽ انهن احساسن ۽ ڪيفيتن جو اظهار ڪيو، سندي زبان ۾ غزل جي مقبوليت جي ابتدا ڪئي ۽ ايترا غزل چيا جو انهن

(۱) ڏاڙو فقير : 'سچل جو رسالو' انديا، سندي ٽرنڪ پريس، چانديا بازار، ۱۹۵۵ء، ص ۶۱
(۲) حالائي عبدالغفور، 'ديوان گل' حيدرآباد، سندي ادبي سوسائٽي، ۱۹۳۳ء، ص ۱ ص ۲۶
(۳) قادري، ايازحسين، 'سندي غزل جا اوسر' ڪوٽري جامشورو، سندالاجي، ۱۹۸۴ء،

کي يڪجا ڪري ديوان ترتيب ڏنو ۽ شايع ڪرايو را). هن پنهنجي ڪوشش سان ڇڻ ٻڌ سنڌي غزل جو مجسمو تيار ڪيو ۽ ان ۾ ساه وڏو، مگر اهو غزل اڃان هار سينگار ۽ ڇوٽ لباس جي زيب زينت کان محروم هو (۲). خليفي گل جيڪا مجاز ۾ پختي پيڙ ڏي رکي تنهن تي آگتي هلي ٿي شاعرن اضافا ڪيا، ۽ نوان نوان رنگ ڀريا. هن پنهنجي غزلن ۾ مجاز کان سواءِ تصوّف، مذهب، اخلاقيات ۽ ناصحانه خيالن جو اظهار ڪيو آهي. سندس غزل ۾ ناصحانه ۽ اخلاقي شعر ماڻڪ ڦڙن وانگر جا ٻجها نظر اچي ٿو (۳).

گل جي غزل جي خاص خوبي اها به آهي، جو هن پنهنجي غزل ۾ خالص سنڌي رنگ پيڙ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ گهڙي ڪري ٿيٽ سنڌي ٻولئ جو استعمال ڪيو آهي. ان کان علاوه سنڌي ترڪيبون، محاورا، تشبيهون ۽ استعارا نهايت موزون ۽ وقتائتا ڪم آندا آهن. مطلب ته خليفي گل محمد گل کي اسان سنڌي غزل جي بنيادي ۽ سرمو تر شاعرن ۾ شمار ڪري سگهون ٿا. سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ويڙ تنهنجو مونکي دلبر ٿيو منو مالڪ جي ميٽ	
ٻين جي شاباس کان، تنهنجي وٽي مون هيٺ ڦيٽ	
تو ڦتي آ عاشقن جي دل هٽي چشمن جا تير	رڳو رنگين ٻتيون
پوءِ رکي ٻتيون انهي ڦتي تون اچي دلدار ڇيٽ	

(۱) قادري ايار حسين باڪٽر: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڪو هيو، جامشورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۱۲

(۲) بلوچ بي بخش باڪٽر: 'ڪليات ساڪي' حيدر آباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۹ء ص ۶۲

(۳) قادري ايار حسين باڪٽر: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڪو هيو، جامشورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۱۴، ص ۱۵

خليفي گل جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو:

مضامين - خليل - سرهاگل - مٺڻا بول

ٽيون وسن برسات جئن دائم اکيون آگم ڪيو
ٽهڪيون منجهه آڪاڙ سالوڻ، ٽهڪيون ڪتي ٽهڪيون ڇيڻ
ٽيون اکيون رت هاري ڳاڙهيون ٽن سهڻو ٽيولال رنگ
توسان ايڪڙ جنهن ڏهاڙي کان ٿي منهنجي آهي ڏيڻ (۱)۔

آخوند گل محمد ساڻائي ڪانپوءِ جن شاعرن غزل جي صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي، تن ۾ ميرصوبدارخان [۲] ميرنصيرخان [۳] ميرشهدادخان حيدري [۴] ۽ ميرحسين علي خان [۵] جا نالا ذڪر لائق آهن. جن بعد سندي غزل جي نامڪين شاعرن ۾ آخوند محمد قاسم قاسم ساڻائي جو نالو اچي ٿو.

آخوند محمد قاسم ولد آخوند نعمت الله تخلص قاسم ۱۸۰۶ع ۾ پراڻن ساڻن ۾ هالوٺ ۾ ۱۸۸۱ع ۾ رحلت ڪيائين (۶)۔ آخوند قاسم فارسي ۽ عربي ۾ جوڏو عالم هو. حيدرآباد ۾ مقيم ٽيڻ ڪانپوءِ هن سيد فاضل شاه [۷] جي ياري ۾ سندي شعر

---

(۱) گل محمد گل خليفو : ، 'ديوان گل' حيدرآباد، سندي حسلم ادبي سوسائٽي، ۱۹۳۳ع، ص ۲۳

[۲] ميرصوبدارخان ولد ميرفتح علي خان تخلص ميڙ ۱۸۰۲ع ۾ جاڻو. فارسي زبان جو پڙ گو شاعر هو. سندي غزل به چيائين. ۱۸۴۶ع ۾ هن ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي. قادري ايازحسين جاڪٽ : 'سندي غزل جي اوسر' پاڪوهيو، ۱۹۸۴ع، ص ۲۸ ص ۲۹

[۳] ميرنصيرخان ولد ميرمرادعلي خان تخلص جعفري ۱۸۰۴ع ۾ حيدرآباد ۾ جاڻو. فارسي ۽ اردو زبان جو سٺو شاعر هو. سندي ۾ به غزل چيائين. ۱۸۴۵ع ۾ ڪلڪتي ۾ وصال ڪيائين. 'الوحيد' سندي آزاد نمبر، پڪي ۱۹۷۹ع، ص ۱۰۸

[۴] ميرشهدادخان ولد ميرلوڌرمحمد خان تخلص حيدري جي جنم جي تاريخ معلوم ڪانه ٿي سگهي آهي. فارسي ۾ ڪان علاوه سندي ۾ به سڌس غزل ملن ٿا. هن ۱۸۵۷ع ۾ ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي. 'الوحيد' سندي آزاد نمبر، سپٽمبر، ۱۹۷۹ع، ص ۱۱۸

[۵] ميرحسين علي خان ولد ميرلوڌرمحمد جي ولادت جي تاريخ ڪانه ٿي ملي. پارسي ۽ عربي ۾ جوماهر هو. سندي ۾ به غزل چيائين. ۱۸۷۸ع ۾ وفات ڪيائين. قادري ايازحسين جاڪٽ : 'سندي غزل جي اوسر' پاڪوهيو، ۱۹۸۴ع، ص ۳۳ ص ۳۴

(۶) محمد قاسم آخوند : ، 'ديوان قاسم'، شڪارپور، پوڻدداس اينڊ سنز، ۱۹۳۶ع، ص ۸

[۷] ڏسو پاڻو ٻيو باب پهريون ص - ۱۲۲

چوڻ شروع ڪيو. قاسم انهن پهرين شاعرن مان آهي، جن سنڌي غزل جي بنياد اسريل هوندي جي آبياري ڪئي. ۽ ان کي وڏي چاه سان تانيو ۽ نپايو. ڪلهوڙن پوءِ قاسم ئي اهڙو غزلگو شاعر آهي، جنهنجي غزل جي ڏاڪ ساري سنڌ ۾ جمي ويئي. سندس غزل جي هولي سولي ۽ عام فهم آهي. تاهم عربي ۽ فارسي لفظن جي هلڪي آميزش نظر اچي ٿي. انڪا سواءِ سندس غزل ۾ وڏي روانيءَ اثر آهي (۱). قاسم جي غزل جو نمونو هيڪ ڏجي ٿو:

هيڏ وڏي سڏ ٿو چوان جنهن پرڪري ٿو گوتر گهنڊ
آءٌ پرين ٿسان پرين مونسان گڏ يا جيڏ ڪير ڪنڊ
مون سنڊو محبوب، محبوبن آڏيان آهي ائين
تاءِ تارن جي آڏيان جيڏ ٿو ڪري چمڪار چنڊ
او چتو منهنجي اکين مان آب ائين جاري رهي
جيڏ پوي هنهن ويل وهندڙ واه کي هو ڪاب ڪنڊ (۲) الخ.....

آخوند محمد قاسم هالائي ڪانپوءِ آسورام آسو [۳]

جوناگوا چي ٿو، جنهن بعد سنڌي غزل جو برجستو شاعر حافظ حامد ٽڪڙائي آهي.

حاجي حافظ حامد ولد محمد هاشم ميمڻ ۱۸۳۲ع ۾ ٽڪڙ ۾

---

(۱) قادري ايازحسين داعتي: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڪو ٻيو، جام شورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۴ع، ص ۵۸

(۲) محمد قاسم آخوند: 'ديوان قاسم' شڪارپور، پوهر داس اينڊ سنز، ۱۹۳۶ع، ص ۴۶

[۳] آسورام پٽ ڏاندو ۱۸۲۴ع هالن پراڻن ۾ جاڻو. ويهن ورهن جي عمر ۾ قرآن حڪيم ۽ انجيل پوري ڪيائين. سنڌي ۽ فارسيءَ جو ماهر هو. سندس تمام گهڻو ڪلام چيل آهي. سنڌي غزلگو شاعر هو. اڏاجڙ ڪانه ٿي پوي ته هن ڪڏهن نه لوڪ ٻڌاريو.
مسافر محمد صديق: 'تاريخ سنڌي ادب'، حيدرآباد، ص ۳۸۹

رابين تي پيو ، مگر الله ڏڻ جي اندر ڪي اهڙي جوت بخشي جو سندس نالو ساري سنڌ ۾ مشهور ٿيو (۱) .

حافظ حامد ڪي شاعريءَ جي ڏات به مليل هئي . ڏڻ اهاڏات سنڌي غزل جي سونهن ڪي سنوارڻ ۾ صرف ڪئي . حامد اهو غزل گو شاعر هو ، جنهن پنهنجي غزل جي زبان تي فارسي رنگ چڙهڻ نه ڏنو . سندس زبان سادي ۽ صاف آهي (۲) . ڏڻ ايراني روايتن کان پاسو ڪري سنڌي غزل ڪي پنهنجي ڏيهي روايتن ۽ ماحول سان روشناس ڪرايو . ڏڻ جي ڪلام ۾ هوليءَ جي چاشني ، بيان جي سادگي ، روايتي ۽ تغزل موجود آهن . حافظ حامد جي غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

ڪري سينگار صورت جا ، ڏڏهن جلوا وڃين جاني
صدڪن حسن تي حورون ، پوي پرين پريشاني
آيون ڪاريون ڪجل تارن ، ڪندو سينگار سرموجا
ضرورت ناهه زينت جي ، جنهين ڪي رنگ روحاني (۳) الخ.....

حافظ حامد ڪاپوءَ سنڌي غزل جي ميدان ۾ هڪ شهسوار

سيّد محمد فاضل شاهه ۽ غلام محمد شاهه گدا نظر اچن ٿا .

سيّد فاضل شاهه ولد سيّد حيدر شاهه ۱۸۳۶ء ۾ حيدرآباد ۾

تولد ٿيو ۽ ۱۹۰۰ء ۾ وفات ڪيائين (۴) .

---

(۱) آسڙ اسد الله ٽڪراڻي : ، تذڪرہ شعراء ٽڪڙ ڪراچي/حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۹ء ، ص
(۲) وڃاڻي ديني محمد مولانا : ، ارمغان ، حامد ، ميرپورخاص ، مسلمان پرنٽنگ پريس ، ۱۹۲۶ء ، ص ۵
(۳) اسد اسد الله ٽڪراڻي : ، تذڪرہ شعراء ٽڪڙ ، ڪراچي/حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۹ء ، ص ۴۰
(۴) محمد صديق ، ديوان فاضل ، حيدرآباد ، مسلم ادبي سوسائٽي ، ۱۹۳۷ء ، ص ڪ

فاضل شاه جي غلام جو معيار مناسب آهي. وقت جي شاعرن ۾ کيس سارا ڏيو آهي. هاڻي تورڻ جي غزل جو بادشاه شاعر هو. سندس غزل جي اسر نڊر شعر کي گويا ڏهن ڏاڙهي گاڏڻ پاڻي ڏنو. سندس رديف وار غزلن جو ڪتاب ديوان فاضل' ان جي پٽ ڏاڏي گوامي ڏنو هو. فاضل شاه جي ديوان جي اها خاصيت آهي جو هن پنهنجي سموري غزلن جي مٿان علم عروض جي قاعدي ۽ صيغ بحر ۽ وزن ڏيڻ ۾ هر هڪ غزل جو عنوان پڻ مٿان لکيو آهي. فاضل شاه جي هڪ غزل کي نوان عنوان ملڻ. سندس غزل جو نمونو ملاحظه ٿئي:

ورڻ جي ڪر دري واڻي، منا محبوب سو چارا
سڪي سار ڀي سدا سائل، سوين سن سال سونهارا
اوهانجي عشق ۾ عاشق ٿيا عاجز اچي اولون
دري وارث وسيلا تون، وسارج ڪيم ويچارا
گهيو گهٽين وٽي واڻون، ڏسي تو ونگر رهي راهون
تکي ٿڪيا هلي هنڌ هٿ، نهاري عام اوتارا (۱) انو.....

ساڳي دور جو بيو معروف غزلگو شاعر غلام محمد شاه ولد حسن علي شاه تخلص گدا ۱۸۳۷ع ۾ حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. سندس وفات جي تاريخ معلوم ٿي سگهي. پاڻ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو جا ليکڪ ۽ شاعر هو (۲). گدا شاه جي شاعراڻي حيثيت جا ٻه امتياز ۽ شرف رکي

(۱) محمد صديق ماسٽر: ديوان فاضل حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، ۱۹۳۷ع، ص۵
(۲) گدا غلام محمد شاه: ڪليات گدا اڪاڊمي / حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع، ص۲
ٻيا ماخذ: ۱ ڊي تنهي احوال ڪاوڙسو، مضامين خليل — سرهاڳ — مسلم اول

ٿي. ڏهو سنڌ جي انهن قادر الڪلام شاعرن مان هڪ هو ، جن جي پُر گوئي ۽ وسعت نظريءَ جي وسيلي سنڌي شاعريءَ بام عروج تي پهتي. گدا ۽ جي پنهنجي دور جي چوٽيءَ جي شاعرن پنهنجو رهبر ۽ استاد تسليم ڪيو آهي (۱) .

گدا جي غزل ۾ مضمون جي بندش ، خيالن جي بلنديءَ ، قافين جي چستي ، زبان جي صفائيءَ ، طرز ادا جي موزونيءَ ، تشبيه ۽ استعاري جي رنگينيءَ شامل آهي . 'ڪليات گدا' ۾ الف ب وار ردیف تي ۱۵۴ غزل ملن ٿا . جن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته گدا جي هٿن ۾ سنڌي غزل جي نهايت عمدي تراش خراش ٿي ۽ غزل کي چار چند لڳي ويا . هن ڏينهن ڏوٿري وڏن بحرن ۾ نت نوان تجربا ڪيا آهن ۽ انهن ۾ ڪامياب ويو آهي . گدا جي غزل جو نمونو ملاحظه فرمايو .

شمس شرمايو ڏسي تو مهر پرور جو جمال
صورت ۽ سيرت ۾ سهڻو آهين بيشڪ بيمثال
تنهنجي اکڙين کي سهڻ آهو چوڻ آهي گناه
تيغ ابروءَ کي ڏسي ، حسرت ڀري هر دم هلال
زلف سنبل ، چشم نرگس ، سرو قامت ، خوشخرام
عارض ، زيبا ، برگ گل جهي قيل و قال (۲) الخ.....

غلام محمد شاه گدا کانپوءِ آخوند عبدالقادر بيدل [۳]

---

(۱) گدا غلام محمد شاه ، 'ڪليات گدا' ، ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۷ء ، ص ۱۵۳

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ۱۵۳

(۳) آخوند عبدالقادر ولد محمد پناه پٺو تخلص بيدل ۱۸۳۸ء ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. ۱۹۳۲ء ۾ ۹۵ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. (مولوي اسرار احمد ، 'صفيح الله فدا' (مولوي ڳراف) جامشورو ، سنڌ الاجي ، ۱۹۷۲ء ، ص ۳۲

آخوند لطف الله لطف [۱] ۽ امام بخش خادم [۲] جا نالا اچن تا. انهن کان پوءِ سندي غزل جو سرموڙ ۽ برجستو شاعر مير عبدالحسين سانگي آهي.

مير عبدالحسين ولد مير عباس علي خان تخلص سانگي ۱۸۵۱ء ۾ ڪلهيتي ۾ تولد ٿيو ۽ هن ۱۹۲۴ء ۾ وفات ڪئي (۳). سانگي محض ذهني مشق خاطر شعر نه چيو. سندس شاعري قدري ان سياسي، سماجي ۽ ادبي ماحول جو عڪس آهي، جنهن ۾ سانگي صغير ٿي سامائڻ. ۽ ان کان وڌيڪ سندس شاعري پنهنجن تجربن، جذبن، احساسن ۽ اخلاقي قدرن جو آئينو آهي (۴).

سانگيءَ جو شمار سندي غزل جي سرموڙ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس غزل جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن شروع ۾ ٻين شاعرن وانگر فارسي غزل واري روايت کي قبول ڪيو ۽ ان جي تاريخي قدامت ۽ فني عظمت جي مدِ نظر ان کي آخر تائين نباهيو. تاهم سانگي پنهنجي غزل ۾ ٻج سندي اصطلاحن، محاورن ۽ مثالن کي به عام استعمال ڪيو ۽ سندي ماحول کي پڻ چمڪايو. سانگي جڏهن خالص سندي ماحول جو بيان ڪري ٿو ته ٻج سندي لفظن ۽ مقامي اهڃاڻن کي پورپور انداز ۾ آڻي ٿو (۵). سانگي درسي زبان بدران روزمره جي عام بولي

---

[۱] آخوند لطف الله ولد آخوند محمد اسحاق تخلص لطف ۱۸۴۲ء ۾ حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. غزل جو سٺو شاعر هو. ۱۹۰۲ء ۾ وفات ڪيائين. قادري، ايان حسين ۽ اختر: 'سندي غزل جي اوسر'، پاڪوهيو، ۱۹۸۴ء، ص ۷۳ ص ۷۴

[۲] امام بخش ولد محمد پچل بدوي تخلص خادم ۱۸۶۱ء ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. سندس غزل نهايت پختو آهي. ۱۹۱۸ء ۾ وفات ڪيائين.
بدوي لطف الله: 'ڪليات خادم'، ڪراچي/حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۵۸ء ص ۳

(۳) بلوچ، بني بخش ۽ اختر: 'ڪليات سانگي'، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۶۹ء، ص ۸

(۴) ——— ايضاً ——— ص ۵۵ ص ۵۶

(۵) ——— ايضاً ——— ص ۶۳ ص ۶۵

سمي ٿي پنهنجي شعر جو ذريعو بڻايو. هن سنڌي غزل ۾ جيڪا نواڻ آندي، سا اها آهي ته هن غزل کي نه فقط واقعات جو حامل بڻايو بلڪ زندگيءَ جي جيڏن ۽ ڪيڏن ۽ عملي مشاهدن جي منظر نگاري ۽ ڪن خاص تاڻن ۽ اهياڻن جي ذڪر ۽ بيان سان سندس کي غزل جڙ تاريخي غزل بڻجي ويا (۱).

ميرعبدالحسين سانگي جي غزل جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ور هن کان تڏهنجو يار اسان تي غضب رهيو
افسوس آهي هيءَ جو اهو ئي سبب رهيو
ڪوڙ و سوچاه ۾ جوڪري چو طرف چڪاس
آهي سچو سو طالب جو در طلب رهيو
ناٽي جي نار جا اهي اندار هٽا هينڊ
ڪهڙو حسب رهيو آهي ڪهڙو نسب رهيو
معلوم ٿيو ته ملڪ ئي آهي يزيد جو
عبدالحسين جنهن ۾ سدا تشنه لب رهيو
سهڻا سندءِ فراق ۾ سانگي ٿي در بدر
هوڏ ينهن کٽي ته کٽي آهي شب رهيو (۲)

ميرعبدالحسين سانگي ڪانپوءِ مولوي محمد عاقل عاقلي [۳]

جو ٻالوا چيي ٿو. جنهن ڪانپوءِ سنڌي غزل جي سينڊ سنوار ينڊ ۾ نئون روپ ڏينڊ ٿو

---

(۱) بلوچ نبي بخش داڪٽر: 'ڪليات سانگي' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء، ص ۴۳، ۳۱۹
(۲) ايضاً
[۳] محمد عاقل ولد الهنوان سومرو ۱۸۵۱ء ۾ پير گوٺ ۾ تولد ٿيو. نعوڪ پنهنجو، پراڳو ڳوٺ ڪهنه مستق شاهه رهيو. ۱۹۶۱ء ۾ وفات ڪيائين. قادري ايازحسين داڪٽر: 'سنڌي غزل جي ادب' پاڪوهيو، ۱۹۸۴ء، ص ۲۴۶

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو نالو سرِ فهرست آهي .

مرزا قليچ بيگ ولد فريدون بيگ ۱۸۵۳ع ۾ ٽنڈو لوٽ هوميد آباد ۾ تولد ٿيو ۽ ۱۹۲۹ع ۾ وفات ڪيائين (۱) . قليچ جي شاعري تمامتر داخلي آهي . خارجي اثر ۽ گردوپيش جا حالات سندس جذبن ۾ اهڙا مخلوط ٿي نڪرن ٿا ، جو انهن جو سڃاڻڻ ئي مشڪل ٿيو پوي . سندس شعر ۾ تشبيهن جي ندرت ، تخيل جي رفعت ، مشاهدي جي باريڪي ۽ بيان جي دلڪشي هڪ ڪيفيت طاري ڪري ٿي . قليچ زبان جي روانيءَ ، لفظن جي وسعت ۽ فراواني ، فڪر جي جدّت ۽ تاثر جي هڪ اهڙي مقام تي پهتل آهي ، جتي هو اڪيلو ۽ يڪتا نظر اچي رهيو آهي . قليچ شعر ۽ زبان تي اهائي قدرت رکي ٿو ، جا هڪ باريگ ، پڌهنجن تماشن تي رکندو هجي . زبان جي سادگي ۽ جذبات جي پاڪيزگي قليچ جي شاعري جا خاص اوصاف آهن (۲) .

قليچ پڌهنجي غزل ۾ سدرة المنتها تائين پهچي ويو آهي . سندس غزل جو اڪثر مضمون تصوّف ، اخلاق ، فلسفي معرفت وغيره تي ٻڌل آهي (۳) . مرزا قليچ بيگ جي شاعرانه طبيعت ۽ صوفيانه فطرت سندس غزل ۾ اهڙي طرح هم آهنگ ٿي ويئي آهي ، جو ان مان هڪ نهايت خوشگوار امتزاج پيدا ٿي پوي ٿو . مجاز ۽ حقيقت جو هي ئي امتزاج دراصل قليچ جي خاص امتيازن مان آهي (۴) . ديوان قليچ ڪل ۳۸۲ غزلن تي مشتمل آهي ، هر هڪ غزل جي موضوع ۽ بحر جي شاندهي هي ڪيل آهي . سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي

---

(۱) قليچ بيگ مرزا : ، سانوڻ پن ڪارو پنوا حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۵ع ، ص ۲۴۴

(۲) قليچ بيگ مرزا : ، ديوان قليچ ، (مقدمو) اجمل بيگ مرزا ، ڪراچي / حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۶ع ، ص ۵۰ ص ۶۱ ص ۶۳ ص ۶۹

(۳) ـــــــ ايضاً ـــــــ

(۴) ـــــــ ايضاً ـــــــ

ٽو:

ڪريان توتان سڀڙ آءُ سر فدا چا ؟
محبت جو پو حق ٿيندو ادا چا ؟
وڃڙو جنهن ڏنو دلبر جو تنهنڪي
زماني جو ڪندو جور و جفا چا
ٿئين نازڪ بدن ۽ سنگدل توڻ
آءُ نازڪ دل ٿيس منهنجي خطا چا
چون دل کي ثابت الله صوفي
ادب ان جو سڀڙ آٽين بجا چا
قليچ آهي جي رب مالڪ دلين جو
ته پوءِ رب کان گهران دل سان دعا چا ؟ (۱) .

سنڌي غزل جو ارتقائي جائزو ولندي مرزا قليچ بيگ

کانپوءِ غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي [۲] ۽ محمد شاڪر [۳] جانالا اچن ٿا، ۽ انهن کانپوءِ غزل جي ناني اهڙو شاعر آڏو اچي ٿو، جنهن کي بنا مبالغي تاريخ ساز شاعر سنڌي سڳهجي ٿو. اهو نالو فقير علي محمد قادري [۴] جو آهي .

---

(۱) قليچ بيگ مرزا : ديوان قليچ، ڪراچي/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۶ء، ص ۱۰

[۲] ميرغلام مرتضيٰ شاهه ولد ميرروشن شاهه تخلص مرتضائي ۱۸۵۳ء ۾ سکر ۾ جاءُ، پنهنجي دور جو سلو شاعر هو. ۱۹۰۵ء ۾ وفات ڪيائين. قادري ايازحسين داڪٽر: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڪو ٻيو، ۱۹۸۴ء، ص ۱۴۹

[۳] محمد شاڪر ولد گل محمد تخلص شاڪر ۱۸۵۳ء ۾ ملتي ۾ جاءُ. ميرمرتضيٰ جو شاگرد هو، پڪو شاعر ٿي گذريو آهي. ۱۹۲۳ء ۾ رحلت ڪيائين. قادري ايازحسين داڪٽر: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڪو ٻيو، ۱۹۸۴ء، ص ۱۸۱

[۴] ڏسو پاڪو پهريون باب چوٿون ص - ۵۸

مرزا قليچ بيگ جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو -

تذڪرہ مشاهير سنڌ (پاڪو پهريون) — مضامين خليل — سنڌي نثر جي تاريخ — ملڻا بول — ڪليڪشن (پاڪو پهريون) — سنڌي ادب جو تاريخي جائزو — هوڏو وڻي هوڏيڏهن -

فقير علي محمد قادري جي شاعري سانوڻ جي مينهن جي انهن بوندن مثل آهي، جن جي ڪرڻ سان ڌرتيءَ تي هڪ وٽندڙ خوشبوء چو طرف پکڙجي ويندي آهي. هو بنيادي طور غزل جو شاعر هو. هنجي دل ۽ دماغ تي حقيقي محبوب ۽ سندس پيارن جي محبت چانيل هئي. تنهنڪري سندس ڪلام تصوف جو آئينو آهي. سنڌ جو ڪوبه اهڙو غزل گو شاعر ڪين آهي، جنهن پنهنجي غزلن ۾ تصوف کي ايتري قدر بيان ڪيو هجي (۱).

فقير علي محمد قادري غزل جا سمورا لوازمات پورا ڪري گويا غزل جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي. فقير قادريءَ جو غزل پنهنجين سمورين شوخين ۽ رعنائين سان نظر اچي ٿو. هولي ۽ اسلوب بيان نهايت وٽندڙ سادو ۽ عام فهم آهي. ديوان قادري الف بي وار ردیف تي ترتيب ڏنل آهي ۽ غزلن جي سري تي بحر جي نشاندهي ڪيل آهي. فقير قادريءَ جي غزل جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

غمرتہ دنيا ۾ گھٹا ۾ عشق جو غم ۾ي طرح
آهي هن عالم ۾ ليڪن هن جو عالم ۾ي طرح

زخم دل تدبير سان ڪڍهن نہ چئندواي طبيب
ان جي لهري ان جو هڪ، ان جي مرهم ۾ي طرح

حسن وارا ڪيترا ۾ر مٽ نہ يانيان يار جي
ان جو غمزو، ان جو نازو دم دم ۾ي طرح

(۱) قادري ايارهين ياڪٽ: سنڌي غزل جي اوسر، ڳالهيو، جامشورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۲۵۶

عشق جي آڏو نہ ايندو عقل هرگز سامهون
ان جو حملو، ان جو عملو ۽ قدم دم هي طرح (۱) الخ .....

فقير علي محمد قادري کانپوءِ غزل ۾ هڪ نواڻ ۽ ندرت پيدا ڪرڻ وارو غزلگو شاعر شمس الدين بلبل نظر اچي ٿو.

شمس الدين ولد بهادر خان شيخو تخلص بلبل ۱۸۵۷ع ۾ ميهڙ ضلعي دادو ۾ جاڻو ۽ 1919ع ۾ وفات ڪيائين. بلبل سندي شاعريءَ ۾ غزل جي لتاڙيل راه کي چڏي پنهنجي لاءِ هڪ نئين ۽ بامقصد راه اختيار ڪئي. هن جي طنز ومزاح پريل غزلن ۾ روانی، شوخي ۽ رنگيني موجود آهي. بلبل غزل کي صرف تفريح لاءِ نه لکيو آهي. پر ان کان اصلاح جو ڪم به ورتو آهي. هن اهڙا موضوع هٿ ڪيا، جن ماحول کي بدلائڻ لاءِ سندس مدد ڪئي. ماحول کي بدلائڻ وارو شاعر صدين کانپوءِ پيدا ٿيندو آهي (۲) بلبل جي غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

هو صلو دل جو لٽي ويو، هار ڪجهه سينگار ڪجهه
ناز ڪجهه، غمزا ڪجهه، رفتار ڪجهه گفتار ڪجهه
وصل جي پيغام تي محبوب ورندي ۾ چيو
تي مذبذب، بين ۾، اقرار ڪجهه، انڪار ڪجهه
جان جانان کان جو پڇ هڪ سوال جو گهر ۾ جواب
هوريان هائو ڪيائين، چار ڪجهه ناچار ڪجهه (۳) الخ .....

---

(۱) قادري علي محمد فقير: ديوان قادري، لاڙڪاڻو، قادريه پرنٽنگ پريس، ۱۹۴۰ع، ص ۲۸

(۲) ڏسو ماهوار، نئين زندگي، ماه ڊسمبر، ۱۹۷۷ع

(۳) ڪرامتي غلام محمد (مرتب): ديوان بلبل، جام شورو، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ع، ص ۸۰

شمس الدين بلبل جو همعصر غزل گو شاعر محمد هاشم مخلص هو، جنهن پنهنجي غزل ۾ بلبل جي تقليد ڪندي بلبل وارو رنگ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

محمد هاشم ولد حافظ حامد سيٽ تخلص مخلص ۱۸۶۰ع ۾ ٽڪڙ ۾ تولد ٿيو. سندس والد پنهنجي وقت جو نامور شاعر ٿي گذريو آهي. مخلص کي صحافت سان به وڏي دلچسپي هئي ۽ سندس شمار بيباڪ صحافين ۾ ٿئي ٿو. هن جي قلم ۾ ايتري زور ۽ طاقت هئي جو سندس مضمون ۾ شعر شهپارا ٿي پوندا هئا. مخلص پنهنجي غزلن کي ظرافت ۽ هجو سان بلڪل پري رکيو آهي. سندس سمورا غزل ذڪر جانان سان پريل آهن. هن جي غزل ۾ فارسي شاعري جو رواجي رنگ آهي. مخلص جي غزل ۾ سلاست ۽ روانگي، تخيل ۽ جامعيت نظر اچن ٿا (۱). سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دل ڪنهن کي ڏيان هاءِ جو دلبر نه ملي تو
جا ظلم سهان کوئي ستمگر نه ملي تو
زلفن جي طرح عمر بسر آهي ٿي منهنجي
هن شانه بدوش کي ڪٿي گهر نه ملي تو
جا ساڻ ڏيان يار جي دندان کي تشبيه
ڪنهن جاءِ تي اهڙو ڪو گوهر نه ملي تو (۲) الخ.....

---

(۱) اسد اسدالله ٽڪڙائي : "تذڪره شعراء ٽڪڙ" ڪراچي/حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ء ص ۵۳ ص ۵۸

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص ۶۴ ص ۶۵

محمد هاشم مخلص کان پوءِ سندي غزلگوئي ۾ ڪيترائي نالا ملن ٿا، جن ۾ اسد الله شاه فدا [۱] لعل چند مجروح [۲] سيد علي نواز نار [۳] جمع خان غريب [۴] ذڪر لائق آهن. سڄڻي دور جو بهترين غزلگو شاعر ڪشنچند بيوس هو، جنهن جي غزل کي منفرد حيثيت حاصل رهي.

ڪشنچند پٽ تيرٿداس ڪتري تخلص بيوس ۱۸۸۵ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو ۽ ۱۹۴۷ع ۾ سرڳواس تيو (۵). بيوس کي نندي وهيءَ کان ئي شعر چوڻ جو شوق دامنگير هو. سندس غزل سادو پر سلوڻو آهي. هن راڳ جي جايل الفاظ ۽ محاورا سندس ڪلام جي خاص خوبي آهن (۶). بيوس جي غزل جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

---

[۱] قاضي اسد الله ولد سيد الله بخش تخلص فدا ۱۸۶۸ع ۾ ٽڪڙ ۾ پيدا ٿيو. نعتيه ڪلام گهڻو چيو اٿس. پر سندس غزل ۾ به فني پختگي نظر اچي ٿي. ۱۹۲۶ع ۾ گذاري ويو.

اسد الله شاه اسد ٽڪڙائي: 'تذڪره شعراءِ ٽڪڙ'، ۱۹۵۹ع، ص ۷۱

[۲] لعل چند مجروح عرف لعل محمد ۱۸۸۴ع ۾ تعلقه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. اصل ۾ هوسڻجو گي شيخ هو. سلوشاعر هو، غزل به چيائين. ۱۹۴۲ع ۾ وفات ڪيائين.

قادري ايار حسين جاڪڻ: 'سندي غزل جي اوسر'، ۱۹۸۴ع، ص ۲۸۱

[۳] سيد علي نواز ولد سيد امام بخش تالپر ۱۸۸۴ع ۾ ڪوٽ ڏيجي ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو. اعلى تعليم يافته هو، هوسلو شاعر ۽ شاعر نواز هو. سندس ڪافيون به گهڻو چيل آهن. هو وڏو باذوق انسان هو. ۱۹۳۵ع ۾ رحلت ڪيائين.

قادري ايار حسين جاڪڻ: 'سندي غزل جي اوسر'، ۱۹۸۴ع، ص ۲۸۳

[۴] جمع خان ولد ميان ستار ڏنو پيرزاده تخلص غريب ۱۸۸۵ع ۾ ڳوٺ سيد لاکير ضلعي دادو ۾ ڄائو. سلوشاعر ۽ اديب هو، صحافت سان به گهڻي دلچسپي رهيس. هو 'ادب سنڌ' جو ايڊيٽر به رهيو. غريب بنيادي طور غزل جو شاعر هو. ۱۹۵۳ع ۾ وفات ڪيائين.

گرامي غلام محمد: 'وياسي ويڇهار' حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ع، ص ۱۴ ص ۱۵

(۵) بخاري محمود شاه جاڪڻ: 'ڪشنچند بيوس جي شاعري' مونوگراف، سنڌالاجي، ۱۹۶۳ع، ص ۹

(۶) سنديلو عبد الڪريم جاڪڻ: 'ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ضلعو لاڙڪاڻو' جامشورو، سنڌالاجي، ص ۲۲۱ ص ۲۲۲

نہ بلبل حسن گل تي پُل بهاري بي بقا آهي
نزاکت، رنگ، رونق جو گهڙي ۾ کن لئه لقا آهي
چمن ۾ چيٽ کان چهه چهه پهه تائين روز هي هلهه
خزان چوندي ڪري ٿه ٿم فنا آهي فنا آهي
پتي ڏس گاه جو پترو، مٿان جنهن ماڪ جو قطرو
سلينڊو زندگي خطرو نه هستيءَ کي جتا آهي
قطري ۾ سمنڊ تيو ساڻي، رهي فاني اندر باقي
قري بيوس رگوڻائي، مگر ذاتي سدا آهي (۱).

ڪشنچند بيوس کانپوءِ غزل جو برڪ شاعر غلام سرور قادري فقير [۲] آهي. فقير پنهنجي دور جو هڪ عظيم شاعر هو. جنهن جو اظهار سندس وقت جا همعصر شاعر ۽ عالم ڪندا رهيا آهن. پير علي محمد راشدي رقمطراز آهي:

"فقير کي سنڌي غزل لکڻ ۾ وڏو ملڪو حاصل هوندو هو. مجلس جو مور هو. جت هوندو تہ سندس شخصيت هر طرح پئي محسوس ٿيندي هئي" (۳).

فقير بنيادي طور غزل جو شاعر هو. غزل هنجي دل ۽ دماغ تي چانيل هو. هن جي خيالن ۾ نہ صرف پوپٽ جي پرن واڱر رنگيني آهي. پر هن جي خيالن ۾ بهار ۾ مختلف رنگن جي ترندڙ گلن واري سگنڌ به آهي.

---

(۱) ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي: "شاعرانه موتي"، حيدرآباد، پارٽ ايڪڙي پهريون، ۱۹۲۷ء، ص ۹۹
[۲] ڏسو پاڪو پهريون باب چونڊ ص - ۶۶
(۳) علي محمد راشدي پير: "اهي ڏينهن اهي شيخون"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ء، ص ۸۹

فقير امو شاعر آهي جنهن پنهنجي دور ۾ غزل ۾ وسعت پيدا ڪئي. سندس ڪلام ۾ شگفتگي، شوخي ۽ خوبصورتي آهي. سندس انداز دلفريب ۽ بااثر آهي (۱). فقير پنهنجي شاعري ۾ انهن حقيقتن جو اظهار ڪيو آهي، جو ازلي ۽ ابدي آهن ۽ هر ڪنهن انسان جي دل جي ترجماني ڪن ٿيون (۲). فقير جي غزل جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

ڪئي مون بيوفا تو سان وفا ڇا
ڪيو مون ساڻ تو جور وجفا ڇا
مقابل چشم، خوبي سان ٿئي ڪي
تنهنجي ٻي آئي دل آهي قضا ڇا
سياه زلفن جي چوٽي ۽ ڪي ڏسي دل
ڇو پالي آهن ڪاري بلا ڇا
رلن تا مٿي ڪلي ۽ تنهنجي ۾ ظالم
گهٽي تنهنجي به آهي ڪربلا ڇا (۳) الخ.....

غلام سرور قادري فقير ڪانپو ۽ حافظ عبدالله بسمل [۴]

آغا غلام نبي صوفي [۵] ۽ نواز علي نياز جعفري [۶] جانالا اچن تا، جن مان نواز علي نياز

---

(۱) قادري ايار حسين جاڪڙ: 'سندي غزل جي اوسر' پاڪوهيو، جام شورو، سندالاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۳۹۵

(۲) رزاق عبدالرزاق: 'سندي غزل جو تجزيو' جام شورو، سندالاجي، ۱۹۷۹ء، ص ۱۲۱

(۳) قادري ايار حسين جاڪڙ: 'سندي غزل جي اوسر' پاڪوهيو، جام شورو، سندالاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۲۹۶، ۲۹۷

[۴] حافظ عبدالله بسمل ۱۸۸۸ء ۾ ٽڪڙ ۾ تولد ٿيو. سڪو عالم، اديب ۽ شاعر هئي گذريو آهي. سندس غزل فني لحاظ کان پختا آهن. ۱۹۵۰ء ۾ وفات ڪيائين. اسد الله اسد ٽڪڙائي: 'تذڪره شعراء ٽڪڙ' ۱۹۵۹ء، ص ۱۴۱، ۱۴۳

[۵] آغا غلام نبي ولد آغا گل حسن تخلص صوفي ۱۸۸۹ء ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. غزل جو شاعر هو. سندس غزل ۾ سادگي سلاست ۽ روانی آهي. ۱۹۳۸ء ۾ وفات ڪيائين. احسان الله پٺو: 'آغا غلام نبي صوفي جو ادبي خدمتون' مهوڙ انٽرنيشنل ۱۹۹۵ء

[۶] ٽرسو ڪاڪو: 'هريون ياب چوٽون' ص ۶۷-

هن دور جو نمائنده شاعر هو.

نواز علي نياز سندي غزل ۾ رنگيني ۽ خيال جي وسعت پيدا ڪئي. نياز جو غزل سندي شاعريءَ جو سرمايو آهي. هن دور جو هڪ محقق مرحوم نياز جي شاعراڻي عظمت بابت رقمطراز آهي:

"نياز مرحوم موڪلي پڇريون شاعر ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو نه فقط غزل ۾ نظم جو بادشاه هو، پر ڪيس ٽيڪ سندي ڪافيءَ متان به ڪمال ۽ قدرت حاصل هئي. نياز هڪ دور جو نمائندو هو، جيڪو دور سندس موت تي ختم ٿيو"(۱).

نواز علي نياز جي غزل جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

اچي ٿون منهنجي دل ۾ داغدار ڏس ته سهين
سڏيندين ان کي به رشڪ بهار ڏس ته سهين
چراغ ڪير ٿو ٻاري ۽ ڪير گل ٿو وجهي
اچي اي ماهرو منهنجي مزار ڏس ته سهين
جگر ۾ دل نه فقط يار، پر جي حڪم ڪرين
ڪيان ٿو يا نه هي سر پي نثار ڏس ته سهين (۲) الخ.....

(۱) حسام الدين راشدي پير: هو ڏوٿي هو ڏينهن، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ء ص ۴۰۶

(۲) قادري ايار حسين داحتر: سندي غزل جي اوسر پاڻ ويو، جام شورو، سنڌالاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۳۱۴

نواز علي نياز جعفري کانپوءِ محمد بخش واصف جوشمار سنڌي غزل جي صف اول جي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

محمد بخش ولد محمد عثمان تخلص واصف ۱۸۹۲ء ۾ ڳوٺ راضي جتوئي تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو، ۱۹۵۲ء ۾ وفات ڪيائين. واصف جي شعر ۾ لياقت کي ڏسي ڪيس فخر الشعراء جو لقب ڏنو ويو. هن جي غزل ۾ سوز و گداز، شوخي، زور ڪلام، انداز بيان تشبيهون، استعارا ۽ فارسي آميز رس پري زبان آهي. هن غزل گهٽ ۽ ستو ڪيو آهي. واصف جو شمار انهن چوٽيءَ جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن غزل کي چوٽيءَ تي رسايو (۱)، واصف جي غزل جو نمونو ملاحظه ڪيو:

جلوه فرما جو لب بام تي جانان ٿيندو
داغ بيشڪ دل شب تي مهه تابان ٿيندو
دوست اڪثرين ۾ وهاري مان ڪريان بند اکيون
يار منظور نظر منهنجو جي مهمان ٿيندو
لاه دلبر نه ڪڍن خال رسيه تان پردو
ڪفر آلوده سندم دين ۽ ايمان ٿيندو (۲) الخ.....

محمد بخش واصف کانپوءِ ان دور جا ٻيا ڪي غزلگو شاعر نظر اچن ٿا. جن مان هڪ هدايت علي نجفي [۳] آهي،

---

(۱) قادري ايار حسين داڪٽر: 'سنڌي غزل جي اوسر' جامشورو، سنڌالاجي، ۱۹۸۴ء ص ۳۱۶

(۲) _____ ايضاً _____ ص ۳۱۸

[۳] ڏسو _____ ضميمو _____ ۽ ۲ _____ ص ۵۷۹

۽ ٻيو استاد شاعر حاجي محمود خادم [۱] آهي، جنهن سنڌي غزل جي صنف سان پورو پورو انصاف ڪيو ۽ ان جا سمورا لوازمات پورا ڪيا. هو پختو عروضي استاد شاعر هو. هن جا غزل عروض جي پختائيءَ کان پنهنجو مٿ پاڻ آهن. سندس خيال ۾ ڪشش ۽ پر اثر آهن. جن ۾ لوڪ محبوبن واري سونهن به آهي ته شوخي به. هن جي ٻولي پڪي پختي آهي. حاجي محمود خادم الهڻ سخندانن مان هو، جن جهڙا سنڌ ۾ ڪي ٻيا ٿورا پيدا ٿيا آهن (۲). سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

زلف ۽ رخ جو تصوّر مونکي صبح و شام آ
ڪفرستان گڏ منهنجي دل ۾ الفت اسلام آ
دفتر اعمالنامو سار و منهنجي عمر جو
داستان شڪوه هائي گردش ايام آ
ڪوسڏي ٿا مجنون تو مونکي ڪوسڏي وحشي چوين
گرچ سڌ سيني ڪي آهمود منهنجو نام آ (۳).

حاجي محمود خادم جي دور ۾ جيڪي ٻيا غزلگو شاعر پيدا ٿيا، تن ۾ غلام احمد نظامي [۴] قادر بخش بشير [۵]

---

[۱] ڏسو پاڳو پهرين باب چوٿون ص - ۶۹

(۲) قادري ايازحسين داڪٽر: 'سنڌي غزل جي اوسر' پاڳو ٻيو، جام شورو، سنڌ الاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۳۲۸

(۳) 'حاجي محمود خادم' سوانحگراف، سنڌ الاجي ص ۱۳۲

[۴] غلام احمد ولد حاجي محمد صديق تخلص نظامي ۱۸۹۵ء ۾ ڪراچي ۾ ڄم ورتو. نظامي غزل شعر قومي رنگ ۾ رنگيل آهي. غزل به لکيائين. ۱۹۵۱ء ۾ وفات ڪري ويو.
گرامي غلام محمد، ڪويا سي ويندڙ، ۱۹۷۷ء، ص ۱۲

[۵] قادر بخش ولد دوست محمد سومرو ۱۸۹۶ء ۾ ڳوٺ ميرپور تعلقي لال ضلعي جيڪب آباد ۾ ڄائو. غزل ۽ نظم جو سٺو شاعر هو. ۱۹۵۴ء ۾ وفات ڪيائين.

لیکراج عزیز [۱] حافظ محمد احسن [۲] ۽ ڈاڪٽر محمد ابراهيم خليل جانالا اڇن تا. غزل جي ميدان ۾ ڈاڪٽر خليل وڏا ڪونٽل ڪڏايا آهن.

ڈاڪٽر محمد ابراهيم خليل ولد محمد يوسف شيخ ۱۹۰۰ع ۾ ڪراچي ۾ جائو ۽ ۱۹۶۰ع ۾ وفات ڪيائين. سنڌي زبان جو قادر الڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر هو. ڈاڪٽر خليل جون ادبي خدمتون هميشه ياد رهنديون. هو هڪ بهترين اديب، نقاد، شاعر، اهل قلم، مقرر ۽ انشاء پرداز ٿي گذريو آهي. افسانا ۽ ڊراما به لکيائين (۳).

محمد ابراهيم خليل علم عروض جي باريڪبينن جو وڏو ڄاڻو هو. ۽ ان جي باريڪ اصولن جو پابند ٿي. هن جا غزل پختا ۽ شستہ، رنگين ۽ مرصع، شوخ ۽ دلپذير آهن. جيتوڻيڪ هن جي بولي فارسي آميز آهي، تنهن هوندي به سندس انداز ۾ بندڪجواٽ ۽ ڪشش آهي (۴).

ڈاڪٽر خليل جي غزل جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

هٽن ۾ ڪن جي پڇا نا ٿين ٿا
اکيئن ۾ ڪن جي مٺا نا ٿين ٿا

---

[۱] ليکراج عزيز ۱۸۹۷ع ۾ حيدرآباد ۾ جائو. عزيز جو غزل نازڪ خيالي ۽ جو آئينہ دار آهي. هو هڪ استاد شاعر هو. ۱۹۷۱ع ۾ سرگواس ٿيو.
قادري ايازحسين ڈاڪٽر: سندي غزل جي اوسر، پاڪو ٻيو، ۱۹۸۴ع، ص ۵۲۵

[۲] حافظ محمد ولد محمد خان تخلص احسن ۱۹۰۰ع ۾ ڪوٽ ملڪاڻي ضلعي دادو ۾ جائو. قومي ۽ مذهبي ڪلام گهڻو ڇپائين. سندس غزل به معيار جا آهن.
قادري ايازحسين ڈاڪٽر: سندي غزل جي اوسر، پاڪو ٻيو، ۱۹۸۴ع، ص ۳۳۹

(۳) ڏسو سامعي مهراڻ (شاعر نمبر) ۱۹۶۹ء، ص ۴۹ ص ۵۰

(۴) قادري ايازحسين ڈاڪٽر: سندي غزل جي اوسر، پاڪو ٻيو، جام شورو، سنڌالاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۲۴۲
ڈاڪٽر خليل جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو -
مالڪ موتي لعل -

نظر ڀاڍ تنگ مستانا ٿين تا
ڏسي سڀ ان کي ديوانا ٿين تا
سبق حاصل ڪري دنيا مان انسان
ٿي عبرت جا افسانا ٿين تا
ڪٽن تا زندگيءَ جا راز تنڍي
خردمان جيڪي بيگانا نه ٿين تا
زماني ۾ جي گذريل واقعا تا
خليل آڳتي سي افسانا ٿين تا (١).

داڪٽر خليل کانپوءِ مراد علي ڪاظم [٢] ۽ عبدالڪريم گدائي [٣] جا نالا اچن تا. جن غزل تي به طبع آزمائي ڪئي، پر هن دور ۾ محمد خان غني جي غزل کي وڏي شهرت ملي.

محمد خان ولد قاضي محمد داؤد تخلص غني ١٩٠٣ع ۾ ٽڪڙ ۾ تولد ٿيو. ١٩٧٩ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين (٤). غني جي غزل جي خاص خوبي روانيءَ ۽ سلاست آهي. سندس زبان ڏکين ڏاريين لفظن کان صاف آهي. ان ڪري غني جي غزل جون ستون پڙهندڙ کي ڏاڍو متاثر ڪنديون.

---

(١) ڏسو سماهي 'مهراڻ' (شاعر نمبر) ١٩٦٩ع، ص ٥٩

[٢] مراد علي ولد خدا بخش شيخ تخلص ڪاظم ١٩٠١ع ۾ روهڙي ۾ ڄائو. سندي غزل جو شوخ شاعر هو. جواني ۾ تخلص آفت هوس. ١٩٥٤ع ۾ وفات ڪيائين. ص ٢٤٣
قادري ايازحسين داڪٽر: سندي غزل جي اوسر، ڪوهيو، ١٩٨٤ء، ص ٢٤٤

[٣] عبدالڪريم ولد بهار خان لاشاري تخلص گدائي ١٩٠١ع ۾ گوٽ ميرحسن ڪوسي ضلعي حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. استاد شاعر هو. صحافت ۽ سياست سان به لڳاءُ رکندو هو. سندس ڪلام ادبي محفلن جي جان سمجهيو ويندو هو. گدائي قومي شاعر طور وڏيءَ شهرت جو مالڪ آهي. غزل به لکيائين. ١٩٧٨ع ۾ وفات ڪيائين.
صابر سڌايو: سفر زندگيءَ جو، حيدرآباد، گدائي فائونڈيشن، ١٩٨٥ء

(٤) اسدالله اسد ٽڪڙائي: تذڪره شعراء ٽڪڙ، حيدرآباد سندي ادبي بورڊ، ١٩٥٩ء ص ١٨٩

محمد خان غنيَ پنهنجي هڪ غزل ۾ رقمطراز آهي :

چاتون توَ ٻڌين چامون ڏونتنهنجي غمن ۾
هڪ آه جگر سوز ، هڪ ٻاه بدن ۾
ماريين توَ نگهه ساڻ ، جيارين توَ ڪڍ سان
اعجاز ڏنم تنهنجي چپن ۾ ۽ اکين ۾
برباد ڪيو دل ڪي قدو زلف جي سودا
نادان جو ڪم ٿيٽ پيو دار ورسن ۾ (١) الخ.....

محمد خان غنيَ کان علاوه سنڌي غزل گوئي

۾ امرت جٽسنگهاڻي [٢] ميان غلام عباس جوش [٣] عبد الفتاح عبد [٤] لطف الله بدوي [٥] هري دلگير [٦] عطا محمد حامي [٧] طالب المولى [٨] عبد الله اثر [٩] ۽ احمد خان آصف [١٠] کان علاوه ٻيا ڪيترا ئي نالا اڃڻ تاڃن سنڌي غزل جي سنڌ سنواري .

---

(١) قادري ايان حسين ڀاڪر : 'سنڌي غزل جي اوسر' ڳوٺ ٻيو ، حامي شورش سنڌالاجي ، ١٩٨٤ء ، ص ٣٥١

[٢] امرت راءِ سام ١٩٠٣ء ڳوٺ طيب تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻو ۾ جنم ورتو . صاحب ديوان شاعر هو ١٩٨٨ء ۾ سرڪواس ٿيو . جٽسنگهاڻي سام : 'ديوان سام' لاڙڪاڻو ، اديب آشرم پبليڪيشن ، ١٩٧٣ء ، ص ١

[٣] ميان غلام عباس جوش ١٩٠٤ء ۾ لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو . ميان علي محمد قادري جو پائيو هو . سندس ڪلام پختو آهي . ١٩٦٢ء ۾ وفات ڪيائين . قادري ايان حسين ڀاڪر : سنڌي غزل جي اوسر ١٩٨٤ء ، ص ٣٦٣

[٤] عبد الفتاح ولد محمد عاقل سومرو ١٩٠٧ء ۾ ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو . غزل جي معياري شاعر مان هو . ١٩٧٣ء ۾ وفات ڪيائين . ماهوار 'پيغام' ماه مئي جون ، ١٩٧٨ء

[٥] لطف الله ولد حاجي امام بخش بدوي ١٩٠٤ء ۾ شڪارپور ۾ ڄائو . شاعري ۽ جو شوق ڪيس ورثي ۾ مليو غزل ۾ ڇپائيندڙ ڪتابن جو مصنف هو . ١٩٦٨ء ۾ وفات ڪيائين .

[٦] هري دلگير ١٩١٦ء ۾ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو . جواني ۾ ئي شاعري شروع ڪيائين . ڪشنچند بيوس شاعري ۾ سندس استاد هو . هيئر هندوستان ۾ رهي ٿو .
سنڌيلو عبد الڪريم جاڪاڻ : ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ضلعو لاڙڪاڻو ، سنڌالاجي ، ص ٢٤٢

[٧] عطا محمد حامي ولد قائم خان سومرو ڳوٺ سومرو قنا صره ۾ تعلقي ڪوٽ ڊيجي ضلعي خيرپور ۾ ڄائو . سندس شمار استاد شاعرن ۾ ٿئي ٿو . حامي جي غزلن ۾ رنگيني ، برجستگي ، پختگي ۽ اثر آهي . ١٩ء ۾ وفات ڪيائين .

[٨] ڏسو ڳوٺ ٻيو باب پهريون ص - ١٢٥
[٩] ڏسو ڳوٺ پهريون باب چوٿون ص - ٧٦
[١٠] ڏسو ڳوٺ پهريون باب چوٿون ص - ٧٨

(۷) مولانا ثنائيءَ جي غزل جو تعارف

مرحوم ثناءالله ثنائيءَ جي شاعريءَ جو تفصيلي تنقيدي جائزو هن مقالي جي پاڻ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪري هتي مختصر تعارف تي اڪتفا ڪري پوي ٿي.

مولانا ثنائيءَ جو غزل فني لحاظ ڪري فڪري لحاظ کان نهايت معياري آهي. فڪر جي بلنديءَ مضمون جي بندش، مشاهدي جي باريڪي بيان جي دلڪشي، هولي ۽ جوڻاس، تشبيهن جي ندرت، قافين جي چستي، سنڌي ترڪيبن ۽ محاورن جي موزون استعمال جي رنگيني، روانيءَ ۽ تغزل سندس غزل جون خاص خوبيون آهن.

مرحوم ثنائيءَ موضوع جي لحاظ کان هر قسم جي غزل تي طبع آزمائي ڪئي آهي. حمديه غزل ڇوڙ وقت هو خداوند تعالىٰ جي قوت، قدرت ۽ ڪاريگريءَ جي سراهه ڪندي نوڙ ڏاڍي. نعتيه غزل لکندي هو رسول اڪرمؐ جي محبت ۽ عقيدت ۾ واهر وهائي ٿو ڇڏي. جنهن مان پڙهندڙ پاڻ ۾ ڀيٽ محسوس ڪري ٿو ته هو سچو عاشق رسول هو.

ثنائيءَ پنهنجي ناصحاڻي غزل ۾ انسان کي سندس اعليٰ ۽ ارفع مقام ياد ڏياري ٿو. ۽ دنيا جي ناپائداريءَ ۽ بي بقائيءَ جو ذڪر اهڙي ته اثرائتي انداز ۾ ڪري ٿو جو پڙهندڙ کي واقعي خدا ياد اچي وڃي ٿو. جڏهن ثنائيءَ جي قلم مان عشقيه غزل جڙي نڪري ٿو ته ائين ٿو محسوس ٿئي جڙ سندس فڪر عاشق جي جذبن ۽ جولانن، آهن ۽ دانهن،

محبوب جي نازن ۽ ادائن ، وصال ۽ فراق جي کيفيتن مان هڏي نکتو آهي ، اهڙي طرح صوفيانه غزل لکڻ وقت هو مست الست صوفي نظر اچي ٿو ، اهڙو صوفي جنهن پنهنجي وجود جو ورق ڏوئي صاف ڪيو هجي .

منهنجي نقطه نگاه کان ٽنائيءَ جي غزل جا مطلع ۽ مقطع خاص اهميت جا حامل آهن ، جن مان سندس خيالن جي وسعت ۽ فن جي ڪمال جو پتو پوي ٿو .

'مطلع' مان مراد غزل جي ٽلهه جوڙ ۽ سٽون آهن ، ٽنائيءَ جي هڪ غزل جو مطلع ملاحظه ٿئي :

خدا جي ڪارڻ کو جام خضري پيار وارو پيئار دلبر
پيو هي پَٽ تي آلاش منهنجو اچي ٿون جلدي جيئار دلبر (۱)

'مقطع' مان مطلب شعر جون آخر واريون ۽ سٽون آهن ، جن ۾ شاعر پنهنجو تخلص استعمال ڪندو آهي . ٽنائيءَ جي هڪ غزل جو مقطع پيش ڪجي ٿو :

چو ٽنائيءَ جان ، من جي شوق ۾ شيدا نه ٿئي
سا ۽ سر صدقي ڪيائين دوست دلبر جي مٿان (۲)

ٽنائيءَ جي غزل کي علم عروض جي ڪسوٽي ۾ پرکڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندس غزل علم عروض جي قاعدن ۽ ضابطن تحت جوڙيل آهي ، هن نه فقط عام معروف ۽ مستعمل بحرن ۾ غزل جوڙيا آهن بلڪ مختصر توڙي طويل ۽ مشڪل بحرن ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي .

(۱) ٽنائيءَ ٽناءالله ايضاً ، گلمي بيان ، ٽان
(۲)

هتي جيڪڏهن معروف ۽ مڪمل بحر مان مثال پيش ڪجي تہ بيجا نہ ٿيندو.

ثنا ٻي عشق وارن جي ، گلا ٻي عشق وارن جي

(۱)

بحر — هزج

رڪن — هزج مثمن سالم الارڪان

وزن — مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

اهڙي ريت طويل ۽ مشڪل بحر جو مثال ڏيڻ پيش ڪجي تو :

عجيب منهنجي وصال ۾ تيا خيال خطرا حجاب ڪيئي

(۲)

بحر — متقارب

رڪن — متقارب مقبوض اثلم ثمانيہ رڪني

وزن — فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن

اسان جڏهن مرحوم ثنائيءَ جي غزلن جي وزن جو جائزو ورتون تہ ان لاءِ سندس شاعراڻي حيثيت ۽ قادر الڪلاميءَ کي داد ڏيڻو پوي تو. مثال خاطر تقطيع کي ڪسوٽي بڻائيندي پٽ اسان کي نتيجا اخذ ڪري سگهون ٿا. هيٺ مثال طور تقطيع جا ڪجهہ نمونا پيش ڪجن ٿا :

---

(۱) ثنائي ثناءالله : ، 'قلمي بياض' تان

(۲) ثنائي ثناءالله : ـــــ ايضاً ـــــ

بحر هزج جا مثال

رکن — هزج مثمن سالم الارکان

وزن — مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مثال ۱ مصرع — ونڊ محبوب جو نالو عشاقن جي عبادت آ (۱).

تقطيع —

ونڊ محبو	ب جو نالو	عشاقن جي	عبادت آ
۸ — —	۸ — — —	۸ — — —	۸ — —
مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعيلن

مثال ۲ مصرع — ٿنا پي عشق وارن جي گلا پي عشق وارن جي

تقطيع —

ٿنا پي عشـ	ق وارن جي	گلا پي عشـ	ق وارن جي
۸ — — —	۸ — — —	۸ — — —	۸ — — —
مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعيلن

بحر متقارب جو مثال

رکن — متقارب مثمن سالم الارکان

وزن — فعولن فعولن فعولن فعولن

مصرع — پيگا ڏار ڳيرا اڏاٽا هليا ويا (۲)

تقطيع —

پيگا ڏا	ر ڳيرا	اڏاٽا	هليا ويا
۸ — —	۸ — —	۸ — —	۸ — —
فعولن	فعولن	فعولن	فعولن

مٿين ست ۾ علم عروض جي قاعدي موجب 'هليا ويا' ۾ حرف جي وڌيڪ عدد هئڻ سبب ۽ پيرا 'ي' حذف ڪئي ويئي آهي.

---

(۱) ٿنائي ثناءالله : ، 'قلمي بياض' تان

(۲) ٿنائي ثناءالله : ، ——— ايضاً ———

بحر رمل جا مثال

رکن — رمل مثمن محذوف

وزن — فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

مثال ۱ مصرع — | توسوا دلدار جاني زندگاني آوبال (۱) |

تقطيع — | توسوا دلـ دار جاني زنـ دگاني آوبال |
| — — ۸ — | — — ۸ — | — — ۸ — | — ۸ — ۸ — |
| فاعـ لاتن | فاعـ لاتن | فاعـ لاتن | فاعـ لات |

مثال ۲ مصرع — | دلدار يار مونکي آهي ڪيو مسافر (۲) |

تقطيع — | دلـ دار | يارمونکي | آهي ڪـ | يو مسافر |
| — — ۸ — | — — ۸ — | — ۸ — | — — ۸ — |
| فعولات | فاعلاتن | فعلات | فاعـ لاتن |

مٿين مصرع جو رکن رمل مثمن مشڪول آهي. ۽ مصرع ۾ 'مونکي' جو فقط 'ن' حذف قبل آهي.

مذڪوره مثالن مان آساني سان نتيجي پهچي سگهجي ٿو ته مرحوم ثنائيءَ جو غزل گهڙڪي بحر ۽ وزن ۾ ڪسوٽي تي پورو اچي ٿو. تاهم ڪٿي ڪٿي تقطيع ڪندي ڪي حرف حذف ڪرڻا پون تا جيڪي پڙ تقطيع جي قانون مطابق مباح آهن. اهڙيون معمولي اوڻايون ته وڏي کان وڏي شاعر جي ڪلام ۾ به ٿي سگهن ٿيون. اهي اوڻايون درگذر ڪرڻ جوڳيون آهن.

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، 'قلمي بياض' تان

(۲) ثنائي ثناءالله ——— ايضاً ———

(ب) مثنوي

(ا) لفظ جي چنڊ چاڻ

'مثنوي' عربي زبان جي لفظ 'مثنىٰ' سان لاڳاپو رکي ٿو، جنهن جي معنىٰ آهي 'ٻٽو' يا 'جوڙو'(۱). اصطلاح ۾ بيتن جي انهيءَ سلسلي کي 'مثنوي' چئبو آهي، جنهن ۾ هر هڪ بيت جون ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه يا هم ردیف هونديون آهن. ۽ هڪڙي بيت جي قافيي ۽ ردیف جو ٻي بيت جي قافيي ۽ ردیف سان کوبه تعلق نه هوندو آهي (۲). مضمون ۽ موضوع جي لحاظ کان مثنوي جو هر هڪ بند بين بندن سان جڙيل هوندو آهي.

مثنوي ۾ عام طرح تاريخي واقعا، عشقيه قصا ۽ اخلاقي لڪتا منظوم ڪيا ويندا آهن. موضوع جي اپتار ۽ اهڙي پيرائيتي انداز ۾ ڪئي ويندي آهي، جئن پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ان تاريخي واقعي، قصي يا ڪنهن نصيحت ڀري گفتي جي سر بستي معلومات حاصل ڪري سگهي. ان ڪري مثنوي جي شعرن ۾ تسلسل جو هجڻ بيحد ضروري آهي. مثنوي ۾ شاعر کي پنهنجي پاران ڪنهن به وڌاءڪ ٽڪ جي هرگز اجازت نه هوندي آهي. تنهنڪري هن صنف ۾ مبالغي جو دخل تمام گهٽ هوندو آهي. عام طرح مثنوي گو شاعر واقعي کي حقائق جي روشني ۾ ۽ جئن جو تئن پيش ڪندو آهي.

---

(۱) ڏسو: فيروز اللغات اردو جديد، لاهور، ۱۹۷۷ء، ص ۶۱۷

(۲) ڏسو ماهوار 'نئين زندگي' ماه فبروري، ۱۹۵۸ء، ص ۳

'مثنوي' شاعريءَ جي صنف ۾ سڀ کان سوکي ۽ ڪمائتي صنف آهي (۱)، جو ترڪ جي لحاظ کان مثنوي جي شعرن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ غزل کان وڌيڪ هوندو آهي، وڏي ۾ وڏ جيترو به هجي، سنڌ جي آکوٽ شاعرن جيڪي به مثنويون لکيون آهن، سي سڀ طويل آهن. تنهنڪري انهن جي شعرن جو تعداد هزارن کان وڌيڪ آهي، مثنوي ڏاڍي هجي تو ڏي مختصر مگر ان ۾ تمهيد لازمي آهي، مثنوي جي آغاز ۽ ديباچي ۾ گهڻو ڪري حمدون، مناجاتون، نعتون، منقبتون، توحيد، مناجات، معراج شريف جو بيان، وقت جي بادشاه جي مدح، حسن ۽ عشق ۽ سخنورن جي تعريف، ساقي نامو، تاليف ۽ تصنيف جو سبب وغيره (۲).

(۱) مثنوي جي ابتدا ۽ ارتقاء

مثنوي جي تاريخي تجزيي ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هيءَ صنف ايران جي پيداوار آهي، جيڪڏهن رودڪي [۳] کي شعر جو ڏاڏو ۽ آدم کوٽجي ته مثنويءَ جو پهريون جوڙيندڙ به ان کي چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ ڪنهن به مثنوي جو پتو نٿو پوي. معلوم ائين ٿو ٿئي ته رودڪي ئي اهو شخص هو، جنهن مشهور بحرن ۾ مثنوي لکڻ جو

---

(۱) جمنت مل هوبچند پاونانٽي، سنڌي شعر عطر عروض، اجمير، هندو پرنٽنگ پريس، ۱۹۵۴ء، ص ۶۳

(۲) ڏسو ماهوار 'نئين زندگي' ماه اپريل، ۱۹۵۸ء، ص ۸

[۳] رودڪي سامانيه دور جو هڪ مشهور شاعر سڀ کان پهريون صاحب ديوان آهي. رودڪ نخشب ضلعي (ايران) جي هڪ گوٺ جو نالو آهي. محمد جعفر رودڪي ان گوٺ جو رهاڪو هو. رودڪي ڏانگر جائي جهر کان اندو هو. اٺ سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو هئائين.
غلام رسول بلوچ، سنڌي مرثيه نويسي ۽ موضوع گراف، سنڌ الاجي، ۱۹۷۰ء، ص ۱۲

رودڪي تيرهن لک شعر ۽ ڇهه مثنويون لکيون. ۴۹۴۱ ۾ وفات ڪيائين
ڏسو اسلامي انسائيڪلوپيڊيا، لاهور، اپريل ۱۹۷۷ء، ص ۹۱۳

بنياد وڌو هو. مثنوي جي جسم جي جوڙ ۾ ترڪيب خاص ايراني صناعن جي صنعت ۽ دماغ سوزي جو نتيجو آهي (۱).

مولانا جلال الدين رومي [۲] جي مثنوي مولانا روم، شيخ فريد الدين عطار [۳] جي منطق الطير ۽ شيخ سعدي شيرازي [۴] جون گلستان ۽ بوستان مثنويون فارسي ادب جا اهم جاءِ والا رين ٿيون. اهڙي طرح سنڌ جي ڪن شاعرن فارسي زبان ۾ مثنويون لکيون ۽ ڪن ترجما ڪيا. اهڙن شاعرن ۾ ميرعلي شير قانع ٺٽوي [۵] جي مثنويات و قصائد قانع، (طبعزاد فارسي) ۽ غلام محمد سومرو عرشي [۶] جي مثنوي بوعلي قلندر (سنڌي ترجمو) ملن ٿيون.

---

(۱) تدسو ماهوار، "تعليم زندگي"، ماه فبروري، ۱۹۵۸ء، ص۵

[۲] مولانا جلال الدين رومي ۱۲۰۷ء ۾ خراسان جي شهر بلخ ۾ تولد ٿيو. علم جي تحصيل کانپوءِ قونيه جي هڪ صوفي بزرگ حضرت شمس تبريز کان علم طريقت حاصل ڪيو. مولانا جو سڀ کان وڏو ادبي روحاني ۽ ديني ڪارنامو سندس مثنوي آهي. جيڪا تقريباً ۲۴ هزار شعرن تي مشتمل آهي. مولانا ۱۲۷۳ء ۾ وفات ڪئي. مولانا عبدالمجيد سالڪ "سوبڙهڻ آدمي"، لاهور، فيروز سنز، ص۴۱

[۳] شيخ فريد الدين عطار ڇهين صدي هجري جي وچ ڌاري نيشاپور ۾ پيدا ٿيو. هو فارسي جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. مولانا جلال الدين رومي خود سندس علمي مقام جو اعتراف ڪيو آهي. علامه اقبال به عطار کان گهڻو متاثر هو. ڊاڪٽر محمود سيد، "اسلامي انسائيڪلوپيڊيا"، لاهور، ڊسمبر ۱۹۷۷ء، ص۱۰۸۲

[۴] شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي ۱۱۸۴ء ۾ ايران جي شهر شيراز ۾ جائو. اتي ئي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. پوءِ تحصيل علم لاءِ بغداد ويو. پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي. "گلستان" ۽ "بوستان" سندس بيمثال ڪتاب آهن. ۱۲۹۲ء ۾ وفات ڪيائين. مولانا عبدالمجيد سالڪ "سوبڙهڻ آدمي"، لاهور، ص۵

[۵] ميرعلي شير قانع ۱۷۲۷ء ۾ ٺٽي ۾ جائو. اتي ئي تعليم حاصل ڪيائين. ۱۲-ورهين جي همراه ڪان شعر چوڻ شروع ڪيائين. ۽ اٺهئي ڏهاڪي عمر ۾ الڻ هزارن شعرن جو ديوان مرتب ڪيائين. جو بعد ۾ عثمان سيالن درياه ۾ لوڙهي ڇڏيائين. "تحفة الڪرام" سندس بهترين علمي پورهيو آهي. ۱۷۸۸ء ۾ وفات ڪيائين. علي شير قانع ٺٽوي ميرزا، "تحفة الڪرام"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ

[۶] غلام محمد سومرو ۱۹۰۴ء ۾ گوٺ تگر پراڻا تعلقي ڪنڊيارو ضلعي نواب شاهه ۾ جائو. سنڌي ۽ فارسي جي تعليم انتي ئي ورتائين. منڊ ڪان فقيري ۽ ڏاڏهن لاڙو وهيس. حڪمت به ڪندو هو. مثنوي بوعلي قلندر جي سنڌي ترجمي مان سندس قابليت جي ساک ملي ٿي.

سومرو غلام محمد عرشي، مثنوي بوعلي قلندر، جام شورو، سنڌ الاجي، ۱۹۷۴ء، مصنف، ص الف ب

(iii) سنڌي مثنوي جي ابتدا ۽ ارتقا

سنڌي زبان جي مثنوي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو

تہ اهي مثنويون تالپرن جي دور (۱۷۸۳ء-۱۸۴۳ء) کان لکجڻ ۾ آيون ، پڇرين رزميہ

مثنوي 'سڪندر نامو' غلام محمد نظاماڻي[1] لکي ، جنهن جو ماخذ نظامي ۽ جو 'سڪندر نامو'

آهي ، غلام محمد نظاماڻي کان پوءِ ميرحسن علي خان جي مثنوي مشهور ٿي .

ميرحسن علي خان ولد ميرنصيرخان تالپر ۱۸۲۵ء ۾ حيدرآباد

۾ تولد ٿيو ۽ ۱۹۰۶ء ۾ وفات ڪيائين ، هو نهايت هوشمند ۽ علم وفضيلت جو صاحب

هو (۲) . ميرحسن علي خان جون ڪيتريون تصنيفون آهن ، جن ۾ سندس مثنوي

'سنڌ جو شاهنامو' کي وڏي حيثيت حاصل آهي[3] . هن مثنوي ۾ هن ميان سرفراز

ڪلهوڙي کان وٺي ميرمراد علي [۴] جي حڪومت واري دور تائين سنڌ جي تاريخ

۽ معرڪن جو ذڪر آهي[5] . سنڌي شاعريءَ ۾ هيءَ مثنوي هڪ اهم اضافو آهي .

ميرحسن علي خان جي مثنوي جو نمونو پيش ڪجي ٿو :

---

[1] غلام محمد نظاماڻي تالپرن جي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي . سندس ولادت ۽ وفات جا سال ڪوبہ قائل نہ . سندس مثنوي 'سڪندر نامو' قاضي محمد صديق ۱۸۸۹ء ۾ ڪراچيءَ مان چاپي .
محمود شاه سيد چاڻڻ : ، مولانا تاج محمود امروٽي 'حيدرآباد ، شمباز پبليڪيشن ، ۱۹۸۴ء ص ۱۵۱

(۲) قدوسي اعجاز الحق : ، تاريخ سنڌ ، (حصو ٻيو) لاهور ، مرڪزي اردو بورڊ ، ڪاروان پريس ۱۹۸۰ء ، ص ۷۱۲

[۳] ميان سرفراز ڪلهوڙو ولد ميان غلام شاه جو سنڌ تي حڪمراني جو عرصو ۱۷۷۲ء کان ۱۷۷۵ء تائين آهي .
قدوسي اعجاز الحق : ، تاريخ سنڌ (حصو ٻيو) لاهور ، مرڪزي اردو بورڊ ، ڪاروان پريس ، ۱۹۸۰ء ، ص ۴۸۳

[۴] ميرمراد علي ، ميرڪرم علي جو پاڻ ڏمو ، سنڌ تي سندس حڪومت جو دور ۱۸۲۸ء کان ۱۸۳۳ء تائين هيو .
قدوسي اعجاز الحق : ، تاريخ سنڌ ، (حصو ٻيو) لاهور ، مرڪزي اردو بورڊ ، ڪاروان پريس ، ۱۹۸۰ء ، ص ۶۴۷

(۵) جوٽيجو عبدالجبار چاڻڻ : ، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ، حيدرآباد ، ڏيب ادبي مرڪز ۱۹۸۳ء ، ص ۲۴۷

رني جو هڏو ڪوٽ هوندو اوهان
هي ان جي عمارت جو شرح و بيان
عجب جهڙو ڪوٽ آهي رکوهسار
بزرگن کان مڌهنجي رهيو يادگار
ايئن سنگ تراشن تراشيا پٿر
تراشيو ٿي جئن هي ستون ڪوه ڪن
(۱)

ميرحسن علي کانپوءِ مثنوي جي ميدان جو شهسوار مولانا تاج محمود امروٽي [۲] آهي، جنهن مثنوي "پرت نامو" عرف يوسف زليخا" لکي. مولانا امروٽي جي هي مثنوي ظاهري مضمون ۽ موضوع جي لحاظ کان جيتوڻيڪ عشقيه آهي، پر باطني طرح ان ۾ معرفت جي معنا جا موتي رکيل ۽ سلوڪ جي واٽ سليل آهي. مرحوم امروٽي "يوسف زليخا" جو قصو بيان ڪندي انسان جا خيال خالق ڏانهن چڪائي تصوف ۽ توحيد جو اوندهو اسرار بيان ڪيو آهي (۳). مثنوي ۾ واقع نگاري، منظرڪشي، انداز بيان ۽ پند و نصيحت جو طريقو ڏاڍو سهڻو آهي. ان کانسواءِ مولانا امروٽي "پرت نامو" کي صنعتن سان به سينگاريو آهي، پوليي نهايت سلوٽي ۽ سادي استعمال

(۱) حسن علي خان ميو "سنڌ جو ٿنا هنامو يا ڪلهوڙن جي هار"، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي ۱۹۳۸ع، ص ۲۷۳
[۲] ڏسو پاڪو پهريون باب ٻيو ص ۱۴-
(۳) محمود شاه بخاري داڪٽر: "مولانا تاج محمود امروٽي، علمي ۽ قومي خدمتون" حيدرآباد، ۱۹۸۴ع، ص ۱۵۸ ص ۱۵۹

ڪئي اٿس ، سندس مثنوي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

برہ آهي پلو توڙي مجازي
پيائيءَ کي چڏي پوڙي مجازي
حقيقت ڏي سڏ و رستو ڏيکاري
هٿ هستي سو سارئي وساري
مجازي گمان سمجھ معنيٰ پرورڙي
لهج تنهن سان حقيقت وهووڙي (۱) الخ.....

مولانا امروٽي ڪاپوءِ سنڌي مثنويءَ ۾ شمس العشاق، مرزا قليچ بيگ جون ٻه مثنويون 'مطلع الانوار' ۽ 'تحفة الاحرار' اهم جاءِ والارين ٿيون ، مثنوي 'تحفة الاحرار' مولانا عبدالرحمان جامي جي مثنوي جو منظوم سنڌي ترجمو آهي ، مرزا قليچ بيگ جي مثنوين جو معيار متاهون آهي ، خداوند تعالىٰ جي حمد ۽ نبي ڪريمؐ جي نعت سان مثنوي جي شروعات ڪئي اٿس ، مثنوي 'تحفة الاحرار' ۾ 'عين اليقين' ۽ 'حق اليقين' جي حاصل ڪرڻ بابت نهايت سهڻي پيرايي ۾ بيان ڪيل آهي ، تنهن ڪاپوءِ عالم ۽ آدم جي پيدائش جو ذڪر ڪري ٿو ، مثنوين جي بولي ۽ طرز تحرير تمام دلچسپ آهي ، مولانا امروٽي جي مثنوي جو نمونو ملاحظ ٿئي :

بحر تيوهک موجون هزارين هزار - منهن تيوهک آئينہ تيا بيشمار
صورت ظاهر جي مان سيرت ملي - برهت ان جي کان بصيرت ملي

(۱) محمود شاه بخاري سيد داڪٽر : 'تاج محمود شاه امروٽي ، علمي ۽ قومون خدمتون' حيدرآباد ، ۱۹۸۴ء ص ۱۶۴

عرض کیم ان کي ته مشعور آءُ - تنھنجو شيس ھڪڙو جو منظور آءُ،
دل ۽ آئين منھنجي ۾ آيو جو نور - تہ ورا سڀ جاڻ رکن اھڙو مور
چيائين تہ جامي تون اڃان آھين ھيٺ - جاءِ متي اڃان تنھنجي تيندي ٿيٺ (۱) الخ...

مرزا قليچ بيگ کانپوءِ ميان علي محمد قادري [۲] مثنوي 'ليلىٰ مجنون'، غلام محمدي شاه [۳] 'جنگ خيبر' ۽ حافظ عبدالله بسمل "مثنوي محمدي" 'مثنوي سسئي پنھون' ۽ 'مثنوي دود و چنسر' لکيون. حافظ بسمل جون مثنويون مضمون توڙي معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان اھم آھن.

حافظ عبدالله ولد حافظ محمد يوسف ۱۸۸۸ع ۾ ٽکر ۾ تولد ٿيو ۽ ۱۹۵۱ع ۾ وفات کيائين (۴). سندس مثنوين مان فقط ھڪ 'مثنوي محمدي' محمد عثمان ڏيپلائي جي کوٽش سان ۱۹۵۱ع ۾ شايع ٿي. جڏھن تہ باقي ٻہ مثنويون قلمي صورت ۾ موجود آھن. حافظ مرحوم جون مثنويون ھر لحاظ کان معياري آھن. 'مثنوي محمدي' ۾ ھن ٻڌھي جھان جي سردار جي والھانہ انداز ۾ صفت ۽ ساراھ کئي آھي. ٻولي ۽ اسلوب، بيان عمدو آھن. مثنوي ۾ روانيءَ، چستي ۽ برجستگي آھي (۵). حافظ بسمل جي مثنوي جو نمونو پيش کجي ٿو:

انھيءَ وچ ۾ قرآن ايندو رھيو - مٿان حڪم تبليغ ٿيندو رھيو
گھڻو مختصر ذڪر تن جو ھتي - ٻڌايا جي احڪام قرآن ٿي
ڪيو پاڪ الله ھڪڙو ڪري - انھيءَ ري نہ ڪنھنکي ڪا ساعت سڃي (۶) الخ...

---

(۱) قليچ بيگ مرزا: 'مثنوي تحفة الاحرار' (سندي) حيدرآباد، بلوچي پريس ص ۳۰
(۲) تذ سو پاڪو پھريون باب چوٿون ص - ۵۸
(۳) تذ سو پاڪو باب ص
(۴) اسد الله ٽکراڻي: 'تذڪرہ شعراءِ ٽکر' ڪراچي / حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹، ص ۱۴۱، ۱۴۲
(۵) ايضاً
(۶) بسمل عبدالله 'مثنوي محمدي' ڪراچي، اردو اڪيڈمي سنڌ، ۱۹۶۳ع، ص ۴۳

حافظ عبدالله بسمل کان بعد مولانا دین محمد ادیب، مولانا رومي جي مثنوي جو سنڌي ترجمو 'مثنوي اشرف العلوم' جي نالي سان ڪيو.

مولانا دین محمد تخلص ادیب ۱۸۶۷ء ۾ ڳوٺ فیروز شاه تعلقي ميرهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. ۽ ۱۹۷۳ء ۾ وفات ڪيائين (۱). مولانا ادیب جي مثنوي ۾ فصاحت، بلاغت، روانيءَ ۽ شستگيءَ جون خوبيون پريل نظر اچن ٿيون. مولانا رومي جي مثنوي ۾ بيان ڪيل اصلاحي نقطن توڙي پند ۽ نصيحت کي مولانا ادیب عمدي نموني منظوم ڪري سچ پچ ته ترجمي جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي. مولانا ادیب ڪيترن ئي مذهبي ڪتابن جو مصنف هو، پر سندس 'مثنوي اشرف العلوم' معرڪة الآرا شاهڪار آهي (۲). مولانا ادیب جي مثنوي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

آدميءَ جو روح هو ملڪوت ۾ — غرق عشق و معرفت لاهوت ۾
حق جي حڪمت هن طرح خواهش ڪئي — ان ڪي ڏيئي ناسوت سان وابستگي

هن جهان جي رنگ ۾ عاشق ٿيو
اصل کان دور حال سان پلجي ويو
روح جون وصفون سڀئي عاجز ٿيون
جسم جون وصفون مٿس غالب ٿيون
غيب جو جذبو جڏهن رهبر ٿئي
هو ڪندو پوءِ يار اصلي ڏس ڪي (۳) الخ.....

---

(۱) ڏسو سامي 'مهران'، ۱۹۶۹ء ص ۲۴۷
(۲) ——— ايضاً ص ۲۴۸
(۳) ادیب دین محمد فیروز شاهي: 'جمره ڪشاي مثنوي' ترجمه رومائي مثنوي، حيدرآباد، آفتاب پرنٽنگ پريس، ۱۹۴۳ء، ص ۲ ص ۳

مولانا دین محمد ادیب کانپوءِ لیکڙاڄ عزیز [۱] جون مثنویون 'کیمیاگر' ۽ 'مصر جي راڻي' مشهور آهن. عزیز نه فقط سٹو شاعر هو پر هڪ سٹو ناٽک نویس، مضمون نگار ۽ نقاد پڻ هو (۲). هن جملي ست کتاب تصنیف کیا. سندس مثنوي 'کي وڏي مقبولیت ملي. عزیز جي مثنوي فني لحاظ کان پختي ۽ هولي' جي لحاظ کان پارسي آمیز آهي. جئن ته هن کي پارسي شعر جو وسیع مطالعو هو، ان کري هن جي شاعري' ۾ پارسي لفظن جي آمیزش ۽ خیال جو اثر هو (۳) لیکڙاڄ عزیز جي مثنوي جو نمونو ملاحظ ٿئي:

مچایو اڄ نئون آزار ساقي
پري ڏي جام کوسر شار ساقي
پیارج سو شراب، ار عنواني
ملي جنهن کان سرور، زندگاني
اهو مي ڏي پیئڻ جنهنجو حلال آ
حیاتي بخش جو آب، زلال آ
سموري قلب مان کلفت کري دور
ٿئي شاداب دل ۽ روح مسرور
طبیعت کي کري نزهت کي پیدا
وري کو جوش تازو ٿئي هویدا (۴) الخ.....

---

[۱] ڈسو پاکو ۽ باب نئون ص - ۲۴۲
(۲) ملکاڻي منگهارام: سندي نثر جي تاریخ، بمبئي، کوڇ پبلیکیشن اپولو اسٹریٹ، ص ۱۸۸
(۳) قادري ایازحسین جاکڙ: سندي غزل جي اوسر، (پاکو ۽ هو)، جام شورو، سندالاجي، ۱۹۸۴ء، ص ۵۲۴
(۴) ڈسو ماهوار، 'نئین زندگي'، ماه جون، ۱۹۵۸ء ص ۲۱

ايڪاڏ مرڻ کان پوءِ سڀ ڪجهه ڇڏي وڃڻ تي ٻڌل

شاعر ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل آهي، جنهن "ڏوڏو چنيسر" ۽ "تقدير" مثنويون

تحرير ڪيون.

ڊاڪٽر خليل سنڌ جي استاد ۽ عاشق شاعرن مان هو.

"ڏوڏو چنيسر" سندس پهرين مثنوي آهي. جنهن ۾ ڏوڏي ۽ چنيسر جي تاريخي

واقعي کي نهايت پيراثري انداز ۾ ڏاڍي جاذب نظر تحرير سان سينگاريو آهي.

اهڙي طرح سندس ٻي مثنوي "تقدير" زندگي جي ڪجهه تلخ ۽ شيرين تجربن تي

مشتمل آهي. جنهن ۾ دنيا ۽ بقائي جو ذڪر ڪيل آهي، ۽ تقدير جو تجزيو

نهايت فلسفيانه انداز ۾ ڪيو ويو آهي. مثنوين جي هوائي تو ڦرجي اسلوب بيان سليس ۽

سادو آهي. ڊاڪٽر خليل پنهنجي مثنوي "تقدير" ۾ رقمطراز آهي:

ڏسڻ جاڳي تماشاگاهه دنيا	ڪيوڻ سيرهن گلشن جو هجا
ورق تاريخ دنيا جو وراڻيم	سبق عبرت سندوان مان پراڻيم
بقا باغ جهان کي ناهه ڪائي	اٿي نالي جي هي جلوه نمائي
نه شاهن جي رهي دنيا ۾ شاهي	شهنشاهن ٿي پٽ هت تباهي
ڪٿي جمشيد ۽ پٽ جاران جو	رهيو دنيا ۾ خالي نامران جو (۱)

ڊاڪٽر خليل ڪاپوءِ حڪيم غلام محمد سومرو عرشي جي

مثنوي ملي ٿي. جيڪا "مثنوي بوعلي قلندر" جو منظوم سنڌي ترجمو آهي.

حڪيم غلام محمد سومرو عرشي ۱۹۱۴ع ۾ ڳوٺ ٽڪر برابي تعلقي

حيدرآباد ضلعي نواب شاهه ۾ تولد ٿيو (۲). حڪيم عرشي نهايت ڪاميابي سان منظوم

---

(۱) ڏسو ماهوار نئين زندگي ماه جون ۱۹۵۸ء صفحو ۲۲

(۲) عرشي غلام محمد سومرو، "مثنوي بوعلي قلندر" منظوم سنڌي ترجمو، سنڌ الاڻي، ۱۹۷۴ء، سن الف مهاڳ

سندي ترجمو ڪيو آهي. جنهن سان سندس فارسي زبان ۾ مهارت جو ثبوت ملي ٿو. مثنوي جي هولي سليس ۽ وٽندڙ آهي. مثنوي مان نموني طور چند شعر پيش ڪجن ٿا:

مثنوي بوعلي قلندر	منظوم سندي ترجمو
مرد کم همت حقير است در نظر	مرد بي همت ذليل آ منجهه نظر
خوار باشد گر بود باصد هنر	خوار رهندو توڙي ڇاڻي سَوَهنر
هر که عالي همت است و باسخا	جو به عالي همت آهي سخا
عفو گرداند گناهاش خدا	بخشي بيشڪ ٿو گناه ان جا خدا
چون در ايمانت فتد آخر قصور	هاڏجي نيت ۾ پوي ٿو جي خلل
هان چرا خوانی نماز اي بي شعور	چو پڙهي اهڙي نماز اي بي عقل (۱)

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي هڪ مثنوي 'مثنوي عقل وعشق' کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي، جنهن ۾ عقل ۽ عشق جو تڪرار ڏيکاريو ويو آهي. مثنوي مان ڪجهه شعر عرض ڪجن ٿا:

جي عشق امالڪ اچي ته عقل وڃي ٿو راند هاريئي
عقل ويچارو عاجز آهي، عشق سان ڪهڙو سيو ساهي
ڪيئن ٻڌايو جي ٻاهيئڙن ٻڌي، سڀاڻي ٿو سير سمجهائي (۲)

---

(۱) عرشي غلام محمد سومرو: 'مثنوي بوعلي قلندر' ۽ منظوم سندي ترجمو'، سنڌالاجي، ۱۹۷۴ء، ص ۲۶۳

(۲) طالب المولىٰ مخدوم 'چپ ۽ چڙيون'، حالا، مرڪزي بزم طالب المولىٰ ۱۹۷۱ء، ص ۳

(۱۷) مرحوم ثنائيءَ جي مثنوين جو تعارف

مرحوم ثنائيءَ جي شاعريءَ جو جيڪو مطبوعه يا غيرمطبوعه مواد شامل ٿيو آهي، ان ۾ مثنوي جي مضمون ۽ سٽاءَ ٿي ڪيل مواد ڪثرت ۾ آهي. مولانا مرحوم جون مثنويون سندي ديني توڙي اصلاحي ادب ۾ اهم جاءِ والاريون ٿيون. موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان وڏي افاديت جون حامل آهن.

مثنوي لکڻ وقت شاعر کي جن خاص ۽ بنيادي گالهين ڏانهن توجه ڪرڻ گهرجي، ثنائيءَ انهن سموريين گالهين کي پوري طرح نظر ۾ رکيو آهي. جن پنهنجي مثنوين ۾ اهڙن واقعن، ڪيفيتن يا شين جو بيان ڪيو آهي، جيڪي هن ايڏين سان ڏيڻون آهن يا ڪنن سان ٻڌيون آهن ۽ ٻڌائڻ وارو ذريعو به مستند آهي. پاڻ ري جيڪڏهن کي به فرضي واقعو جوڙي بيان ڪيو آهي ته ان ۾ نهايت حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتي ان جو مناسب ۽ مؤثر لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي.

مرحوم ثنائيءَ ان گالهه جو به خاص خيال رکيو آهي ته مثنويءَ ۾ ڪهڙين حقيقتن جو تفصيلوار بيان ڏيڻ ضروري آهي. ۽ ڪهڙين حالتن ۽ حقيقتن جي محض اختصار تي اڪتفا ڪئي وڃي. ثنائيءَ پنهنجي مثنويءَ ۾ وقت ۽ حال مطابق ۽ موقعي محل جي مناسبت سان هولي ۽ لهجو اختيار رکيو آهي. تنهنڪري مثنوي جو تاثر مڪمل طور قائم رهيو آهي. ۽ ان لفظن ۾ هن هڪ نقاش وارو هٿ رکيو آهي. ضرورت مطابق هر ڪو رنگ پنهنجي جاءِ تي ڪلي ٻيو آهي.

ٽنائيءَ جي مثنويءَ ۾ ڪابه نازيبا يا بي حيائي جهڙي ڳالهه ڪانه آيل آهي، پر جيڪڏهن سندس آڏو ڪنهن ڪردار جا پول پٽڻا هجن ته به هن اهڙي موقعي تي استعارن ۽ ڪنايائن کان ڪم ورتو آهي، ٽنائيءَ مثنويءَ ۾ موضوع جي تسلسل جو خاص خيال رکيو آهي.

موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان مثنوي جا ڪيترائي قسم آهن. جن مان تاريخي مثنوي، عشقيه مثنوي ۽ اخلاقي مثنوي کي خاص اهميت حاصل آهي، مرحوم ٽنائيءَ انهن سموري قسمن تي ڪامياب طبع آزمائي ڪئي آهي.

تاريخي مثنوي

هن قسم جي مثنوي ۾ ڪنهن مذهبي يا تاريخي سچي واقعي کي مفصل مدلل ۽ اهڙي جاذب انداز سان بيان ڪيو ويندو آهي، جو پڙهندڙ ان ڪيفيت ۾ گم ٿي ويندو آهي (۱). ٻوڌ اهو ڪنهن جنگ جو منظر هجي يا مظلوم جي دادرسي جو نظارو، ڪنهن سخي حاڪم جي سخاوت جو نقشو هجي يا ڪنهن ولي جي ڪرامت جو قصو، نبيءَ جي معجزي نمائي هجي، توڙي ڪُل جهان ۾ قدرت رکندڙ جي ڪرشمه سازي وغيره، ڪن شاعرن پنهنجي مثنوين جو موضوع قصص القرآن کي بڻايو آهي. مرحوم ٽنائيءَ جون مثنويون 'رسالت نامو' 'معراج نامو' 'هجرت نامو' 'جنگ نامو' 'شاهنامه اسلام' 'شاهنامو شريف' بهترين تاريخي مثنويون آهن.

---

(۱) ڏسو ماهنامه 'نئين زندگي' ماه جون، ۱۹۵۸ء، ص ۲۲

عشقيه مثنوي

عشقيه مثنوين ۾ تاريخي توڙي نيم تاريخي رومانوي داستان منظوم ڪيا ويندا آهن (۱)، اهڙن عشقيه داستانن کي اهڙي پيرايي ۾ تحرير ڪيو ويندو آهي، جو پڙهندڙ ان ڪردار جي عمل ۽ خوشين ۾ پاڻ کي برابر جوڙيندي پائيوار تصور ڪندو آهي. مرحوم ٽنڱائي جون مثنويون 'محمود غزنوي عرف سچو عشق' ۽ 'قصو دلفريب' بهترين عشقيه مثنويون شمار ٿين ٿيون.

اخلاقي / اصلاحي مثنوي

هن قسم جي مثنوي نصيحت يا ڪن نڪتن سان پريل هوندي آهي، جنهن ۾ اسان جي معاشري ۾ پيش ايندڙ عبرت ڀرين واقعن ۽ حالتن جا مثال پيش ڪري ان مان اخلاقي ۽ اصلاحي نڪتا ڏيکاريا ويندا آهن (۲)، انهن شاهڪار دنيا جي مثالي انسانن جي ڪردار ۽ ڪارنامن جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي، جيئن پڙهندڙ اهڙن انمول انسانن جي نقش قدم تي هلي عظيم اخلاق ۽ ڪردار جا مالڪ بڻجن. ڪڏهن ڪڏهن ڪو شاعر طنز و مزاح جو سهارو وٺي جڏهن قصا جوڙي ته هڪ طرف قارئين جي تفريح طبع ۽ دلچسپيءَ جو سامان پيدا ڪيو آهي ته ٻي طرف اهڙي تعميري طنز ۾ اخلاقي نڪتا بيان ڪيا آهن. هن ڏس ۾ مولانا ٽنڱائي جون مثنويون 'اعتقادنامو' 'ملا ۽ موالي' 'ٽهي ٽوپي'، 'ڪوٽيا'، 'حليما'، 'سرو تو عرف صلح جو پيغام' ۽ ڪريما ڪالهائي بهترين اخلاقي يا اصلاحي مثنويون آهن،

---

(۱) ڏسو ماهوار 'نئين زندگي'، ماه جون ۱۹۵۸ء، ص ۲۲ ص ۲۳

(۲) ايضاً

مرحوم ثنائيءَ جو اهو وڏو ڪارنامو آهي جو هن ڇهن جلدن
۾ 'تاريخ اسلام' کي منظوم ڪيو. دراصل منظوم تاريخ اسلام لکڻ جو خيال ثنائيءَ کي
ڪٿان آيو، جڏهن هن ابوالاثر حفيظ جالندري جو 'شاهنامه اسلام'[1] پڙهيو. جيڪو ڇهن
جلدن تي مشتمل آهي. مولانا مرحوم اختر و اظهار پنهنجي هڪ شعر ۾ هن ريت ڪيو آهي:

لکان شاهنامو پيو اسلام جو
منجهس حال مرسل متي جام جو
ڏسو شاهنامو مون جالندري
صداقت سان شعرن صفت گري
منجهس حال جنگين جو آهي گهڻو
مگر معجزو آهي کوکو ڪڻو
چٽو حال اڪثر مفصّل نه آ
اڏورا اشارا مڪمّل نه آ
چتائي چڪي ڪئي حفاظت حفيظ
پسائي آ پنهنجي بلاغت حفيظ
اسان آ لکيو صاف ستڙو سليس
ڏڻ شرط سمجهي مهي جو جليس
مفصل لکيو آ مون جهنڊو و جدال
روايت صحيح ۽ حوالن جو حال (۲) الخ.....

---

[1] حفيظ جالندري ابوالاثر :، 'شاهنامه اسلام' جلد اول، دوم، سوم، چهارم، سڌارڻيون
ديوبند ڪتبخانه رحيميه

(۲) ثنائي ثناء الله :، 'داڪٽر بني بخش بلوچ جا هن منظوم خط' تلميي بياض

مٿن شعر مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته مولانا ثنائي، حفيظ جالندري جي 'شاهنامه اسلام' مان مڪمل طور مطمئن نه آهي، جنهنڪري هن شاهي مان ڪي ڪميون ۽ ڪوتاهيون ڪيون آهن

ثنائي جي مثنوين جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ٿوري ڪري اهي نڊي بحر ۾ لکيون ويون آهن. هيٺ ثنائي جي ڪجهه مثنوين مان اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا:

اهو آهه قرآن اندر دليل
ته پاهر ٿيو غار ڪان جو خليل (۱)

مٿين ستن جو وزن آهي: فعولن فعولن فعولن فعول

تقطيع	اهو آ	ه قرآ	ن اندر	دليل
	٨ - -	٨ - -	٨ - -	٨ - ٨
	فعولن	فعولن	فعولن	فعول
	ته پاهر	ٿيو غا	ر ڪان جو	خليل
	٨ - -	٨ - -	٨ - -	٨ - ٨
	فعولن	فعولن	فعولن	فعول

هتي تقطيع واري هي ست ۾ لفظ 'ڪان' جو فقط 'ن' حذف ٿيندو، باقي ٻڌهي ستن جو وزن بلڪل مڪمل آهي،

مٿين شعر جو بحر 'متقارب مثمن مقصور' آهي
ساڳي بحر جو هڪ ٻيو مثال ملاحظه ٿئي:

دنيا ۾ نه اهڙو ليپي ٿو مثال
ڏيڻ مثل ڪان پي متي هو جمال (۲)

(۱) ثنائي ثناءالله، 'شاهنامه شريف'، لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد ٿيٽ، مدينه پرنٽنگ پريس، ص ۱۷
(۲) ثنائي ثناءالله، 'معراج نامو'، قلمي پيامن، ص ۱۸

دنيام	نه اهڙو	ليي نو	مثال
۸ - -	- - ۸	- - ۸	۸ - ۸
فعولن	فعولن	فعولن	فعول
ڊيٽ مٺ	ل کان پي	متي هو	جمال
۸ - -	- - ۸	- - ۸	۸ - ۸
فعولن	فعولن	فعولن	فعول

هتي پهرين ست ۾ لفظ دُنيا مان 'ي' حذف

ڪيو، اهڙي ريت ٻي ست ۾ 'کان' جو 'ن' حذف ڪيو.

(ت) خطبو

(i) لفظ جي چنڊچاڻ

'خطبه' عربي ٻولي ۽ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ 'وعظ' يا 'نصيحت' آهي. خطبي جو عام مفهوم 'خطاب ڪرڻ' آهي. اهڙو خطاب يا تقرير جنهنجي ادبي عبادتن سان وابستگي هجي، مثلاً جمعي جو خطبو، عيد نماز جو خطبو وغيره. ان کان علاوه اهڙين تقريرن کي به اهڙي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي، جن ۾ خطيب کي پنهنجي خطابت جا جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ملي. خطابت مان مراد تقرير جو فن آهي (۱).

'خطيب' مان مراد خطبو پڙهڻ وارو يا فصيح البيان مقرر آهي. مڪي مڪرم جي فتح وقت خود رسول اڪرم جن خطيب جي حيثيت ۾ ماٺن جي انبوه آڏو خطاب فرمايو (۲).

(ii) خطبي جي ابتدا ۽ ارتقا

اسلام جي آمد کان اڳ جهالت واري دور ۾ عرب خطابت ۽ شعر گوئي ۾ بلند مقام رکندا هئا. خطابت انهن جي آڏو شعر جو درجو پئي رکيو. اهي خطبات ذريعي قبائل ۾ جوش پيدا ڪندا هئا ۽ بلاغت جي زور تي مخاطبن کي وڏن وڏن ڪارنامن لاءِ اڀاريندا هئا. خطيبن کي قبيلن ۾ اڳواڻ ۽ حاڪمن جي حيثيت حاصل هوندي هئي، انهن جا خطبا تاريخي ۽ ادبي اهميت جا حامل هئا. جيڪي دلڪش اسلوب، سحر بياني، سليس محاورا، خوشنما لفظن،

---

(۱) ڏسو: 'اردو دائرهه معارف اسلاميه'، لاهور، دانش گاه پنجاب، ۱۹۷۳ء، ص ۹۵۴

(۲) ڏسو: 'اسلامي انسائيڪلوپيڊيا'، ڪراچي، اپريل ۱۹۷۷ء، ص ۸۲۹

نندن نندن هم وزن جملن ۾ ضرب الامثال سان سينگاريل هوندا آهن، هر قبيلي جو پنهنجو پنهنجو خطيب هوندو هو (۱). جهالت واري دور جي مشهور خطين ۾ امراءالقيس [۲] قيس بن ساعده [۳] امرو بن کلثوم [۴] زهير بن ابي سلمان [۵] ۽ سحبان وائل [۶] جا نالا قابل - ذڪر آهن.

اسلام ۾ خطبن کي وڏي اهميت ڏني ويئي آهي. اسلام جي آمد کانپوءِ خطابت ۾ بلاغت ۽ حڪمت جو اضافو جي ويو. هن فن ۾ مسلمانن اهو مقام حاصل ڪيو، جيڪو انهن کان اڳ يونانين ۽ رومين کي به حاصل ڪونه ٿيو

---

(۱) تدسوُ اردو دائرهُ معارف اسلاميه، جلد اڻون، لاهور، دانش گاه پنجاب، ۱۹۷۳ء، ص ۹۵۵

[۲] امراءالقيس جو شمار عرب جي صف اول جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس بالڪل ٿهڪ انداز سان گذريو. تنهنڪري سندس عادتون بگڙي ويون. شراب نوشي، عشق بازي، راندروند ۾ شعر و شاعري ۾ جي حوالي ٿي ويو. ۵۶۰ء ۾ وفات کيائين. احمد حسن زيات، تاريخ ادب عربي، لاهور، انجمن ترقي عربي پاڪستان، شيخ غلام علي اينڊ سنز، ۱۹۶۱ء، ص ۲۱۲

[۳] قيس بن ساعده نجران جو وڏو پادري ۽ عرب جو هڪ مشهور فيلسوف هو. قيس لاءِ مشهور آهي ته اوچي جاءِ تي بيهي خطبو ڏيڻ جي ابتدا هن ڪئي. تلوار جي سهاري بيهڻ ۽ 'اما بعد' چوڻ به سندس ايجاد آهي. هن هجرت کان ۲۲ سال اڳ ۶۰۰ء ۾ وفات ڪئي.

'تاريخ ادب عربي' لاهور، ۱۹۶۱ء ص ۵۳

[۴] عمرو بن کلثوم بنتغلبي فرات جي جزيري ۾ جائو. هو وڏو خوددار، غيور، بهادر، فهيم ۽ خوش گفتار هو. ۱۵ سالن جي عمر ۾ پنهنجي قبيلي تغلب جو سردار چونڊيو ويو. خطابت جي فن ۾ وڏي مهارت هيس. هو عرب جو اعليٰ درجي جو شاعر هو. چهين صدي هجري جي آخر ۾ رحلت کيائين.

'تاريخ ادب عربي' لاهور، ۱۹۶۱ء، ص ۱۲۹ ص ۱۳۰

[۵] زهير بن ابي سلمان پنهنجي دور جو تمام الڪلام شاعر تي گذريو آهي. هو دولت ۽ ثروت جي باوجود خوش اخلاق، نرم مزاج، بردبار، پاڪباز ۽ صلح پسند انسان هو. هجرت کان يارهن سال اڳ وفات کيائين. سندس عمر هڪ سئو ويهن کان به مٿي هئي.

'تاريخ ادب عربي' لاهور، ۱۹۶۱ء ص ۱۰۸ ص ۱۱۰

[۶] سحبان وائل ربيعه خاندان جو فرد هو، جڏهن اسلام پکڙيو تہ هو مسلمان ٿي ويو ۽ معاويه سان ڀي مليو. جنهن ڪري پنهنجو خطيب مقرر ڪيو. سحبان بر جستو، برزور ۽ خوش بيان مقرر هو. تقرير جي سموريون طريقيون تي ڪيس دست رس حاصل هو. سندس تقريرن ۾ غضب جي روانيءَ هئي. سحبان جي وفات ۵۴۰ھ ۾ معاويه جي خلافت ۾ ٿي.

'تاريخ ادب عربي'، لاهور، ۱۹۶۱ء، ص ۳۱۲ ص ۳۱۴

هو. اسلام جي آمد سان خطابت ۾ نه فقط تاثير ۽ زور وڌيو بلڪ خطبن ۽ انهن جي خطبن جي تعداد ۾ به اضافو ٿيو ۽ دنيا جي ڪنهن به قوم ايترا خطيب پيدا ڪونه ڪيا آهن. اسلامي لشڪر جي سپه سالارن جي خطبن شڪست کي فتح ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. تاريخ ۾ اهڙا بي شمار مظاهر موجود آهن، جن کي مثالي سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ روايت جو بنياد اترين جي آدرش بنين جي سردار جن وڏو. پاڻ ڪريم جن خوش بيان ۽ شيرين بيان قبيلن ۾ پرورش ورتي. بنو هاشم ۾ پيدا ٿيا، قريش ۾ وڏا ويهيا، بنو سعد ۾ ڪيرپيتو، تنهنڪري قدرتي طور پاڻ ڪريم جن سموريون عربي ڪان زياده فصيح ٿي ويا. هڪ پيرو پاڻ سگهورن اهڙي قسم جو ارشاد هيٺين لفظن ۾ فرمايو:

اَنَا اَفْصَحُ الْعَرَبِ (۱).

ڪنهن به شخص پاڻ سگهورن جي اهڙي دعوىٰ جي نه تردید ڪئي ۽ نه ڪو اعتراض ئي ڪيو. سندس خطابت ۾ فقط آمد ئي آمد هئي. جيڪا الهام سان مشابه هئي. چالاءِ ته پاڻ ڪريم جن ان جي لاءِ ڪو اهتمام، تڪلف يا مشق ڪونه فرمائيندا هئا. لفظ ۽ معنائون ازخود سندن مطيع ٿي ويندا هئا. پاڻ سگهورن جي خطابت جي خاص خوبي اها هئي ته حرفن جو تعداد گهٽ، معنىٰ جو مقدار گهڻو هوندو هو. اهي لفظ حڪمت جي سرمايي سان لبريز، غلطين ۽ ضامين کان محفوظ هئا. چالاءِ ته کين غيبي تائيد ۽ توفيق حاصل هئي. ان دور جي ماهٿن پاڻ ڪريمن جي ڪلام فصاحت بيان کان وڌيڪ مفيد، سچو، مناسب ۽ موزون، خوش اسلوب ۽

---

(۱) 'شمائل ترمذي'

خوش معنيٰ ، پر اثر ۽ دلنشين ، آسان ۽ زود فهم ۽ پنهنجي مقصد ۽ مطلب کي کولي وضاحت سان بيان ڪرڻ وارو ڪوئي ڪلام ڪونہ ٻڌو هو (۱) .

نبي ڪريم ﷺ جن کان علاوه اسلام جي ڏاسوم خطيبن ۾ ڪعب بن زهير [۲] حضرت عمر بن خطاب [۳] حضرت علي بن ابي طالب [۴] ۽ حسان بن ثابت [۵] جا نالا اچن ٿا .

(۱۱) سندي خطبي جي ابتدا ۽ ارتقا

سنڌي زبان ۾ خطابت ڪڏهن کان لکجڻ ۾ آيا ؟ سڀ کان پهريون سنڌي خطبو ڪنهن لکيو ؟؟ ان باري ۾ ڪو مستند احوال ملي ڪونہ سگهيو آهي . البت اڻهيڙ گهاڙ کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي تہ سنڌ ۾ اسلامي معاشري قائم ٿيڻ کانپوءِ عيدن ۽ جمعي نمازن وقت خطابت ڏيڻ ۾ آيا . اهو سلسلو صدين کان قائم رهندو آيو آهي . تان جو اڻهيڙ مذهبي

---

(۱) احمد حسن زيات : ، 'تاريخ ادب عربي' لاهور ، انجمن ترقي عربي پاڪستان ، ۱۹۶۱ء ، ص ۳۰۲ ص ۳۰۳

[۲] ڪعب بن زهير جي ولادت ۽ وفات جا سن ڪونہ ٿا ملن . هن پنهنجي پيءُ جي زير نگراني ادب ۽ حڪمت ۾ ڪمال حاصل ڪيو ۽ جوان ٿيڻ ڏي ئي ڏاڍو خوش ڪلام شاعر ٻڌجي ويو . شروع ۾ نبي پاڪ ﷺ جو ڪٽر دشمن هو . پر پوءِ حضرت ابوبڪر صديق جي معرفت خدمت ۾ پهچي ۽ مسلمان ٿيو . هن حضور ڪريم ﷺ جي شان ۾ مدح ڀري جنهن تي خوش ٿي نبي ڪريم ﷺ جن کيس پنهنجي چادر عطا ڪئي . 'تاريخ ادب عربي' ۱۹۶۱ء ، ص ۲۵۴ ص ۲۵۵

[۳] حضرت عمر بن خطاب نبي پاڪ ﷺ جي ولادت کان تيرهن سال پوءِ تولد ٿيو . شروع ۾ اسلام جو سخت مخالف هو . پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دعا جي اجابت جي نتيجي ۾ مسلمان ٿيو . ۽ اسلام کي وڏي تقويت حاصل ٿي . فاروق اعظم جي دليري ۽ بيباڪي ، خوش بياني ، اولوالعزمي ۽ حميت جي هر طرف ڌاڪ ويٺي . ۲۳ هه مطابق ۶۴۴ع ۾ رحلت ڪيائين . 'تاريخ ادب عربي' ۱۹۶۱ء ، ص ۳۰۴ ص ۳۰۷

[۴] حضرت علي بن ابي طالب هجرت کان ۲۱ سال آڳ تولد ٿيو . نبي پاڪ ﷺ جو سڳو سوٽ هو . ننڍي عمر ۾ ايمان آڻڻ واري ۾ حضرت علي ؓ پهريون مسلمان هو . اعليٰ درجي جو خطيب هو . سندس تصنيف 'نهج البلاغة' ان ڳالهه جو عيني ثبوت آهي . اسلام جي هن پوئين خليفي ڪي ۴۰ هه مطابق ۶۶۰ع ۾ ڪوفي جي مسجد ۾ شهيد ڪيو ويو . 'تاريخ ادب عربي' ۱۹۶۱ء ، ص ۳۰۹ ص ۳۱۰

[۵] حسان بن ثابت انصاري مديني ۾ پيدا ٿيو . هو عرب جو مڃيل خطيب ۽ اول درجي جو شاعر هو . نبي پاڪ ﷺ جي هجرت بعد هو مسلمان ٿيو . ۽ پوءِ سموري حياتي خدا جي حبيب جي مدح ۽ حمايت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين . حسان ۵۴ هه مطابق ۶۷۴ع ۾ وفات ڪئي .
احمد حسن زيات ، مترجم عبدالرحمٰن ، 'تاريخ ادب عربي' لاهور ، ۱۹۶۱ء ، ص ۲۶۲

روايت کي اڳتي هلي ادبي حيثيت ملي ۽ اسان جي شاعرن اسلامي تبليغ جي جذبي کان سرشار ٿي 'خطبا' لکڻ شروع کيا.

انگريزن جي دور ۾ جڏهن خلافت تحريڪ (۱۹۱۹-۱۹۲۴ع) هلي ۽ ان ته سنڌي مسلمانن پنهنجي اسلام مزاج ۽ خلافت جي تشخص کي بچائڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ 'خطبه گوئي' ڏي توجه ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي ڪيترن ديني ۽ مذهبي شاعرن هن صنف ۾ پرپور انداز سان پنهنجي صلاحيتن کي وقف ڪيو.

سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم مهم جوئي دوران پنهنجي جرار سپاهين کي ڪيئي ڀيرا خطاب ڪيو ۽ کين شان، شجاعت ۽ مقام، شهادت ياد ڏياريو. اهڙن خطابن مان سندس هڪڙي خطبي جون اقتباس طور هتون پيش ڪجن ٿيون:

"اي مسلمانو! استغفار گهڻو ڪريو، خداوند، عزوجل، امت، محمدي ۾ ڪي ڏينهون موڪليون آهن، جڏهن محمدؐ تي صلوٰة، پنهنجن گناهن کان استغفار، توهان کي دلين مضبوط ڪرڻ گهرجن، ته خداءِ عزوجل توهان کي انهن تي غالب ڪري"! (۲).

---

(۱) ۱۹۱۹ع ۾ انگريزن ترڪي ۽ کي تقسيم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ آخري طرح معاهدي جي خلاف ورزي ڪئي، جنهن ڪري مسلمانن ۾ غم ۽ غصي جي لهر ڇوڙي ويئي ۽ هندوستان ۾ تحريڪ هلائي وئي جنهن کي 'تحريڪ خلافت' جي نالي سان سڏيو ويو. 'اسلامي انسائيڪلوپيڊيا' ص ۸۵۱

(۲) امير احمد مخدوم، (مترجم) 'فتح نامو عرف چچ نامو' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹ع ص ۲۵۵ ص ۲۵۶

سنڌ ۾ بيشمار شعله بيان خطيب ۽ مقرر عالم ٿي گذريا آهن
جن پنهنجي شعله بياني ۽ سان سامعين ۽ ناظرين جي دلين تي حڪومت ڪئي آهي، پر جمع ۽ عيدن جي نمازن ۾ ڪيترن عالمن جا تحريري خطبا وڏي وقت کان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ پڙهيا پئي ويا آهن. اهڙن عالمن ۽ سندن خطبن متعلق مختصر احوال هيٺ پيش ڪجي ٿو. ياد رهي ته اڌهن خطبه نويس عالمن مان ڪن هڪ کان وڌيڪ سنڌي خطبن جا ڪتاب تحرير ڪيا آهن، ۽ ڪن ويري نظم کان علاوه نثر ۾ پڻ خطبن ۽ وعظ نصيحت جا ڪتاب لکيا آهن. ملاحظه ٿئي:

مولانا حافظ محمد حامد نڪڙائي [1]

مولانا حافظ حامد جي منظوم سنڌي خطبن جي مجموعي جوڙاڻو 'مجموعه خطبات سنڌي عرف خطبه حامدي' [2] آهي، هن ڪتاب ۾ ترتيب جي لحاظ کان حافظ حامد جيڪا نواڻ رکي آهي، سا هن ريت آهي ته کوبه خطبو ڪنهن به جمعي لاءِ مخصوص نه آهي، بلڪ سمورا خطبا اهڙي نموني لکيا ويا آهن، جو کوبه خطبو ڪنهن به جمعي تي پڙهي سگهجي ٿو. خطبن جي پوليءَ سولي ۽ فڪر اعلىٰ آهي، 'خطبه حامدي' ڪل ۱۶۶ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ صفحي ۱ کان صفحي ۶۶ تائين حافظ حامد جا خطبا آهن. خطبي جو نمونو پيش آهي:

صاحب وڏي سبحان کي، وصفون وڏيون آهن وٽ
واکاڻ واحد جي وڏي، ساري نه سگهجي سر سٽ
ان جي بقا بي انتها، ان جي عطا اعلىٰ اپار (۳) الخ .....

[1] حياتيءَ جي احوال لاءِ ڏسو پاڪو ٻيو باب ٽيون ص - ۲۲۵
[2] محمد حامد حافظ :، 'خطبه حامدي'، حيدرآباد، ايڇ احمد اينڊ سنس ايٽا ص ۵
(۳) _____

مولوي حاجي هدايت الله مشتاق

مولوي هدايت الله مشتاق ولد عبدالله ميڊ ۱۸۶۹ع ۾ هالا تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ ۱۹۳۵ع ڌاري وفات ڪيائين (۱).

'مجموعه خطبات' يا 'خطبه حامدي' جي صفحي ۶۷ کان صفحي ۱۶۶ تائين مولوي مشتاق جا خطبا آهن. هن پنهنجن خطبن ۾ مولانا حافظ حامد واري ترتيب رکي آهي. يعني کوبه خطبو ڪنهن به جمعي تي پڙهي سگهجي ٿو. موضوعات جي لحاظ کان حمد، رب جليل، ثناءِ مصطفيٰ ﷺ، ذڪر صحابه ڪرام ۽ حب اهل بيت کان علاوه سماجي اوڀاڙن جي به نشاندهي ڪئي ويئي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ عيد الفطر ۽ عيد الضحيٰ جا خطبا ڏنا ويا آهن. خطبن جي ٻولي عام فهم ۽ سليس آهي. مولوي مشتاق جي خطبي جو نمونو ملاحظه فرمايو:

صفت سپ ڪائنا لائق خدا جي
وڏي آهي وڏائي ڪبريا جي
عدم مان جنهن اپايا ڪل عالم
سو سگهه سپ ڪار ڪي قدرت فنا جي
جياري ماري، سوماري جياري
رکي رب ڪل تي قدرت قضا جي

الخ....

(۲)

---

(۱) حافظ حامد 'مجموعه خطبات'، حيدرآباد، محمد يوسف اڪيڊمي برادرس، ۱۹۶۳ع، ص ۷۴

(۲) هدايت الله مشتاق ۽ حافظ حامد: خطبه حامدي، حيدرآباد، ص ۱۰

مولانا مولوي فقير محمد صالح نجّار

مولانا فقير محمد صالح نجار جي حياتيءَ جو احوال ملي کونہ سگهيو آهي، البتہ سندس خطبن جي معيار مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي دور جو ستو عالم ٿي گذريو آهي. (۱)

فقير محمد صالح نجّار جي خطبن جي کتاب جو نالو 'خطبات اصلاحي' آهي. هن کتاب جي خاص گالهہ سندس نالي مان ئي ظاهر ٿئي ٿي. فاضل مصنف کتاب جي شروع ۾ رقمطراز آهي:

"اهڙي ڪري ئي هن کتاب جو نالو 'خطبات اصلاحي' رکيو ويو، جو هن ۾ محاشري جي اصلاح لاءِ گهٽو ڪجهہ لکيو ويو آهي" (۲).

خطبن جي پولي سادي سلوٽي ۽ عام فهم آهي، هيءُ ڪتاب ۱۶۰ صفحن تي مشتمل آهي. نجّار جي خطبي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪريان صفت ساراه صاحب سندي —	اسان جي مهرسان تو بخشي بندي
ثنا سپ جڳائي ٿي سبحان ڪي —	سونهين وصف ٿي پاڪ يزدان ڪي
بقا آهي باري، هيو کل فنا —	جڳائي ڪرڙ ٿي اهڙيءَ جي ثنا (۳) الخ...

(۱) محمد صالح فقير نجّار مولوي: خطبات اصلاحي، حيدرآباد، آر ايڇ احمد اينڈ برادرس ص ۸

(۲) ايضاً

(۳) ـــــــ

سيّد حاجي اميرشاه

سيّد حاجي اميرشاه جو تعلق ڪنڊيارو ضلعو نواب شاهه جو ويڙهه هو. سندس ولادت جو سن يا ٻيو معلومات ملي ڪانه سگهي آهي (۱). حاجي اميرشاه جي خطبن جي ڪتاب جو نالو 'خطبات اميري' [۲] آهي.

'خطباتِ اميري' ۾ دستور مطابق هر اسلامي مهيني لاءِ چار منظوم خطبا ڏنا ويا آهن ۽ آخر ۾ 'عيدالفطر' ۽ 'عيدالاضحيٰ' تي خطبا آهن. خطبن جا موضوع به روايتي آهن. ايتري نواڻ سوڀرور آهي ته اسلامي مهينن ۽ روزمرهه جي واقعن کي خطبن جي صورت ۾ اچڻي ته سولي ۽ سهڻي نموني منظوم ڪيو ويو آهي، جو ٿورو پڙهيل ماڻهو به پڙهي ۽ پرجهي سگهي ٿو. هي ڪتاب ۹۶ صفحن تي آهي. خطبي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪيان ساڻ حمدان جو چونه هر هر
اسانڊي موڪليو جنهن آهي رهبر
ٿيو نازل مٿس قرآن امجد
جنهين ۾ استقامت آهي بيحد
پيغمبر جا پيارا دوست ڪبر
ابوبڪر و عمر، عثمان حيدر (۳) الخ.....

(۱) اميرشاه سيّد: 'خطبات اميري' سکر، حڪيم عبدالحق تاجران ڪتب، ص ا

[۲] _____ ايضاً _____

(۳) _____ ايضاً _____ ص

مولانا حڪيم محمد صالح لاڪو

مولانا محمد صالح لاڪو دولت پور ضلعي نواب شاھ جورھاڪو ھو، سندس مياتيءَ جوسر بستو احوال ملي ڪونہ سگھيو آھي. ڪيس درويش دولت پوريءَ جي نالي سان ٻہ سنڌيو ويو آھي. (۱) سندس خطبن جي مجموعي جو نالو 'خطبات محمدي' [۲] آھي.

ھن خطبي جي خاص خوبي اھا آھي تہ ھر ھڪ خطبو اول نثر ۾ واعظ جي صورت ۾ تحرير ڪيو ويو آھي. پوءِ موضوع جي مناسبت سان ان کي منظوم ڪيو ويو آھي. 'خطبو محمدي' ۲۶۸ صفحن تي مشتمل آھي. خطبي جو نمونو توھيت پيش ڪجي ٿو.

ٻڌو مومنا ھيءَ ھدايت حقي
خدا شل توھان کي ڪري متقي
وٺڻ نام سان خاص يا عام آ
نہ مذھب نہ ملت نہ اسلام آ
ڪيئون آھ انسان خلافت جو يار
رھڻ ياران لاءِ رھجي تيار (۳) الخ.....

مولانا محمد عثمان نورشنگي

مولانا محمد عثمان کوريواہ تعلقي ۾ ضلعي حيدرآباد ۾ ۱۹۰۸ع ۾ تولد ڪيو. ھو ھڪ وڏو عالم، فقيہ ۽ مفسر ھو. دينيات کان علاوہ علم طب، علم رمل

(۱) [۲] محمد صالح حڪيم لاڪو: 'خطبات محمدي' حيدرآباد، آر ايچ احمد اينڊ برادرس، ۱۹۴۸ء ص ۶
(۳) ايضاً

علم نجوم ۽ علم جفر ۾ مستند عالم هو. مدرسته الاسلام سان سندس ادارت هيٺ رسالو نڪرندو هو. ۱۹۱۸ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ديني خدمتن جي عيوض ان وقت جي حڪومت کيس زمين ڪيس انعام ۾ ڏني. مولانا محمد عثمان جو تفسير تنوير الايمان سندي ديني ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو (۱) مولانا نورتگي جي خطبن جي ڪتاب جو نالو 'خطبو عثماني' آهي [۲].

خطبي جي شروع ۾ مصنف جمع جي نماز جي بيان، فضائل ۽ آداب تي روشني وڌي آهي، باقي خطبا روايتي انداز ۾ لکيل آهن. آخر ۾ نڪاح جي خطبي سان ڪتاب کي ختم ڪيو ويو آهي. خطبي ۾ هولي سليس ۽ عام فهم استعمال ڪئي ويئي آهي. هي ڪتاب ۱۴۲ صفحن تي مشتمل آهي. خطبي جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

دنيا ڪري ويندين گذر، آخر فنا آخر فنا
پوندين جڏهن اندر قبر، آخر فنا آخر فنا
پنهنجي عمر ضايع نه ڪر، ڪڙ پاڙ سان ساري سمر
آخر اٿئي ڪرڻو سفر، آخر فنا آخر فنا (۳). الخ.....

حافظ نظر محمد سومرو ديهاتي

حافظ نظر محمد ولد مولوي عبدالرحمان سومرو گوٺ ديهات تعلقي ڪنڊياري ضلعي نواب شاهه ۾ ۱۳۰۴ھ / ۱۸۸۶ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي والدوت حاصل ڪيائين. پنهنجي دور جو سڀ عالم هو. عين جواني ۾ جي عمر ۾

(۱) الانا غلام علي جاڪاڻ: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ص ۳۱۸ ص ۳۱۹

[۲] محمد عثمان مولانا: خطبو عثماني، حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو، ص ۳۲

(۳) ——— ايضاً ———

۱۳۴۵ھ / ۱۹۲۶ع وفات ڪيائين (۱). سندس خطبن جي مجموعي جو نالو 'مجموعہ نظم ديهاتي' آهي [۲].

حافظ نظر محمد جي خطبن جي هن ڪتاب جي ترتيب اسلامي مهينن جي واڌ ۾، جمعن ۽ عيدن جي فضيلت ۽ اهميت جي حساب سان ڏنل آهي. هولي نهايت سليس ۽ وٽندڙ آهي. هي ڪتاب ٻن حصن تي مشتمل آهي، صفحي ۱ کان ۹۰ تائين خطبا آهن ۽ صفحي ۹۱ کان صفحي ۱۸۴ تائين قصيدا، مداحون ۽ مناجاتون ڏنل آهن. حافظ نظر محمد جي خطبي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سارہ خدا جي ڪرسدا، واڪاڻ حضرت مصطفيٰ
هت ڪونہ ڪر رهندو ادا، دنيا سموري بي بقا
هي ماڳ سانبهاڙي سندو، هت ڪير ماڳ سداهندو
آخر فنا آخر فنا، دنيا سموري بي بقا
دنيا ڏڪ جي جاءِ ٿي، ويندڙ ٽڪي جڙ واءِ ٿي
دنيا جو چرهو جڙ هوا، دنيا سموري بي بقا
دنيا ٿي تڪيو ڪين ڪر، مولا جي محبّ ڏاهن ڏر
رک حبّ حضرت مصطفيٰ، دنيا سموري بي بقا (۳) الخ.....

(۱) نظر محمد سومرو حافظ، مجموعہ نظم ديهاتي، نواب شاه، مولوي غلام حسين، ۱۹۵۱ء ص ي

[۲] ——— ايضاً ———

(۳) ——— ايضاً ——— ص ۲۸

مولوي غلام رسول جتوئي

مولانا غلام رسول جتوئي [۱] جا خطبا 'خطبو رسولي' [۲] ۽ 'خطبا واعظي' [۳] سارين سنڌ ۾ مقبول ٿيا، ۽ اڄان تائين پڙهيا پيا وڃن. جتوئيءَ ترتيب نويسيءَ موضوعن جي لحاظ کان خطبن ۾ کانوڻ نظر ڪانه ٿي اچي. خطبن جي مقبوليت جو خاص سبب عام ٻولي ۽ جو استعمال آهي. انڪاسواءِ مولانا جتوئي جي خطبن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو خوبيون به پريل آهن. سندس خطبي مان نموني طور ڪجهه سٽون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

چوان صمد دم وقت حنّان جو
مٿي مالڪ الملڪ مٿّان جو

جنهين پاڪ پيدا پيغمبر ڪيو
مٿو ميڙ مرسل ڏيڻ جو ڏيئو

عجب يار حضرت جا چار ٿي چڳا
و جان تن تان قربان لک لک لڳا

سندن وصف آهي چوڻ کان مٿي
سندن مٽ دنيا ۾ ليڻي نوڪتي

لکين معجزا ميڙ جا لڏيڙ
بڌائي سگهي ڇا جتوئي فقير (۴)

---

[۱] ڏسو پاڙو پهريون باب چوٿون ص - ۶۱

[۲] جتوئي غلام رسول مولوي: 'خطبو رسولي' حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو، ۱۹۴۴ء

[۳] جتوئي غلام رسول مولوي: 'خطبا واعظي' حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو

(۴) جتوئي غلام رسول مولوي: 'خطبو رسولي' حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو، ۱۹۴۴ء، ص ۵۶

مولوي غلام رسول جتوئي

مولانا غلام رسول جتوئي [۱] جا خطبا 'خطبو رسولي' [۲] ۽ 'خطبا واعظي' [۳] سارين سنڌ ۾ مقبول ٿيا، ۽ اڄان تائين پڙهيا پيا وڃن. جتوئيڪ ترتيب نوڙي موضوعن جي لحاظ کان خطبن ۾ ڪا نواڻ نظر ڪانه ٿي اچي. خطبن جي مقبوليت جو خاص سبب عام بولي ۽ جو استعمال آهي. انڪري مولانا جتوئي جي خطبن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو خوبيون به پريل آهن. سندس خطبي مان نموني طور ڪجهه سٽون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

چوان حمد هر وقت حنّان جو
مٿي مالڪ الملڪ مسّان جو
جنهين پاڪ پيدا پيغمبر ڪيو
مٿو مير مرسل ڏيئن جو ڏيئو
عجب يار حضرت جا چار ٿي چڳا
و جان تن تان قربان لک لک لڳا
سندن وصف آهي چوڻ کان مٿي
سندن مٽ دنيا ۾ ليڻي نوڪتي
لکين معجزا ميڙ جا لڏيڙ
ٻڌائي سگهي ڇا جتوئي فقير (۴)،

---

[۱] ڏسو پاڙو پهريون باب چوٿون ص - ۶۱

[۲] جتوئي غلام رسول مولوي: 'خطبو رسولي' حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو، ۱۹۴۴ء

[۳] جتوئي غلام رسول مولوي: 'خطبا واعظي' حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو

(۴) جتوئي غلام رسول مولوي: 'خطبو رسولي' حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊپو، ۱۹۴۴ء ص ۵۶

(۱۷) مولانا ثنائيءَ جي خطبن جو تعارف

مولانا ثنائيءَ جي خطبات جو بغور مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي مذڪورہ مٿين خطبن جي ڪتابن کان منفرد طرز جا ليکيل آهن. هن پنهنجي خطبن جي ڪتاب جو نالو 'خطبات ثنائي'[1] رکيو آهي. موضوعات، اسلوب، بيان، ٻولي ۽ ترتيب جي لحاظ کان سندس خطبا وڏي اهميت جا حامل نظر اچن ٿا. مولانا ثنائيءَ عام روايتن کان هٽي هي خطبا لکيا آهن. جنهنڪري خطبن ۾ ندرت پيدا ٿي پئي آهي. جيتوڻيڪ مرحوم ثنائيءَ پنهنجي خطبن ۾ آئين روايت کي بلڪل نظر انداز ڪونہ ڪيو آهي. بلڪ هر خطبي جي شروعات خداءِ بزرگ وبرتر جي صفت ۽ ساراھ ۽ مٿي محبوب ڪريم جن جي ذات والا صفات جي تعريف سان ڪئي آهي. ان کانسواءِ ڪلمہ توحيد، روزي، حج، زڪوات، قيامت، شفاعت ۽ رحمت جهڙا مضمون پڻ اختيار ڪيا آهن. تاهم اهڙا بيشمار نوان موضوع خطبن ۾ آندا اٿس، جيڪي هن کان اڳ ۾ خطبن جي ڪتابن ۾ اختيار ڪيل ڪونہ ٿا ڏسجن.

ثنائيءَ جي خطبن جي خاص خوبي اها به آهي جو هن هر هڪ خطبي جي سري ۾ ان جو موضوع ڏنو ويو آهي، جنهنڪري پڙهندڙ کي سري ڏسڻ سان ئي خطبي جي مواد ۽ ماهيت متعلق خبر پئجي وڃي ٿي. هن خطبن جي پڇاڙيءَ ۾ مناجات لکي ويئي آهي. جيڪا خطبي جي حسن ۽ هيئت کي دوبالا ڪري بيٺي آهي. انهيءَ ريت معجزن، حڪايتن ۽ قصيدن لکي خطبن جو موضوع بڻائي خطبي جي صنف کي مرحوم ثنائيءَ وسعت ڏني آهي.

---

[1] ثنائي ثناءالله: 'خطبات ثنائي'، لاڙڪاڻو، نور محمد ميٽ ڪاليا واڙ اسٽور، مارچ، ۱۹۵۶ء

پاڪو ٽيون

مولانا ثناء الله ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جو تعيّن

علامہ آءِ - آءِ قاضي ، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي
کي دنيا جو وڏو ۾ وڏو شاعر ثابت ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي سطح تي مقرر ڪيل
ٽن معيارن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهي ڪسوٽيءَ تي شاه سائين جي ڪلام کي
پرکيو آهي (۱) .

ثناء الله ثنائي سنڌ جو مشهور ۽ عوامي شاعر هو.
اسان سندس ڪلام جي پرک لاءِ نوَ معيار مقرر ڪيا آهن ، جيڪي سڀ سنڌي
چوٽيءَ جي شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهارين ٿا . انهن معيارن جي بنياد تي
اسين مولانا ثنائي جي ڪلام جو تجزيو ڪريون ٿا .

مولانا ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جي تعيّن ڪرڻ لاءِ
اسانجي آڏو پهرين ڪسوٽي داخلي شاهدي آهي . جنهن تحت سڀ کان اول
اسانکي مرحوم ثنائي جي قلمي پوٿي جي لکائي ۽ ڇپائي جو جائزو وٺڻ آهي
ته جن ڪيترو ڪلام ڇپيو پڙهو ٿيو . سندس ڪيترو ڪلام ڇپجي پڙهو ٿيو . ڇپل ڪتابن
جو معيار ڪهڙو آهي ، ۽ قلمي بياض ڪيتري اهميت جو حامل آهي .

ٻي ڪسوٽي طور اسان مولانا ثنائي جي ڪلام جي فني پهلوئن جو
جائزو وٺندي ڏسنداسين ته هن پنهنجي ڪلام ۾ هوليءَ اسلوب ، بيان جو معيار
ڪهڙو رکيو آهي ، سندس ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت ڪيتري حد تائين پر ڀل آهي .

(۱) I. I. Kazi Alama 'Shah Abdul Latif an introduction to his art'
Hyderabad Sindhi Adabi Board
1961 Page- 1 To 4

روایتی بہ سلاست جی مڑبیں کی، سندس تاثریت نیاریائتس، سندس خیر ۾
کیترائی قدر، بدّت بہ بلند خیالی بیان ڈیل آھي. پھاڑن توڑي نم سندي
لفظن جي استعمال ۾ کیترو ڪامیاب ویو آھي. صنعتن، تجنیسن ۽ تشبیھن
جي معیارتي بہ خاص نظر رکٹي آھي. گڏوگڏ اھو بہ ڏسٹو آھي تہ
انساني ھيڏ جي ناتي من کان ڪي ڏنوي، محاورتي توڙي اصطلاحي
خامیون بہ سرزد ٿیون ھونديون، انھن تي بہ نظر رکٹي آھي. بين بولين
جي لفظن جي غير موزون استعمال جي خامين جي بہ جاچ ڪرٹي آھي.
ثنائي جي ڪلام ۾ جيتوڻيڪ خوبين جي مقابلي ۾ خامیون انتي ۾ لوڻ
برابر آھن، جيڪي سندس ڪلام جي معياري اثرانداز کي نہ ٿیون ڏين. پر
تحقيق جي طالب العلم ڏيڏ ڪري انھن کي صفا درگذر ڪري نٿو سگھي.

مرحوم ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جو تعين ڪرڻ لاءِ
اسان جي آڏو ٽيون معيار سندس ڪلام جي فڪري پھلوئن جو جائزو وٺڻ
آھي. جڏھن مطابق اھو ڏسبو تہ ھن پنھنجي ڪلام ۾ ڪھڙا موضوع اختيار
ڪيا آھن. مذھب متعلق سندس نظريا ڪھڙا آھن. ۽ ھن کيتري مذھبي
شاعري ڪئي آھي. سندس ڪلام ۾ کيتري قدر صوفيانہ رنگ پريل آھي.
اخلاقي، اصلاحي، ناصحانہ ۽ طنزيہ شاعري ڪجي ڏس ۾ کيترو ڪامياب ويو آھي.
۽ عشقيہ شاعري ڪندي شاعر پنھنجي جذبات جو اظھار ڪھڙي ريت
ڪيو آھي. ھن معيار ۾ شاعري ڪجي مقصديت کي خاص طرح نظر ۾ رکي
پنھنجي تاثرات جو غيرجانبداري ۽ بيباڪي سان اظھار ڪيو آھي.

شاعراڻي حيثيت جي فيصلي لاءِ چوٽون معيار داخلي
۽ خارجي شاهدي آهي ، جنهن تحت شاعري جو تقابلي تنقيدي جائزو
ولٽو پوندو ته ٽنائي متقدمين کان ملهل فني ۽ فڪري روايتن کي ڪيتري قدر
نياريو آهي ۽ هوان ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهي ،

پنجون معيار اهو آهي ته ڏسو جي ته ٽنائي پنهنجي
همعصر شاعرن جي فن ۽ فڪر جو مطالعو ڪري ، انهن سان فني توڙي فڪري
لحاظ کان ڪيتري حد تائين مماثلت رکي سگهيو آهي .

پرک جو ڇهون معيار اهو آهي ته مولانا ٽنائي پنهنجي دور
جي علمي ۽ ادبي ماحول تي ڪيتري قدر اثرانداز ٿيو آهي . سندس فڪر توڙي
فن جو عڪس ٽنائي جي دور جي ٻين شاعرن ۽ اديبن جي ڪلام مان ڪيتري
قدر ظاهر ٿئي ٿو .

ٽنائي جي شاعراڻي حيثيت متعين ڪرڻ لاءِ ستون ۾
اهم معيار اهو آهي ته ان کي ڪاهي جو جائزو ورتو ويو ته پنهنجي دور جي محقق
عالمن ۽ اديبن جي معيار تي هو ڪيترو پورو آيو ۽ سندس شخصيت ، فن توڙي
فڪر جي باري ۾ ان دور جا محقق ، عالم ۽ اديب ڪهڙي راءِ رکن ٿا .

ٽنائي جي ساڪ جو اٺون معيار اهو آهي ته ان دور
جي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ هن جي ڪهڙي حيثيت رهي ۽ ڪيتري قدر پذيرائي
ٿي .

نائون آخري ۽ نهايت اهم معيار اهو آهي ته سندس

علام کي وقت ۽ حالتن جي کسوٽي ۽ تي پرکيو وڃي تہ آيا هن عوامي ۽ بلند پايہ شاعرن وانگر وقت ۽ حالتن جو اثر ورتو آهي ! وقت جي معاشي ، معاشرتي ۽ سياسي حالتن جي نتيجي ۾ سندس حساس ذهن ۾ ڪيتري قدر طوفان برپا ٿيو آهي ۽ هن انهن جذبن جو اظهار پنهنجي شاعري ۾ ڪهڙي موثر انداز ۾ ڪيو آهي .

(الف) مولانا ثنائي جي قلمي پورهئي جو تعارف

مولانا ثناء الله ثنائي پنهنجي دور جي ڪهڙو مشق شاعر هو. سندس قلمي پورهيو معيار ۽ تعداد جي لحاظ کان اسانجو توجه چڪرائي ٿو. هن تحقيقي سلسلي ۾ ڪمرڪٽ دوران سندس ڏيتائي ڪتاب ۾ قلمي مسودا نظر مان گذريا، جن کي ٽلمي ليکي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هيٺين قسم مطابق سندس ڇاپي قلمي پورهيو اچي ٿو. اهڙن ڇپيل ڪتابن جو تعداد ۱۵ آهي، پيو قسم انهن مسودن تي مشتمل آهي جيڪي پنهنجي حيثيت ۾ ته مڪمل ڪتاب آهن، ليڪن هن وقت تائين شايع ٿي نه سگهيا آهن. جن جو گهاٽاڻ ۱۱ ٿئي ٿو. مرحوم جي قلمي پورهئي جو ٽيون قسم انهن مسودن تي مشتمل آهي، جن ۾ ڇپيل خواه اڻ ڇپيل مواد محفوظ ڪيو ويو آهي، اهڙا مسودا ۱۰ کان گهٽ نه آهن. سندس انهيءَ سموري قلمي پورهئي بابت مختصر معلومات هيٺ ڏجي ٿي.

(۱) مطبوعه ڪتاب — اعتقاد نامو

هن ڪتاب جي مواد ۾ مولانا ثنائي جي راسخ عقيدي ۽ پختي موحد مسلمان هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. ڪتاب ۾ اسلام جي بنيادي مسائل تي بحث ڪيل آهي، هن دور جي جن وَجهي ٻڌن ۽ مولوين مذهب اسلام ۾ جن غلط رنگ ۾ پيش ڪيو آهي، ثنائي انهن جي سخت مذمت ڪئي آهي. ڪتاب جي شروعات مناجات سان ڪئي ويئي آهي. جنهن کانپوءِ هيٺيان سڪ موضوع ڪيا ويا آهن. ڪلمه و اعتقاد رکڻ،

وان تنازعتم في شيء فردوه الي الله ورسوله
والله يعلم المفسد من المصلح

اعتقاد نامہ

منهنجو وڃي ڪتاب قلم اوچتو نہ ڪئي
ڇوڙ سچ آ ثواب قلم اوچتو نہ ڪئي

توحيد لئہ ثنائي تنقيد لئہ حڪري
تردید جو عذاب قلم اوچتو نہ ڪئي

مصنف

ابوالعباد مسڪين ثناء الله ثنائي ولد مولوي الله بخش
ڪوهارو فقير

ساڪن سهڙا دورائي

(مصنف جي اجازت ڪانسواء ڪو به نہ ڇاپي)

ڪاپيون ۴۰۰۰ دفعو ڇپرايون

ڇاپيندڙ :-

حاجي گل محمد شيخ

الڪ :- گل محمد ميڊيڪل اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو

'غيب داني جي مسئلي تي روشني'، 'ٻين عالمن جي گفتار ۽ رفتار'، 'سورڪائنات' جي مدح خواني جو ثواب'، 'شفاعت جو اذن'، 'ولايت ۽ وسيلو'. ڪتاب جي پڄاڻي ورهي به 'مناجات بدرگاه مجيب الدعوات' سان ڪئي ويئي آهي. هي ڪتاب ۶۴ صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو حاجي گل محمد شيخ مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتابي سائز ۾ آهي.

'اعتقاد نامو' مان الله پاڪ جي رحمت جي باري ۾ ڪجهه سٽون عرض ڪجن ٿيون

ٿئي سوال سيڪو اگر مستجاب
ته دنيا جو ڪاڏو ٿئي ها خراب
ڪو ڪنهن کي دعا سان ماري به ها
ته ڪو ڪنهن مئل کي جيئاري به ها
انهي ڪم ۾ اونهو سندس راز آ
لڏو اونت جو ڪنهن نه اندازآ (۱).

محمود غزنوي عرف سچو عشق

مولانا ثنائي جي هن ڪتاب جو موضوع جيتوڻيڪ مجازي عشق آهي، پر اهو اهڙي نه عمدي، انوکي ۽ پاڪيزه رنگ ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جو پڙهندڙ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

(۱) ثنائي ثناء الله. 'اعتقاد نامو'، لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد شيخ، مدينه پريس، ص ۲۵

اهڑي مثالي عشق جو داستان سلطان محمود غزنوي جي دور جو ڪاريو ويو آهي، جنهن ۾ سلطان جي عدالت کان علاوه قرآني حڪمت جو ذڪر پڻ ڪيل آهي.

ڪتاب جي شروعات حمد، نعت ۽ مناجات سان ٿئي ويئي آهي، جنهن کانپوءِ صباڻي نيهن جو نيا پوڏنو ويو آهي، جڏ ياري ۽ پنجتن پاڪ جي شان ۾ به شعر جوڙيل آهن. جنهن کانپوءِ داستان شروع ٿين ٿا جن جا موضوع پراڻن قصن واري طرز تي ڏنا ويا آهن مثلاً بادشاه محمود غزنوي جو احوال ۽ ان جو رات جو چور پڪڙڻ ۽ تن جو پاڻ ۾ سوال جواب ڪرڻ ۽ چور جي ضامن لاءِ انتظاري، يار صادق کان رخصت ڏيڻ عاشق جو معشوق ڏي وڃڻ ۽ وري محمود غزنوي جو لڪي احوال ڄاڻڻ، ڏاهي جي تياري ۽ سچي يار جي ياري ۽ اچڻ جي ياري پيڪاري، عاشق جي بيداري ۽ هوشياري، سوري جي سواري لاءِ انتظاري، ان لاءِ حڪم ڏاهي جو جاري، وغيره. ڪتاب نصيحت پرين نڪتن سان پريل آهي. ڪتابي سائز جو ۱۰۸ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب ميان دين محمد ڪمي پاڪستان پريس لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب جي معيار جو اندازو هيٺين ستن مان لڳائي سگهجي ٿو. ثنائي ۽ قمطراز آهي:

قرأت جا ڦري قاري بڻياسي — عجب آواز ڪڍي جاسڻياسي	(۱)
ايئن سڏندي ڪنڊ تي رهت آئي — نه سڪ قمر تي ڪنڊ پر پات آئي	

(۱) ثنائي ثناءالله، 'محمود غزنوي'، لاڙڪاڻو، ميان دين محمد، پاڪستان پريس، ص ۳۲

بسم الله الرحمن الرحيم

العشق مانو الله

محمود غزنوي

عرف

سچو عشق

غزنوي عدالت - قرآني كرامت

عشقي حكايت

مصنف

ابو العباد مسكين ثناء الله "ثنائي"

ساكن پتهمدپره و سهڙا ديورائي

از اولاد ستن سوائي

مصنف جا حق واسطا قائم

حكايون ۱۰۰۰ دفعو ڇاپيو ٿو

قيمت ۶-۸-۰

شاهنامو شريف

هي ڪتاب مرحوم ثناءالله ثنائيءَ جي منظوم تاريخ اسلام ڪٽڻ جي خواهش جي پيرين ڪري آهي. جنهن ۾ حضرت ابراهيمؑ جي ولادت کان وفات تائين سرسٽو احوال مثنوي جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. حضرت خليل الله جو نمرود جهڙي جابر ۽ ڪافر بادشاه سان ٽڪر کائڻ، حق جي راه ۾ باه جي آزمايش ۾ ڪڏي پوڻ ۽ باه جي آزمايش جو گلزار ۾ تبديل ٿيڻ جا واقعا منظوم ڪيل آهن. اڪڪانوي حضرت ابراهيمؑ جو رضاءِ الاهي خاطر پنهنجي پياري پٽ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ ۽ صالح فرزند حضرت اسماعيلؑ جي صبر ۽ شڪر جو بيان ڪتاب ۾ نهايت پيراثقي انداز ۾ آندو ويو آهي. ڪتاب ڪي ٽيڏن ٽيڏن موضوعن ۾ ورهايو ويو آهي مثلاً نمرود جو مختصر احوال ۽ حضرت ابراهيمؑ جي پيدائش جو بيان، حضرت ابراهيمؑ جو خدا ڪي سچا ٽڪ ٽيڏي ڳولڻي، حضرت ابراهيمؑ جو توحيد ڏي خلق ڪي سڏڻ ۽ ڪافرن جو دشمني، بت پيڙ ۽ آزمايش جي تياري، نمرود جي ڏيڻ جو مسلمان ٿيڻ، وغيره. هي ڪتاب ڪتابي سائيز ۾ ۱۵۶ صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو حاجي گل محمد شيخ مدينه پريس لاڙڪاڻي مان چپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب مان مثنوي جو هي سٽون ملاحظه ٿين.

	اهو آهي قرآن اندر دليل - ته پاهر ٿيو غار کان جو خليل
	تو ٽلين فلڪ تي هي ستارو عجب - چپائين ته شايد اهو آه رب

(۱)

(۱) ثنائي ثناءالله 'شاهنامو شريف'، لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد شيخ مدينه پريس، ص ۱۷

* بسم الله الرحمان الرحيم *

ملقب به لقب تاريخي

لکيو لطف جو سن ثنائي لطيف

عجب شاه جو

شاه نامو شريف ۱۳۸۳هـ

(پهريون حصو منظوم)

حضرت ابراهيم عليه السلام

مصنف :- ثناء الله ثنائي ولد مولوي الهه بخش

ساکن سهڙا ديورائي از اولاد سڌن سوائي

کوهاره فقير ابوالعباد

دفعو پهريون تعداد هزار

(قيمت ۱-۸-۰)

مصنف جا حق واسطا قائم

جائيندڙ :- حاجي گل محمد شيخ

گل محمد ميڊيکل اسٽور لاڙڪاڻو

مُلان ۽ موالي

موضوع جي لحاظ کان ڪتاب پنهنجي نالي مان پڌرو آهي. بقول ميان ثناءالله ثنائيءَ :

"ملان ۽ موالي به عجيب متضاد هستيون آهن. سندن عداوت ازلي چئجي ته به جائز آهي. مُلن جي نظر ۾ دنيا ۾ بيحيائي ۽ بيحيائي مخلوق موالي آهي. موالين جي آڏو دري دنيا جا منحوس ترين ماڻهو مُلان آهن. مُلن کي ڪافرن کان ايتري نفرت نه آهي، جيتري پنگوڙين کان. پنگوڙاورين مُلن کي ڪافرن کان به بدتر سمجهندا آهن. ملان گهڻا ته دنيا ۾ هيون حرام شيون پل هجن پر ڀنگ، چرس، آفيم ۽ شراب وغيره جهڙيون شيون نه هجن. پنگوڙاوري چون ٿا ته دنيا ۾ شيطان پل هجي پر مُلان نه هجي." (۱)

من ڪتاب لکڻ مان ثنائيءَ جي مراد ڪنهن به طبقي جي دل آزاري هرگز ڪونه هئي. بلڪه هن جي آڏو معاشري جي اصلاح جو مقصد کار فرما هو. ڪتاب جي طرز تحرير مزاحيه رنگ ۾ آهي. جنهن ڪري هي ڪتاب خاص و عام ۾ بيحد مقبول ٿيو. ڪتاب جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو اهو اٺ دفعا شايع ٿيو آهي.

ڪتاب جي شروعات حمد باري تعالىٰ، مناجات ۽

---

(۱) ثنائي ثناءالله ' ملان ۽ موالي ' شڪارپور منظور بوڪ اسٽور ، حمدي پريس ۱۹۸۲ء ص ۲

جاء الحق وزهق الباطل ان الباطل كان زهوقا

قصو دل پسند آهر ۽ بي مثال
ثنائي ڪيو آهر بهشڪ ڪمال
مذاقي نمونہ صفا سچ آهي
وڻي جو پڙهي سو چوي واهر واهر

دل پسند ۽ دل کي وڻندڙ مقالات مذاقيہ ۽

اهڙي

قصو منظوم

ملڻ ۽ موالي

)*(مصنف)*(

شاعر سلڪ مولانا مولوي ثناءالله ثنائي

(نئون ڇاپو) ۱۹۸۲ع جلد ۵۰۰

قيمت رعايتي صافي ۵-۰۰

* * ڇپائيندڙ * *

منظور احمد ولد مولوي محمد عظيم

تاجران ڪتب شاهي. بازار شڪارپور

نت سرور، حائنات مسان عشي اشس . جنهن کان پوءِ ننڍن ننڍن دلچسپ موضومن تي ڪتاب ڪي وهايو ويو آهي . مثلاً 'احوال آخوندجو' 'احوال مُلان ۽ موالي ءَ جو' 'فساد جو بنياد' 'مُلان جو گفتگو موالي ءَ جي ڪن تي پوڻ ۽ موالي ءَ جو جواب ڏيڻ' 'موالي ءَ جو نقل ڪٽڻ مُلان تي' موالي ءَ جو جواب ۽ انا الحق جو نعرو هڻڻ' 'مُلان جو مڪي توڙ جواب' 'جنيل شاه جي ڪرامت' وغيره وغيره .

هي ڪتاب ڪتابي سائز ۾ ۹۰ صفحن تي آهي جيڪو منظور بوڪ اسٽور وارن محمدي پريس شڪارپور مان چپائي پڌرو ڪيو . ڪتاب مان شعر جو نمونو پيش ڪجي ٿو :

چيوات مُلان تون ته ننگي ذليل	موالي ءَ چيو تون ته ناسي بخيل
مُلان پي چيو تون ته پيٽو خور	موالي ءَ چيو تون ڪين جو ته چور
چئن هش مُلان پڙهه خدائي نماز	چوي هو ته گهر جي اندر جونيار (۱)

ترڪي ٽوپي

تحريڪ خلافت دوران سنڌ جي مسلمانن ۾ جيڪا سياسي ، سماجي ۽ مذهبي بيداري آئي ، اڻپي ڪيترين نئي قلمي تخليقن کي جنم ڏنو . مولانا ثنائي جو ڪتاب 'ترڪي ٽوپي' پڻ اڻپي ءَ مان هڪ آهي . سندس اهو قلمي پورهيو پهريون دفعو ۱۹۳۱ع ۾ شايع ٿيو .

هن ڪتاب ۾ فاضل شاعر بخل جي اوگڻ کي تنقيد جو نشانو ٺاهيو آهي ، ۽ سخاوت خواه قناعت جي خوبين کي بيان ڪيو آهي .

---

(۱) ثنائي ثناء الله 'مُلان ۽ موالي' شڪارپور منظور بوڪ اسٽور ، ۱۹۸۲ء ص ۳۳ ص ۳۴

هن ڪتاب جو متن مناجات سان شروع ٿئي ٿو ، ۽ ان کانپوءِ ڪيترائي نندا عنوان ڏئي فاضل شاعر پنهنجي اندر جي اڪ من کي بيان ڪيو آهي. جن ۾ "ٿئون نٿون فيشن پيو هلي" ، "وڏيرو علي خان جو احوال" ، "ڪبڙ خان جو حال" ۽ "ترڪي توپي لال" ، "شهر جي رهڻ ڀر به هوش ڪپي" ، "اڇوڪي زماني جو حال" وغيره وغيره. هي ڪتاب مرحوم ثنائيءَ خود ڇپرائي پڌرو ڪيو.

هن قادر الڪلام شاعر پنهنجي ڪتاب "ترڪي توپي" ۾ شاعريءَ جا بحر وهايا آهن. سندس اهو علمي پورهيو نه فقط شاعر جي اندر جي اڪ من ، علمي لياقت ۽ قومي شعور جو پڙاڏو آهي ، پر پنهنجي دور جو مڪمل آئينو آهي. ڪتابي سائز جي ۳۰ صفحن جي هن ڪتاب ۾ فاضل شاعر نهايت ڪارائتا نصيحت ۽ پانڌ بيان ڪيا آهن. سندس ڪتاب مان نمونيءَ طور چند شعر پيش ڪجن ٿا.

ڪٿي پيءُ ڪان پي زياده قدم
سڀائي جُتي پوءِ ڪنيائين قسم
جي ٻاهر هوويندو هٿن ۾ جُتي
نه پائي توڙي جوهجي ڏَرَ ٿتي
وڃي جي ڪٿي لاڙ ڪاٽي لٽري
نه ڪائي ڏلائين ڪتل جي گٽري

(۱)

---

(۱) ثنائي ثناء الله 'ترڪي توپي' ، لاڙ ڪاڻو ، انقلاب پريس ، ص۵

السخی حبیب الله ولو کان فاسقا البخیل عدو الله
ان المبذرین کانوا اخوان الشیاطین

ترکي ټوپي

هنر ورقن بر کهڼه ی طاقت رکیل آ

جي الله کهربه ته هي ورق اهوالکي بخیل کان
چڈائي سخاوت سیکاریندا

گهڻي خرچ کان هټائي قناعت ڈیندا ۽ اهوالکي
مٹ خورن ، رنگیلن بیوقا معشوقن شراب خوري ۽
زنا کان روکیندا

مصنف:- ابوالعباد ثناء الله ثنائي
پهچي دیرالي ولد مولوي الله بخش کومارہ
مقیم از اولاد ستن سوائي

قیمت ۳-۸-۰
سن اشاعت : ۱۳۵۰ھ / ۱۹۳۱ع
چوٹ سڈار وارن جي خرچ سان ڇپیو
ساڻ کوشش دین محمد منکسي عرف کتابیار
چپائیندڙ مصنف

کوٽيا

هن ڪتاب ۾ ۱۹۳۵ء ۾ ڪوٽيا تي قادر جي قهر نازل ٿيڻ واري واقعي جو ذڪر منظوم ڪيل آهي. ميان ثنائي انهيءَ واقعي جو بنيادي سبب آهه غريبان قهر خدائي جي مصداق هڪ حافظ، قرآن جي ڏٽيءَ درانهن ٻڌايو آهي. جنهن جي مٿان اتان جي هڪ اميرظلم ڪيو ۽ سندس حسين ۽ جميل گهر واريءَ کي پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ مٽس ويل وڌايا. واقعو نهايت اثرائتي انداز ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن مان انسان کي وڏو عبرت جو سبق ملي ٿو. ۽ خدا جي گرفت جو خوف دامنگير ٿئي ٿو.

هن نندڙي ڪتاب جي شروعات نعت رسول حسان ڪئي ويئي آهي. جنهن کانپوءِ نندا نندا عنوان اختيار ڪيا ويا آهن. مثلاً 'ڪوٽيا جي غرقي'، 'شهر جو احوال'، 'قطب شاه جي گهر تور بيبي جو وڃڻ'، 'حافظ صاحب جو بي عزت ٿيڻ'، 'حافظ کي بشارت غيبي ملڻ'، 'ڪوٽيا جي شهر جو صبح وقت نظارو'، 'ستيدن کي ثنائي جو عرض'، وغيره.

هي ڪتابچو ڪل ۳۲ صفحن تي آهي جيڪو خود مرحوم ثنائي پنهنجي خرچ سان لاڙڪاڻي مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. ڪتاب مان شعر جو نمونو ملاحظه فرمايو:

اجابت جي آئي بشارت جڏهن — ته حافظ سڻي ديد پنهنجي تڏهن
عجيب گاله هر ڪنهن سان ظاهر ڪيا — ته اڄ رات ڪوٽيا تيندي فنا (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله 'ڪوٽيا'، لاڙڪاڻو ۱۹۳۵ء، ص ۲۲

الزنا يخرج البنا

كوڏيا
پهريو حصو

هڪڙي حافظ مظلوم ۽ ابرظ لچ
احوال جنهن سبب ڪوڏيا ڏرڻ
ٿي

مصنف

ثناء الله ثنائي ساڪن سهڙاديوراڻي
قوم ڪوهاره ولد هوليو الهڏنو
خلف سڏن سوائي

۱۹۳۵ قيمت ۰-۲ .

خطبات ثنائي

هي ڪتاب نبي اسلامي تعليمات جي موضوع تي تقريرن
جي ڪيل آهي جنهن مان مولانا ثناء الله ثنائي جي مذهب سان گڏ محمولي دلچسپي
۽ ديني علم تي دسترس جو ثبوت ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ خطبن جا موضوع اسلامي
مهينن ۽ انهن ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جي نسبت سان ڏنا ويا آهن. مثلاً
'سنت خليل الله عليه السلام' 'خطبه ماه رمضان' 'خطبو معراج جي بيان ۾' 'ماه
ربيع الاول جا خطبا' 'خطبه ماه محرم' 'خطبه ماه ذوالحج' 'خطبه عيدالفطر'
'خطبه عيد الضحيٰ' وغيره. انهن عنوانن کان علاوه 'نماز' 'روزي' 'ذڪر'
حوض ڪوثر، قيامت، شفاعت، باران نماز، قرآن ڪريم، نبي پاڪ جي
امت جي شرف ۽ شان، زڪوات، خير خيرات ۽ معاشري ۾ بهترين رهڻ
جهڙي موضوع تي مولانا ثنائي جا خطبا ملن ٿا.

مولانا ثنائي جي خطبن کي ساري سنڌ ۾ مقبوليت ملي.

هي ڪتاب جيڪي سائيز ۾ ۱۴۳ صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو نور محمد محمد شفيع
مالڪ ڪاليا واڻ بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو اتحاد پريس سکر مان ۱۹۵۶ع ۾ چاپي پڌرو ڪيو.
خطبي مان نمونيي طور ستون عرض ڪجن ٿيون:

چا خدا ڪيو شان روزيدار جو	زور آ ايمان روزي دار جو
ڏيب روزيدار کي ڏيندو ڏٺي	هي وڏو آ مان روزيدار جو
لڙ خدا مخفي طرح بخشي چڏي	عيب ۽ عصيان روزيدار جو (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله 'خطبات ثنائي' لاڙڪاڻو، نور محمد ڪاليا واڻ بوڪ اسٽور، ۱۹۵۶ء، ص ۸۳

چھپائیندۂ حقوق واسطا قائم

إِذَا نُودِيَ لِلصَّلٰوةِ مِن يَوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا إِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ

خطبات ثنائی

مصنف

ابوالعباد ثناءُ اللہ ثنائی کوہار وفقیر ساکن سھڑا
دورائی اولاد ستن سوائی ولد سورجی الاخش

چھپائیندۂ

نورمحمد محمد عثمان

مالک :- کانیاواڑ اسٹور

پبلشرس - بُک سیلرس - اسٹیشنرس

بندر روڈ لاڑکانہ

دفعہ اول قیمت - - جلد ۱۰۰۰

مطبوعہ اتحاد پریس لوکس پارسکھ

گلشن عرف ميلاد النبوي

مولانا ثناء الله ثنائي جي ايمان افروز مناجاتن ۽ مولودن تي مشتمل هي ڪتابچو ڪل ۱۶ صفحن تي مشتمل آهي . معيار جي لحاظ کان اهي مناجاتون ۽ مولود مثالي آهن . مرحوم ثنائي هڪ مناجات جي ستن ۾ پنهنجي ڪمزوري ۽ ڪوتاهي جو اعتراف ڪندي رقمطراز آهي :

ڪپي تو سندي ٿي عنايت خدايا
اسان کان نه ٿي آ عبادت خدايا
گناهن چڏڻ جي نه همت آمون ۾
مگر تون ڏي توبه جي طاقت خدايا (۱) .

اهڙي طرح مولود جي معنيٰ ۽ مفهوم جو حق اداڪندي هو نبي مڪرم ﷺ جن جي ولادت باسعادت جي مبارڪ موقعي جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو :

اڄ ڄايو آسرادار نبي
سڄي ملڪ سندو مختيار نبي

ان رات اڀوتي نور ايئن - وسي چيٽ بهار هو مينهن جيئن
هولي ۽ چنڊ ٻهليو لاتو هر جيئن - مٿي ماڻ سندو مٿار نبي (۲)

هي ڪتابچو قاضي محمد ڪتب فروش لاڑڪاڻي

عباسي لٽيو پريس ڪراچي ۽ مان ڇپائي پڌرو ڪيو .

(۱) ثنائي ثناء الله ، گلشن عرف ميلاد النبوي ۽ لاڑڪاڻه ، قاضي محمد ڪتب فروش ، ص ۴ ص ۸ ص ۹
(۲) ايضاً

۱۳۱۱ھ

تصنیف کیل جناب ثناء اللہ ثنائی

صاحب ساکن سیمرتالہ

میلاد النبی

حق تصنیف جو دیتے ہیں ہم مصنف کو

چھاپیوالا ضیاء المشہور الہ

کتب فروش بالمقابل

قیمت فی نسخہ ۲ آنہ

پانشام حسینہ غلام عباس والا کوچہ چابک - عباسی اسٹیم آرٹ پریس کلوتا بازار

ديوان نعتيه ثنائي

مولانا ثناء الله ثنائي جي مولودن ، نعتيه غزلن ۽ مناجات تي مشتمل 'ديوان نعتيه ثنائي' مذهبي شاعري ۾ هڪ اهم اضافو آهي . هي ۽ بهترين ڪتاب الف بي وار ترتيب تي جوڙيل آهي . جنهن ۾ مدحت رسول مقبول ﷺ کان ملاوه صحابه ڪرام جي صفت ۽ ساراه ۽ عاصيءَ جي عرض ۽ التجا جو عمدو رنگ پريل آهي . هيٺيون ستون ملاحظه ٿين :

رسول الله رهبر تي اسانکي رهنمائي ڪر
نڊس عين اسا جن ڏي پلا پنهنجي پلائي ڪر
اسان ڪمزور بي واها سواتنهنجي وڻن ڪاڏي
اچي هن حال هيٺي هر ست مشڪل ڪشائي ڪر (۱)

ڪتاب جي هولي ۽ اسلوب رسيان نهايت عمدو آهي . هي ڪتاب ۱۱۸ صفحن تي مشتمل آهي . جيڪو ميشرس ويڙهي مل ڪنڊ مل پبلشرس تاجران ڪتب شيواجي پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ديمي سائز ۾ آهي . ڪتاب جو ڪيٽ اپ ۽ ڇپائي سٺي آهي .

ناله مشتاق ثنائي

هي ڪتاب مولانا ثنائي جي ڪافين تي مشتمل آهي . جنهن ۾ ڪجهه غزل به شامل ڪيا ويا آهن . ڪافين توڙي غزلن جو معيار

(۱) ثنائي ثناء الله 'ديوان نعتيه ثنائي' لاڙڪاڻو ، ويڙهو مل ڪنڊ مل ، شيواجي پريس ، ص ۲۸

الله



محمد

ديوان نعتيه ثنائي

مولودن ۽ غزلن ۽ مناجاتن جو الڳ الڳ ڪتاب

خاص واعظ ويڙهن پڙهڻ ۽ مجلس ۾ ٻڌائڻ لاءِ

تصنيف ڪيل

ثناء الله ثنائي ولد مولوي الله بخش

تنهن کي حق تصنيف ڏيڻي

ميشرس ويڙهي مل ڪتب مل پبلشرس

تاجران ڪتب

لاڙڪاڻي جي ڇپائيءَ خرچ ٻاڻ ڇاپو

سڀ حق واسطا قادر

ڇپيت ۱۹۳۰ع

Saivaje Printing Press Larkana

مشاهون آهي . جيڪي ثنائيءَ جي اندر جي اڏمن جي پورپور ترجماني ڪن
ٿا . هڪ کافي جون سٽون پيش ڪجن ٿيون .

| سڀڙ شال ايندو اهو ڏينهن ڏيندو |
| مبارڪ مبارڪ سڀو ڏيهر ڏيندو |

| ايندو ويار جاني ٿيندا خيال فاني - ڪري مصر باني وٽي سان ويندو |
| دل آرام ايندو ته آرام ايندو - گل اندام ايندو اچي غم ڪيندو |
| ثنائيءَ جون وايون ڪندو رب سوايون - مندي جو مندايون ڏيندو ڏيندو (۱) .

ڪتاب ڪل ۴۰ صفحن تي مشتمل آهي . بوسيده حالت ۾
هئڻ سبب ڪتاب جي پبلشر ۽ پريس جو پتو نٿو پئجي سگهي .

شمع رسالت عرف انوار نبيؐ

هي ڪتابچو مولانا ثناءُ الله ثنائيءَ ماسٽر حاجي
پير بخش برادري عاصيءَ جي ڪلام تي مشتمل آهي . ڪتاب جي شروع ۾ ٻه مناجاتون
ڏينهون ويون آهن . جن مان هڪ اردوءَ مان ترجمو ڪيل آهي . ڪتاب ۾ مولانا ثنائيءَ
جا ۱۸ مولود ڇپيل آهن . ۳۸ صفحن تي مشتمل هي ڪتابچو شيخ حاجي عنايت الله
تاجر ڪتب مرتضيٰ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو . 'شمع رسالت' مان
مولود جو نمونو عرض ڪجي ٿو :

شڪر جو امتي آهيون رسول الله اڪبر جا — اسان عاصين اگهاڙن تي هزارين ڏيب ڏاترا جا
ڏسون ٿا جي مناهن ڏي ته دوزخ جا مٽيا آهيون — ڏسون ٿا جي شفاعت ڏي ته لائق حوض ڪوثر جا (۲)

(۱) ثنائي ثناء الله ' ناله مشتاق ثنائي ' ص ۲۵
(۲) ـــــ ايضاً ـــــ ' شمع رسالت ' لاڙڪاڻو ، شيخ عنايت الله ، مرتضيٰ پريس ، ص ۱

من يطع الرسول فقد اطاع الله

شمع رسالت

عرف

انوار نبي

جنهن کي مولانا ثناءالله صاحب [ثنائي]
ماستر حاجي ڏيرينکش ولد خدابخش ڏيوهي
حال ساکن رياست سن ايلا ، سکر دروازه درگاه
هريف حضرت پير عبدالغفار صاحب واقع زمين هيءَ ور
شريف جا بڪل لوان ۽ جڏهائي مولود شريف
کڏ ڪيل آهن .

چپائيندڙ ۽ حق واسطا ڇاپڻ جوڳو
ڏهون اول قيمت ۰-۴ تعداد ۱۰۰۰

ملڻ پتو

شيخ حاجي عنايت الله تاجر ڪتب
شاهي بازار لاڙڪاڻو سنڌ

مرتضيٰ هريس لاڙڪاڻو ۽ ۱۹۵۹

مجاز ثنائي

مرحوم ثناءالله ثنائي جي غزلن جي هن گڏجي
۾ منتخب غزل ڏنا ويا آهن. هي غزل ان دور ۾ مختلف گائڻ هارمونيم جي
سُرن تي گايا آهن. جنهن جو ثبوت ڪتاب جي سرورق جي سري مٿان
لکيل لفظن مان ملي ٿو. سڄ ته هر هڪ غزل پنڌهنجو مٽ پاڻ آهي. ۲۰ صفحن
تي مشتمل هن ڪتاب جو پبلشر نور محمد محمد عثمان ڪالياواڙ بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو
آهي. غزل مان انتخاب پيش ڪجي ٿو:

پرهان ڏنگيون سچڙ جون تلوار جو نمونو	
دلبر ڪلال ڏار يا هٿيار جو نمونو	
زلفن جي زهر مار يا مشتاق مان وارا	
چنبڪ ڪار جي چڙي ڪن ٿي مار جو نمونو	(۱)

قيامت نامه

مسدّس جي سٽاءَ ۾ لکيل هن ڪتاب جو
موضوع سندس نالي مان ئي پڌرو ٿئي ٿو. مرحوم ثنائي قيامت جي هولناڪ
آثارن ۽ حشر جي ميدان جي منظر ڪشي اهڙي ته تڪ ڪاندار ۽ ندرتر انداز
۾ ڪئي آهي. جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي خدا ياد اچي وڃي ٿو. ۲۴ صفحن
جو هي ڪتابچو مولانا ثنائي پنهنجي خرچ سان لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

(۱) ثنائي ثناءالله، 'مجاز ثنائي' لاڙڪاڻو، ڪالياواڙ اسٽور، ص ۶

چيل لطائي صاحب

۱ اوهانجي واعدي جتوڻ کي اي دلبر پائداري ڏاڍ
۲ ڏاڍ کي سال ويا گذري ڏاڍ تڙپاڻ تياري ڏاڍ
۳ اي ڏکي لذت دنياتي جنهن ڏني شوخي اوهانکي آ
۴ ڏات بيسکين هوڻ ڪائي اوهان سان هوڏواري ڏاڍ
۵ اوهانجو ڏاڍ لاءِ عرصي آسي تغرض ڏي بيمس
۶ ڏات عشاق کي ڏيکاري ڏاڍ پوڻ پياري ڏاڍ
۷ ڏاڍي شوخي اوهانکي ڏي خدا هونکي لوسڻ ڏي
۸ ڏات جو سڀني ڏار وڏي غمگساري ڏاڍ
۹ اوهانجي سوز ۽ ساز بدن پانگها ڏيو منهنجو
۱۰ اوهان وٽ آگر ڏي ڪ آب جي اميد واري ڏاڍ
۱۱ اي لطائين ڏاڍي کي بيٺو هو ڏي رهڻ هو
۱۲ ڏاڍ آيار منهنجو جي اوهان وٽ يار ياري ڏاڍ

غزل نمبر (۵)

چيل لطائي صاحب

۱ ڏيڙ ڏهو ڏاڍ عاشق ۔ وڏي ڏام ڪاوڙ
۲ وڏي ڏات ڏاڍ سالين آهي حرام ڪاوڙ
۳ ڏاڍ ڏون آن ڏين ڏاڍ ۔ ڏغرض ڏاڍ واڍ

هتي قيامت نامي مان مسدس جو هڪڙو بند نموني طور پيش ڪجي ٿو. ملاحظه ٿئي :

نه افلاڪ رهندا نه ڌرتي نه تارا
نه ماڻهو نه وحشي نه حيوان سارا
نه آبي نه ناري نه نوري پيارا
نه ڏوڪڙ نه جايون نه رڙ واڄ وارا
صفا سچ عالم فنا در فنائي
رهي رب رندر رهندي خدا جي خدائي (۱).

اشعار ثنائي

مولانا ثناء الله ثنائي جي مداحن، مناجاتن رباعين ۽ اصلاحي شاعريءَ تي مشتمل هي ڪتاب ساري سنڌ ۾ بيحد مقبول ٿيو. فني لحاظ کان ڪتاب نهايت معياري آهي. ڪتاب جي شروعات هڪ اصلاحي شعر سان ڪئي ويئي آهي. جنهن جو عنوان ٿئي آهي 'چال ستار'. ذرا ملاحظه ٿئي :

هيف هجئي ان حال متي — عاشق ٿئي لب لال متي
خيال تنهنجو خط خال متي — هوش وڃايئه تال متي
پايئه رب ڪان زال متي — شڪ اٿيءَ ڪي دوست ڏهار
وقت وڃئي ٿو چال ستار (۲)

(۱) ثنائي ثناء الله 'قيامت نامو' لاڙڪاڻو، ص ۶
(۲) ـــ ايضاً ـــ 'اشعار ثنائي'، شڪارپور، مولوي محمد عظيم، ص ۲۴

تنهن کانپوءِ هڪ ٻيو اصلاحي شعر 'سخت زمانه' جي عنوان سان ڏنل آهي جيڪو ڏهاڙي سال ۱۳۳۶ھ / ۱۹۱۷ع ۾ جوڙيل آهي.

اهڙي طرح مولانا ثنائي جو مشهور زمانه شعر 'مانيءَ مانيءَ' جي عنوان هيٺ چپيل آهي جنهن ۾ معاشري جي معاشي مسئلي کي موضوع بڻائي نهايت خوبصورت ۽ طنزيه انداز ۾ حقيقت بيان ڪئي ويئي آهي. مرحوم ثنائي معاشري جي ڪيترن ئي ڪردارن کي موضوع بڻائي اهو هڏائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اهي مٺڙئي مانيءَ پٽيان مستان آهن. اهڙن ڪردارن ۾ جڙيلو عابد زاهد، عالم واعظ، شاعر، ايڊيٽر، حافظ ملان، پوپا حڪيم ۽ واپاري هندو، جوگي، جواگر، دهم، موچي، ڪنبر، درزي، لوهار، ڏڪڻ، ناري ميراثي، شيخ شڪاري، لنگها، لورا ڪٽڻي ڪاري اچي وڃن ٿا. ثنائي رقمطراز آهي:

واعظ وارا مرد خدائي	—	قول حديثان ياد سدائي
ذهن تکي ۾ آيت آئي	—	بيت رباعي چهر چڪائي
تن پي اڄ ڪئي خوب ڪمائي	—	وات مٽي سان ڏه ڏه ڏائي

هي ته مٺڙئي ڪن مانيءَ مانيءَ (۱).

ڏيهي سائيز ۾ ۵۶ صفحن جو هي ڪتاب مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب شڪارپور سعيدي پريس ڪراچيءَ مان چپائي پڌرو ڪيو.

---

(۱) ثنائي ثناءالله 'اشعار ثنائي' شڪارپور مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب، ص ۱۵

إِنَّ مِنَ الشِّعْرِ لَحِكْمَةً وَإِنَّ مِنَ الْبَيَانِ لَسِحْرًا



مصنفہ

شاعرسنڌ حضرت مولانا مولوي ثناءُ الله صاحب ثنائي

تنهنکي

عام مسلمانن جي فائدي لاءِ

مولوي محمد عظيم ايند سنز تاجران ڪُتب
شاهي بازار شڪارپور سنڌ

چپايو
سيٺ حق ءِ واسطا قائم

قيمت چار رپيا
جلد ۱۰۰۰

(سعيدي پريس ڪراچي)

سچاموتي عرف ٽيهه اکري

مولانا ثناءالله ثنائيَ جي نصيحت آميز ٽيهه اکريَ

جوهيءَ ننڍڙو ڪتاب جيوٽيڪ فقط ۱۰ صفحن تي مشتمل آهي پر منجهس وڏا معنا جا موتي پريا ويا آهن. دنيا کي سانوٽيءَ جو چٽ ڏيڻ جو چڪو سڏيو ويو آهي. ۽ پوک جي مثال ذريعي غافل انسان کي ربّ ڏانهن رجوع ٿيڻ جو سبق ڏنو ويو آهي. ذرا هيٺيون ستون ملاحظه ٿين:

ع - حقيقت راز رونبي جو آنوڙي پڙهه نماز
سپ سلاسڪ جا بدن پنهنجي پر پوکج ما نياز
ڪامرائيَ ڪاڻ مرندو ڀرنب جنبي جانباز
ڪار ڪڙمين جي ڪلئي ڪرمڻ قبولي ڪارساز
هي دنيا تي ڏينهن ڏيکا سانوٽيءَ جا ٽي ڏچار
ڪجهه ڪمائي سرءُ سيارو آخرت جو خوش گذار (۱)

سچاموتي عرف ٽيهه اکري نور محمد محمد عثمان

مالڪ ڪاليا واڙ استور لائبريري مان چپائي پڌرو ڪيو.

(۱) ثنائي ثناءالله 'سچاموتي عرف ٽيهه اکري' لائبريري، ڪاليا واڙ استور، ص ۲

(iii) غير مطبوعه کتاب

رسالت نامو

مولانا ثناء الله ثنائي جو هي ۽ قلمي پورهيو منظوم تاريخ اسلام جي ڪتابن مان هڪ ڪتابي آهي. مثنوي جي ٻنڌ ٻاڌ جو ٽيل هن قلمي بياض کي ننڍن ننڍن عنوانن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ 'جبريل جو نزول ۽ نبوت جو ملڻ' 'حضور پاڪ ۽ جوام المومنين کي احوال نبوت جو ڏيڻ' 'ورقه بن نوفل توريت جي پڙهيل جو حال' 'پيهر وحي جو اچڻ ۽ نبوت ملڻ' 'جاهلن جي رسالت جي بر خلاف گفتار' 'ايام جاهليت جو احوال' محمد ميرعليه الصلوٰة والسلام جي توحيد جي راه ٻڌائڻ' ڪفارن جي ايذاء رسالي ۽ دشمني ۽ حضور پاڪ جو استقلال' 'وڏاويري دين اسلام جا' 'حبش جي هجرت جو حال' ۽ 'اسلام جي حقانيت' ڪان علاوه ٻيا ڪيترا موضوع تحرير ڪيا ويا آهن. جن ۾ 'شق القمر' وارو واقعو' ۽ 'حضرت امير عمر رضي الله عنه جو اسلام قبول ڪرڻ' شامل آهن. هي قلمي مسودو ۱۱۴ صفحن تي مشتمل آهي. نموني طور ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا:

پيغمبر جا تبليغ پهريون ڪئي	اهاهن طرح سان چئي ٿي چئي
انهي ۽ وقت موجود جيڪي هئا	سندن گهر جا ياتي قهيلي ٻيا
سين کي سڏي هي محمد چيو	ته الله آ وحي موڪلي ڪيو (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله 'رسالت نامو' قلمي بياض ص۸

رسالت نامہ

معراج نامو

هڪ قلمي ڪتاب جو خاص موضوع حضور ﷺ جن جو معراج آهي. جنهن ۾ عقلي توڙي نقلي دليلن سان معراج جو مبارڪ واقعو ثابت ڪيو ويو آهي. ڪيترن عنوانن ۾ 'براق جي توصيف' 'آسمانن جو سير' 'نبين سڳورن سان ملاقات' 'سدرة المنتهيٰ' 'عرش عظيم' 'جنت جو گهر' 'دوزخ جي ڏنڊا' 'بيت المقدس' 'حضور پاڪ ﷺ نبين کي نماز پڙهائي' 'رف رف جي سواري' 'خاص ملاقات' 'خدائي خطاب' ايپي وڃي ٿا. هي قلمي پورهيو پڌ ثنائي جي منظوم تاريخ اسلام جو هڪ حصو آهي. هي ڪتاب ايمان افروز ڪتاب ۴۱ صفحن تي مشتمل آهي جيڪو ڪاپي سائيز پنن تي تحرير ڪيل آهي.

'معراج نامو' مان نمونيٰ طور چند ستون پيش ڪجن ٿيون:

مؤذن ڏني بانگ پو بانياڻ	— تياري اهائتي نه پڙهجي نماز
محمد مٿي ڪي ڪري پيشوا	— فرشتن، نبين ڪئي اقتدا
سين ساڻ سڀني ملاقات ٿي	— نه جلسي جي اول شروعات ٿي
نبين پڙهيو حمد الله جو	— ثنا خوان سڀڪو ٿيو درگاه جو

(۱)

(۱) ثنائي ثناء الله 'معراج نامو' قلمي بياض ص 19

(دوسرا حصہ)

شاہنامۂ اسلام حصہ دوم

معراج نامہ ثانی

هجرت نامو

مولانا ثناء الله ثنائيَ جي هڪ قلمي بياض جو موضوع بياض جي نالي مان ئي پڌرو ٿئي ٿو. جيڪو پڻ مولانا مرحوم جي منظوم تاريخ اسلام جو هڪ حصو آهي. هن ڪتاب ۾ هيلياڻ نندا عنوان اختيار ڪيا ويا آهن. 'نبي مڪرم جن جي مڪي مڪرمہ کان مدينہ منوّر تائين هجرت فرمائڻ وارو مبارڪ واقعو' 'بيعت عقبيٰ اولىٰ' 'ڪافرن جي بدنيتي' 'حضرت صديق اڪبر جي رفاقت' 'حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شجاعت' 'مدينہ پاڪ جي مختصر تاريخ' 'مهاجرن لاءِ انصارن جي قربانيَ' 'مدينہ پاڪ ۾ حضور پاڪ ﷺ جو پهريون واعظ' 'حضرت ابو ايوب انصاريَ' 'مسجد قباءِ مسجد نبويَ' 'اصحاب صفہ' 'حضرت ابوهريره رضؓ' 'حضرت سلمان فارسيَ'.

هيءَ قلمي ڪتاب ڪاپي سائيز ۾ ۸۰ صفحن تي مشتمل آهي. نمونيَ طور چند ستون ملاحظہ ٿين:

نبي پاڪ ﷺ گوڏي متي سر رکي	سمهي پيا هئيَ جاءِ سهڻي سکي
ڏئي ٽيڪ صديق رضؓ ويٺو ائين	ڪري صبح ۾ ڀار مادر جئين
ڪري ڀوڻ نصيبي متي نار ٿيو	جهاڻن جو سردار همراهي ٿيو
اٿيءَ تُنگ ۾ هو نهر دار نانگ	جو ويٺو ڪري سوڪو سالن جو سانگ
ته سردار سالار داريَن جو	شهنشاه آگاه ثقلين جو (۱) الخ...

(۱) ثنائيَ ثناء الله 'هجرت نامو' قلمي بياض ص ۲۹

شاھنامہ اسلام حصہ ۵
ھجرت نامہ ثنائی
ھس کتاب میں حضور پاک جی ھجرت جا حوال
آھی جھڑی کان مدینی میں آیا

۱۳۷۴ھ

شاھنامہ اسلام

حصو - ۵

ھجرت نامہ ثنائی

جنگ نامو

۵۰ صفحن تي مشتمل مثنوي جي سڀاڻ تي لکيل هن قلمي بياض ۾ 'جنگ خيبر'، 'جنگ موته' ۽ فتح مڪه جا واقعا انتهائي مؤثر ۽ ايمان افروز انداز ۾ بيان ڪيل آهن. هن قلمي ڪتاب کي مختلف ننڍن عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي جهڙوڪ 'هرقل بادشاه روم جو قيصر'، 'حڪم نامي بعد هرقل جو حال'، 'خيبر جي جنگ جو مقدمو'، 'خالد بن وليد جو مسلمان ٿيڻ'، 'حضور پُرنور ﷺ جو موته جي جنگ تي لشڪر موڪلڻ'، 'خالد بن وليد جو لشڪر جو سردار مقرر ٿيڻ'، 'خالد بن وليد جي تقرير'، 'فتح اسلام شڪست ڪفار'، 'مسجد نبوي جو منبر'، 'مڪي جي جنگ ۽ فتح جي تياري'، 'مڪي جي فتح'، 'اسلامي لشڪر جو نظارو'، 'حضور پاڪ ﷺ جن مڪي جي شهر ۾ ڪهڙي طرح داخل ٿيا'. 'جنگ نامو' پڻ مولانا ثنائي جي منظوم تاريخ اسلام جو هڪ حصو آهي. هي مثنوي مسلمانن جي اڻ ڏٺ، ايماني جذبي ۽ خداوند ڪريم ۾ غير متزلزل يقين جو مثالي نمونو آهي. 'جنگ نامو' مان نموني طور چند سٽون پيش ڪجن ٿيون.

نگارا نقل هن طرف ٻئي وڳا	— ته هيڏانهن ٻئي نظارا الاهي لڳا
اٿن جڏهن الله اڪبر چئي	— ته فلڪن تي ملڪن به شاباس ڪئي
سوَن کي ٻيو هڪڙو صحابي دسي	— خدا پاڻ ٻيو هي نظارو ڏسي
مسلمان جي زور واري تراڙ	— هٿي ڏال، گهوڙي ۽ ڪافر ماڻهو پار (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله 'جنگ نامو' قلمي بياض ص ۱۹

شاهنامہ اسلام

'شاهنامہ اسلام' مولانا ثناء الله ثنائيءَ جي منظوم تاريخ. اسلام جو هڪ حصو آهي. هن قلمي بياض ۾ 'جنگ احزاب' کان علاوه ام المومنين حضرت عائشه صديقه رضه جو قافلي کان وڇڙي وڃڻ واري واقعو منظوم رکيل آهي، قلمي کتاب کي مختلف ننڍن ننڍن عنوانن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. اهڙن عنوانن ۾ 'هن سوَن سان ڏهن صحابن جي جنگ ۽ انهن جي شهادت' 'شروعات واقعو ام المومنين خاتون سائڻ تي بهتان' 'خاتون سائڻ جي بي خبري ۽ بخار' 'حضور پاڪ جو صبر' 'قصي جو نتيجو ۽ بهتان جو انجام' 'ڪهڙن تي ڪوڙ جو اثر' 'مقدمه جنگ احزاب' 'احزاب جي پوئين رات قريش ۽ يهودين جي بد دلي ۽ بدحواسي' 'فتح اسلام شڪست ڪفار' آهي وڃن ٿا. قلمي بياض جي بولي ۽ اسلوب بيان نهايت عمدو آهي. واقعن جي سياق و سباق کي تمام چٽائي ۽ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هي قلمي ڪاوش ۱۰۸ صفحن تي مشتمل آهي. هيٺ نموني طور چند سٽون رکجن ٿيون:

خدا يا تون باطل کي باطل بڻاءِ	—	جي ڪامل تيائن کي ڪامل بڻاءِ
ڏٺي پنڌ هنجا پاڻها هي منصور ڪر	—	فنا تن جا دشمن هي مغرور ڪر
انهي ڏ طرح تي راتيون مصطفيٰ	—	دعائون گهريون پو عطا تي شفا
سبارڪ رسائي اچي جبرئيل	—	تہ مونکي مکو تنخصبي جا برچليل
دعائون اوهانجون ڪيون سي قبول	—	مٿا ميڙ مرسل نہ ٿو تون ملول

(۱) ثنائي ثناء الله 'شاهنامہ اسلام' قلمي بياض ص ۹۲

حليما

مولانا ثنائي، شيخ سعدي جي مشهور مثنوي 'گلستان' جي طرز تي هي مثنوي منظوم ڪئي آهي. سمورو ڪتاب نصيحت جي رنگ سان مالا مال آهي. بياض ڪي ننڍن ننڍن عنوانن هيٺ ورهايو ويو آهي. جهڙوڪ 'خطاب نامراد نفس ڏي'، 'در صفت ڪرم'، 'در صفت سخاوت'، 'بخيلي سان مراد'، 'علم جو بيان'، 'جاهلن جو جهلال'، 'ظلم جي زوراوري'، 'قناعت'، 'عبادت'، 'صبر ۽ مات'، 'واه مائي راستي'، 'ڪوڙ ڪي ڪمالیت'، 'زماني تي پرو سونهن' وغيره ۽.

قلمي بياض جي تحرير جو عجيب انداز اختيار ڪيو ويو آهي. هر هڪ عنوان تي مٿي مٿي تنقيد جا اڌ ٽيڙها نشتر هلايا ويا آهن، جو پڙهندڙ زماني جي اڌ ننگي ۽ الٽي روش آئيني وانگر اڇي ريت ڏسي ٿو. مثلاً هي سٽون ملاحظه فرمايو ۽ ڪيس ان ۾ ڪٿي پنهنجو عڪس ضرور نظر اچي ٿو. —

زماني ۾ ظاهر جو نوڙت ڪندو	— ته هوندو هميشه گندن ۾ گندو
سڀئي سمجهندا پيا اڻهڻ ڪي سچو	— ڪري نياز نوڙت بڪيو ۽ اُهو
اڻهڻ طرح رک پانهنجو رعب تاب	— ڪندين نياز نوڙت نه ٿيندين خراب
فقر ناه گهر ۾ نه دالوڻ هجي	— سدا سيٽ طاهو سياڻو هجي
نه گهر ۾ چنوڙو ڪٽو لوڻ هجي	— لڪن جي نه پي لوڙ ظاهر ڪجي

حليما ۵۰ صفحن تي ڪاپي سائيز ۾ لکيل آهي.

سرونو عرف صلح جو پيغام

مولانا ثناءَ الله ثنائيءَ جي هن قلمي بياض ۾ مسلمانن کي صلح ۽ آشتي سان رهڻ جو پيغام ڏنو ويو آهي. مواد کي ننڍن عنوانن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. مثلاً 'حمد ۽ قدرت جو نظارو مسلمان ڏي اشارو' 'مناجات' 'پيغمبري خصلت' 'اسلامي اجتهاد' 'خطاب گهنام صلح ڏي' 'مسلمانن جي اوصاف' 'ويل خزاني تي افسوس' 'مولوي يا واعظ' 'پاڻ ۾ هر شر انگيزي' 'عيب پوشي ۽ عيب جوئي' 'هندوءَ جي قناعت مسلمان جو خرچ' 'اسان ۾ انگريز نمارن جو قومي هنر ۽ واپار کي وڌائڻ ۽ اسان جو وڃائڻ' 'مرشد رهبر جي ترغيب' 'اجوکن زميندارن جا چور هشيار آهن' 'جي قرآن جي قاعدي تي حڪومت هلي ته چوري بند ٿي وڃي' 'جيتري دنيا اوتري پيچا' 'کان علاوه ٻين ڪيترين سماجي برائين جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي. مرحوم ثنائيءَ جي هن بياض مان سندس ٻيا ڪي ٻڪي ٿي. ڪاپي سائيز ۾ هي مواد ۹۸ صفحن تي ڦهليل آهي. نمونو ملاحظه ٿئي:

آهين نانءَ رب جي لڳائي دنيا	اسان نانءَ جي لئه نچائي دنيا
آهيان بت پيچي پاڻ ٿيا پائدار	اسان بت پرستي ڪئي اختيار
آهيان پٽ آذر جا ڏاڏا خليل	اسان پٽ ٿيلن جا آذر عليل
آهين نانءَ رب جي ڏنا پٽ ڪهي	اسان کي پٽن آکوڙ سهي
آهيان ها مسلمان رب جا عشاق	هيٺ ٿي رهيا لعل لب جا عشاق

هو

این کتاب مستطاب صلح جومیام

زیر دست سلم خان مدام

آئینه ای سلم جی کارط مدام

در حقیقت هی آچے صلح جومیام

لقب شون لقد ای سروچی مندو

پیچیه مفن بیه تر سی کو نی سمندو

1352ھ

مولوی ثناء الله ثنائی

ڪريما ڪالرائي

مولانا ثناء الله ثنائيءَ جو هيءُ قلمي پورهيو فني توڙي فڪري لحاظ کان امتيازي حيثيت رکي ٿو. فني نڪته نگاهه کان هن ۾ هڪ ست سنڌي زبان ۾ ٿه هي ست شيخ سعدي جي ڪريما مان وٺي ٻنهي سٽن کي اهڙي ترتيب سان رکيو ويو آهي، جو هڪ طرف ته ان ۾ ڪريما وارو مضمون پنهنجي مڪمل معنيٰ ۾ مضمون سان قائم ٻيٽو آهي ته ٻي طرف هر مثنوي جي پهرين ست پنهنجي اندر وڏي معنيٰ جا موتي سمائي ٿي. ٻنهي سٽن کي ملائي پڙهڻ سان معنيٰ ۽ مفهوم اهڙو وٽ ڇڻو ۽ نروار ٿي ٻيٽو آهي، جو پڙهندڙ ائين ٿو محسوس ڪري گويا اهي ٻئي سٽون هڪڙي ئي شاعر جي تخليق آهن.

مولانا ثنائيءَ هي مثنوي ۲۲-۱۹۲۱ع جي المناڪ واقعي کان متاثر ٿي لکي آهي. ان وقت سنڌ ۾ ڪالرا جي وبائي بيماري ڦهلجي وئي هئي جنهن بيشمار انسانن جو قيمتي جانين وڃايون هيون. ثنائيءَ ان بيماريءَ کي خدا جو ڏمر تصور ڪندي ان جو ڪارڻ انسانجي بداعمالي ٻڌايو آهي. ان کان علاوه هن قلمي بياض ۾ رهڻ ڪهڻ ۾ مينهن جي تباهڪاريءَ ۽ ڇپرن جي يلغار تي به نهايت دلچسپ ۽ سبق آموز بيان آهن. ڪاپي سائيڊ ۾ هن ڪتاب جا فقط ۱۲ صفحا ملي سگهيا آهن. شعر جونمونو پيش ڪجي ٿو:

انسانجي گناهن ڪئي نازل وبا	ڪريما به بخشاءِ بر حالما
ڏوڙي وئي سنڌ کي ڪالرا	ڪه هستم اسير ڪمند هوا (۱)


۱) ثنائي ثناء الله، ڪريما ڪالرائي، قلمي بياض، ص۱

قصو دلفريب

مرحوم ٹنائي جو هي منظوم قلمي قصو شيخ عطار
جي مشهور ڪتاب 'منطق الطير' جو نهايت دلچسپ پيرايي ۾ ترجمو ڪيو آهي.
جنهن قصي جو نالو دلفريب آهي، ايتري ئي منجهس دلفريبي نظر اچي ٿي. هن
مثنوي جي سٽاه ٽي جوڙيل منظوم قصي ۾ فرضي ڪردار آندا ويا آهن.
جنهن جا مک ڪردار وزير جو پٽ دلفريب ۽ نوجوان نازنين حوران آهن. قصو
ڇهن پنجن داستانن تي مشتمل آهي. حمد باري تعالىٰ ۽ نعت نبي محترم سان
قصو شروع ڪيو ويو آهي. جنهن کانپوءِ ڪتاب جي تصنيف جو سبب لکيو ويو آهي.
هر هڪ داستان جو دلچسپ سرو ڪيل آهي. جنهن 'بادشاه عالم پناه جو وزير جي
پٽ دلفريب تي عاشق ٿيڻ'، 'دلفريب جو حوران تي عاشق ٿيڻ'، 'دلفريب جو حوران
سان ملڻ ۽ بادشاه جو تن کي لهڻ ۽ ڦاسي ڏيڻ جو حڪم ڏيڻ. دلفريب جي پي ۽ وزير
جو ڪيب ڇڏائڻ ۽ لڪائڻ، عاشق جو پٽڪو ۽ حوران کي درد لڳڻ'، 'عالم پناه جو
پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيڻ'. جيتوڻيڪ هي نج مجازي عشق جو داستان منظوم
ڪيل آهي تاهم دلچسپيءَ کان خالي هرگز نه آهي. ذرا ملاحظه فرمايو:

بلا عشق تنهنجي چنبي کي آ نه ور	— هٽائين نه هرگز ۽ شيدا جوشور
بلا عشق جاني آ ڪيو واڌ ويڻ	— اهو صنڊ سارو وهائي ڇڏين
بلا عشق عابد سڏايا اٿي	— بلا عشق نازڪ نڀايا اٿي

هي قصو ۳۶ صفحن تي ڇاپي سائيز ۾ لکيل آهي.


قصو
دلفر
۱۳۳۶ھ
مولوی ثناء اللہ ثنائی

قصو گامٹ سچار

مولانا ثنائيءَ جي قلمي بياض ۾ هيءُ قصو تصوف جي رنگ ۾ رتل آهي. جنهن ۾ انتهائي دلچسپ پيرايي ۾ تصوف جهڙي پيچيده فلسفي کي سمجهايو ويو آهي. عشق، عقل، فهم، رحم، نياز، نذر، نفس، سڪ، سور، شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي نڪتن کي فرضي ڪردارن جو روپ ڏئي اهڙي ته دلچسپ ۽ ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو پڙهندڙ جو ڌيان قصي ۾ کپي وڃي ٿو. هيءُ قصو ۵۵ صفحن تي ڦهليل آهي ۽ ڪاپي سائيز پنن تي لکيل آهي. نمونو ملاحظه ٿئي:

وچ تي وڏا لنگهٽا اٿي چٽا چار درياه — هڪ درياه شريعت جو ٻيو معرفت جو ماه
تيون طريقت جو پڪو پشت پناه — چوٿون حقيقت جو ڪي عاقلن آگاه (۱)

مولانا ثنائيءَ جو هي قصو ڪاپي سائيز ۾ ۵۶ صفحن تي مشتمل آهي.

سوال شڪوه جواب شڪوه

خدا ۽ انسان جو رشتو ازلي آهي. جڏهن انسان وجود ۾ آيو تڏهن خدا تعالىٰ جي عظمت کي تسليم ڪيو ۽ سندس حڪم ۽ حق جو اقرار ڪيو. خالق سان مخلوق جي محبت ٿئي ٿي. پر هر دور ۾ اهڙا انسان گذريا آهن جيڪي اهڙي محبت جا مرتڪب پئي ٿيا آهن. هي قلمي بياض عامر بن حيدر بخش جتوئي جي اهڙي ئي شڪوه ۽ جواب سوال جي جواب طور مولانا ثنائيءَ تحرير ڪيو جيڪو سندس پختي ايمان جو دليل آهي. هي بياض ڪاپي سائيز ۾ ۴۰ صفحن تي مشتمل آهي.

۱۲۳ اسان کي الهڙ ڏني جيئن جيئڻ ڪيو
اسان پي ان طرح سان ان کي نڀايو
پرڪاتي ڪاتي ڪوشل جاڻي ڪيو
اسان پنهنجي خيال ۾ ان کي ڏيو
پڙهڻ ڏي پائڻهين سمجهه سان سڀ ڪجهه
بڻ چئي چاپو ڪجهه نه ڪار آيو

۱۲۴ تيرهن سا ستيتاليهون هئو هجري جو سال
جو اسان پنهنجي خيال ۾ آڻڻ ويو هيءَ حال
سائين ڏي آ سوال ڪوڏين رسم رسان

۱۲۵ سائين سڃايا ڪڏين اسان جا اوڳڻ
اهڙن کي عوشات پڙهڻ ويهڻ پوئت سان
ڪاوڙ منهنجو آ ڪلڻ ڪاري منهنجي هس
ڪاوڙ منهنجو آ ڪاب سياهن منهنجو سرس
اڇي ٿي ڪاوڙ ڪليه ساڻ ڪاڙيا ڪس
جو ويٺو پنهنجو وس سڪڙي ڪڍڻ ڏينهن
سائين ڏاڍو وڻي مٽي سياهي سارڻ
روشنائي ڏي روح کي ڪرڻ شئي ڪاري
نور بڻي وڃي روشني ٿئي جان مٽي جاري
صفائي منهنجي ساڻ بخشين نوڻ ڀاري

سوال حیدر بخش

۱۷ کاتی آدم کتی جبریل مصلیٰ تھنجو
کاتی او تخت سلیمان ید بیضا تھنجو
کاتی او نفخ نبی کاتی مسیحا تھنجو
کاتی او تھنجو خلیل ء کتی شیدا تھنجو
چوئ تہ اچ کھڑیا لات ۽ قیام آھ سندن
چوئ تہ اچ کھن جی ایمان کار و کلام آھ سندن

جواب ثنائی

۳۵ آھے آدم آھے جبریل مصلیٰ انجو
او رکیل تخت سلیمان ید بیضا انجو
آھے حنبت جی اندر نفخ مسیحا انجو
آھے ملت ۽ خلیل دین برپا انجو
چوئ تہ برپا ۽ ھئو دین ۽ اسلام سندن
نور ھئو کلام سندن پاک ھئو قیام سندن

۳۶ کاتی فرعون ۽ شداد ۽ نمرود حرامی
جن نبین سان اچایو سی تیا نابود تمامی

پاگو ٽيون

مولانا ثناء الله ثنآئي جي شاعراڻي حيثيت جو تعين